
# چيچ جا سونهان



Gul Hayat Institute

Sindhica
سنڌيڪا

# چپر جا سونهان

(فقير محمد لاشاري- شخصيت ۽ چونڊ لکڻيون)

سهيڙيندڙ
نور احمد ميمڻ

Gul Hayat Institute

Sindhica
سنڌيڪا

چپائيندڙ جا هڙئي حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب نمبر

25

ڪتاب جو نالو: ڇپر جا سونهان
پهريون ڇاپو: جولاءِ 1994ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي فون: 7737290
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ڪمپوزنگ: طارق هيسباڻي
ٽائيٽل تصوير: اياز گاد

ملهه: 100 رپيا

All rights are reserved for the Publisher
'CHHAPAR JA SOONHAAN'
(Faqir Muhammad Lashari- The Man & Selected Writings)
Printed at Azad Communications Karachi- Ph.7737290
Published by Sindhica Academy, Karachi.

Price Rs: 100.00

Gul Hayat Institute

لکپڙهه لاءِ
**سنڌيڪا اڪيڊمي**
پوسٽ باڪس نمبر 7363
ڪراچي 74400

## سٿاءُ


چپر جا سونهان - نور احمد ميمڻ 5


## شخصيت


فقير محمد لاشاري- سنڌ جي ناراض نسل جو نمائندو - رئوف نظاماڻي 13

فقير محمد لاشاري جو لاڏاڻو- علي احمد بروهي 19

درياهه ٽوٽي دانهن- حسين شاهه راشدي 22

فقير محمد لاشاري، جديد سنڌ جو ترجمان- صادق ٻڙدي 38

فقير محمد لاشاري هڪ املهه ماڻڪ- سليم چنا 38

رڃ جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ- نصير سارنگ 49

فقير محمد، هڪ پاءُ، دوست ۽ پيءُ- مرتضيٰ لاشاري 50

بابا سائينءَ لاءِ- نصرت لاشاري 57

انهين سنڌي ڳالهڙي (ڳاجي کهاوڙ ۾ تاثرات لاءِ رڪيل نوٽ بڪ تان ورتل) 60


## چوند مضمون


عوام جو احترام- عوام جي طاقت 71

سنڌي معاشرو- اڄ ۽ سڀاڻي 87

سنڌ جا سور ۽ اديب جو ڪردار 96

هوند اٿهوند جو ٽڪر 104

صحافت- منصب ۽ حالت 116

رياستي دهشتگردي ۽ انساني حق 124

ڪامورا- نوڪر يا مالڪ 131

رشوت جو گهاٽو 140

اڄ جو زمانو ۽ شاهه لطيف 145

غلام تعليم ۽ يونيسڪو 155

سنڌ ۾ شاگرد سوال- هڪ نظر 160


## چوند اداريا


عوام جي خدمت ۾ ڪجهه گذارشون 173

سنڌين جا تاريخي حق گهرجن 175

سنڌ يونيورسٽي بابت سڄي قوم آڏو ڪجهه سوال 180

سنڌ واسيو! غلامين خلاف اٿو 183

سمورا سياستدان ڏيان ڏين ۽ جواب ڏين 186


Gul Hayat Institute

188 سنڌ وڃائڻ جا اسين پاڻ ڪيترا ذميوار آهيون
192 سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي سڏ جو جواب
201 موجود سياسي پارٽين ۾ متبادل جي ڳولها
204 سنڌ جي روح رلايل قومي وحدت
210 اختلافن جو قاتل طلسم
213 لبيڪ يا وزارت!
216 سنڌ لاءِ ڪوڙ آزاديون
219 سرڪار توتي دانهن
223 سنڌي احتجاج جي نفسيات
225 ڇچن ڪاٺئو گرڙ پکي سماج
228 ڪميونسٽ تهذيب جو زوال
231 امداد، قرض ۽ ٽين دنيا
234 اڇو ته سماجي معاهدو ٺاهيون
240 ڏونگر ڏوري سگهجن ٿا
242 ڪڙڪي پوندڙ سنڌي ماڻهو
244 ٽيڻ ڇا گهرجي؟
246 انساني حقن جو جنازو
248 قومي بقا ۾ محنت ۽ محبت جي اهميت
250 ساڳيا سڱ سڄاڻ ڏاتو پنهنجي ڏاند جا
252 پاڪستان ۾ عوامي حقن جي بحالي جا امڪان
259 پاڪستان لاءِ دعا جو در ڳوليو
261 شاهه لطيف، پاڪستان ۽ آزادي
263 زوال- بي انصافي، بي ايماني ۽ بي ڏياني
266 صحافت کي شهيد ٿيڻ جو شوق
268 هڪ ظلم کي ٻئي ظلم تي ترجيح نٿي ڏئي سگهجي
271 ظلم کي ٽڪ اڇلائڻ وانگر ختم ڪرڻ جو نسخو ڳوليو
274 تعليمي تباهي خلاف ويڙهه اوس وڙهڻي پوندي
277 پاڪستان جي شهرين جي عزت نفس جو سوال
280 ڇا پاڪستان پناهگير لاقانونيت جي ڪوتا تي ٺهيل ملڪ آهي
283 سنڌي ماڻهوءَ جي جياپي تي هڪ بحث جو سوال آهي
286 ٽنڊو بهاول ڪيس ۽ اڃا رهيل وڏو ڪيس
288 عشق، شرع ڪيا لڳي: او قاضيا
291 قومپرست پارٽين جو ڪارج- هڪ بحث


Gul Hayat Institute

# چيپر جا سونهان

سنڌ ۾ عوامي سطح تي ذوالفقار علي ڀٽي کان پوءِ جنهن شخص جي جدائي جو درد شدت سان محسوس ڪيو ويو، سو فقيرمحمد لاشاري هو- هر اک اشڪبار ۽ هر دل ڪربلا هئي ان ڏينهن جنهن ڏينهن تي اخبارن جي سرخي شايع ٿي ته فقير محمد لاشاري پنهنجي ٻن رفيقن سان گڏ حادثي ۾ شهيد ٿي ويو.

فقير محمد لاشاري سان عوام جي انسيت جو وڏو سبب اهو ئي سمجهه ۾ اچي ٿو ته هن جيڪو ڪجهه لکيو، اهو سڀ ڪجهه عوام جي لاءِ هو. هن جي لکڻين ۾ عوام جي ڏکن ۽ سورن جي پڙهيان موجود پيڙا جو سربستو احوال هو. ڌرتي سان ٿيندڙ زيادتين جي پسمنظر ۾ مڪارين ۽ ڏاڍاين کي وائکي ڪرڻ جا لاتعداد نشان هئا. ڌرتيءَ جاون کي پيش آيل ۽ ايندڙ خطرن کان آگاهه ڪرڻ ۽ انهن خطرن کان بچڻ جو سيڌيون ڏنل هيون. ڪيس جتي به خال نظر آيو، جتي به جهول محسوس ڪيائين ۽ جتي به هن کي انڌارو محسوس ٿيو، اتي هُن ان خال کي ڀرڻ جو واڪو ڪيو، ان جهول کي ختم ڪرڻ لاءِ خبردار ڪيائين، ان انڌاري کان نڪرڻ جو گس ڏسيائين. ادارا هجن يا سماجي ۽ سياسي تنظيمون، شاگرد هجن يا استاد، دانشور هجن يا اڳواڻ، هو سڀني تي هڪ ئي وقت عقابي نظر رکندڙ شخص هو. هو پنهنجي لکڻين ۾ ڪڏهن ڪين ليلائي گذارشون پيو ڪندو هو، ڪڏهن ميارون ڏئي خبردار پيو ڪندو هو، ڪڏهن حيثيت ۽ مرتبي کي سڃاڻڻ جا واسطا پيو ڏيندو هو، ته ڪڏهن ڪين ڌرتيءَ جي قرض ۽ فرض جا قسم پيو وجهندو هو، ته ٻيلي ڏاها ٿيو، اسان جي ماٿهن گهڻو پوڳيو آهي هاڻي ته هوش ۾ اچو. ڏسو هي هيڏانهن پئي يلغار ٿئي، هي هيڏانهن پيو ڌاڙو لڳي، هي هيڏانهن پيو ڀينگو ڀيري ٿئي، هو هيڏانهن پيا مالَ ڪاهجن. ٻيلي سنيـاليو وقت ڪنهن جو به انتظار نه ڪندو آهي.

لاشاري جون اهي دانهون انوقت کان ٻڌڻ ۾ پئي آيون، جڏهن هو ستر واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ اجان پرائمري ماستر هو. ۽ پوءِ جڏهن صحافت ۾ داخل ٿيو ته انهن دانهن جو چوڌاري پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو. 1987ع ۽ 1988ع ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٻن ڪتابن "سنڌ جا سور" ۽ "ڌرتيءَ جي دانهن" ۾ لاشاري جي سنڌ متعلق اندر واري "ڪامان پچان پچران، لڇان ۽ لوچان" جي ڪيفيت نروار ٿي سامهون آئي. ان کان پوءِ جڏهن ڪيس 1989ع ۾ عوامي آواز اخبار جو چيف ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو ته هن جا اهي سنڌ واسين کي ڏنل سڏ گونج بڻجي چڪا هئا. هو سنڌ

Gul Hayat Institute

جي عوام سان هينئن مخاطب ٿيو: ”اسين ڏسون پيا تہ توهان جيڪي سنڌ جا عوام آهيو، سي هڪ ڏر آهيو ۽ جيڪي بہ ماڻهو پارٽيون ۽ گروهہ توهان سان خيرخواهي جي دعويٰ ڪن ٿا، سي وري ٻي ڏر آهن. هي جيڪي اڳواڻ جون اناپرستيون ڏسو پيا، جيڪا هڪ ٻئي خلاف هنن جي وڻ پکڙ ڏسو ٿا، ۽ توهان جي ڏکن سورن ڪان جيڪا هنن ۾ اوپرائپ موجود آهي ۽ توهان کي متاثر ڪرڻ لاءِ، اخبارن، جلسن ۽ ٻين طريقن سان هي جيڪي ڪوششون ڪن ٿا، ان ۾ ڏسو تہ توهان جي هنن هيئنر تائين مدد ڪهڙي ڪئي آهي. پر اسان اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ هي توهان تي رعب رکڻ ۾ ناڪام بہ ٿيا آهن. بس اهوئي هنن جو نفسياتي خفقان آهي. هو اهو بلڪل وساري ويٺا آهن تہ پاڻ هڪ وڏي اسٽيڊيم جي وچ تي ويٺا آهن ۽ توهان عوام جون هنن تي نظرون آهن... توهان جي قومي مسئلن جو ورد بہ هنن جي زبان تي آهي. هو توهان جي وڏن وڏن مسئلن جو تسبيحون اخباري بيانن ذريعي پڙهندا رهن ٿا پر نہ تہ قومي مسئلن جو اڪلاءُ ٿيندو نظر اچي ٿو ۽ نہ سماجي استحصال منجهان اوهان جي جند آجي ٿيڻ ۾ ڪا مدد ملي رهي آهي....“ (19 جنوري 1990ع عوامي آواز)

اهڙو ئي خطاب هو سياستدانن کي ڪري ٿو: ”توهان سڀ جا سڀ عوام کي مستقبل جا سونهري سپنا ڏيکاريو ٿا، آئيندي جون ضمانتون ڏيو ٿا پر حال ۾ ماڻهو جنهن ظلم واري صورتحال ۾ آهن، ان سان توهان جو ڪو واسطو ڪونهي- ڇو؟ ڳوٺ ۽ ننڍا وڏا شهر گندريل ويهن سالن اندر وڌيڪ گندا، وڌيڪ ڏٻارا ٿي ويا آهن. ڳوٺن ۽ شهرن جو ماحول توڙي فضا ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيو آهي. صفايون ڪونهن- شهرن جي ڪثافت ڳوٺن تائين پهچي وئي آهي پر توهان کي احساس ئي ڪونهي، تہ جنهن عوام جا توهان پاڻ کي ڇڳا مڙس سمجهي رهيا آهيو، سو روز نت نئين بيمارين ۾ گهيرجي رهيو آهي....“
(16 مارچ 1990ع- عوامي آواز)

هن سنڌ جي اڳواڻن جي سنڌي ماڻهن سان ويڳاڻائپ واري رويي تي هڪ هڪ ضمير کي جهنجهوڙيو. جتوئي توتي دانهن جي سري سان هن هڪ اداريي ۾ لکيو: ”توهان تمام جلد تاريخ جي عجائب گهر جي زينت بنجڻ وارا آهيو ۽ توهان هن دور جون نهايت اگريون يادگيريون هوندؤ. اسان نهايت ڏک سان چئون ٿا تہ توهان عوام جي خلاف جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي اهو سڀ ڪجهہ اوهان پنهنجي خلاف بہ ڪيو آهي... صاحبو! توهان جون ملڪيتون توهان جي سياسي ڪردار کي عوام دوست بنائڻ جي راهہ ۾ وڏيون رنڊڪون آهن. ڳالهہ سڌي پئي آهي تہ ملڪيتون پياريون ڪريو يا ماڻهو پيارا ڪريو... توهان آخر پنهنجي سياسي عمل تي نظرثاني ڇو نہ ٿا ڪريو. ڇو ٿا پرواهہ ڪريو پنجاب جي فسطائي ٽولن جي. سنڌ جي ماڻهن، زمين، هوا ۽ ماحول توهان جو ڇا بگاڙيو آهي.... جناب جتوئي

Gul Hayat Institute

صاحب، ماڻهوءَ کي حياتي هڪ پيرو ملندي آهي. ان جو ايڏو زيان ٿهي نہ ٿو. جنهن زمين جي مٽيءَ منجهان توهان جو سرير ڄڻيل آهي، ان تي ايڏو ڏاڍ ماڻهوءَ کي نٿو سونهين." (8 جنوري 1990ع عوامي آواز)

جنوري 1991ع ۾ جڏهن لاشاري صاحب جي تحرڪ تي سنڌ دوست ماڻهن جي سٿ سان جاڳو جي شروعات ٿي تہ لاشاري صاحب ان پليٽ فارم تي پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو سمورو دان سنڌي قوم جي حوالي ڪيو. فڪري حوالي سان هن جو خيال هو تہ سنڌ جي صوفي فڪر جي شاندار ورثي کي ترقي پسند سوچ جي ترجمان طور پيش ڪري جمهوري روايت کي قبول ڪيو وڃي. هو سنڌ جي اندر جمهوري روايت جي پاسداريءَ لاءِ پيپلز پارٽي کي نمائنده پارٽي سمجهندو هو ۽ جاڳو جي ايڊيٽري واري زماني ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حلقن جي ويجهو رهيو. هُن پارٽي جي سنڌ واري قيادت سان قربت پيدا ڪري، ان کي سنڌ جي مسئلن تي ڪنهن بہ مصلحت يا بي پرواهي اختيار ڪرڻ جي روين کان باز رهڻ جي ذهن سازي ڪئي. انهيءَ مسئلي تي هو مرڪزي قيادت کي بہ پنهنجو استدلال پيش ڪندو رهيو. ۽ جتي بہ ان سلسلي ۾ ڪيس جهول نظر آيو،هن ان تي دانهن ڪئي.

محترمہ بينظير جي پهرين دور حڪومت ۾ هن پارٽيءَ جي هر ان عمل تي چٽي تنقيد ڪئي جيڪو سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن جي خلاف هو. عوامي آواز ۾ ڇهہ مهينا مسلسل ڇپيل ايڊيٽوريل انهيءَ جا شاهد آهن. هن هڪ دفعو محترمہ بينظير ڀٽو کي مخاطب ٿيندي چيو هو: "محترمہ! عوام جو انتظار تاريخ جي وڏين وڏين هستين کي ٿڪائي وجهندو آهي. اوڀر يورپ ۾ هن وقت جون تبديليون عوام جي صبر جو نتيجو آهن. ٽين دنيا جي گھڻن آمرن کان پوءِ سوشلسٽ ڪئمپ جا آمر بہ ختم ٿي ويا. هاڻي اسان توهان کان سوال ڪنداسين، تہ جيڪي آمر ٽولا، گروهہ ۽ فرد هن نظام جي اندر موجود آهن، ۽ مستقل تباهي بڻيل آهن، ۽ توهان جي پارٽي کان ٻاهر توڙي اندر موجود آهن، انهن کان عوام کي ڇوٽڪارو ڪڏهن ملندو. جيڪي ماڻهو آمريت جا بہ لاڏلا آهن ۽ جمهوريت جي اکين جا بہ تارا آهن، تن منجهان ڪڏهن جند ڇٽندي ۽ سياسي پارٽيون عوام کي منظم ڪري طاقتور بنائڻ کان ڇو هٻڪن ٿيون." (21 مارچ 1990ع، عوامي آواز)

اهڙي طرح پيپلزپارٽيءَ جي وزيرن کي مخاطب ٿيندي چيو هئائين: "قبلا! اکيون کوليو! هاڻي دور بدلجي ويا آهن. قومي اهميت جي معاملن تان رڳو ايم ڪيو ايم خلاف زوردار اخباري بيان ڏئي ڏيان نہ ٽا هٽائي سگهو. هاڻي ڪاري ڏاند جا مالڪ جاڳڻ جي مرحلي ۾ آهن. جيڪي توهان جي ٻين سان تہ ڇڏيو پر خود توهان کي پنهنجي مرتبن سان بہ بي انصافي ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندا."
(25 فيبروري 1990ع، عوامي آواز)

فقير محمد لاشاريءَ هڪ ذهن ۽ هڪ صلاحيت هيو ئي، پر سڀ کان اهم

Gul Hayat Institute

ڳالهه سندس من جي پيڙا هئي. ڪيس ذهن ۽ صلاحيت کي بہ استعمال ڪرڻو هو ۽ من جي پيڙا جي مداوائي بہ گهربي هئي. ماستريءَ واري زماني ۾ سنڌ جي شاگردن کي مختلف ادارن ۾ وڃي سنڌ جي لاءِ نئين سماج اڏڻ جا ليڪچر ڏيڻ ۽ ان لاءِ فڪري راهون ڏسڻ جي عمل مان سندس سنڌ جي مستقبل لاءِ ڏٺل خوابن جو بخوبيءَ اندازو لڳائي سگهجي ٿو. بدقسمتيءَ سان سنڌ کي پنهنجي مضبوط پارٽي ڪڏهن ملي نہ سگهي آهي، جتي اجتماعي جدوجهد جو حصو بڻجي سگهجي. فقير ماستريءَ کي الوداع چئي صحافت اختيار ڪئي. جيڪڏهن هن کي وسيلا هجن ها تہ شايد هو پنهنجي پيڙا جي مداوا فڪر جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ صرف ڪري ها پر معاشي حالتون هن جي لاءِ مهربان ڪٿي هيون! حد درجي جي خوددي ۽ بي نيازي هئس نہ تہ ڪيس مارڪس وانگر اينگلس جي مالي مدد ڪٿان نہ ڪٿان ملي پويس ها.

هُن صحافت ۾ پنهنجو ذهن بہ استعمال ڪيو ۽ صلاحيت بہ. ۽ جڏهن هُن جي دل جو درد بہ ان ۾ شامل ٿيو تہ صحافت کي محافظ جو درجو حاصل ٿيو. سنڌ ۾ هڪ زمانو اديب جي ڪردار جو هيو ۽ ترقيءَ جي مثان جيڪي ويل وهيا ان ۾ اديب پهرين دستي جو محافظ ٿي پنهنجو ڪردار پئي ادا ڪيو. ون يونٽ خلاف، ۽ ٻوليءَ جي مسئلي تي جدوجهد ان جا چٽا مثال آهن. بعد ۾ اديب جو ڪردار ماٺو ٿي ٿو وڃي ان جاءِ تي صحافت پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ٿي ڪري ۽ ان صحافتي لڏي جو سرموڙ فقير محمد لاشاري نظر ٿو اچي. هُن سنڌي صحافت کي ”ڏيان طلب“ روايتن مان ڪڍي ان کي قومي جاڳرتا جي هڪ اهم مورچي جي حيثيت اختيار ڪرائي. ان کي سرڪاري لونڊي بڻائڻ جي بجاءِ عوام جو ترجمان بنائي ورتو. هلال پاڪستان کي سرڪار جيئڻ شروع ڪيو، لاشاري ان کي ايئن رهڻ نہ ڏنو. ان کان پوءِ صحافت سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ پهرين دستي واري محافظ جي ڪردار کان ماٺي نہ ٿي آهي ۽ شايد تيستائين اها صورتحال رهي جيستائين ڪنهن ٻئي لڏي کي فقير محمد لاشاري ملي پوي.

فقير محمد لاشاري جي لکڻين ۾ سوچ ۽ فڪر جي گهرائي جو احساس تڏهن وڌيڪ ابري ٿو، جڏهن انهن کي افلاطون جي ڊائيلاگن سان ڀيٽجي ٿو. يونان جي شهري رياستن جي ڏاهپ وارن استادن جي انهن ڊائلاگن کان سنڌ جي ڀهراڙي جي هڪ نوجوان جا سنڌ جي عوام کي ڏسيل سبق ڪنهن بہ سٽ ۾ گهٽ ڪونهن. جيڪڏهن افلاطون جو بہ هن دور ۾ هھڙن ڏکن ڏولاون سان واسطو پوي ها تہ جيڪر ان جا ڊائلاگ ساڳي پيڙا ۽ درد سان ڀريل هجن ها. انهيءَ حوالي سان فقير صدين جي ان ڏاهپ جو تسلسل آهي، جيڪا مجموعي انساني فطرت جي ترجمان آهي. سقراط هڪ قانوندان هو، جيڪو اٿينس ۽ سڄي يونان جو ضمير هو. ان وري وري پاڻ سان بحث ڪيا تہ ڳالهه کي هيئن بہ رکي سگهجي ٿو. هيئن بہ چئي سگهجي ٿو پر هو نراجيت کي قبول نہ ٿو ڪري ۽ راهه فرار اختيار

Gul Hayat Institute

ڪرڻ جي بجاءِ زهر جو پيالو پي پنهنجي رياست ۾ موت کي ترجيح ڏني ٿو. سچ جي سودي ۾ راهه فرار اختيار نه ڪرڻ انسان جي عظمت جو دليل آهي. ۽ فقير لاشاري ان حوالي سان پنهنجي دور ۾ ان عظمت جو سڀ کان وڏو مظهر آهي.

فقير محمد لاشاري جي لکڻين جي هڪ هڪ سٽ ۽ پيراگراف سوچ ۽ فڪر، تمثيل ۽ ترغيب، تنبيه ۽ توجيه، احساس ۽ ادراڪ، طلب ۽ تنوار جو پندار آهي. ايندڙ وقت ۾ جڏهن به سنڌ جو نوجوان خواهشن ۽ ويڳاڻائپ جي خول مان نڪري مقصديت ۽ منزل جي تلاش ۾ نڪرندو ته لاشاري جون لکڻيون پڪ سان ان راهه جو سنگ ميل نظرايندون ۽ زندگيءَ جا رستا ڏسينديون.

ڪاش! اسان جي يونيورسٽين ۾ ويٺلن کي هوش اچي ۽ هو دقيانوسي موضوعن بجاءِ تاريخ جي هنن جيئري جاڳندي ڪردارن کي ٿيسز جي موضوع لاءِ شاگردن کي تجويز ڪن، جنهن سان شخصيت، عمل ۽ فڪر جي اجاڳ ٿيڻ جا ڪيترن نون گوشن جي سامهون اچڻ جون ڪوڙ ساريون گنجائشون موجود آهن.

فقير محمد لاشاري سنڌيڪا اڪيڊمي جي باني صلاحڪارن مان هو ۽ هن جون اداري لاءِ صلاحون اداري جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ وڏي وٿ هيون. ڪتابن جي اشاعت کان علاوه ڪمپيوٽر تي سنڌي سافٽ ويئر جي تياري ۾ هن جي خاص دلچسپي هئي. اسان اڪيڊميءَ ۾ سنڌس تحرڪ تي مواصلاتي مقصدن جي لاءِ سنڌيءَ جو هڪ اهڙي سافٽ ويئر جي تياري شروع ڪئي جنهن کي هڪ نيوز ايجنسيءَ جي نيٽ ورڪ نظام لاءِ ڪم آڻي سگهجي. سنڌس خيال هو ته اهڙي نيوز ايجنسي جي قيام سان سنڌي اخبارن کي هڪ ته خبرون سنڌيءَ ۾ ڪمپيوٽر تي تيار ملي وينديون ۽ ٻي طرف سنڌ جي مفادن جو به دفاع ڪري سگهبو.

سنڌيڪا اڪيڊمي سنڌس ادارين تي مشتمل ڪتاب ”سنڌ پيپلزپارٽيءَ کان جام صادق علي تائين“ سيپٽمبر 1991ع ۾ شايع ڪيو. سنڌس چونڊ لکڻين ۽ شخصيت تي ٻيو ڪتاب ”چپر جا سونهان“ هي اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ ٽيون ڪتاب آگسٽ 1991ع کان وٺي جولاءِ 1993ع جي ادارين تائين تياري هيٺ آهي، جيڪو پڻ جلدئي منظرعام تي ايندو. ان کان پوءِ اسان لاشاري صاحب جي شخصيت تورڙي لکڻين جي حوالي سان هر انهيءَ تحقيقي ڪم کي وڏي خوشدليءَ سان ڇاپينداسين جيڪو سنڌس سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي عوام سان نسبت ۽ تعلق جي چٽائي ڪندڙ هوندو.

آءٌ مرتضيٰ لاشاري ۽ علي حسن چانڊيي جو ٿورائتو آهيان، جن فوٽو هٿ ڪري ڏيڻ ۽ ڪتابن جي پروفن ڏسڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

**نور احمد ميمڻ**
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

ماءِ ڪاهــوڙي هليـا ڊڪائي ڏونهـان،
ڇپر جا سونهان، ڏوتين ڏٿ چتائيو.

"شاه"

# شخصيت

4 سيپٽمبر 1951ع تي ڳاجي کهاوڙ ۾ ڄائو. ميٽرڪ هاءِ اسڪول وارهه ۽ انٽر ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڪيائين. شاگرديءَ جي زماني ۾ ترقي پسند تحريڪ سان وابستگي ٿيس ۽ لٽريچر جو خوب مطالعو ڪيائين. 1972ع ڌاري پرائمري ماستر ٿيو. ڪجھ عرصي کان پوءِ ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول عزيز آباد ڪراچيءَ ۾ سيڪنڊري استاد مقرر ٿيو. ان ئي دور ۾ ايم اي ايڪانامڪس ۽ ايل ايل بي پڻ ڪري ورتائين.

ساڳئي عرصي ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان فورم تي سنڌس ڪوشش سان ترقي پسندن جو هڪ وڏو حلقو سلهاڙجي ويو جنهن سنڌي ادب جي ترقي پسند ارتقا ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

1977ع ۾ هلال پاڪستان اخبار جي سٽ ۾ شامل ٿيو ته سنڌي صحافت ۽ ادب جو شاندار سنگم سامهون آيو، جنهن سان سماجي جوڙجڪ ۽ ترتيب ۾ صحافت جي اهم حيثيت تسليم ٿيڻ لڳي.

1989ع ۾ عوامي آواز ۾ چيف ايڊيٽر ٿيو جتي دليل ۽ بيباڪيءَ سان سنڌ جي ڪيس جو دانشور سورمو ٿي سامهون آيو.

1991ع جي جنوري ۾ سنڌ دوست حلقي سان گڏجي جاڳو اخبار جي شروعات ڪيائين ۽ 17 جولاءِ 1993ع آخري پساهه تائين ان جو چيف ايڊيٽر رهيو.

پوئين عرصي ۾ سنڌي اخبارن جي تنظيم "سنيڪ" جو قيام سندس ڪوشش سان عمل ۾ آيو ۽ اهو پليٽفارم سنڌ جي اجتماعي مسئلن واسطي اخبارن کي اجتماعي موقف اختيار ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويو.

14 آگسٽ 1994ع تي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت پاران فقير محمد لاشاري جي خدمتن جي ميڃتا طور کيس ستاره امتياز جو اعزاز ڏنو ويو.

Gul Hayat Institute

# فقير محمد لاشاري

## سنڌ جي ناراض نسل جو نمائندو

رئوف نظاماڻي

هِن دنيا ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان ٻن قسمن جا لاڳاپا ٿين ٿا. هڪ اُهي جن جي نوعيت شخصي هوندي آهي ۽ ٻيا اُهي جيڪي غيرشخصي هوندا آهن. شخصي لاڳاپن مان مُراد ڪنهن شخص سان سڌوسنئون واسطو هئڻ آهي. اِهي گهڻ پاسائتا لاڳاپا هوندا آهن ۽ انهن ۾ اُن فرد جي سڄي شخصيت اچي وڃندي آهي. اِنهي ڪري اهڙن لاڳاپن ۾ احساساتي ناتو وڌيڪ مضبوط هوندو آهي ۽ ماڻهو هڪ ٻئي جي ڏک سور کي وڌيڪ گهري طور محسوس ڪري سگهندو آهي. جڏهن تہ غيرشخصي لاڳاپن جي نوعيت اڻ سڌي هوندي آهي ۽ اُنهن جي لاءِ وچ ۾ ڪتاب، فلم وغيره يا ٻيو ڪو حوالو ذريعو بڻبو آهي. اهڙي ريت ڪنهن شخصي تعلق رکندڙ شخص جي ڏار ٿي وڃڻ تي ٿيندڙ ردعمل ڪنهن غيرشخصي لاڳاپي واري شخص جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جذباتي هوندو آهي.

هِڪ اهڙي شخص جي ڏار ٿي وڃڻ سان سڄي وجود جو ڏونڌاڙجي وڃڻ هڪ فطري عمل آهي جنهن سان نہ رڳو شخصي تعلق هُجي پر ڪڏوڪڏ هِڪ ذهني هم آهنگي بہ هُجي ۽ اِها اُميد بہ هُجي تہ مستقبل ۾ هِڪ ٻگهي مدي تائين بہ ڳڏ بہ رهبو. اِهو سڀ ڪجھ فقير بہ پنهنجن سيني دوستن سان ڪيو آهي. سندس دوست جڏهن هاڻي هڪ ٻئي سان ملن ٿا تہ وٽن اُهي لفظ نہ هوندا آهن جيڪي اهو ٻڌائي سگهن تہ فقير مري ويو آهي. ڪنهن وٽ بہ ڪو اهڙو جواز ناهي جيڪو سندس موت لاءِ پيش ڪري سگهجي. ايستائين تہ اِهو بہ يقين نہ ٿو اچي تہ هُو هاڻي موٽي نہ ايندو. ايئن ٿو لڳي تہ هر شخص جڻ پنهنجي اندر ۾ هڪ مئل شخص کي کڻي پيو هلي. پر اِها واقعي حقيقت آهي تہ فقير هاڻي موٽي نہ ايندو ۽ هُو اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي چڪو آهي. ڪُجھ دوستن اِهو بہ خيال ڏيکاريو تہ فقير سان ملڻ لاءِ هاڻي زندگيءَ جي سرحد کي اُڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ زندگي محدود آهي ۽ موت اُن جو تسلسل آهي. اِها فقير سان سندس دوستن جي محبت آهي. نہ تہ اِها پڪ ڪنهن کي آهي تہ موت کان پوءِ بہ محب پاڻ ۾ ملن ٿا يا نہ.

Gul Hayat Institute

مري ويل شخص پلي ہي دنيا ۾ پنهنجن عملن جو حساب پيش ڪري پر ساڳي وقت ڪائنس هِن دنيا ۾ پڻ حساب ورتو ويندو آهي. عام طور تي اسان جي سماج ۾ موت ڪان پوءِ هر شخص جون رڳو چڱايون ڳتپ ۾ ايندڀون آهن ۽ سندس عيب لِڪي ويندا آهن. ڇا اِها موت جي خوبي آهي جيڪا ڪن پل ۾ هِڪ شيطان کي فرشتو ٺاهي ٿي ڇڏي يا ماڻهو موت کي هڪ اهڙي سزا ٿا سمجهن جنهن سان سيني ڏوهن جو ڪفارو ٿو ٿي وڃي. اِهو ورتاءُ هِڪ عام ماڻهو جي حياتي ۽ موت سان تہ ٺهڪي ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ سندس شخصيت سماج جي گهڻن پاسن کي گهڻي وقت تائين متاثر نہ ڪري سگهندي آهي ۽ ماڻهو جلد نئي زندگيءَ جي خفن ۾ ڪيس وساري ڇڏيندا آهن. پر اُهي جيڪي رڳو پنهنجي ڪٽنب، ڳوٺ يا شهر تائين محدود نہ هوندا آهن، اُنهن جي حياتي ۽ موت ٻين ماڻهن جي حياتين تي ديرپا اثر وجهن ٿا ۽ سماج جي تبديليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. فوري طور تي، جيئن هينئر فقير جي سلسلي ۾ ٿيو آهي، سندن موت ضرور هڪ جذباتي ردعمل کي جنم ڏيندو آهي. دوست ۽ مٽ مائٽ حيران هوندا آهن تہ اِهو ساڻن ڇا ٿي ويو آهي. اهڙي موقعي تي مرهيات جي هر سُٺي ڳالھ جو ياد اچڻ هِڪ فطري عمل آهي ۽ فقير جيان جيڪڏهن اُن ماڻهوءَ جون چڱايون سندس عيبن ۽ اوڻاين ڪان وڌيڪ آهن تہ پوءِ هُو واقعي تعريفن جو حقدار آهي. پر ڪُجھ وقت ڪان پوءِ جڏهن اِهو جذباتي ردَعمل گهٽجي ويندو آهي تہ اُها شخصيت پنهنجي نُوس صورت ۾ سامهون ايندي آهي ۽ اِها کُهر ڪندي آهي تہ اُن جو ڪاٿو لڳايو وڃي ۽ سماج ۾ سندس حيثيت جو تعين ڪيو وڃي. آئون سمجهان ٿو تہ اِهو اڳ پوءِ هر اُن ماڻهوءَ سان ٿيڻو آهي جنهن عوام سان لاڳاپيل مسئلن سان هٿ چراند ڪئي آهي ۽ لازماً اِهو سڀ ڪجھ فقير سان بہ ٿيندو.

پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ سياست جڻ سنڌ جي نوجوانن جي مجبوري ٿي پيئي. پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ ۽ اقتدار جي ايوانن تائين پنهنجو آواز پهچائڻ لاءِ هڪ اِها اِڪيلي واٽ ئي وڃي بچي هئي. هِن وقت سنڌ جا جيڪي بہ نالي وارا ماڻهو خاص طور اديب آهن، اُهي سِڌي يا اڻ سِڌي طرح سياست ۾ قومي حقن جي جدوجهد سان لاڳاپيل رهيا آهن. اِنهيءَ ڏس ۾ خاص طور تي سٺر جي ڏهاڪي کان پوءِ جيڪا ٽهي سامهون آئي آهي اُن جا نفسياتي، سماجي ۽ معاشي مسئلا اڳين ٽهي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شديد رهيا آهن. منجهس محروميءَ جو احساس انتها تي پهتل آهي ۽ اُها جڻ پنهنجي پوري ماحول ڪان خائف آهي. فقير دراصل اِنهي نسل جو نمائنده ليکڪ آهي. شروع ۾ سندس قوم پرست سياسي تنظيمن سان واسطو رهيو پر اُن وقت بہ سندس لکڻين جو عوام دوست پاسو وڌيڪ حاوي رهيو. آهستي آهستي مختلف سياسي تنظيمن جو دائرو تنگ ٿيندو ويو ۽ فقير ۽ سندس قبيل جي ٻين ماڻهن لاءِ اُهي سوڙهيون ٿينديون ويون. اِنهي ڪري اسي جي

Gul Hayat Institute

ڏهاڪي جي شروعات ۾ ئي فقير عملي سياسي عمل کان پاسيرو ٿيڻ شروع ٿي ويو. اُن وقت فقير جنهن سياسي گروپ سان واسطي ۾ هو مُنهنجو بہ اُن سان لاڳاپو هو. اُن گروپ پاران مون کي فقير سان ڳالهائڻ لاءِ موڪليو ويو هو تہ جيئن کيس موٽائي آڻي سگهجي. پر فقير جي لاءِ اِهي سياسي ٻنڌڻ، سازشون ۽ شخصي انائون بيزار ڪندڙ بڻجي چُڪا هُئا ۽ وٽس ان جي لاءِ مضبوط دليل هُئا. ساڻس اِنهي موضوع تي تفصيل سان ڳالهائڻ کان پوءِ مُون پاڻ پنهنجي اندر ۾ اُڻ تڻ محسوس ڪرڻ شروع ڪئي هُئي ۽ اِها شايد اسان جي ذهني آهنگي جي شروعات هُئي جيڪا پوءِ سنگت ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سان اڳتي وڌي. پر اِنهي جو مطلب اِهو ناهي تہ هُو ماڳهين سياست کان ئي ڪناره ڪش ٿي ويو هو. پنهنجين لکڻين ۽ صحافتي زندگي وسيلي هُو سِڌي طرح اِنهي عمل سان لاڳاپيل هو. سندس نہ رڳو اِها ڪوشش هوندي هُئي تہ سنڌ جي مسئلن تي هِڪ گڏيل پليٽ فارم ٺهي پر اِنهي سلسلي ۾ سنڌ جي سياستدانن تي تنقيد پڻ هوندي هئي. خاص طور تي هُن سنڌ جي مختلف سياستدانن جا جيڪي انٽرويو ڪيا اُن ۾ سندس سوال سِڌا، تيز ۽ تِکا هوندا هئا. مون کي ياد ٿو پئي تہ برسات رسالي لاءِ هُن سائين جي- ايم- سيد کان هڪ انٽرويو ڪيو هو. سن مان موٽڻ کان پوءِ اهو ٻڌايو هئائين تہ سائين ڪيئن نہ سندس پُڇيل مختلف سوالن تي ناراض ٿي ويو هو ۽ سندس سوالن جي جوابن ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئائين. ان وقت ڪجھ اردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ رسالن جي صحافين بہ سائين کان انٽرويو ڪيو هو. سندن سوال جيڪي فقير جي سوالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تِکا هئا تن سائين کي ناراض نہ ڪيو هو. اِنهي صورتحال کي ڏسندي هُن بجا طور تي اِهو پُڇيو هو تہ "يار هي سنڌي سياستدان سنڌي صحافين سان اهڙو ورتاءُ ڇو ٿا ڪن؟" مون کيس چيو هو تہ اِنهي ڪري تہ کين اِنهي ڳالھ جي عادت ناهي تہ ڪو سنڌي نوجوان سندن خيالن ۽ نظرين کي چئلينج ڪري، پر هاڻي کين اِنهي صورتحال کي لازماً مُنهن ڏيڻو پوندو. اها ساڳي صورتحال کيس جاڳو ۾ بہ پيش آئي. جاڳو جي بورڊ ۾ سنڌ جو هڪ ناليوارو سياستدان بہ شامل آهي. فقير جو چوڻ هو تہ هو چاهي ٿو تہ اخبار ۾ سندس ڌُر جي حاوي حيثيت هُجي ۽ اُن کي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جاءِ ملڻ گُهرجي جڏهن تہ فقير جو اِهو مؤقف هو تہ جاڳو سنڌي ماڻهن جي اخبار آهي ۽ ان ۾ سڀني جماعتن کي سندن ڪم ۽ اهميت موجب جاءِ ملڻ گهرجي. پر اهو موقف ان سياستدان کي منظور نہ هو ۽ سندس پاران فقير لاءِ چيو ويو تہ هو جاگيردار ۽ وڏيرو بڻيو ويٺو هو ۽ سندس رويو آمراڻو هو. ڏٺو وڃي تہ فقير جو موقف حقيقت تي ٻڌل هو ڇاڪاڻ تہ هن وقت ايستائين تہ پيپلز پارٽي جهڙي مقبول جماعت لاءِ بہ اهو ممڪن ناهي رهيو تہ اها ڪنهن اخبار کي پنهنجي ترجمان طور هلائي سگهي ۽ ماڻهو اُن کي اهو مان بہ ڏين. 'مساوات' جي ٻيهر جاري ٿيڻ کان پوءِ اُن جو

Gul Hayat Institute

هُن هلال ورڪرز يونين ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ شروع ڪيو هو. هن جدوجهد ۾ نه رڳو سنڌس آڏو پنهنجا مقصد واضح هئا پر اِها ڳالهه به صاف هئي ته پورهيتن جي حقن لاءِ ڪنهن سان ڳالهائڻو هو ۽ ڪهڙا طريقا استعمال ڪرڻا هئا. اِنهي دؤر ۾ ڪيس مختلف آڇون ڏنيون ويون. پر سنڌس اِها خاصيت هوندي هئي ته هو ڪنهن به قدم کڻڻ کان اڳ دوستن سان صلاح ضرور ڪندو هو. انهن آڇن ۾ هلال پاڪستان جي ايڊيٽريءَ جي آڇ به هئي. هن مون سميت مختلف دوستن سان اِنهي آڇ کي قبولڻ يا رد ڪرڻ متعلق ڳالهايو هو. اسان ڪيس اِها صلاح ڏني هئي ته اِنهي آڇ جو مقصد ڪيس هڪ ته يونين کان ڌار ڪرڻ ۽ پوءِ ڪيس، جيئن هلال جي مختلف ايڊيٽرن سان وقت بوقت ٿيندو رهيو هو، نوڪري کان ئي الڳ ڪرڻ هو. انهي ڳالهه کي هن پاڻ به محسوس ڪيو ٿي. انهي ڪري سنڌس پاران اهڙين آڇن کي قبولڻ ۾ ڪنهن جلد بازيءَ کان ڪم نه ورتو ويو. انهي کان سواءِ به هلال پاڪستان جي ان وقت جي انتظاميا اها دعويٰ نه ٿي ڪري سگهي ته هن شخص ڪڏهن ڪانئن ڪو ناجائز فائدو ورتو هجي، ڪين ته انهي ڳالهه جي جڻ حسرت ئي رهجي ويئي.

جولاءِ 1989ع ۾ ڪراچي مان جڏهن ’عوامي آواز‘ جاري ٿي ته فقير انهن ڪجھ ماڻهن مان هو جن اِنهي اخبار کي پير جمائڻ ۾ مدد ڪئي. گهڻن دوستن پاران عوامي آواز کي رضاڪارانه خدمتون ڏنيون ويون ۽ اُن جو سبب رڳو انهن دوستن جو فقير سان لاڳاپو ۽ دوستي هئي. پر اخبار جي انتظاميا پنهنجن روين جي ڪري اهڙن ڪيترن ئي دوستن کي وڃائي ڇڏيو. آخر ۾ نوبت اِها اچي ٿي هئي جو مالڪن ماڻهين اخبار کي ئي بند ٿي ڪيو. هن موقعي تي فقير کي آڇ ڪئي ويئي ته هو اخبار جو چيف ايڊيٽر ٿئي. هڪ شام جڏهن فون تي منهنجي ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿي رهي هئي ته مون کي ٻڌايائين ته عوامي آواز وارن ڪيس اها آڇ ڏني هئي ۽ هو ساڻس اِنهي تي ڳالهائڻ لاءِ اچي رهيا هئا. هن مون کي به اچڻ لاءِ چيو ته جيئن ساڻن گڏجي ڳالهائي سگهجي. ڊاڪٽر جبار خٽڪ ۽ امداد اوڍو ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ آيا ۽ اسان گڏجي هڪ جاءِ تي وڃي ويٺاسين. اتي جبار خٽڪ ۽ امداد اوڍي جڻ ته حقيقتاً رُنو هو. سنڌن چوڻ هو ته اخبار جي سرڪيوليشن ڪري پيئي هئي. معيار ڏينهون ڏينهن ڪرندو پئي ويو ۽ هو ڏيواليٽي جي ويجهو اچي پهتا هئا. انهن فقير کي منٿون پئي ڪيون ته هو اچي سنڌن اخبار کي بچائي. اسان پاران ڪين چيو ويو ته اهو سڀ ٺيڪ هو پر اسان کي ٿورو سوچڻ جو موقعو ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ ته فقير اڳ ئي هڪ اخبار ۾ ملازم هو ۽ اتي مٿس مختلف ذميواريون هيون. پر وٽن شايد ايترو وقت نه هو ۽ هو ٻئي ڏينهن فقير جي گهر پهچي ويا. سنڌن جيڪا آڇ فقير لاءِ وڌيڪ للچائيندڙ هئي اها هي ته ڪيس اتي لکڻ جي پوري آزادي هوندي ۽ مٿس ڪا بندش نه هوندي. هلال جي دوستن سان به هن صلاح

Gul Hayat Institute

ڪئي ۽ سندن آڏو به اهو ساڳيو دليل رکيائين. پر ٻين دوستن جيان فقير به عوامي آواز وارن سان گهڻو وقت هلي نه سگهيو. آزاد پاليسي ۽ ايڊيٽر جي آزاد راءِ جا مالڪن پاران جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا اُن جي ابتڙ سندس ڪم ۾ مداخلت ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳي هئي. اُن جو سبب ڪجھ دوستن پاران اِهو ڄاڻايو ويو ته مالڪن جي نظر ۾ فقير جو ڪم ختم ٿي ويو هو. ڇاڪاڻ ته سندن اخبار بُحران مان نڪري آئي هئي ۽ اُنهن فقير جي پگهار کي پاڻ تي بار ٿي سمجهيو. بهرحال بجاءِ مالڪن جي ٻڌايل ۽ طئي ڪيل پاليسيءَ تي هلڻ جي فقير عوامي آواز کي خيرباد چئي ٻيهر روڊ تي اچي ويو. سندس هٿ خالي هئا ۽ وٽس ڪو به متبادل روزگار نه هو. اِنهي وقت ۽ جاڳو جي نڪرڻ ۾ اٽڪل ڇهن ستن مهينن جو وقفو آهي پر هن شخص ڪنهن به دوست کي اهو محسوس ٿيڻ نه ڏنو ته هو تڪليف ۾ هو.

جاڳو جي جاري ٿيڻ سان هڪ ته فقير جي خوداعتمادي ۾ واڌارو آيو. ڇاڪاڻ ته هاڻي ڪيس لکڻ ۽ اظهار لاءِ هڪ آزاد ماحول ميسر هو ۽ هو سواءِ پنهنجن پڙهندڙن جي ٻيو ڪنهن جي اڳيان ذميوار نه هو. ٻي ڳالھ ته سندس مصروفيتون به وڌي ويون هيون جنهن جي ڪري هو شايد سنگت کي جوڳو وقت نه ڏيئي سگهندو هو. دوستن کي انهي ڪري ڪانئس شڪايتون به هيون پر ايئن ڪڏهن به نه ٿيو ته ساڻس سنگت جو ناتو بلڪل ئي ختم ٿي ويو هجي. انهيءَ دور ۾ ساڻس ملاقاتون جيتوڻيڪ گهٽجي ويون هيون پر جتي ملبو هو اتي ساڳيو پيار ۽ قرب هوندو هو.

ساڻس آخري ملاقات ان وقت ٿي جڏهن هو بيمار هو ۽ آفيس نه پئي اچي سگهيو. آئون ۽ بدر ابڙو گڏجي سندس گهر ويا هئاسين. اتي گهڻي وقت کان پوءِ ساڻس هڪ ڊگهي ڪچهري ٿي هئي. اسان چار ڪلاڪ کن گڏ گذاريا هئا ۽ مختلف موضوعن تي ڳالھ ٻولھ ڪئي هئي سين. بدر کيس چيو هو ته هو ڪجھ دوستن سان گڏجي سنڌ جي نوجوان صحافين لاءِ هڪ تربيت گاھ قائم ڪرڻ چاهي ٿو. انهي تجويز سان فقير سهمت هو ۽ هُن کيس چيو هو ته صحتياب ٿيڻ کان پوءِ هو انهي تي وڌيڪ تفصيل سان ڳالهائي سگهندا. جاڳو کي درپيش مالي مشڪلاتون خاص طور تي فقير لاءِ پريشان ڪُن هيون. سندس چوڻ هو ته به اڍائي سال گذرڻ کان پوءِ به اخبار اجا تائين مالي طور تي پنهنجن پيرن تي بيهي نه سگهي هئي. هن ٻڌايو هو ته هو انهي تجويز تي به غور ڪري رهيو هو ته ڇو نه اخبار ۾ ڪارڪن کي حصيدار بڻايو وڃي. پر شايد موت وٽ ايترو وقت نه هو جو اها فقير کي اها مهلت ڏئي ها ته هو انهن مختلف رٿائن تي عمل پيرا ٿي سگهي ها.

فقير جي شخصيت اجا مڪمل طور تي نروار ٿي سامهون نه آئي هئي. سندس مختلف لاڙن ۽ روين کي اجا هڪ روپ وٺي سامهون اچڻو هو. سندس زندگيءَ جا ڪافي ڇڙوڇڙ پاسا آهن جن کي سهيڙي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ ئي سندس شخصيت جي هڪ مڪمل ڪاٿي لڳائڻ ۾ سولائي ٿيندي.

Gul Hayat Institute

# فقير محمد لاشاريءَ جو لاڏاڻو

علي احمد بروهي

”پر پنجوءَ ويهي، ڪيهي ڪندين ڳالهڙي؟
ڄاڃي ماڃي موٽي ويا، ور ونيءَ ڏيئي،
خبر ڪانہ پيئي، تہ ڏاج ڏنائون ڪيترو؟
(شاهہ)

موت جو مامرو بہ عجيب آهي. جڏا جياري ۾ مرڪندا ماري. هي برابر آهي تہ ماڻهوءَ جي مند موسم يا ماڳ مڪان جو موت سان ڪو رشتو يا ناتو آهي ئي ڪونہ. پر تڏهن بہ ڪنهن ڏاهپ، دليل يا سوچ جو ساٿس ڪو واسطو تہ هئڻ جڳائي. بلڪل نہ. زندگي تہ هونئن بہ آهي ئي ڪورڪ ڏندو. ڳجهارت، جنهن جو پاهوئي ڪٿي نہ ٿو ملي، جي انسان بيٺو آهي تہ پوءِ پهاڙ ڪان ڏاڍو پر جي ڀڄڻ شروع ڪري تہ سهڻيءَ وارو ڪچو ڪهڙو. ڏٺو وڃي تہ زندگيءَ ۽ موت وچ ۾ ايترو ئي فرق ڦير آهي جيترو انسان ۽ سندس پاڇي ۾، يا جيئڻ جياپو ۽ سپنو. نہ جياپي کي جٽاءُ، ۽ نہ خواب کي بقاءُ.

همراه پاڻ ۾ پروگرام ٺاهي ويا لاهور تہ وڃي ٿا ’لانگ مارچ‘ جو ڇهڇٽو ڏسون. وري جڏهن لانگ مارچ اوچتو ملتوي ٿي تہ پوءِ رخ رکيائون اسلام آباد ڏانهن تہ وڃي ٿا صدارتي ۽ وزارتي دنگل ڏسون. رش سبب هوائي جهاز جون ٽڪيٽون ملڻ محال ڏسي لاچار پيلي ٽئڪسي ڀاڙي ڪري چارئي سنگتي ٻاءِ روڊ پانڌيڙا ٿيا. قلعي گجر خان قريب مندرا ماڳ لڳ، ٽئڪسي جو سامهون ايندڙ ٽريلر سان ٽڪراءُ ٿيو. حادثو خوني ثابت ٿيو. فقير محمد لاشاري، ڊاڪٽر اسماعيل ابيجو ۽ ٽئڪسي ڊرائيور ٿڏي تي راه رباني وٺي راهي ٿيا. جڳديش ملاڻي (اڳوڻو ايم پي اي جيڪو پڻ ان حادثي ۾ زخمي ٿيو ۽ اسپتال ۾ گذاري ويو) ۽ جاڳو اخبار جو ڪاروباري ڊائريڪٽر غلام قادر پليجو سخت زخمي ٿي پيا. بنهي کي گجر خان شهر جي مڪاني اسپتال ۾ علاج لاءِ پهچايو ويو.

موت تہ ٻارهوئي وٺي ٿو مارو ڪندو ۽ مخلوق ۾ لابارو وجهندو. پر هن ڀيري سو همراه ڳولي ڦولهي سهتا سيبتا ۽ مهاندا چونڊي پاڻ سان سلهاڙي ويو. ڏڪ

دشمن جو بہ نہ وڃائجي. اسان وٽ هڪ اڳيئي اٿهوند ۽ ڇاٽو ماڻهن جو قحط، وري جي هڪ ٻہ داتا هاڻ اسريا هئا ۽ وڏي وڻ ٿيا هئا تن کي بہ اڪ چنيءَ ۾ نهوڙي ويو. پاڻءِ تہ وڻ تي وڄ ڪري ۽ ڏار ٽڙڪاٽ ڪري اڏ کان ڀڄي پيا. ڪنهن در ڏيون دانهڙي؟ بقول ڀٽائيءَ جي ”پر ڀنجوءَ ويهي ڪهڙي ڪريون ڳالهڙي؟“ ڪوهيارو تہ هليو ويو ڪيچ، هاڻ اڇو تہ سورن واريون ڪريون سور پچار!

ڦوھ جواني ۽ شڪل شبيه ۾ جهڙو چوڏهين جو چنڊ، وري رلٺو ملٺو ۽ ڪلٺو انسان. جڏهن وڃ تہ وينو مرڪندو. مونکي ياد نہ آهي تہ مون ڪڏهن ڪيس موڳو يا مايوس ڏٺو. ايئن بہ نہ آهي تہ اسان ٻنهي ۾ ڪو پيار پريت جو ناتو هو. هرگز نہ. بلڪ شروعات ۾ تہ اسان جا رستا هڪ ٻئي کان بلڪل الڳ هئا. ٻنهي جو واسطو هو هلال پاڪستان سان، جتي فقير محمد نہ فقط سب ايڊيٽر هو پر هلال ورڪرس يونين جو صدر پڻ. آءٌ ٽرسٽ جي ناتي سان هلال جي وهنوار ۽ ڪاروبار تي ڪجھ دسترس رکندڙ هيس. پاڻ ۾ ڪيئي ڀيرا ويڙهاند بہ ٿي، پر ذاتي رنجش يا چپقلش ڪڏهن بہ نہ. لاشاري يونين جو نمائندو هو ۽ مونکي پنهنجون ذميواريون هيون. پر آخرڪار ڳالهيون مهاڙيون ڪندي آخر ڪنهن نقطي تي اچي رضانامون ڪندا هئاسين. پر اهو تڪراري ۽ بحث مباحثي وارو ڪردار هلال تائين محدود رهيو ۽ اسانجي ذاتي دوستي تي ڪڏهن بہ ڪو حرف نہ آيو. اهو ئي سبب هو جو ’جاڳو‘ اخبار ۾ مون باقاعده ڪالم لکڻ جي شروعات ڪئي.

هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ فقير محمد يا ’فقير‘ جئن اسين ڪيس پيار ۾ مخاطب ٿيندا هئاسين، غيرمعمولي ذهن جو مالڪ هو. نامور صحافي هئڻ سان گڏ برک اديب پڻ هو. هر مسئلي ۽ معاملي تي ماهرانہ راءِ رکندڙ هيو ۽ پنهنجي اصول تي پهاڙ جيان بيهي مهاڏو اٽڪائيندو هيو. ايڊيٽوريل لکڻ تي ڪيس خاصو عبور حاصل هيو. مونکي ياد آهي تہ ’جاڳو‘ واحد اخبار هئي جنهن جو ايڊيٽوريل سندس خبرن کان اڳ ۾ پڙهيو ويندو هيو. وري ايڊيٽوريل بہ اهڙو جهڙي بارود جي ڪاٺ. جنهن بہ مسئلي يا مضمون تي قلم کڻيائين تہ پوءِ وڻ وڄائي ڇڏيندو هو. هي برابر آهي تہ سندس لاڏاڻي پڄاڻان ’جاڳو‘ ۾ ڪو نہ ڪو صحافي اچي فقير جي جاءِ والاريندو، جئن دنيا جو دستور آهي، پر هي مشڪل بلڪ ناممڪن آهي تہ ڪو اچي سندس جهڙو ايڊيٽوريل لکي ۽ ٻرندڙ جبل جهڙو تاثر ڏيکاري.

فقير جي اوائلي زندگي ڪا گلن ڦلن جي سيج نہ هئي ۽ نہ وري هاڻ بہ ڪو سندس اڻ ڏٺيون ڇڙيون وينديون هيون. ڏاڍي ڪشمڪش ۾ ننڍپڻ گهاريائين. سفيد پوش گهراڻي جي فرد جي حيثيت ۾ ۽ ڳاجي کهاوڙ جي ڳوٺاڻي هئڻ نقطہ نظر تعليم پرائي پوءِ ماستر ٿي ٻار پڙهائيندو رهيو. ڪجھ عرصي کان پوءِ لاڙڪاڻي کي الوداع ڪري سنگتي ساٿيءَ سهاري ٽپڙ کڻي اچي ڪراچيءَ ۾ سهڙيو. صحافت جي الله توهار هلال پاڪستان سان ڪيائين. صحافت ۾ چڱو

Gul Hayat Institute

خاصو نالو روشن ڪيائين توڙي جو، سرڪاري اخبار هئڻ ڪري هلال جي آزادي تڏهن ڪي قدر محدود هئي.

اخبار ۾ ڪم ڪندي ۽ زماني خواه زندگيءَ واري ڪتاب جي ورق گرداني ڪندي 'فقير' سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست جو مشاهدو ماڻيندو رهيو. هلال ۾ ائن سالن جي ملازمت پڄاڻا جڏهن عوامي آواز پوءِ جاڳو ۾ ايڊيٽر جي منصب تي سرفراز ٿيو ته پوءِ ڪيس صحافت ۽ سياست واري راند کيڏڻ ۾ ڪا ڏکيائي درپيش نه آئي. بلڪ ڪيس اهڙي واٽ ملي جنهن ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. 'جاڳو' وارين سندس لکڻين سنڌ جي سياست ۾ هڪ قسم جو اهڙو جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو جو چڻ ته ڪو استاد کيڏاري آکاڙي ۾ وارد ٿيو هو. نه فقط خيال جي اظهار ۾ نواڻ هئي پر اکرن واري وهنوار ۾ پڻ ٽرٽلو وجهي ڇڏيائين. 'جاڳو' جون سرخيون جنهن رعب تاب ۽ رنگ ڍنگ سان سنواريون ۽ سينگاريون ويندڙيون هيون ته پڙهندڙ به وري اهڙي ئي شوق ذوق سان ورق گرداني ڪندا هئا. ٿوري ئي عرصي اندر 'جاڳو' اخباري دنيا ۾ پنهنجو سڪو ڄمايو. جو مقام اخبارون ورهين کان جاري رهندي به حاصل ڪري نه سگهيون هيون، هي فقير جي قلم جو ڪمال ۽ ڪرشمو هو!

لکڻيداس پنهنجي جاءِ، ته وري ڳالهائڻ به واه جو هو. جنهن به محفل يا مجلس ۾، ڪيس پنهنجي راءِ جي اظهار لاءِ ڪوٺ ڪئي ويندي هئي، ته هڪ پختہ مشق ۽ ماهر جيان في البديهہ تقرير ڪري سگهندو هو. سنڌي ادب، سنڌي سياست خواه سنڌي صحافت ۾ 'فقير' پنهنجي لکڻين سان جا ادبي ۽ علمي ساک حاصل ڪئي آهي سا ڪا ترت منجهڻ يا ميسارجڻ جهڙي نه آهي. 'فقير' عمر جي اڌ حصي ۾ ايتري ڪجھ ڪمائي ڪري ويو جنهن سببان سندس نالو ادب توڙي سياست ۾ هميشہ يادگار رهندو.

Gul Hayat Institute

# دریاھ توتي دانھن

## حسين شاھ راشدي

درياھ جڏھن سُھڻيءَ کي ٻوڙي ماريو تہ ميھار جي معذوري ۽ بيوسي شاھ سائينءَ ھن بيت ۾ بيان ڪئي:

”ڪنڌيءَ جھليو ڪانھن، عاشق اُيو آھون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سھڻي، ٻيلي منھنجي ٻانھن،
درياھ توتي دانھن، ڏيندس ڏينھن قيام جي.“

قيامت واري ڏھاڙي ميھار جڏھن سھڻيءَ کي ٻوڙڻ واري ڏوھ لاءِ درياھ تي دانھين ڏيندو، تنھن مھل سنڌي قوم بہ ھڪ آواز ٿي پنجاب جي سرزمين تي فرياد داخل ڪندي جنھن تي وري ھڪ سنڌي ڪونڌر دم ڏنو. اھا سرزمين ھونءَ تہ اسان سان ننڍيون وڏيون وارداتون ڪندي رھندي آھي؛ پر اتي 4- اپريل 1979ع تي اسان سان جيڪو ڪيس ٿيو، اجا ان جو پاءُ پلاند ڏانھنس رھيل ھو، جو ھن اسان تي اوچتو ٻيو وار بہ ڪيو، جڏھن راولپنڊيءَ لڳ اسان جو مٺڙو فقير محمد لاشاري پنھنجي ھڪ سنگتي ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجي سان گڏ رستي جي ھڪ دردناڪ حادثي ۾ وڃي الله کي پرتو. ساڻس گڏ موٽر ۾ جڳديش ملاڻي ۽ غلام قادر پليجو بہ ھئا جيڪي پڻ شديد زخمي ٿيا. ڪجھ ڏينھن ڪان پوءِ زخمن سان چور جڳديش ملاڻيءَ بہ ديھانت ڪيو. الله غلام قادر پليجي کي حياتي بخشي.

فقير محمد ھڪ ڪميٽيڊ (Commited) ماڻھو ۽ ھڪ آدرشي انسان ھو. ويڙھيچن ياران وڙھڻ جو يڪطرفو وچن ڪيل ھيس. غربت، جھالت، ڏاڍ، ڏمر ۽ سماجي ويڇن ۽ ناانصافين جھڙين مڪروھ براين خلاف جھاد لاءِ ھميشہ وڙ ڪنجيو وتندو ھو. رب ڪيس دردمند دل، صاف ذھن، شينھن جو جگر ۽ سگھارو قلم بخشيو ھو. انھن مڙني اوصافن سان ھن ڪنھن بہ قدم تي ويساھ گھاتي ڪان ڪئي بلڪ انھن کي پنھنجي آدرشن لاءِ استعمال ڪيائين. ڪھڙن سببن ۽ حالتن وگھي سندس اندر ۾ اھي ڪڻ گونچيا ھئا، تنھن جي سڌ مونکي ڪونہ آھي؛ باقي جڏھن کان منھنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ ٿي، تڏھن اھي خوبيون سندس وجود جي پاتال ۾

Gul Hayat Institute

پيهي پاڙون پختيون ڪري چڪيون هيون.

مون 1980ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ’هلال پاڪستان‘ لاءِ هفتيوار ڪالم ’ڏيان طلب‘ لکڻ شروع ڪيو تہ فقير محمد سان ٽيليفون تي واقفيت ٿي جيڪو تن ڏينهن ۾ اتي ڪم ڪندو هو. هڪ بہ گهمرو ملاقاتيون بہ ٿيون پر اهي بہ سرسري قسم جون هيون جو ’هلال پاڪستان‘ ۾ ڪم جي گهڻائي ۽ عملي جي گهٽتائيءَ سبب ڪيس ايتري مهلت ئي نہ هوندي هئي جو ويهي اهڙي رهاڻ ڪجي جنهن کي اسان ڪچهري چوندا آهيون.

سندس نظرين، آدرشن ۽ خوابن جي جاڻ مونکي پهريون دفعو سندس نيپال جي سفرنامي ’سگهارو هماليا، هيٺا ماڻهو‘ مان پئي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ اپريل 1985ع ۾ سنگم پبليڪيشنس ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب نالي ۾ آهي تہ سفرنامو پر اصل ۾ هن جڳ پنهنجو اندر اوريو آهي. ان ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ئي مان سندس قلم جي قوت، مشاهدي جي گهرائي ۽ آدرشن جي عظمت جو قائل ٿيس ۽ سندس قد، گهڻن قداور شخصيتن جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ قداور نظر آيم. ڪتاب منهنجو من موهي وڌو. عادت اٿم تہ ڪنهن ڪتاب پڙهندي ڪي جملا ڪي ٽڪرا دل تي اثر ڪندا آهن، تہ اهي اتاري رکندو آهيان. ’سگهارو هماليا، هيٺا ماڻهو‘ ۾ مونکي هي جملا وڻيا جن ۾ فقير محمد پڙهندڙ کي سندس اندر ۾ جهاتي پائڻ جو وجهہ ڏنو آهي.

مان اهو ٻڌائيندو هلان تہ نيپال جو سفر هن اپريل 1983ع ۾ صحافين جي هڪ ٽولي سان گڏجي ڪيو هو، جنهن ۾ هو ۽ غلام نبي مغل فقط بہ سنڌي هئا باقي ٻيو سڄو لڏو اوپرو هو. جهاز اڏامندي جڏهن پائلٽ اعلان ڪيو تہ جهاز هاتي لکنوءَ مٿان پيو پرواز ڪري تہ فقير محمد ڀوڳ جي انداز ۾ ڪراچيءَ جي صحافين کي چيو تہ:

”لکنوءَ کي فرشي سلام ڪندا، پنهنجن نوابن جون رسمون، نڀائيندا هلو جن جي نالن تي ڪراچيءَ ۾ ڪيترا روڊ آهن.“ (صفحو 23)

نيپال ۾ ڪجهہ صحافين نيپالي ٽوپيون خريد ڪري پاتيون تہ فقير محمد پنهنجي هڪ ساٿيءَ کان هيئيون سوال ڪيو:

”مان اهو سوچڻ جو حق رکان ٿو تہ اسان وٽ 37- سال رهڻ کان پوءِ بہ هن کي ڪڏهن سنڌي ٽوپي پائيندي ڪونہ ڏٺو ويو آهي ۽ هتي هڪڙي ڏينهن ۾ نيپالي بڻجي ويا آهن. ڇا هن جي ان ڳالهہ ۾ هتان يا ڪنهن بہ ڌرتيءَ سان واقعي ڪو رشتو ڪرڻ جو شوق آهي؟“ (صفحو 65)

نيپال ۾ بادشاهہ جو شخصي راڄ آهي. کٽمنڊوءَ جي هڪ چوڪ تي بادشاهہ جو بوتو ڏسي، فقير محمد بادشاهت لاءِ پنهنجي نفرت جو اظهار هن جملي ۾ ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

”جنهن شاهاڻي انداز سان مجسمي کي بيهاريو ويو هو ان سان لڳو پي ته ڪيس مرڻ کان پوءِ به شهر جي چوڪيداري ڪرڻ ۽ رعب رکڻ لاءِ بيهاريو ويو آهي.“ (صفحو 27)

ڪنهن مندر ۾ پوڄاريءَ جي ڪُٽيا ۾ نيپالي بادشاهه جي تصوير ٽنگيل ڏسي، فقير محمد پنهنجن جذبن کي هن طرح اکرن جو ويس ڍڪايو آهي:

”مان اهو به نه پيو سمجهان ته مندر ۾ حاڪميت ڪنهن جي هئي. ڀڳوان جي يا بادشاهه سلامت جي! چاڪاڻ ته اتي ڀڳوان جو ڪردار بادشاهه جي ڪنهن گورکي سپاهيءَ کان وڌيڪ نه هو.“ (صفحو 47)

اتي ئي هڪ غريب نيپالي ڪنوار جي روئڻ جي سببن جو ذڪر ڪندي، فقير محمد پنهنجي احساس کي هيئن بيان ڪيو آهي:

”مان ان سڏڪي جي ترنم کي ڪڏهن به وساري ڪونه سگهندس چاڪاڻ ته سڏڪا اسان جي ماحول جو نه ٽٽڻ وارو حصو آهن، جيسين ٿهڪ اڇي سڏڪن جي جاءِ ڀرين.“ (صفحو 79)

سنڌ ۽ نيپال ۾ غربت ۽ بيوسيءَ جي هڪجهڙائيءَ ڏسي، هن چيو ته: ”اتان جي عام خلقت جي ميس کي مٺل ڏسي مون کي اوپرائپ گهٽ ۽ پنهنجائپ وڌيڪ پئي محسوس ٿي.“ (صفحو 62)

بک بابت چوي ٿو: ”ڀريل پيٽ سان بکئي ماڻهوءَ وانگر نه ٿو سوچي سگهجي ۽ احساس يا جذبا به بک ۾ ڍؤ سان لاڳاپيل ٿيل تا.“ (صفحو 43)

سماج ۾ ڦرلٽ لاءِ لکي ٿو:

”جيستائين ماڻهو ڦرلٽ جي طبقاتي ڪردار کي نه سڃاڻندا، تيسين نڀو رهڻ مقدر آهي.“ (صفحو 55)

سفر دوران جڏهن فقير محمد هڪ حسين واديءَ ۾ پهتو ۽ اتي ماڻهن ۾ غربت ڏٺائين ته پنهنجي ساٿي غلام نبي مغل کي چيائين:

”ڊاول پيٽ وارن ماڻهن لاءِ اها ماٿري برابر هڪڙو عظيم نظام هو، پر بکايل ۽ غريب ماڻهن لاءِ هڪ گهرو پاتال هو، جهنم هو.“ (صفحو 50)

کٽمنڊوءَ جي هوٽل جي جواخاني ۾ جڏهن غلام نبي مغل کيس مشيني جوا ۾ ڀاڳ آزمائڻ جي صلاح ڏنو ڪري ته فقير محمد وراڻيس:

”رهيو ڀاڳ آزمائڻ جو سوال، سو اڳ ۾ ئي آزمايل هو، پنهنجو ڀاڳ پنهنجي ڏيهه واسين جي ڀاڳ کان ڌار ڪونهي، جيڪي صدين ۽ جڳن کان سوين قسمن جي چٽين ۾ آهن.“ (صفحو 30)

هماليا جبلن مٿان نظارو ڪندي پهاڙن جي هيبت بابت چوي ٿو:

”ماڻهوءَ کي جيڪو جڏهن به انسان چوائڻ جي لائق بڻيو ۽ پنهنجا داخلي ليڪا چٽڪتو ڪيائين ته سموري سگهه سان اڳتي وڌندو، تڏهن ممڪن آهي ته انهن

Gul Hayat Institute

هيڏن پربتن جي اها جيڪا هيبت هاڻي آهي، سا پوءِ نہ رهي، انسان جي نفسيات ۾ عظيم ڦيرين گهيرين جي گنجائش آهي." (صفحو 105)

فقير محمد اها ڳالهہ قبول نٿو ڪري تہ انسان جون پيڙائون اڻ کٽ آهن. ڪتاب ۾ لکي ٿو:

"انسان جي پيڙائن جي اڻ کٽ هئڻ ۾ پنهنجو ويساهہ ڪونهي. فطري صورتحال ڪان نڪري، سماجي ڏاڍاين خلاف هميشہ سينو تاڻي اُڀري آيل انسان پنهنجي خوشحال ماڳ ڏانهن هميشہ سفر جاري رکيو آهي. تنهن ڪري انسان عظيم آهي." (صفحو 88)

ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

"سچ پچ ڦرلٽ، ڏاڍ ۽ ننگ جي نيلامي جي آڌار تي بيٺل معاشرا پنهنجي وجود جو حق ختم ڪري چڪا آهن. ڪين هڪڙي ڪنهن اهڙي لت جي ضرورت آهي، جنهن سان ڀيري ٿي پون." (صفحو 83)

پنهنجو سفرنامو، فقير محمد هن جملي سان ختم ڪيو آهي:

"ويساهہ اٿم تہ منهنجو پنهنجو ڏيهہ ۽ منهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن جي اکين ۾ گهڻي ننڊ بدران گهڻي سجاڳي آهي ۽ اهي ڪيڏ لهندا." (صفحو 108)

فقير محمد سان منهنجي گهرائپ تڏهن وڌي جڏهن 'جاڳو' شروع ٿي ۽ هو ايڊيٽر ٿي آيو. سراج جي دڙڪن ۽ فقير محمد جي ڀڙين ۾ اچي 'جاڳو' لاءِ 'ڌيان طلب' لکڻ شروع ڪيم. ڳالهہ ڪبي سچي تہ عام طرح مان ڪالمن ۾ سڌو ڌڪ هڻڻ بدران رومال ۾ ويڙهي هڻڻ جو عادي آهيان پر جڏهن فقير محمد جا 'جاڳو' ۾ "هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏو ڀال مَ ڀار" قسم جا ايڊيٽوريل پڙهيم تہ مان بہ ٿورو کُليس ۽ حڪومت تي سڌا سنواٽا حملا ڪرڻ لڳس. جام صادق عليءَ جڏهن ناٽي ۽ پاٽيءَ وارا ناهہ ڪيا، جنهن ۾ سنڌ کي چاٽي واٽي ڪَسُ ڪٽائي وئي هئي تہ مون بہ تَوَ ۾ اچي پنهنجي قلم کي ڇڙواڳ ڇڏيو ۽ جام جي خلاف سخت ڪالم لکي ويٺس. مون ڪالم کي لکي فقير محمد کي ڏنو تہ ان ۾ مناسب نرمي آڻي ڇاپي، مونکي اهو بہ يقين هو تہ ڪا بہ سنڌي اخبار اهڙو سخت ڪالم ڇاپڻ جي همت نہ ڪندي. فقير محمد ڪالم وٺي رکي ڇڏيو. جڏهن ڪالم ڇپيو تہ پڙهي مون کي بہ پگهر وٺي ويا. هڪ لفظ جي ڦير گهير بہ ڪانہ ڪئي هئائين. مون سمجهيو تہ اجهو فقير محمد ۽ مون تي مصيبت ڪڙڪي. جام صادق ۾ وڏي مٺيا هئي. ڏوهہ دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ٿئي، جام صاحب ان جو جوابدار ڪنهن سنڌيءَ کي بڻائي، رجوع ڪندو هو. اخبارن ۾ مان بہ ڪنهن واردات جي خبر پڙهندو هيم تہ ڦڦڙ وٺي ويندي هيم تہ اجهو ٿو ان ڏوهہ ۾ گرفتار ٿيان. الله خير ڪيو. چوندا آهن تہ "نادر بہ نادر آهي تہ قادر بہ قادر آهي". پوءِ تہ منهنجو من بہ وڌيو ۽ مون جام ۽ مظفر شاهہ جي حڪومتن خلاف سخت طنز ڀريا ڪالم لکيا.

Gul Hayat Institute

چنبڙايو هو جڻ تہ سيني عورتن کي هن ذاتي طور پيجايو هجي. قاضي صاحبن سنڌي ماڻهوءَ جي نفسيات مان پوريءَ ريت فائدو ورتو، جنهن ڪري اخبار جي سرڪيوليشن چوٽ چڙهي وئي.

ان کان پوءِ 1970ع ۾ پيپلز پارٽيءَ 'هلال پاڪستان' خريد ڪري پهريائين حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان ڪڍڻ شروع ڪئي. اها هئي تہ پارٽيءَ جي اخبار پر سنت ان کي سراج جهڙو سجاڳ ۽ سمجهدار صحافي ايڊيٽر طور نصيب ٿيو. هن اخبار کي اهڙي سهٽي نموني هلايو جو لڳا ئي نہ پوندي هئي تہ ڪا پارٽيءَ جي اخبار آهي. جڏهن 'هلال پاڪستان' حيدرآباد کان ڪراچيءَ ڪڃي آئي هئي تہ ان فيصلي تي هر ڪنهن پي تعجب ڪيو. عام راءِ اها هئي تہ ڪراچيءَ مان اخبار نہ هلي سگهندي پر اها سراج جي سورهيائي هئي جنهن عقل، دوانديشيءَ ۽ قلم جي قوت کان ڪم ورتي نہ فقط اخبار کي پيرن تي بيهاريو پر ٻين اخبارن جي مقابلي ۾ مٿانهون مقام ڏياريائينس.

اڄ ڪلهہ تہ سنڌي صحافت تي بهار آيل آهي. ڳاڻاٽي کان ٻاهر سنڌي اخبارون ميدان ۾ اچي ويون آهن. جن مان گهٽيون هڪ فارمولا مطابق هلايو پيون وڃن. پهرين ۽ پوئين صفحي تي ڪنهن ائڪٽرياڻيءَ جو رنگين فوٽو، وچين صفحن ۾ بمبئي جي فلم نگريءَ جون خبرون ۽ هندستاني ائڪٽرائين جي عشقن جا دلچسپ پر هٿرادو قصا، ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي صفحن تي جذبات کي ڪتڪتاڙي ڏيارينڊڙ ڪجهہ ڪٽمٽرين خبرن جو ٻرڪو. جڏهن 'جاڳو' شروع ٿي تہ انهن اخبارن جي پيٽ ۾ بلڪل ٻسي پي لڳي. ڪنهن نہ پي ويساهيو تہ هيءَ اخبار گهٽو جٽاءُ ڪري سگهندي. ٻيو تہ 'جاڳو' جي پٺيان ڪو تونگر بہ ڪونہ هيو. ڪجهہ سجاڳ ۽ روشن خيال سنڌين ڦوڙيءَ سان قائم ڪيل هڪ اداري طرفان اخبار ڪڍي. تنهن ڪري يقين ئي نہ پي آيو تہ دولت جي آڪسيجن کان سواءِ 'جاڳو' جيئري رهي سگهندي. اشتهارن جو تہ سوال ئي ڪو نہ هيو. پر جُسُ هجي سراج ۽ فقير محمد کي جن فقط عقيدي ۽ ايمان ۽ قلم جي زور تي 'جاڳو' کي جلد ئي پهرين صف ۾ آڻي بيهاريو آهي. اصل ۾ 'جاڳو' کي ڪنيو فقير محمد جي ايڊيٽوريلن. فقير محمد جنهن ٻي ڊپائيءَ سان ايڊيٽوريل لکيا اهو ڏانءُ قدرت فقط کيس ئي بخشيو هيو. انهن ايڊيٽوريلن جي مقبوليت جي پرک اها هئي تہ سيني سنڌي اخبارن مان پهريائين هٿ 'جاڳو' ڏانهن وڌندو ۽ ان ۾ سڀ کان اول ايڊيٽوريل پڙهبو هو. اهي ايڊيٽوريل هلندڙ سياسي ۽ سماجي دور جي تاريخ آهن. پنهنجن انهن ايڊيٽوريلن سبب فقير محمد ناميارن سنڌي صحافين مولانا دين محمد وفائي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پير علي محمد راشدي، مولانا خير محمد نظاماڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ علي محمد ۽ سراج الحق جي صف ۾ مقام حاصل ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

فقير محمد جي عمر 42- ورهيه هئي. اها ڪا وڃڻ جي ويل ڪانه آهي. معلوم ٿئي ٿو ته جام صادق عليءَ آسمان تي به ڪو مانڊاڻ ۽ ممڻ مچايو آهي، جنهن ڪي بنجو ڏيڻ لاءِ قدرت کي فقير محمد جي فوري ضرورت پئجي وئي، پر قدرت کي اسان تي ڪهل ڪانه آئي، جن کي هر قدم تي ڪنهن نه ڪنهن جام سان واسطو پوي ٿو، جن سان فقط فقير محمد ئي مهاڏو اٽڪائي پي سگهيو. رب جا فيصلا نيارا هوندا آهن. "هيءَ ڪميٽي ڪير جا امير کي آڏو اچي" بيشڪ فقير محمد چولو مٽائي ويو، پر اسان جي دلين ۾ هميشه قائم رهندو. 'جاڳو' جي امانت به اسان جي حوالي ڪري ويو آهي. اللّه ڪندو ته 'جاڳو' کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳندو.

چوندا آهن ته انسان دنيا مان هٿين خالي ويندو آهي. فقير محمد هڪ غيرروايتي ماڻهو، هڪ باغي انسان هو. جنهن ان چواڻيءَ سان به بغاوت ڪئي ۽ پاڻ سان وڏو سرمايو ساڻ ڪنيو ويو. هو هڪ زال کان مڙس کڻي ويو، اولاد کان ابو کڻي ويو، غريب کان اميد کڻي ويو، صحافت کان قلم کڻي ويو، ۽ سڀ کان وڌ سنڌي قوم کان حوصلو ۽ ويڙهاند جي قوت کڻي ويو. مطلب ته اسان جو اله تله ميڙي ويو. هاڻي اسان پاڻ کي ڏاڍو غريب ٿا سمجهون، شاعر چواڻيءَ:

"ڪيا تيرا بگڙتا، جو نه مرتا ڪوئي دن اور."



Gul Hayat Institute

# فقير محمد لاشاري
# جديد سنڌ جو ترجمان

صادق ٻڙدي

سنڌي ادب ۾ فقير محمد لاشاري هڪ نرالو نالو آهي. لاشاري صاحب جن حالتن ۾ سنڌي ادب جي کيتر ۾ داخل ٿيو ان وقت سنڌ تي آمريت جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. پورو علائقو دهشت گردي جي لپيٽ ۾ ورتل هو. رياستي دهشت گردي چوٽ چڙهيل هئي. اهو 1978ع جو زمانو هو. پاڪستان ۽ سنڌ جي عوام جا بنيادي حق سلب ٿيل هئا. عوام جي تنظيم سازي تي بندش پيل هئي. خلق جي زبان- بندي جو وقت جي حڪمران ريڊيو ۽ ٽي وي ذريعي پڙهو گهمائي ڇڏيو هو. ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڦاسيون ڏيکاري رياستي طاقت جي وحشي قوت جو اگهاڙو مظاهرو ڪيو ويندو هو. عوام ۾ ڊپ ۽ ڀؤ جي نفسيات کي حاوي ڪرڻ لاءِ حڪمران، ميڊيا جي جديد ترين تشريحي حربن کي ڪم آڻي رهيا هئا. معاشري ۾ مڪمل جمود ۽ ماٺار طاري ٿيل هئي. عوام ۾ مذهبي جنون ۽ فرقيواريت کي پيدا ڪرڻ لاءِ حڪمران سرتوڙ ڪوشش ڪري رهيا هئا. هنن اها ٻه روايت عمل ۾ آندي هئي تہ هو جنهن کي چاهين ان کي عزت ڏين ۽ جنهن کي وڻين تہ بيعزتو ڪن ۽ سندس زندگي کي پنهنجي وحشي سگهہ جو ڪاچ بنائي ڇڏين. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ نذير عباسي سندن ان ڪڌي عمل جا اهڙا مثال هئا جن جي موت تي سڄي دنيا جي ضمير رت رنو هو. سماجي ترقي جون سڀ واٽون بند ڪيون ويون هيون. ملائيت کي حق ۽ صداقت جو هوڪو ڏيڻ لاءِ ٺيڪيدار بڻايو ويو هو. سنڌ پرڏيهي ٻگهڙن جي حوالي هئي. ڏيهي غدار ۽ مفادپرست غداري جي سرٽيفڪيٽ ۽ مفادپرستي کي وقت جو سچ قرار ڏئي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهيا هئا. سنڌ ۾ روشن خيالي جي قديم تاريخي ورثي کي متاثڙ جون تمام گهريون سازشون عمل ۾ آنديون پئي ويون. سنڌ جو ضمير بي وسي ۽ لاچاري جي اوڙاهہ ۾ سڙي رهيو هو. سنڌ جي وحدت داءُ تي لڳل هئي. فوجي طاقت جو وحشي ديو سنڌ جو

Gul Hayat Institute

ساھ منُ ۾ ڪيو ويٺو ھو. انھن حالتن ۾ فقير محمد لاشاري ڪراچي جي لالوکيت واري علائقي ۾ ھڪ ننڍڙي فليٽ ۾ پنھنجي چند دوستن سان ڪڏ حالتن تي جيڪي تبصرا ڪندو ھو اھي حالتن جي بدتري ۽ وحشيت جا جيئرا جاڳندا نوحا ھوندا ھئا. سندس حساس ذھن مان نڪرندڙ لفظ جيترا مٺڙا ۽ پرخلوص ھوندا ھئا اوترا درجي اندر گھراين تائين رسڻ جي سگھ رکندا ھئا. ڇاڪاڻ تہ اھي لفظ پنھنجي پٺيان وڏي علمي ۽ منطقي گھرائي رکندڙ ھوندا ھئا. سندس راءِ ھوندي ھئي تہ ملڪ جون اھي حالتون عالمي صورتحال جو اولڙو آھن. عالمي طاقتون پنھنجي علائقائي مفادن کي پوري ڪرڻ لاءِ اسان جي ملڪ جي عوام کان حڪمراني جو حق کسي پنھنجا ڇاڙتا مڙھي اسان کي تاريخ جي اونداھي دور ۾ رھڻ تي مجبور ڪري رھيون آھن. سندس راءِ جي پڇاڻي اھا ھوندي ھئي تہ آمريڪي جنگي جنون ايشيا ۽ ٽين دنيا ۾ آمرانا ۽ فوجي قوتن کي عوام مٿان مڙھي علائقي جي تاريخي ارتقا خلاف وڏي سازش تي عمل ڪري رھيو آھي.

انھن ڏينھن ۾ ھو 'فيئر ويل ٽو دي آرمس' ۽ 'اولڊ مين اينڊ سي' جھڙا ناول پڙھندو ھو. سندس چوڻ ھوندو ھو تہ "وحشي سگھ دليل جي سگھ اڳيان گوڏا کوڙيندي، اھو تاريخ جو فيصلو آھي." کابي ڌر جي انتھاپسند انقلابي نوجوانن سان سندس بحث مباحثا ڏاڍا دلچسپ ھوندا ھئا. سندس راءِ ۾ ڪنھن بہ قسم جي انتھاپسندي نہ ھوندي ھئي. بدعنواني ۽ ڏوھن جي لعنت ۾ سندس راءِ ڏاڍي مضبوط ھوندي ھئي. سياست ۾ اناپرستي، شخصيت پرستي ۽ گروھ بندي جي بيمارين تي کيس ڏاڍو ڏک ٿيندو ھو. سنڌ جي انقلابي گروپن جا اڳواڻ ۽ مرڪزي قيادت فقير محمد لاشاري جي ايڇ گروپ جي ھوندي ھئي بلڪ ڪي تہ سندس ٻالپڻ جا يار ھوندا ھئا پر پوءِ بہ سندن انھن خامين کي ھو بخشڻ وارو نہ ھوندو ھو. سنڌ جي جمھوري، قومپرست ۽ انقلابي ڌرين سان مول ۽ مٽ تي نہ بلڪ عملي طريقہءِ ڪار تي سندس زبردست اختلاف ھوندا ھئا. سندس اھو چوڻ ڏاڍو مشھور ٿيو ھو تہ "سياسي جماعتن کي عوام جي ٽريڊ يونين جو ڪردار ادا ڪرڻ گھرجي."

Gul Hayat Institute

سنڌ جي انقلابي ۽ قومپرست حلقن جو غيرمنظم ھجڻ ۽ سندن اندر فڪري ۽ نظرياتي گھرائي جي کوٽ جو کيس شديد احساس ھوندو ھو. ان ڪري انھن ڏينھن ۾ ھن سياسي ڪارڪنن جي تربيت لاءِ ٿيندڙ ليڪچرس جي سلسلي ۾ ڪيئي ذميواريون نڀايون. مارشل لا جو دؤر 80ع جو ڏھاڪو اھڙو وقت ھو جو ڇڱا ڀلا اشارن ڪناين ۾ ڳالھائڻ بہ وڏي جرئت سمجھندا ھئا. پر فقير محمد لاشاري سنڌ ميڊيڪل ڪاليج جھڙي باشعور اداري جي نوجوانن ۽ ان موٽ شاگردن جي سياسي ڪلاسن ۾ شريڪ ٿيندو ھو. سندس 'جدلياتي ۽ تاريخي ماديت' تي ڏنل ليڪچر نوجوانن ۽ سائنسي فڪر سان وابستگي جو وڏو مثال آھي. اھڙيءَ طرح

فڪري تحريڪ ۾ سندس عملي ڪردار جو دائرو پوري سنڌ هوندي هئي.

سنڌ جي ان سياسي صورتحال جو تجزيو ڪندي هو ان راءِ جو ٿي ويو هو تہ جيستائين ادبي محاذ تي سنجيدگي سان ۽ منظم طريقي سان ڪم نہ ٿيندو تيستائين سياسي محاذ تي پيدا ٿيل بدنظمي ۽ شخصيت پرستي جي ڪوڙه کي ختم نہ ڪري سگهبو. سنڌ جي انقلابي تحريڪ ۾ تن ڏينهن ۾ طبقاتي ۽ قومي جدوجهد جي ڳانڍاپي ۽ علحده هئڻ جي موضوع تي وڏا بحث ٿيندا هئا. سنڌ جي قومي تحريڪ نظرياتي ۽ فڪري طور تي وڏي ڏقيڙ جو شڪار هئي. جديد قومي تصور جو بنياد سماجي آزادي تي رکڻ واري راه کان هٽي سنڌ جون مختلف جماعتون پنهنجي پنهنجي طبقاتي ڪردار کي قومي تحريڪ جي اڳواڻي لاءِ ناگزير قرار ڏئي رهيون هيون. اهڙيءَ طرح اجتماعي قومي پليٽ فارم جو تصور تن ڏينهن ۾ ممڪن ئي ڪونہ هو. تن ڏينهن ۾ فقير محمد لاشاري ان تصور لاءِ سوچيندڙ هو ۽ ان جي عملي راه تخليق ڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳو هو. فوري طور تي سڌاري جي اميد نہ ڏسي فقير محمد سنڌي ادبي سنگت ۾ سنجيدگي سان دلچسپي وٺڻ لڳو. سنڌي ادبي سنگت جو وجود سڄي سنڌ ۾ صرف علامتي هو. ڪراچي شاخ جون ڪارروايون هلندڙ هيون، سنڌ ۾ ٻئي هنڌ ٻہ ڪي ٻہ ٽي برانچون ڪم ڪري رهيون هيون پر انهن جو هڪ ٻئي ڏانهن رويو هڪ تنظيم جي يونٽن وارو نہ پر ’قبيلن جي سردارن‘ وارو هوندو هو. مرڪزي سيڪريٽري جنرل رشيد ڀٽي سکر ۾ سنگت جي ماضي جي رڪارڊ کي سانڍيو ويٺو هو. مرڪز جو ڪو عملي ڪردار نہ هو. ڪراچي سنگت کي سرگرم ڪرڻ ۾ فقير محمد لاشاري اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس ئي ڪوششن سان ڪراچي سنگت جي پهلڪاري تي سنگت جو مرڪزي ڍانچو سرگرم ٿيو. ڪراچي سنگت جي ڪاروباري ڪميٽي جي ميمبر تاج بلوچ کي سنگت جو رڪارڊ حوالي ڪيو ويو. آخر تمام جلد سڄي سنڌ جي اديبن گڏجي خيرپور ۾ سنگت جو مرڪزي اجلاس ڪهرائي مرڪزي چونڊون ڪرايون، جنهن ۾ تاج جويو سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. سنگت جي سنڌ ۾ ان علامتي وجود کي زنده ۽ متحرڪ پليٽ فارم بنائڻ ۾ ڪراچي سنگت جي ان يادگار ڪردار جو اصلي هيرو فقير محمد لاشاري هو. سندس خيال هو تہ سنڌ جا اديب جڏهن سياسي وابستگين کي پوئتي رکي هڪڙو ادبي قومي پليٽ فارم جوڙيندا تہ ان جا اثر سنڌ ۾ ڌڙي بندي جو شڪار سياسي جماعتن تي بہ پوندا. اهڙيءَ طرح اهي هڪڙي قومي سياسي پليٽ فارم تي گڏ ٿي سگهندا، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ادبي سنگت ان منفي سياسي صورتحال تي هڪ اخلاقي ۽ فڪري قوت جي طور تي اثرانداز ٿيندي ۽ ان ’سياسي ڇنڊا پٽ‘ جو خاتمو ايندو. جدوجهد هڪ ٻئي جي خلاف نہ پر ظلم جي خلاف ٿيندي ۽ سنڌ ۾ سياسي ۽ ادبي تحريڪون گڏجي جاگيردارانہ سماجي ڍانچي خلاف وڏو سياسي ردعمل

Gul Hayat Institute

تخليق ڪري سگھنديون. اهڙيءَ طرح جديد سنڌ جي قومي تعمير ۾ سنڌي ادبي سنگت جي وجود ڪي سياسي محاذ تي هڪ مثالي اداري طور پيش ڪيو پئي ويو. سنگت جي ان جمهوري عمل سنڌ جي انقلابي ۽ قومپرست تنظيمن جي مختصر ڍانچي تي بہ اثر ڇڏيا ۽ انهن ۾ جمهوري عمل تيز ٿيو.

ان تنظيمي ڏڙابندي ۽ سياسي پيچ ۽ باهہ جي خلاف جدوجهد ڪرڻ سان گڏوگڏ فقير محمد لاشاري سنڌي ادب ۾ بہ لازوال ڪارناما ڪيا. سنڌ ۾ علامتي ڪهاڻي کي جديد فڪري بنياد ۽ فلاسافيڪل رنگ سان تخليق ڪري سنڌ ۾ علامتي ادب لاءِ هن پيڙهہ جو پٿر رکي ڇڏيو هو. 'تاريخ جو فرزند' ۽ 'تنگيل وقت' سندس وڏو تخليقي ڪارنامو آهن. جيڪو هن سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙي وقت ۾ ڪري ڏيکاريو جنهن وقت سنڌي ڪهاڻي موضوع ۽ فارميٽ جي لحاظ کان روايتي بتيل هئي. وڏيري ۽ هاري جي ظلمن جو ذڪر ٿيندو. ان کان علاوه هن مختلف مضمون ۽ ڪهاڻيون لکي سنڌي ادب ۾ پنهنجي نجي پڇي منفرد مقام کي جوڙي ورتو هو. جيڪو سندس جدوجهد ۽ فڪري پختگي جو ثمر هو. سنڌي ادب ۾ تمام گهڻ اهڙا اديب رهيا آهن جيڪي ادبي فڪري رجحانن جي ڇنڊڇاڻ کي ضروري سمجھندا هجن، نہ تہ اڪثريت جي روايت اها رهي آهي تہ ڪين بس ڪهاڻي، شعر، افسانو ۽ مضمون لکتو آهي. ان جو اڳ پٺ ڏسڻ جا هو قائل نہ هوندا آهن پر ڪي اديب جيڪي تخليق کي پنهنجي دل ۽ دماغ جي گهراين مان اوتي پوتي تخليق ڪندا آهن انهن جو اهو ادبي شهپارو سندن ذات ۽ فڪر جو اعليٰ مظهر هوندو آهي. سندن اها تخليق سندن بصيرت جي گواهي ۽ سندن شعور جي علامت هوندي آهي. فقير محمد لاشاري انهن ٿورڙن اديبن مان هڪ هو. سندس تخليقون شعوري ڪوشش هيون نہ ڪي حادثاتي، نہ وري الهامي. فقير جي مضمون توڙي ڪهاڻي يا ايڊيٽوريل ۾ سماجي ۽ شعوري تضادن جي معقول ڇنڊڇاڻ ۽ حل ڏسيل هوندا هئا. سنڌي ادب ۾ فڪري ڇنڊڇاڻ سندس نظر ۾ سڀ کان وڌيڪ ڌيان ڇڪائيندڙ هئي. ڇاڪاڻ تہ ادب تي مستقبل جي سماجي ڍانچي جو فڪري تصور اياري ان لاءِ جدوجهد جي راهہ ڏسي ٿو. موجوده سماجي ڍانچي جي ظالماڻي ڪردار ۽ ان اڏوهي ڪاڌل وجود تي وار ڪرڻ سندس نظر ۾ ادبي جانبداري جو پهريون فرض هو. موجوده سماجي نظام ۽ ان جي پيدا ڪيل شعوري ۽ نفسياتي وايومنڊل جي ڪري مستقبل ۾ چڱائي جي اميد ۽ ڀروسي تان حساس فردن جو ويساهہ کڄي ٿو وڃي. جنهن جي موٽ ۾ هو انتهائي مايوسي وارو ردعمل ظاهر ڪن ٿا.

سنڌ ۾ اهڙو ئي ردعمل جديديت جي نالي ۾ ادبي محاذ تي ابريو هو. جنهن کي وجوديت پرستي جي مغربي فلسفي گهتي هٿي ڏني هئي. جنهن ۾ سماج جي مايوسي ۽ منفي سوچ واري پهلو کي تمام گهڻو اياري پنهنجي فن ۽ ذات سان

Gul Hayat Institute

ماڻڪ ڏاڍي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو هو. سنڌ جي ادبي لڏي تي سندس اثر پوڻ لڳا هئا جنهن جي منفي اثرن کان بچڻ لاءِ فقير هڪ نوجوان اديب جي حيثيت ۾ جواب ڏنو. ماڻڪ ۽ سندس ساٿي هڪ بااثر ادبي حلقي جي حيثيت ۾ هئا. ماڻڪ 'پاتال ۾ بغاوت' ۽ اهڙن ٻين ڪتابن ۾ جيڪي ڏاهپ جا جوهر ڏيکاريا هئا انهن مڙني ڳالهين جو مجموعي اثر اهو پئي نڪتو ته ڪين جديد سنڌي ادب جو نمائنده فڪر ۽ حلقو تصور پيش ڪيو ويو. پاتال ۾ بغاوت ۽ ماڻڪ جي ٻين ڪتابن تي فقير جو رايو اهو هوندو هو ته اهي اسان جي سماج جي اونداهي ۽ تاريڪ رخ جون چٽيون تصويرون آهن، انهن جي حقيقتن کان انڪار ڪونهي پر اسان جي معاشري جو مثبت پهلو به آهي، چڱائي ۽ اميد جا ڪرڻا به آهن. انهن جي موجوده حالت ڪٽي ڪيتري به ڪمزور هجي پر ان جي روشن ۽ فتحمند مستقبل کان مايوس نه ٿيڻ گهرجي. انسان جي آئندي مان مايوس نه ٿيڻ گهرجي. معاشري جي ان تاريڪ رخ جي خلاف ٿيندڙ روشن ۽ فتحمند مستقبل لاءِ جدوجهد پوءِ اها زيوس جي خلاف پريميٿس جي جدوجهد هجي يا جنرل ضياءَ جي خلاف نذير عباسي جي جدوجهد هجي ان کي مضبوط ڪرڻ، وس آهر ان ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ وقت اچڻ تي ڌر ٿيڻ جي فرض کان ان ڪري نه ڪيٻائجي جو اها جدوجهد ڪمزور ۽ شڪست کائڻ واري آهي. هو پريميٿس جي مظلوميت ڏسي، بيوسي ڏسي زيوس جي طاقت جي ڌمڪاءُ ۾ اچي مايوسي جو اشتهار نه بڻجڻ جي صلاح ڏيندڙ هو.

جاگيردارانه معاشري جي گرفت جي مضبوطي ۽ سرمائيدارانه معاشري جي پيدا ڪيل جادوئي وايومنڊل ۾ عام ماڻهو ڏاڍو بيوس ۽ ڪمزور نظر اچڻ لڳندو آهي. عام طور تي اهو ويس ڍڪيو ويندو آهي ته اهو ماحول هميشه ايئن رهندو؛ جي تبديلي ايندي به ته اُها اِها هوندي ته جاگيردار جي جاءِ تي سندس پٽ ۽ سرمائيدار جي جاءِ تي سندس اولاد ايندو. ان ويساه جي سوچ جي تاڃي پيٽي تي معاشري جون تاريڪ ۽ ڦورو قوتون پنهنجو راڄ برقرار رکنديون آيون آهن ۽ برقرار رکڻ جا جتن ڪنديون رهن ٿيون. ان ڳاله جي عين برخلاف فقير محمد لاشاري عام ماڻهو کي هنومان ديوتا تصور ڪري ٿو- ۽ سندس چوڻ آهي ته هنومان کي جڏهن برهمڻن سندس قوت ۽ صلاحيت کان آگاهه ڪيو ته پوءِ سمنڊ جهاڳڻ ۽ پار پوڻ اک ٻوٽ جو سندس لاءِ تيل بڻجي ويو هو. وڏيڪ اهو مثال چٽو ڪندي سندس چوڻ هو ته عوام کي جڏهن شعور ايندو ته پوءِ اهي جبرپرست ڦورو طبقن جا تڪساٽ سندس طاقت آڏو ڪا حيثيت نه رکندا.

اهڙيءَ طرح فقير سنڌي ادب ۾ داخليت پرستي خلاف جدوجهد جو هڪ وڏو آواز بڻجي ويو هو. پنهنجي دليل جي حق ۾ نڪاراگوئا، ويٽنام، چين ۽ روس جي آڪٽوبر انقلاب جا مثال ڏيندو هو. سندس تاريخي قوتن جي فتح ۾ ايترو پروسو

Gul Hayat Institute

هو جيترو صبح جي سج ايرڻ ۾ هوندو آهي. سماجي ارتقا ۽ شعور جي ارتقا جي حقيقت کي نظرانداز ڪرڻ تي هو وجوديت پرست سوچ تي تنقيد ڪندو هو. اهڙيءَ طرح فقير محمد لاشاري سنڌي ادب کي مايوسي جي تمام وڏي حملي کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته سندس فڪر تروتازه ۽ سچ جي روشني سان منور ڪندڙ هو. ان جي فڪر جو سرچشمو عوام ۽ ان جي جدوجهد هئي. معاشري جي روشن مستقبل لاءِ جاکوڙيندڙ قوتن جڏهن 1983ع ۾ ٻوهه جي ماندان کي ڊاهڻ لاءِ وار ڪيو ته ڦورو طبقن جي جوڙيل ان رياستي ڏاڍ ۽ جبر جي ڍانچي ۾ ڏار پئجي ويا هئا. عوام جي جدوجهد جي ان هڪ لهر سنڌي ادب ۾ سماجي حقيقت پسندي خلاف آواز اٿاريندڙ دانشورن جو حقو پاڻي بند ڪري ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح فقير جي سوچ کي چند سالن اندر عوام جي جدوجهد سچو ثابت ڪري ڇڏيو هو. مايوسي جي پرچار ڪندڙن کي عوام ان هنڌ تي اچي بيهاريو هو ته هو اهو فيصلو ڪن ته اهي ڪنهن جي مستقبل کان مايوس آهن؟ عوام جي روشن مستقبل کان يا ڦورو قوتن جي مستقبل کان! معاشري ۾ هلندڙ چڱائي ۽ برائي جي جنگ ۾ اڻ ڌريو رهڻ جي قائل دانشورن کي 1983ع جي عوامي جدوجهد ڪنهن هڪ جي ڌر ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. يا ته هو ٻي هٿيار پرامن غريب ۽ پيرين اگهاڙي عوام جي حمايت ڪن، جيڪا ماڻ سان جيئڻ جو حق گهري رهي هئي يا وري بارودي هٿياربند ۽ عياش حڪمران انساني گروهه سان ٻٽ ٿين، جنهن ان پرامن انساني گروهه جي سينن کي گولين مان پروڻ ڪري ڇڏيو هو.

اهڙيءَ طرح فڪري بحث جي سماجي حقيقت سان ٽڪراءُ جي صورت ۾ سنڌن اهو تصوراتي عمل ڀڃي ڀور ڀور ٿي پيو هو. جيڪو هنن انسان جي داخلي احساسن ۽ سوچن جي بنياد تي تعمير ڪيو هو. معاشري جي مادي حقيقتن پاڻ کي مڃرائڻ ۾ ڪاميابي ماڻي ورتي هئي. اهڙيءَ طرح فقير ۽ سنڌي ادب جو سماجي حقيقت پسندي جي فڪر جو حامي لڏو پنهنجي فڪري جاکوڙ ۽ تشريحي انداز اختيار نه ڪري ها ته عوامي ردعمل جي لهر ۾ حڪمران گروهه خلاف نفرت ۽ وار ڪرڻ ۾ اها شدت نه هجي ها جيڪا 1983ع جي عوامي جدوجهد ۾ ظاهر ٿي پئي هئي. سالن جي ادبي تحريڪ ان سياسي شعور کي پختو ڪيو هو، پر جي ان جدوجهد کان اڳ سنڌي ادب تي مايوسي جو وجوديت پرستي جي شڪل ۾ ٿيل وار ڪامياب وڃي ها ته سنڌي ادب ڊائجسٽ ادب، پورنو گرافي ۽ جنسي موضوع جي ور چڙهي وڃي ها. جنهن جي ڪري هو اها تپش پيدا ڪرڻ جو سبب نه بڻجي ها جنهن 83ع جي جمهوري تحريڪ جي پنيٺ کي ٻاريو هو. عوام جي قومي ۽ سماجي حقن لاءِ ٿيندڙ جاکوڙ جيڪو شعور ۽ جيڪا سمجهه پيدا ڪئي هئي، ان ئي 83ع جي جمهوري تحريڪ جي اندر عوام جي مجاهدانه ۽ پاڻ ارپڻ واري

Gul Hayat Institute

قرباني جي جذبي کي عروج تي پهچائي ڇڏيو هو. نه ته ڊائجسٽ ادب، پورنوگرافي ۽ رومانوي ادب سنڌ جي سرگرم باشعور وچين طبقي جي عوام سان جڙيل ۽ قرباني جي جذبي سان ٺمٺار حصي کي سهل پسنديءَ، خودپرستي ۽ بزدلي جو شڪار بڻائي ڇڏي ها، جنهن سان عوامي جدوجهد جي ڳاڏي پنهنجي انجڻ کان محروم ٿي وڃي ها. عوام پنهنجي جدوجهد جي محرڪ کان ڪٽجي وڃي ها. اهڙيءَ طرح تهذيبي ۽ ثقافتي سطح تي اهو ادب معاشرتي سچاين کان ڪٽيل هئڻ ڪري سنڌ جي تهذيبي ورثي تي انتهائي خراب اثر ڇڏي ها.

فقير محمد لاشاري،جي ذات جو ٽيون پهلو سندس صحافي هئڻ هو. سندس صحافتي زندگي جي ابتدا هلال پاڪستان اخبار کان ٿي هئي. هلال پاڪستان جي ايڊيٽر سردار احمد قريشي فقير جي شخصيت جي صحيح پرک ڪندي هلال ميگزين جي ذميواري ڪيس ڏني هئي. ميگزين جي مواد سنڌ جي نوجوان ۽ باشعور ماڻهن کي مقناطيس وانگر پاڻ ڏي ڇڪي ورتو هو. هلال ميگزين ۾ عالمي ۽ ملڪي صورتحال تي جيڪو چرڪائيندڙ مواد ڇپيو هو ان ۾ اڌ کان وڌيڪ فقير جي قلم جو شهد هوندو هو. هلال ميگزين هلال پاڪستان اخبار جي سرڪيوليشن وڌائڻ ۾ وڏو اثر ڏيکاريو هو. سندس ترقي پسند ۽ سامراج دشمن سوچ سنڌ جي باشعور ماڻهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو. صحافتي مورچي تان فقير پنهنجي فڪري وابستگي کي کليو کُلايو پيش ڪيو. ميگزين جي ذريعي سنڌ جي قومپرست ۽ انقلابي حلقن سان فقير جو سڌو سنئون رابطو ٿي ويو هو. هر هفتي فقير پنهنجي سوچ ذريعي سندن هٿن ۾ پهچي ويندو هو. اهڙيءَ طرح پڙهندڙ سندس فڪر جي خوشبوءَ سان واسجي ويندا هئا ۽ وري ٻئي هفتي لاءِ شدت سان انتظار ڪندا هئا. بقول سردار احمد قريشي جي ته ميگزين جي ڪاميابي اخبار جي انتظاميا کي نه آئڙي، جنرل مجيب الرحمان جي خواهش تي مئگزين بند ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جنگجو ۽ ڦورو طبقن سنڌ جي سپوت کان سندس ويڙهه جو هٿيار ڦري ورتو هو. ان کان پوءِ به سندس جاکوڙ ۽ تڙپ جو دنگ ڪونه ٿيو هو. سنڌي ادبي سنگت ۽ ثقافتي تنظيمن فقير کي هٿو هٿ کڻي ورتو هو. هو هزارين ماڻهن جي پرجوش ميڙن جو اهم مقرر بڻجي ويو هو. سندس موتي جهڙن خوبصورت ۽ تلوار جهڙن تيز لفظن کي ٻڌندڙ تاڙين جي گجگوڙ سان موٽ ڏيڻ لڳا هئا.

ذاتي طور تي هو ان راءِ تي پهچي ويو هو ته سرڪاري ادارن تي ڀاڙڻ جي بجاءِ پنهنجي سطح تي عوام سان لاڳيتي رابطي جو پليٽ فارم جوڙڻ گهرجي. سندس دلبهار شخصيت جي هڪ جهلڪ ان مهل به ڏسڻ ۾ ايندي هئي جو ان ئي مقصد کي هو ڏاين منٽن ۾ سهڻن لفظن ۾ بيان ڪندي چوندو هو ته ”آپٽي گهوٽ ته نشا ٿيوئي.“ ان کان پوءِ فقير کي هلال پاڪستان ڇڏي عوامي آواز ۾ اچڻ جو ڏکيو ۽ خطرن ڀريو فيصلو ڪرڻو پيو هو. عوامي آواز ڪراچي ۾ اچڻ جي ٻئي

Gul Hayat Institute

ڏينهن اخبار جي آفيس ۾ امداد اوڍي، جبار خٽڪ ۽ ناصرداد کي چيو هئائين تہ "عوامي آواز ۾ اچڻ جي فيصلي جو سٺو نتيجو نڪري يا بُرو ان جو صادق ذميوار آهي. ان جي زور ڀرڻ تي مون اهو فيصلو ڪيو آهي." اهڙيءَ طرح وقت ثابت ڪيو تہ عوامي آواز ڪراچي جي ذريعي فقير سنڌ، جمهوريت ۽ انساني آزادين لاءِ قلم جي جنگ آزادي سان وڙهي. پر پوءِ بہ آزاد منش ماڻهو هو، اخبار جي پاليسي ۽ سرڪار سڳوري جي وچ ۾ ٿيندڙ اڻ بڻت ۾ هو پنهنجو انداز اختيار ڪرڻ وارو ماڻهو هو. ان ڪري سندس، من جو آزاد پکي ان صورتحال ۾ بہ پاڻ کي پڃري ۾ قيد سمجهڻ لڳو هو. پر عوامي آواز جي پليٽ فارم تان هو سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن ۾ پنهنجي مڃتا کي عروج تي پهچائي ويو هو. اهڙيءَ طرح هلال چڱي عوامي آواز ۾ سندس اچڻ جو فيصلو فائدي ۾ ويو هو. فقير محمد لاشاري هڪ اسڪول جي ماستر مان ترقي ڪري اخبار جو ايڊيٽر، سنڌ جو مڃيل چوٽيءَ جو دانشور ۽ سنڌ دوست سياسي ترين جي سياسي وڪيل جو روپ اختيار ڪري چڪو هو. سنڌ جا ماڻهو سندس راءِ کي پنهنجي راءِ سمجهڻ لڳا هئا. ان اعتماد جي بنياد تي هن پنهنجي آزاد اخبار 'جاڳو' ڪراچي جاري ڪري "اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي" تي عمل ڪري ڏيکاريو. اهڙيءَ طرح فقير سنڌ جي مخلوق ۾ بہ حب الوطني، جمهوريت ۽ انساني آزادي جي علامت بڻيل رهيو. جام صادق علي جي ڪاري دور ۾، جنهن ۾ شرافت، اخلاقيات ۽ انسانيت جا جنازا ڪڍيا ويا هئا، ڪيس وڏي ذهني پيڙا مان گذرڻو پيو هو. سندس زندگي جي جدوجهد جي ثمر روزاني جاڳو جي بند ٿيڻ جو خيال ڪيس جهوري ڇڏيندو هو. ان مشڪل صورتحال ۾ بہ هن تخليقڪار حڪمرانن جي خرمستين جي اڏايل ڌوڙ ۾ بہ رستو تلاش ڪري ورتو هو. اهو سندس حڪمت عملي جو ڪمال هو جو ڳاريون ڏيندڙ حڪمران سندس اخبار کي بنان ڏيتي ليتي ۽ جهڪڻ جي اشتهار ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي ويا هئا.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي قومي ۽ عوامي حلقن ۾ فقير جي ساک هڪ اهڙي ڪمانڊو واري پيدا ٿي چڪي هئي جنهن کي دشمن جي وچ ۾ ڪارروائي لاءِ موڪلي مٿس ڀروسو ڪيو ويندو آهي تہ هو پنهنجي مشن کي هر ڳالهہ تي مٿيرو رکندو يا ان راهہ ۾ جان ڏئي ڇڏيندو. دشمن سان سندس سمجهوتي جو ڪو بہ امڪان نہ رکيو ويندو آهي. صحافت ۾ فقير نہ رڳو عقلمندي، بهادري ڏيکاري پر هن سنڌي صحافت ۾ نون لاڙن کي پڻ متي ڪيو. خاص طور تي سنڌي اخبارن ۾ ڏهاڪن کان لکجندڙ ايڊيٽوريل جي فني ڍانچي ۾ پڻ تبديلي آڻي ڇڏي هئي. سندس ايڊيٽوريل هم گيريت جي ڪري مضمون جي صورت ۾ نظر ايندا هئا. سندس ايڊيٽوريل روزانو سياسي ڪالم ڀائنبو هو. خشڪ ۽ محدود موضوع تي سنڌي اخبارن ۾ لکجندڙ ايڊيٽوريل کي هن نواڻ ڏئي ان ۾ احساسن، جذبن ۽

Gul Hayat Institute

معاشرتي سچائي جو موضوع شامل ڪري ان کي هڪ ادبي تخليق جو روپ ڏئي
چڏيو هو. سنڌي صحافت ۾ اردو لفظن جي ميلاپ کي روڪڻ ۾ هو گهڻي حد
تائين ڪامياب ويو هو. اها بہ حقيقت آهي تہ سنڌي صحافت ۾ تز سنڌي لفظن جي
استعمال کي عام ڪرڻ ۽ انهن جي رواج وجهڻ جو سهرو فقير محمد لاشاري جي
سر تي سونهي ٿو.

شخصي تاثر جي حوالي سان فقير سان ملاقات ڪان پوءِ ماڻهو کي ميٺ ۽
محبت، حسن ۽ جماليات جو واس ملندو هو. سندس محبت ۾ موضوع ذاتي يا
شخصي نہ بلڪ شخصن جي هاڃيڪار اجتماعي ڪارڪردگي هوندو هو. يا
وري ڪنهن شخصيت جي اهڙي مثبت شخصي ڪارڪردگي هوندي هئي جيڪا
وڏو معاشرتي اثر رکندڙ هوندي هئي. باقي ذاتي حوالي سان ڪنهن سان سندس
نفرت نہ هوندي هئي. ڪنهن بہ شخص کي پنهنجي ترقي ۾ رڪاوٽ نہ سمجهندو
هو. بلڪ اهو سندس ويساهہ هوندو هو تہ باصلاحيت ۽ سچو انسان پنهنجي محنت
سان منزل ماڻي سگهي ٿو. دولت ڪمائڻ کي هو منزل نہ سمجهندو هو. بلڪ
عوام جي دل ۾ قدر ۽ ساک پيدا ڪرڻ سندس نظر ۾ تمام وڏي دولت هئي.
اهڙيءَ طرح فقير سنڌ جي سپوت، سچي عوامي قلمڪار، مفڪر ۽ انسان دوست
جي صورت ۾ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ پاڻ کي امر
ڪري ويو آهي.

Gul Hayat Institute

# فقير محمد لاشاري
# هڪ اَملهه ماڻڪ

سليم چنا

دنيا دم گذر آهي. انسان اڄ هت آهي تہ صبحاڻي ڪو نہ هوندو. ٿورن ڏينهن جي حياتي لاءِ انسان هت ڇا ڇا نٿو ڪري! پنهنجي حياتيءَ جي هڪ هڪ منٽ کي آرامده بنائڻ لاءِ ڇا نٿو سوچي ۽ ڪري. پوءِ جڏهن موت جو وقت اچي ٿو وڃي تہ سڀني شين کي ڇڏي، کيس خالي هٿين هي جهان ڇڏڻو ٿو پوي. آخري سفر ۾ کيس چار پنج وال ڪپڙو ڪفن طور ۽ سندس آرام لاءِ ٻہ اڍائي وال هم چورس زمين کيس نصيب ٿئي ٿي. آخرت لاءِ اُهو ڪجھ کڻي وڃي ٿو جيڪو هِن دنيا ۾ هو ڪري ٿو. هاءِ حياتي!

دنيا ۾ انسان ذات جي پيدا ٿيڻ کان وٺي اهو موت ۽ حياتي جو سلسلو جاري آهي. روزانو دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو مرن ٿا ۽ ڪيترائي نوان ٻار پيدا ٿيندا رهن ٿا. آبادي جو اِهو سلسلو جاري آهي ۽ ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين هي جهان قائم آهي.

موت برحق آهي ۽ ان کان ڪنهن کي انڪار ڪونهي. مان سمجهان ٿو تہ موت بہ اهڙين حقيقتن منجهان هڪ آهي جيڪي بلڪل غيرمتضاد آهن. ان حقيقت جي پيش نظر، موت جي فلسفي ۾ ان جي وڏي ۾ وڏي خاص ڳالهہ اِها آهي تہ ڪنهن بہ بني بشر کي ان جي وقت جي معلومات کان آگاهي بنهہ ڪونہ آهي. مان سمجهان ٿو تہ اِها هڪ سٺي ڳالهہ آهي نہ تہ جيڪر ماڻهوءَ کي هڪ ڏينهن ئي اڳ خبر پئجي وڃي تہ هو ٻي ڏينهن تي مرندو تہ سندس ان آخري ڏينهن جو هڪ هڪ سيڪنڊ کيس نسوري عذاب وانگر لڳي! ڦاسي ڏنل قيدي جي حياتي ان جو واضح مثال آهي جو سندس مرڻ جو وقت مقرر ڪري کيس ٻڌايو ويندو آهي تہ هو فلاڻي ڏينهن تي فلاڻي وقت مرندو. پوءِ تہ بس سندس زندگيءَ جون اُهي آخري گهڙيون جنسي عذاب بڻجيو پون ۽ اُها هڪ هڪ گهڙي ڪهڙي مشڪلات ۽ پيڙا ۾ هو گذاري ٿو سا تہ ڪو ڦاسي ڪاڏل قيدي ئي ٻڌائي سگهي ٿو. ان جي

Gul Hayat Institute

برعڪس جيڪڏهن ان سزا يافته قيدي کي اوچتو اڳ ۾ ٻڌائڻ کان سواءِ ڦاسي ڏني وڃي ته جيڪر هو ان سڄي عذاب کان بچي پوي.

موت جي ان يقيني ۽ اوچتي اچڻ واري ڪيفيت جو ڀرپور احساس مون کي ان وقت ٿيو هو جڏهن 17- 18 جولاءِ جي رات جو اسان کي فقير محمد لاشاريءَ جي فوت ٿيڻ جو اطلاع مليو هو. يقين ڪرڻ جي ڳالهه ٻنهه ڪو نه هئي. هو ته پنهنجي اخبار 'جاڳو' لاءِ لانگ مارچ جون خبرون وٺڻ ويو هو، هو ته پنهنجن پيارن دوستن جي ساٿ ۾ عوامي جدوجهد جي هڪ جهلڪ پسڻ ويو هو، هو ته پنهنجن دوستن جي ساٿ ۾ ٿهڪ ڏيڻ ۽ خوشيون ماڻڻ ويو هو. سندس وَنيءَ ۽ پٽ سارنگ جڏهن روئندي اِها خبر ٻڌائي هئي ته اعتبار بلڪل ڪو نه آيو هو. ان وقت مون تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويئي هئي ۽ ٻي سٽ ٿي ڪرسي تي ڀئجي ويو هوس ۽ اکين مان ڳوڙها طاري ٿي ويا هئا. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ دل ۾ ٿوري اُميد جاڳي ته متان حادثي ۾ بچي ويو هجي ۽ اِها خبر ڪوڙي هجي. ان وقت 'جاڳو' جي آفيس ۾ فون ڪري اشوڪ ڪنگواڻي سان ڳالهايو هئم، جنهن ان خبر جي تصديق ڪئي هئي ۽ پنجاب جي ڪجر خان شهر ڀرسان ٿيل حادثي جا وڌيڪ تفصيل ٻڌايا هئا. اسان سڀني سان ته سچ پچ ويل ٿي ويو هو. اسان جو هڪ نهايت ئي پيارو ياءُ ۽ دوست اسان کان ايئن ئي ٻنا موڪلائي آخرت جي سفر تي روانو ٿي چڪو هو. انا لله وانا اليه راجعون.

فقير محمد جي شخصيت تمام گهڻ پاسائين هئي. ان ڪري سندس زندگي تي ۽ سندس شخصيت جي مختلف پهلوئن تي لکڻ ڪو سولو ڪم نه آهي. اسان جي نئين ٽهي وارن لکندڙن ۾ هو تمام ٿوري عرصي ۾ وڏي ويجهي پنهنجي لاءِ هڪ خاص ۽ مٿانهون مقام حاصل ڪري چڪو هو. سندس ان حيرت انگيز شعوري ترقي ۾ سندس محنت، جدوجهد، پڙهڻ ۽ مشاهدي جي قوت نمايان هئا. فوت ٿيڻ وقت سندس عمر صرف 42 سال هئي پر سندس ڳالهيون اهڙيون سياڻيون، پختي سوچ ڀريون هونديون هيون جو معلوم ٿيندو هو ته ڪو سٺ سالن جو پوڙهو پنهنجي سڄي زندگي جي آزمودي ۽ تجربي جي آڌار تي ڳالهائي به رهيو آهي ۽ لکي به رهيو آهي. هن پنهنجي اخبار ذريعي سنڌ ۾ هزارين بلڪ لکين مداح پيدا ڪري ڇڏيا هئا ۽ انهن مان تمام وڏي تعداد کيس پنهنجي اکين سان ڏٺو به ڪونه هو. سندس تعلق 'جاڳو' جي ايڊيٽوريل ذريعي انهن ماڻهن سان برقرار رهندو پئي آيو هو ۽ اهو سلسلو سندس مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهندو آيو هو. سندس ڳوٺ ۾ تڏي تي اسان جي اهڙن ڪافي ماڻهن سان ملاقات ٿي جن کيس ڪڏهن ڏٺو ڪونه هو پر پوءِ به عقيدت پيش ڪرڻ خاطر سندس تڏي تي عذرخواهي لاءِ حاضر ٿيا هئا.

فقير هڪ باڪمال شخصيت جو مالڪ هو. هو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار،

Gul Hayat Institute

ادبي نقاد، هڪ تمام سٺو نثرنويس ۽ سياسي تجزيہ نگار هو. پر انهن سڀني ڳالهين سان گڏوگڏ هو هڪ تمام پلو ماڻهو ۽ تمام سٺو دوست هوندو هو. ادبي محفلن جو هو شوقين هوندو هو ۽ اهڙين محفلن رچائڻ ۾ بہ هو ڪافي اڳڀرو هوندو هو. ان سلسلي ۾ سندس انتظامي قابليتون ساراهہ لائق هونديون هيون. اهڙين محفلن جي منعقد ڪرڻ جو کيس ڀرپور موقعو تڏهن مليو هو جڏهن هو سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو هو. سنگت جون هفتيوار گڏجاڻيون ۽ ماهوار پروگرام بنا ناغي ڪرائڻ سندس معمول جو حصو بڻجي چڪا هئا. ڪراچي جهڙي مصروف شهر ۾ رهندي، اخبار جي آفيس ۾ نوڪري ڪندي ۽ پنهنجي خانگي مصروفيتن کي منهن ڏيندي هو الائي تہ ڪٿان انهن سڀني ڳالهين لاءِ وقت ڪيئي ونندو هو. انهن ادبي گڏجاڻين ۽ ٻين ادبي پروگرامن جي پريس رپورٽنگ بہ هو خود پنهنجي هٿ سان ڪندو هو.

اچا بہ جيڪڏهن ٿورو پوئتي وڃي فقير محمد جي پهريان واري زندگي تي نظر وجهجي ٿي تہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سندس پيدائش ڳاجي کهاوڙ ۾ مرحوم محمد حسن لاشاري جي گهر ۾ 1951ع ۾ ٿي. (مرحوم محمد حسن لاشاري بہ فقير جي لاڏاڻي کان پوءِ ٽي مهينا کن اڳ فوت ٿيو آهي). پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ وارهہ جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين جو ان وقت ڳاجي کهاوڙ ۾ وڌيڪ تعليم جون سهوليتون موجود ڪونہ هيون. فقير ان وقت ۾ روزانو سائيڪل تي ڇهن ميلن جو سفر ڪندي اسڪول پهچندو هو ۽ وري ساڳئي منجهند جو ڇهہ ميل سفر ڪري واپس گهر پهچندو هو. واپسي تي هو پنهنجي والد صاحب جي دڪان لاءِ سودو ۽ سامان بہ ڪڏهن ڪڏهن وٺي ايندو هو. ان وقت کيس تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ جن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو تن کيس پنهنجي سڄي زندگي ۾ جدوجهد ڪرڻ جو هڪ سٺو سبق ڏنو هو. مئٽرڪ جي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ هن صاحب لاڙڪاڻي مان انٽر ڪامرس جو امتحان پاس ڪيو هو. ساڳئي وقت هو پرائمري استاد بہ مقرر ٿيو هو. ان نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هن کي ڳاجي کهاوڙ ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪجهہ ٻين ڳوٺن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻيون پيون هيون.

هاءِ اسڪول وارهہ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران کيس مرحوم محمد ابراهيم ميراڻي جهڙا قابل قدر استاد مليا هئا. مرحوم ميراڻي صاحب جن جو ڪجهہ سال ٿيا تہ انتقال ٿي چڪو آهي، هو نہ صرف هڪ قابل استاد هو پر ساڳئي وقت هو صاحب هڪ وڏو قوم پرست ڪارڪن هو،. جنهن نهايت ئي خاموشيءَ ۽ ڪنهن خاص مشهوري کان سواءِ سنڌي قوم پرستي لاءِ وڏو پرچار ڪيو هو ۽ تر جي نوجوان شاگردن کي نہ صرف قوم پرستيءَ ڏي مائل ڪيو پر ساڳئي وقت انهن

Gul Hayat Institute

شاگردن ۾ سنڌي ۽ ٻئي ترقي پسند ادب پڙهڻ جو شوق جاڳايو هو. لاشاري ٻه ان صاحب جي شاگردي ۽ سنگت ۾ سنڌي ادب، عالمي ترقي پسند ادب ۽ ترقي پسند سوچ ڏي مائل ٿيو هو. هن صاحب ان اٿانگي پنڌ تي اڳتي هلي خوب ترقي ڪئي هئي. ان ئي سلسلي ۾ هن صاحب پنهنجي همر خيال نوجوان ساٿين جو هڪ ٽولو پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي پيدا ڪري ورتو هو ۽ وڏيرا شاهي، پيري مريدي ۽ اهڙين ٻين خراب رسمن جي خلاف سنڌن پرچار شروع ٿي ويو هو. سنڌس انهن ڪوششن جي ڪري نوجوان نسل انهن وڏيرن ۽ پيرن جي اثر کان ٻاهر نڪرڻ جا جتن ڪري رهيو هو.

ان عرصي دوران گاجي کهاوڙ جو هڪ سيد وڏيرو جيڪو مريدن جو ٻه هڪ وسيع حلقو رکندو هو، ان کي مرحوم لاشاري جي اها ڳالهه پسند ڪو نه آئي هئي. هو صاحب پنهنجي معتبري ۽ اثر کي ايئن ختم ٿيندو ڏسي صبر ڪري ڪونه سگهيو ۽ هن تعليم کاتي جي بالا آفيسرن جن ۾ سيڪريٽري، ڊائريڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر شامل هئا، کي نه صرف پاڻ ۾ ٻين ماڻهن کان ٻه درخواستون ڪرايون ته لاشاري ۽ سنڌس ساٿي ڪميونسٽ ۽ ملحد آهن ۽ ماڻهن کي اسلام ۽ الله تعاليٰ خلاف اپاري رهيا هئا ۽ اسڪول ۾ شاگردن کي اهڙيون لاديني ڳالهيون سيکاري رهيا هئا. ان پير صاحب جيئن ته تر جي ڪجھ ٻين زميندارن کي ٻه پاڻ سان ملائي ورتو هو تنهن ڪري سنڌن ڪوشش وڃي اثر ڪيو ۽ لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ان سڄي معاملي جي جاچ لاءِ هڪ انڪوائري آفيسر مقرر ڪيو هو ته معاملي جي اصل خبر پوي ۽ اِهو ڏسجي ته درخواست گذارن جي الزامن ۾ ڪيترو وزن سو.

انڪوائري آفيسر طور محترم ذاڪر علي خان ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر لاڙڪاڻي کي مقرر ڪيو ويو هو، جيڪو هڪ مهاجر آفيسر هو ۽ شڪارپور ۾ رهائش پذير هو. هو صاحب نهايت ئي ايماندار آفيسر هو. بهرحال درخواست گذارن مختلف طريقن سان انڪوائري آفيسر تي پڻ تمام گهڻو دٻاءُ وڌو هو ۽ اها پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني هئي ته جلد ئي لاشاري کي نوڪري مان ڪڍيو ويندو ۽ ڪيس ۽ سنڌس ساٿين کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويندو.

مان ان وقت شڪارپور ۾ رهندو هوس. فقير سان ڪافي اڳ ئي دوستي هئي. هو مون وٽ شڪارپور آيو هو ۽ حال احوال ڪيو هئائين. سنڌس چوڻ هو ته انڪوائري ۾ ڪافي گڙ ٻڙ ٿيڻ جو انديشو هو. سنڌس خيال هو ته ساڻس انصاف ٿيڻ گهربو هو. مون ڪيس دلاسو ڏنو هو ته الله خير ڪندو ۽ هو دل نه لاهي. محترم ذاڪر علي خان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ منهنجو استاد ٿي رهيو هو پر سفارش ٻڌي چڙي پوندو هو. بهرحال هت فقير محمد جو معاملو هو ۽ حق جي ڳالهه ٻه هئي. مان وٽس ڪهي ويو هوس ۽ ڪيس عرض ڪيو هوم ته هڪ

Gul Hayat Institute

غريب ماستر سان انصاف ٿين گهرجي ۽ مون کي ان کان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ گهربو هو. هن صاحب جواب ڏنو هو تہ توهان جو هن تي زور بار گهڻو آهي تڏهن بہ هو انصاف ضرور ڪندو.

انڪوائري ٿي، مخالف ڌر گهڻا زور ۽ وَس هلايا. بيان بازي ٿي، آڏي پڇا ٿي ۽ سوال جواب ٿيا. آخر ۾ فيصلو ٿيو ۽ فقير کي بي ڏوهي ٺهرايو ويو ۽ همراهہ جنجال مان آزاد ٿيو. دراصل هڪ تہ سندس ڏوهہ ڪونہ هو ۽ ٻيو تہ هو پنهنجو ڪيس نهايت ئي عقلمندي ۽ سمجھ سان وڙهيو هو ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي هئائين. فقير کي حق تي فتح ٿي تہ هو نهايت ئي خوش ٿيو هو.

محترم ميراتي کان سواءِ فقير محمد، ڊاڪٽر ارباب سنڌي جي سنگت ۾ بہ گهڻو ڪجھ پرايو هو. ڊاڪٽر صاحب هن وقت سنڌ جو هڪ مڃيل قوم پرست اڳواڻ آهي ۽ هو وارهہ جو رهواسي آهي. فقير وٽس وارهہ ۾ تمام گهڻو ويندو هو ۽ ڊاڪٽر صاحب جي پڙهائي دوران لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ بہ سندن سنگت جو سلسلو جاري رهيو هو. منهنجي خيال ۾ فقير جي شروع واري دور ۾ ڊاڪٽر صاحب جي خيالن جو بہ مٿس اثر رهيو آهي ۽ خاص طور تي ترقي پسند ادب پڙهڻ ۽ ان سوچ ۾ ڊاڪٽر صاحب سندس رهنمائي ڪئي هئي.

ان بعد بہ فقير ڪجھ وقت پرائمري ٽيچر رهيو هو. پاڻيان ٿو تہ 1976-77ع دوران هو اتان استعيفيٰ ڏئي اچي ڪراچيءَ ۾ سنڌي لينگويج ٽيچر ٿيو هو. ان وقت هو پنهنجن ڪجھ دوستن سان گڏ فيڊرل ڪيپيٽل ايريا جي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. اُهو وقت هو جڏهن هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون ۽ ان طرح سان سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهرين ۾ بہ وڃڻ شروع ڪيو هئائين. سنگت جي ان ادبي ماحول ۾ سندس ذهني اوسر برابر ٿيندي رهي هئي.

ڪجھ وقت کان پوءِ فقير هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر ٿيو هو. صبح جو سرڪاري نوڪري ۽ شام جو اخبار ۾ سندس ڪم رات جو ٻارهين بجي تائين هلندو هو. سندس ڪجھ مالي پريشانيون تہ گهٽ ٿيون هيون پر پوءِ گهڻي ڪم ڪري هو تمام گهڻو مصروف ۽ ٿڪل رهڻ لڳو هو. هن آهستي آهستي هلال پاڪستان اخبار کي صف اول جي سنڌي اخبارن ۾ آڻڻ لاءِ اخبار جي انتظاميا جي ڀرپور مدد ڪئي هئي.

فقير محمد ان وقت پنهنجي شخصي ڪوشش سان 'هلال پاڪستان' جي انتظاميا کان اخبار جي ماهوار ايڊيشن جي طور تي 'هلال مخزن' ڪيڻ جي منظوري ورتي هئي. فقير جي هٿ هيٺ نڪرندڙ ان مخزن ڪافي نالو ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ ان جي تياريءَ ۾ ڪيس تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي هئي. مخزن ۾ هن صاحب ڪجھ مستقل سلسلا بہ هلايا هئا ۽ ڪجھ عالمي ادب جي شاهڪار ڪتابن کي مختصر ڪري هلايو هو. ان کان سواءِ سنڌي ٻولي جو ترقي پسند ادب

Gul Hayat Institute

بہ ان ۾ باقاعدگيءَ سان ڇپجڻ شروع ٿيو هو. ايتري سٺي مواد ڏيڻ ڪري هلال مخزن نوجوان سنڌي اديبن ۾ ڪافي مقبول ٿي ويئي هئي ۽ اخبار کي بہ ڪافي مالي فائدو پهتو هو. پر پوءِ سال ڏيڍ کان بعد کيس اها مخزن بند ڪرڻي پيئي هئي، ڇاڪاڻ تہ اخبار جي انتظاميا کيس گهربل آزادي ڏيڻ کان پڙ ڪڍي بيٺي هئي. بهرحال ان مخزن فقير محمد کي مشهوريءَ جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو هو.

هلال پاڪستان جي نوڪري ۾ هوندي، اخبار جي ڪارڪنن کيس هلال پاڪستان ورڪرس يونين جو صدر چونڊيو هو. فقير جي سربراهي ۾ يونين جي ڪارڪنن کي پنهنجا ڪافي حق پلئہ پيا هئا ۽ ان جدوجهد دوران کيس ڪافي دفعا اخبار جي انتظاميا جي ناراضگي سان بہ منهن ڏيڻو پئجي ويو هو.

ان عرصي دوران، ڪراچي مان هڪ ٻي سنڌي اخبار روزاني 'عوامي آواز' جاري ٿي. عوامي آواز جي انتظاميا فقير کي ان جو چيف ايڊيٽر ٿيڻ جي آڇ ڪئي هئي. اخبار جي انتظاميا سان ان سلسلي ۾ سندس ڳالهيون ٿيون هيون ۽ کيس اهو يقين ڏياريو ويو هو تہ اخبار جي ڪيڻ ۾ کيس ڀرپور آزادي ڏني ويندي ۽ ڪا بہ بيجا مداخلت نہ ڪئي ويندي. آخرڪار فقير ڪجھ دوستن جي راءِ سان اختلاف ڪندي، جيڪي کيس اڃا بہ هلال پاڪستان مان ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا، عوامي آواز ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي.

فقير عوامي آواز ۾ اچي پنهنجي لاتعداد صلاحيتن سان ٿورن ٽن مهينن ۾ ئي اخبار جي اشاعت ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي ڇڏي هئي. اخبار ۾ سندس آندل ٻين انقلابي تبديلين کان سواءِ خاص شيءِ سندس لکيل ايڊيٽوريل هوندي هئي. سندس ايڊيٽوريل سچ پچ تہ عوام ۽ نوجوان ان طبقي ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو هو. سنڌي عوام سچ پچ تہ ان جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندو هو. ان ۾ سنڌ کي پيش آيل ٻي انت مسئلن جي تمام سٺي نموني ۾ چنڊڇاڻ ڪيل هوندي هئي. منهنجي خيال ۾ صحافت ۾ سندس انقلابي ڪردار جي ڪري ٻين سنڌي اخبارن بہ پنهنجي حالت درست ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي. اُهي اخبارون جيڪي پنهنجي ملازمن جو معاشي استحصال ڪنديون هيون، تن بہ نئين صورتحال جي پيش نظر پنهنجي اخباري ادارن ۾ حالتون ٺيڪ ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون.

عوامي آواز سان فقير جو ساٿ ڪل سال يا سوا سال ڪن رهيو هو. ان بعد انتظاميا جي باهمي ڇڪتاڻ ۽ خود انتظاميا جي تبديل ٿي وڃڻ ڪري فقير کي چيف ايڊيٽري ڇڏڻي پيئي هئي ۽ هو زندگيءَ ۾ ٻيهريون دفعو بي روزگار ٿي پيو هو.

ان وقت سندس ذهن ۾ هڪ نئين اخبار جي ڪيڻ جو خيال آيو هو. هڪ اهڙي اخبار جيڪا بنيادي طرح آزاد ۽ ترقي پسند سوچ تي ٻڌل هجي. سندس ذهن ۾ هڪ اهڙي اخبار جو خاڪو هو جيڪو غريب ۽ مسڪين عوام جو آواز بڻجي، سندن مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڀرپور جاکوڙ ڪري. هن پنهنجي دوستن

Gul Hayat Institute

سان ان رٿ تي ڳالهايو هو ۽ کين قائل ڪيو هو. سندس دوستن کيس مايوس نہ ڪيو هو ۽ پندرهن ويهن دوستن جي اشتراڪ سان پيتائي پبلشنگ هائوس جو بنياد وجهي، روزانو ’جاڳو‘ جو اجراءُ ڪيو ويو هو. اهڙي نموني سان اخبار جو پهريون پرچو 1- جنوري 1991ع تي نڪتو هو.

پنهنجي زندگيءَ جي ان عظيم مقصد ۾ ڪاميابي تي فقير ڏاڍو خوش ٿيو هو. پر جيئن ئي اخبار نڪتي تہ ان سان لاڳاپيل مسئلن بہ منهن ڪڍيو هو. ڇاڪاڻ تہ هڪ روزاني اخبار ڪڍڻ ڪو آسان ڪم نہ هو. مالي مسئلن کان وٺي قابل ۽ آزمودگار اسٽاف جو هجڻ، سرڪيوليشن جو مسئلو، اشتهار حاصل ڪرڻ، اخباري دنيا ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪرڻ، مستقل ڪالم حاصل ڪرڻ، بيو ادبي ۽ سياسي مواد حاصل ڪرڻ ۽ ٻيا انيڪ مسئلا سندس اڳيان آيا هئا. فقير انهن مسئلن کي همٿ ۽ جوانمرديءَ سان منهن ڏنو هو ۽ تقريباً انهن جو سٺو ۽ اثرائتو حل ڪيندو رهيو هو. مالي مسئلو بهرحال ساڻس آخر تائين موجود رهيو هو ۽ ان کي حل ڪرڻ لاءِ هو آخر تائين جدوجهد ڪندو رهيو هو. ايستائين جو پنهنجي فوت ٿيڻ کان هڪ هفتو اڳ هن پنهنجي ۽ اخبار جي استعمال لاءِ ڪم ايندڙ گاڏي بہ وڪڻي ڇڏي هئي تہ جيئن اخبار جي ملازمن کي وقت سر پگهار ڏئي سگهجي.

اخبار جي آزادي واري پاليسي کي فقير نهايت ئي سپ کان مٿانهون رکيو هو. ان سلسلي ۾ هو ڪنهن سان بہ سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو. سندس زندگيءَ جو مقصد سنڌ هئي ۽ سنڌ کي اڪيچار مسئلا درپيش هئا ۽ آهن، جن ۾ سياسي، معاشي، سماجي ۽ تعليمي مسئلا شامل هئا. انهن مسئلن تي بي باڪي سان قلم کڻڻ ۽ عوام آڏو پيش ڪرڻ سندس زندگيءَ جو اهم مقصد هو. سنڌ جي انهن مسئلن تي لکڻ بعد کيس تمام گهڻين تڪليفن بہ ڏسڻيون پيون هيون. ڇاڪاڻ تہ حڪمران طبقي کي انهن مسئلن تي قائل ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هو. ظاهر آهي تہ حڪمران طبقو اهڙين لکڻين کي پنهنجي اقتدار لاءِ خطرو تصور ڪري ٿو. فقير کي بہ ان وقت اهڙي ئي مسئلي کي منهن ڏيڻو پئجي ويو هو.

1990ع ۾ ٿيل عام چونڊن کان پوءِ، حڪمران طبقي جام جهڙي جابر ۽ ظالم ماڻهوءَ کي چيف منسٽر طور سنڌ مٿان مڙهيو هو. هن صاحب پنهنجي چيف منسٽري جي دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام تي اهڙا تہ ظلم ڪيا جو سندس ڪارن ڪرتوتن تي ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اهڙي وقت ۾ سنڌ جي ماڻهن جي دادرسيءَ لاءِ فقير جيڪي بہ ايڊيٽوريل لکيا هئا سي سندس زندگي جي شهپارن ۾ شمار ٿين ٿا. ظاهر آهي تہ جام صادق علي کي اِهي ڳالهيون پڙهي باه وٺي ويندي هئي ۽ ڪانئس اِهي ڳالهيون برداشت ٿي ڪونہ سگهنديون هيون. جام پنهنجي دعوتن ۾ صحافين کي بہ گهرائيندو هو ۽ فقير تي خوب چوٽ چنبڙيندو هو.

Gul Hayat Institute

ڪنهن وقت هو سياسي چالبازيءَ کان ڪم وٺي فقير تي مهرباني سان بہ پيش ايندو هو ۽ کيس زمين الاٽ ڪري ڏيڻ ۽ ٻين مالي فائدن پهچائڻ جي بہ آڇ ڪندو هو پر فقير هر وقت اهڙي آڇ کي ٺڪرائيندو رهندو هو ۽ کيس چوندو رهندو هو تہ جڏهن هو سنڌ تي ظلم ڪرڻ بند ڪندو تہ سنڌس خلاف ڪا بہ ڳالھ اخبار ۾ ڪونہ ايندي. اهڙي نموني جام اخبار جا نہ صرف اشتهار بند ڪيا پر جيڪي اشتهار اڳ شايع ٿي چڪا هئا انهن جي وصولي بہ روڪي وڌي هئي.

ان واسطي سان ڏسجي تہ جام پنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌ تي ظلم ڪرڻ بند ڪونہ ڪيا هئا ۽ نہ ئي فقير سندس ۽ حڪومت خلاف لکڻ بند ڪيو هو. جام جي آخري دور ۾ هڪ اهڙو وقت بہ آيو هو جو فقير کي گهرائي چيو هئائين تہ جيڪڏهن هو سندس خلاف لکڻ بند نہ ڪندو تہ هو کيس مارائي ڇڏيندو. پر پوءِ بہ فقير پنهنجي اندر جي پيڙا محسوس ڪندي، سنڌ سان سچو رهيو هو ۽ جام خلاف لکڻ بند ڪو نہ ڪيو هئائين ۽ سندس ڌمڪي کي خاطر ۾ نہ آندو هئائين.

وقت وقت جي ڳالھ آهي اڄ ٻئي همراھ هن دنيا ۾ موجود ڪونہ آهن. پر ڏٺو وڃي تہ حقيقت هيءَ آهي تہ جام کي تاريخ سٺن لفظن سان ياد نہ ڪندي ۽ سندس نالو سنڌي قوم جي غدارن جي حيثيت ۾ لکيو ويندو. جڏهن تہ فقير کي هيءَ سنڌ هميشہ هڪ سپوت ۽ بهادر پٽ جي نالي سان ياد ڪندي جنهن مرڻ گهڙي تائين پنهنجو فرض بخوبي نڀايو هو.

تعليم جي سلسلي ۾ فقير انٽر ڪامرس پاس ڪرڻ کان پوءِ بي- اي پاس ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ محترم ڊاڪٽر علي اڪبر ڌکڻ صاحب، ڊائريڪٽر اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڪراچي، بهرحال پنهنجي مضمون جيڪو روزانو 'جاڳو' جي 13- آگسٽ واري پرچي ۾ شايع ٿيو آهي، تنهن ۾ لکيو آهي تہ فقير گريجوئيشن ڪامرس ۾ ڪئي هئي. پر منهنجو خيال آهي تہ هو صاحب ايئن چوڻ ۾ صحيح ڪونہ آهي جو فقير بي- اي ڪئي هئي. ان بعد هن صاحب ايم- اي (معاشيات) ۽ قانون ۾ بہ ڊگري حاصل ڪئي هئي. ان تعليم کان سواءِ هن صاحب فلسفي جو بنيادي اڀياس، ترقي پسند ادب جو مطالعو بہ خوب ڪيو هو. انهن کان علاوه سندس عام مشاهدي جي قوت بہ حيرت انگيز هوندي هئي. سرڪاري نوڪري جي لحاظ کان فقير پهريائين پرائمري ٽيچر ٿيو هو ۽ بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي اچي ڪراچيءَ ۾ سنڌي لينگويج ٽيچر ٿيو هو. 1978ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان مختيار ڪاري جي لاءِ ٽيل لڪت جي امتحان ۾ بہ هو پاس ٿيو هو. فقير کي دوستن سان گڏ سير ۽ تفريح تي وڃڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. ڪو بہ سندس دل گهريو دوست ڪنهن طرف هلڻ لاءِ چوندو هوس تہ هو انڪار ڪونہ ڪندو هو. هو ان سير ۽ تفريح دوران تاريخي جاين ڏسڻ کان علاوه دوستن جي ساٿ ۽ قرب مان ڀرپور لطف وٺندو هو. اهڙن موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ،

Gul Hayat Institute

تاريخ، ادب ۽ سياست تي ٺيندڙ بحث ۾ هو ڀرپور حصو وٺندو هو ۽ بيحد خوش ٿيندو هو. ان سلسلي ۾ اسان ڀنڀور، سجاول، ٺٽو، ڪينجهر ڍنڍ ۽ سنڌ جي شهيد اول دوديءَ سومري جي مزار تي گڏ ويا هئاسين ۽ سندس ساٿ ۾ گذاريل گهڙيون اسان جي زندگيءَ جو املهه سرمايو آهن ۽ جيستائين جيئرا آهيون ان وقت تائين وسرڻ جهڙيون ڪونه آهن. اهڙن موقعن تي گهڻو ڪري مون ڪان سواءِ اسان جا ٻيا دوست محترم فاروق امين ۽ نجم چانڊيو به اسان سان گڏ هوندا هئا. اهڙن ئي ڪجهه پروگرامن دوران اسان جو ميزبان محترم عبدالقادر منگي اڳوڻو ڊپٽي ڪمشنر ضلع ٿر هوندو هو. منگي صاحب آفيسر هجڻ سان گڏ سٺو ڪهاڻيڪار ۽ علم ادب جو ڪوڙيو آهي. هو صاحب جتي به بدلي ٿي ويندو آهي ته اُتي علمي ۽ ادبي سرگرمين جي سرپرستي ڪرڻ سندس شوق هوندو آهي. ڪافي سال اڳ ڀنڀور ڪلچرل ۽ ادبي سيمينار ڪوٺايو هئائين. ٽنڊو الهيار ۾ ايس- ڊي- ايم هو ته وتائي فقير تي، هڪ تاريخي، علمي ۽ ادبي سيمينار سڏايو هئائين. ٿر ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو ته مٺيءَ ۾ ٿر ڪانفرنس ڪرائي ان جو ميزبان ٿيو هو. ان سيمينار ۾ سنڌ جي چوٽيءَ جي عالمن ۽ اديبن شرڪت ڪئي هئي ۽ ٿر جي تاريخي پس منظر جي حوالي سان ان ۾ پيپر پڙهيا هئا. منگي صاحب جڏهن به اسان جو ميزبان هوندو هو ته خوب ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ اسان سڀ ان مان دل کولي مزو وٺندا هئاسون. اهڙن سڀني پروگرامن جو بندوبست ڪرڻ ۾ فقير اسان کان اڳڀرو هوندو هو.

سير ۽ تفريح جي سلسلي ۾ سندس بي انداز دلچسپي ڪيس پهريون ڀيرو ملڪ کان ٻاهر وڃي نيپال ڏسڻ جو موقعو فراهم ڪيو هو. پاڪستان جي پهرين ايئر لائين پي- آءِ- اي طرفان نيپال لاءِ جيڪا پهرين افتتاحي اُڏام هئي، ان ۾ ڪجهه خاص شخصيتن کان سواءِ صحافين کي به نيپال وڃڻ جو موقعو مليو هو. فقير به هلال پاڪستان طرفان ويو هو ۽ ساڻس گڏ بزنيس رڪارڊر جو نمائندو غلام نبي مغل ان سفر ۾ سندس ساٿي هو. ان سفر جا چار ڏينهن جيڪي فقير نيپال ۾ گذاريا تن جي هن هڪ هڪ گهڙي جو ڀرپور مزو ورتو هو. مون کيس وڃڻ مهل ايئرپورٽ تي ڇڏيو هو ۽ واپسي تي به سندس آڌرڀاءُ ڪيو هو. واپسي تي سندس مشاهدي جون ڳالهيون ڪٿڻ جون ڪونه هيون ۽ اسان ڏينهن جا ڏينهن اُهي ٻڌندا به رهياسين ۽ ان مان مزو به حاصل ڪندا رهياسين. پنهنجي ان سفر جو سچو احوال هن صاحب پنهنجي ڪتاب 'سکهارو هماليه هيٺا ماٿهو' ۾ نهايت ئي دلچسپ انداز ۾ ڪيو آهي.

نيپال کان سواءِ فقير کي 'سانا' جي دعوت تي آمريڪا ڏسڻ جو موقعو به مليو هو. ان سفر دوران ساڻس گڏ ٻيا به ڪافي سنڌ جا دوست هئا. فقير آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين کي، سنڌ جي ان وقت جي حالتن تي سٺا ليڪچر ڏنا هئا. آمريڪا

۾ ئي کيس ’سانا‘ جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهڻ جو موقعو مليو هو.

نيپال جي ان سفرنامي کان سواءِ فقير محمد ’سنڌ جا سور‘، ’ڌرتيءَ جي دانهن‘ ۽ ’سنڌ پيپلز پارٽي کان جام صادق علي تائين‘ جهڙن ٽن ٻين ڪتابن جو به مصنف هو. پهرين ڪتاب ۾ سندس ادب ۽ سياست تي لکيل مضمون شامل آهن. جڏهن ته پوين ٻن ڪتابن ۾ سندس ”عوامي آواز“ ۽ ’جاڳو‘ اخبارن ۾ شايع ٿيل مضمون ۽ گهٽي ڀاڱي ايڊيٽوريل شامل آهن. سندس اِهي ڪتاب سنڌ جي مسئلن تي هڪ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا ۽ سنڌي عوام ۽ نوجوان پڙهندڙ طبقي ۾ بيحد مقبول ٿيا هئا.

فقير جي نجي زندگيءَ ۾ سندا دوست سندس ڪمزوري هوندا هئا. هو سٺن دوستن جي ساٿ ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ اصل ٽڙي پوندو هو. دوست ڏسندو هو ته اصل باغ بهار پيو ٿيندو هو ۽ مُرڪ سندس چپن تان غائب ئي ڪونه ٿيندي هئي. ادا سراج جڏهن شيخ اياز، قمر شهباز ۽ ٻين اهڙن دوستن جي دعوت ڪندو هو ته اسان ڏاڍو خوش ٿيندا هئاسين. دعوت ملڻ جي ڏينهن کان وٺي انتظار شروع ڪبو هو. فقير دعوت جي ڏينهن ته اصل ڪپڙن ۾ نه ماپندو هو. دعوت دوران ادب ۽ سياست تي ٿيندڙ بحث ۾ هو ڀرپور حصو وٺندو هو ۽ پنهنجي معلومات سان موجود مهمانن جي دل ۾ جاءِ حاصل ڪري وٺندو هو. ٺٽي ۽ بدين ۾ ڪنهن فنڪشن جي سلسلي ۾ ويندو هو ته کيس ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي اچڻ جو بيحد انتظار رهندو هو ۽ آڪاش جي اچڻ تائين هو بيچين رهندو هو. ڊاڪٽر آڪاش جي اچڻ تي فقير جي چهري تي آيل خوشي سچ پچ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. اهڙين محفلن دوران هو ڊاڪٽر آڪاش جو شعر ترنم سان ٻڌڻ جي فرمائش ڪندو هو. هوڏانهن ڊاڪٽر آڪاش به کيس نااُميد نه ڪندو هو ۽ کيس دل جي کهراين مان شعر ٻڌائيندو هو. ان وقت فقير بيحد خوش ٿيندو هو. ان کان علاوه کيس شيخ اياز ۽ استاد بخاري واتان ٻڌل شعر مزو ڏيندا هئا ۽ انهن شاعرن کان علاوه هو شاهه لطيف جا شعر به ٻڌائيندو هو. ان وقت مان کيس بردي سنڌي جا ڪجهه نظم ٻڌائيندو هوس جيڪي ٻوليءَ جي بيباڪي ۽ لفظن جي بيحد خوبصورت چونڊ ڪري مون کي ڏاڍا وڻندا هئا. اڄ جڏهن فقير هن دنيا ۾ ڪونه آهي ته اهڙيون محفلون ڪنهن سان ڪبيون ۽ ڪنهن کي شعر ٻڌائبا.

فقير يارن جو يار هو ۽ هر وقت دوستن جو ساٿ ڏيندو هو. سندس زندگيءَ جي آخري حصي ۾ ڪجهه دوستن سندس ساٿ کي پنهنجي شخصي فائدن لاءِ استعمال ڪرڻ کان به نه ڪيٻايو هو ۽ توڙي جو هو پيپلز پارٽي جو ميمبر ڪونه هو ته به هنن کيس پارٽي ۽ پنهنجي شخصي مفاد لاءِ ڏاڍڻ طور استعمال ڪيو هو ۽ هو ان مقصد ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب به ٿيا هئا. ان کان انڪار ڪونهي ته فقير پيپلز پارٽي جي سنڌي عوام ۾ مقبوليت کي ساراهيندو هو پر ساڳئي وقت ۾

Gul Hayat Institute

هو پارٽي کي صحيح طور تي سنڌي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ اتساهيندو هو. چاڪاڻ ته جهڙي نموني سنڌي عوام هر اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جو ساٿ ڏنو هو ته هو چاهيندو هو ته پارٽي به سنڌ جي مسئلن تي عوام جي گهرجن ۽ مطالبن کي پورو ڪري. هو صاحب لڳاتار پنهنجن ايڊيٽوريلن ۾ پارٽي جي اڳواڻن کان اهڙا مطالبا ڪندو رهندو هو. پارٽي ۾ موجود اهي وڏيرا ۽ جاگيردار، جيڪي پارٽي جي ٽڪيٽ تي اليڪشن کٽي، ڊوڪو ڏيئي پارٽيءَ کي ڇڏي وڃي اقتدار ۾ شامل ٿيا هئا، تن کان هو سخت نفرت ڪندو هو. هو صاحب پارٽي کي به اهڙن ماڻهن جي ڪردار کان خبردار ڪندو رهندو هو ته جيئن آئينده عوام سان اهڙي قسم جي ويساهه گهاتي نه ٿي سگهي.

اسان جي سنگت ۾ فقير کي پهريون دفعو ڊاڪٽر ارباب سنڌي وٺي آيو هو. يانيان ٿو ته 70- 1969ع جو سال هو جو هڪ سادو، ڳوٺاڻو ۽ ڳڀرو جوان ڊاڪٽر ارباب سان گڏ اسان وٽ شڪارپور ۾ آيو هو. پهرين ملاقات ۾ ئي هو اسان کي ڏاڍو پيلو ماڻهو لڳو هو ۽ اسان تمام گهڻو ويجهو اچي ويا هئاسين. ان وقت شڪارپور ۾ اسان جي سنگت ۾ بيدل مسرور بدوي، هدايت پريم، محمد علي، راجا سنڌي ۽ مان هوندا هئاسين. سنڌي ادب پڙهڻ ۽ لکڻ اسان جو گڏيل شوق هوندو هو. ڪجهه ادبي دوست ٻاهران اچي ويندا هئا ته ادبي ڪچهريون شروع ٿي ويندي هيون. ڪهاڻيون ۽ شعر پڙهڻ، ادبي مسئلن تي بحث ۽ وڏن شاعرن جا شعر هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ اسان جي معمول ۾ شامل هوندا هئا. مطلب ته پهرين ملاقات کان پوءِ فقير سان اهي محفلون ۽ گڏجاڻيون هڪ مستقل صورت اختيار ڪري ويون ۽ آخر تائين قائم رهيون. اهڙين گڏجاڻين ۾ ساٿس گهاريل گهڙيون سچ پچ ته مرڻ گهڙي تائين ڪونه وسرنديون. بهرحال هو اسان ۽ ٻين سيني دوستن کي اڪيلو ڇڏي، دائمي جدائي جو داغ ڏيئي هليو ويو آهي.

فقير کي ڪل ست ٻار ٿيا هئا، جن مان به ننڍي هوندي جمڻ وقت ئي فوت ٿي ويا هئا. سندس وڏو پٽ ظفر ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪينسر جي بيماري سبب گذاري ويو هو. باقي چئن ٻارن يعني هڪ پٽ ۽ ٽن نياڻين کي هو الله جي آسري تي ڇڏي ابدي اوچتو راهه رباني وٺي ويو آهي. هن صاحب پنهنجي پٺيان ڪا خاص ملڪيت به ڪونه ڇڏي آهي. هاڻي فقير جي دوستن تي اِهو فرض عائد ٿئي ٿو ته تعليمي فنڊ طور تي ڪو اهڙو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن سندس معصوم ۽ يتيم ٻارن کي سٺي تعليم ملي سگهي ۽ هو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. ان ڪري مان فقير جي هڪ دوست جي حيثيت ۾ سندس گهڻ گهرن، سڄڻ ۽ دوستن کي اپيل ٿو ڪريان ته پنهنجي وس آهر هن نيڪ ڪم ۾ سندس معصوم ٻارن جي مدد ڪن ته جيئن ڪن کي ڏکيو ڏينهن نه ڏسڻو پوي.

Gul Hayat Institute

# رچ جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ

## نصير سارنگ

فقيرمحمد لاشاري جيڪو نہ رڳو اسان جي سٽ جو ساٿي هو، پر هن اوجهڙ جي سفر جي ڪيترن ئي نون مسافرن لاءِ سونهون پڻ هو. ڪجھ ڏينهن اڳ سالن جو ناتو پل ۾ ڇني ويندڙ فقير محمد لاشاريءَ جو وڇوڙو سنڌ جي گهايل سيني ۾ هڪ وڏيڪ گهاءُ آهي. درد، الم ۽ دک جي تصوير بنيل سنڌ، جنهن کي لاشاريءَ جهڙا ڪردار سالن کان پوءِ مس ملندا آهن. منافقت، مفادپرستي، ذهني جهالت ۽ بي ضميريءَ جي اونداهي راڄ واري اڄوڪي سنڌ جنهن ۾ سچائي، ايمانداري ۽ جرئت جو وڏو قحط پيل آهي، اتي لاشاريءَ جهڙن آدرشي ڪردارن جو ڳاڻيٽو آڱرين تي ڳڻڻ جيترو بہ مس هوندو. ڪير ٿو سمجهي سگهي تہ سنڌ لاشاريءَ کي وڃائي ڇا ڇا نہ وڃائي ڇڏيو آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ لاشاريءَ جو ڪردار ان لحاظ کان انتهائي اهميت ڀريو رهندو تہ لاشاري سنڌي صحافت ۾ جديد ترقي پسند لاڙن متعارف ڪرائڻ جو تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏنو. 80 واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن ۾ سنڌي صحافت، سنڌي سماج ۾ جنهن ڪيفيتي تبديلي ۽ سوچ جي انقلاب جو بنياد وڌو، ان جو گهڻو تڻو ڪريڊٽ لاشاريءَ ڏانهن ئي وڃي ٿو. ان کان اڳ سنڌي صحافت بہ جاگيرداراڻن روين وارين زرد روايتن جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل رهڻ سبب فڪري طور تي سينوارجي وئي هئي ۽ ڪنهن بہ عوامي تبديليءَ جو محرڪ بنجڻ جي صلاحيت کان وانجهي بنجي چڪي هئي. ان ۾ هڪدم 180 ڊگرين جو ڦيرو آڻڻ ۾ جن ماڻهن بنيادي ڪردار ادا ڪيو، لاشاري انهن جي سٽ ۾ انتهائي احترام لائق نالو هو. لاشاريءَ جو سنڌي سماج تي اهو وڏو احسان آهي جو هن ان کي مڪمل تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ جديد سنڌي صحافت جي ٽوٽي ڏني. لاشاري عوام ۽ سنڌي صحافت وچ ۾ موجود وٿيءَ کي ختم ڪري سنڌي پريس کي نہ رڳو عوام سان ڳنڍي ڇڏيو پر ساڳي وقت ان کي مصيبتن جي ماريل نڌڻڪي سنڌي عوام جي زبان بہ بنائي ڇڏيو.

ون يونٽ کان پوءِ سنڌ تي جيڪي بہ اونداها جبر وارا دور آيا، سي آهن

Gul Hayat Institute

ضيا شاهي ۽ چام شاهي جا عوام دشمني وارا ڪارا دور. لاشاريءَ 1978ع ۾ ان وقت ادب ۽ صحافت ۾ پير رکيو جڏهن سچ ٽڪنڊڪيءَ تي ٽنگيو ڦٽڪن جي سڏڪن ۾ ڦٿڪي رهيو هو. اهو دور بندوق ۽ باضمير انسانيت ٻي دوبدو ويڙهه جو دور هو، جڏهن رائيفل جون گوليون سنڌين جا سينا ڇولي رهيون هيون ۽ لانگ بوٽ لوڙها لتاڙي رهيا هئا، ان دور ۾ لاشاريءَ جا لکيل ڪالم ۽ مضمون سنڌ جي عوامي احساسن جا ترجمان آهن. ٻيو اونداهو دور چام شاهيءَ جو اهو دور هو، جڏهن ٻنڌي صحافت، بي باڪي ۽ جرئت جا نوان مثال قائم ڪيا. هڪ طرف رياستي بربريت جي اها انتها هئي جو قومي پريس جي چپن تي ٻه مصلحت جا تالا چڙهيل هئا ته ٻئي طرف لاشاريءَ جهڙن بي باڪ صحافين جو لالچن ۽ ڌمڪين آڏو سيس نه نوائيندڙ قلم هو. لاشاريءَ جا تن ڏينهن ۾ لکيل ايڊيٽوريل سنڌي صحافت جي تاريخ جو يادگار باب آهن. چام شاهيءَ جي عوام دشمن ڪرتوتن تي ترار جهڙن تک وارن لفظن سان جيڪي حملا لاشاريءَ جي قلم ڪيا، ان جو مثال ٻئي نه ٿو ملي.

وقت جو مؤرخ سنڌي صحافت جي تاريخ ۾ لاشاريءَ جي ڪردار کي ڪڏهن ٻه فراموش نه ڪري سگهندو ۽ جديد سنڌي صحافت جو ذڪر لاشاريءَ جي ذڪر کان سواءِ اڻپورو ۽ ٻسو رهندو.

لاشاريءَ جي هٿ ۾ ڪنيل قلم جو علم پوئين پهر تائين ٻه سندس هٿ ۾ رهيو ۽ اڄ لاشاريءَ جو اهو قلم هر باضمير صحافيءَ جي امانت آهي.

لاشاري جيڪو سنڌ جي رُڃ جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ هو، سو اڄ خاموش آهي، پر سندس لکتيون هر دور ۾ ڳالهائينديون ۽ روحن کي گرمائينديون. جاڙيجن کي جاڳائيندڙ لاشاري اڄ خاموشيءَ جي چادر اوڍي سمهي رهيو آهي، پر منزل جو گس ڏسيندڙ سندس پيرا اڃا جاڳن پيا ۽ راهين جي رهنمائي ڪن پيا.

Gul Hayat Institute

# فقير محمد
# هڪ پيءُ، دوست ۽ پيءُ

## مرتضيٰ لاشاري

زندگي جو سفر هڪ عجيب سفر آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي اهڙا ڪم ڪرڻا ۽ بار کڻڻا ٿا پون، جيڪي هو ڪڏهن تصور ۾ به ڪو نه آڻيندو آهي. اڄ کان چند مهينا اڳ مون خواب ۾ به ڪونه ڏٺو هو ته پنهنجي مربي ۽ محبتيءَ پياءُ، فقير محمد لاشاري جي اکيان، مونکي شهيد جو لفظ ڪتب آڻڻو پوندو ۽ تڏهن تي ويهي الله جي رضا ٻڌڻي پوندي. نه رڳو ايترو پر اکين ۾ لڙڪ ۽ دل ۾ درد سانديي انهي رضا تي راضي به رهڻو پوندو. بهرحال حقيقت پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي، ان کي روئي قبول ڪجي يا کلي. جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي ته هو جيڪو مون لاءِ ساڳي پيءُ جو پٽ ۽ هڪ دلبر دوست هو، سو هاڻي هن دنيا ۾ نه رهيو آهي ۽ مٽين متي هيٺان ستل آهي، پر سندس يادون پوءِ به ساهه جي هر سهڪي سان سلهاڙيل آهن. انهن يادن جي ڪڙڪي مان جڏهن نهاريان ٿو ته ايئن ٿو لڳي چڻ هو اڄ به منهنجي سامهون آهي. ڪن ڳالهين تي سمجهائي رهيو آهي، ڪي منهنجون ارڏايون سهي رهيو آهي ته ٻاراڻيون نظرانداز ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي مڙني مداين کي معاف ڪري به ڇڏي رهيو آهي:

زندگي مين تو سبهي پيار ڪيا ڪرتي هين
مين تو مر ڪر ڀي، ميري جان تجهي چاهون گا!

اهڙن ئي احساسن کي محسوس ڪندي آءٌ ڪي چند ڪچا ڦڪا واقعا، يادون ۽ حقيقتون پيش ڪري رهيو آهيان. اميد ته هن بيان کي هڪ پياءُ جي ٻئي پياءُ سان محبت ۽ پيار واري نقطهءِ نظر سان ڏٺو ويندو.

آءٌ ادا سان انهي وقت کان گڏ هيس جڏهن مون هوش سنڀاليو. ڪيس ادب ۽ سياست سان ان وقت کان وٺي لڳاءُ هو جڏهن اٺين ڪلاس ۾ پڙهندو هو ۽ سندس

Gul Hayat Institute

ڪجھ مضمون مهراڻ ۾ شايع ٿيا. سندس عملي زندگي جي شروعات تڏهن ٿي جڏهن، هو پرائمري استاد مقرر ٿيو. ادا فقير محمد 1970ع ڏاري طيب جو ڳوٺ تعلقو رتوديرو ۾ استاد مقرر ٿيو، تنهن بعد واره تعلقي جي ڳوٺ صادق ماڇي، ان بعد ڪڙيو صبر خان ۾. جڏهن پنهنجي ڳوٺ ڪاڇي ڪهاوڙ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين ته سندس تعليم سان چاهه ايترو هو جو اسڪول ڪان پوءِ شام جو پنجين وڳي کان رات جو اٺين وڳي تائين لائبررين تي شاگردن کي پڙهائيندا هئا ۽ بغير ڪنهن معاوضي جي. سندس اهڙين خوبين تي ڳوٺ جي وڏيرن کي ناراضگي ٿي ته فقير محمد اسان کي سلام ڪرڻ نٿو اچي. ان ڪري ڳوٺ ۾ ميڙ سڏائي ملن کان فتوائون ڏيارائون ته فقير محمد وارن جو خاندان ڪافر آهي، انهن سان کائڻ، اٿڻ ويهڻ حرام آهي. پر جڏهن ڏٺائون ته ان مان ڪجھ ڪين وريو ته ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ڪان انڪوائري ڪرايائون ته فقير محمد ٻارن کي مذهب خلاف اسلام دشمني سيکاري ٿو. انهي لاءِ پنهنجي پٽ (جيڪو ادا وٽ پڙهندو هو) کان شاهدي ڏيارئائون جنهن مان ڊي اي او سمجهي ويو ته صرف ذاتي ڪاوڙ جي ڪري وڏيري ڪيس تڪليف ٿي ڏني. جڏهن انهي جواز سان ٻه ڪم ڪو نه ٿيو ته ان وقت جي هڪ وزير ذريعي، جيڪو وڏيري وٽ اچي مهمان ٿيو هو، پوليس موڪلي چورايائون ته صبح جو منسٽر صاحب وٽ پيش ٿئي. ان ڳاله تي اسان جا مائٽ ڪافي پريشان ٿيا ۽ ادا کي چيائون ته ”هلي ٿا پوٽار کان معافي وٺون يا ته ڪيڏانهن هليو وڃ“ تڏهن ادا چيو ته ”جهڪنو ناهي، جيڪي ڪجھ ٿيو تنهن کي منهن ڏينداسين“ صبح جو سڀ وياسين (تڏهن مان سنڌي چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس) وزير صاحب جڏهن سڀ ڪجھ ٻڌو ته پوءِ مختيارڪار کي چيائين ته هن کي ٺاهي ڇڏجان، ڇو ته هو ٻه ڳاله سمجهي ويو.

انهي وچ ۾ ادا ڪراچي آيو ۽ بغير ڪنهن سفارش جي ڪيس ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول عزيز آباد ۾ ايس ايل ٽي طور آرڊر مليو. هو اتان آرڊر وٺي جڏهن ڳوٺ آيو، تڏهن امڙ متس ڏاڍي ناراض ٿي ۽ چيائين ته ”مان توکي ڪراچي ڪونه ڇڏينديس“ ڇو ته اسان ٽوٽل چار ڀائر هئاسين. ادا سڀني کان وڏا هئا ۽ امڙ جو ادا ۾ ساهه هوندو هو ۽ هو چاهيندي هئي ته فقير محمد سندس اکين اڳيان هجي، هو ادا کي فقن ڪري ڪوٺيندي هئي. اسان سڀني کان ادا کي وڌيڪ ڀائيندي هئي ۽ ادا کي ڏسي چوندي هئي: ”شل سڄي جڳ جا ٻچا منهنجي پٽ جهڙا هجن“ مون کي ياد آهي ته ادا جڏهن گهر ۾ هوندا هئا ته امڙ ڪيس ڳل لائي چميون ڏيندي هئي. آخر امڙ کي ڪراچي اچڻ لاءِ ڏاڍو مجبور ڪيائين. ان کان پوءِ امڙ ڪيس موڪل ڏني ۽ چيائين شرط اهو آهي ته تون روزانو خط لکندين ۽ ادا واعدو ڪيو ته هو ضرور ايئن ڪندو. پوءِ امڙ روزانو صبح جو اٿي ادا کي ياد ڪندي هئي ۽ ادا کي ياد ڪندي ڪيس اکين مان ڳوڙها نڪري ايندا هئا ۽ ڪراچي طرف هٿ کڻي

Gul Hayat Institute

دعائون ڪندي هئي. ادا جڏهن بہ ڳوٺ ايندو هو تہ امڙ کيس ڏسي چوندي هئي تہ ”ڪيڏو ڪمزور ٿي ويو آهين. بس هاڻي ڪراچي نہ وڃ!“ ادا پنهنجو ڪتاب ’سنڌ جا سور‘، امڙ جي لاءِ منسوب ڪندي لکيو آهي تہ ”پنهنجي مٺڙي امڙ جي نانءُ جنهن جي اڻ مندائتي موت کان پوءِ پاڻ کي ڪنهن اونداهي کوهہ ۾ ڪريل سمجهندو آهيان، جتي سندس يادگيري روشني جو ڪرڻو بڻيل آهي“ ۽ اها ساڳي حالت هينئر اسان جي سڄي خاندان جي آهي.

اهڙا جذبا رکندڙ هي فقير شخص پوءِ سنڌ ۽ سنڌي صحافت جي سڃاڻپ بڻجي اڳتي وڌندو ويو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ بي باڪ، جرئت مند ۽ سنڌ دوست صحافي ٿي ابريو. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هو اڄوڪي سنڌ جو هڪ امر سپوت هو پر ذاتي حوالي سان تہ مان ايئن چوندس تہ شايد سنڌ کي هن جهڙو صحافي ملي وڃي پر اسان کي، اسان جو پاءُ ڪٿان ملندو؟؟ جيڪو پيار جا پها اسان جي ٿڪل نيڻن تي رکي، هو جيڪو اسان جي نيڻن لاءِ ننڊ نہ ڪندو هو. سندن آئيڊيل شخصيت ڊاڪٽر سليمان شيخ جن هئا. پاڻ ٽي مهينا اڳ پنهنجون اکيون عطيي طور ڏيڻ جو اعلان ڪيو تہ مان کين چيو تہ ادا توهان هي ڇا ڪيو؟ چيائين ”بابا! جيئري تہ ماڻهن جي خدمت ڪيون ٿا پر مرڻ کان پوءِ بہ ڪنهن جي اکين جو نور ٿجي ۽ مون کان پوءِ منهنجين اکين سان ڪو هن سنڌ کي ڏسي.“

پر افسوس جو ان حادثي سبب سندس آخري وصيت بہ پوري نہ ٿي سگهي. آءٌ سندس ان اوچتي رسامي تي کيس ايترو ضرور چوندس، ”ايڏي ناراضگي پنهنجن ٻچن سان ڪبي آهي! توکي اڃا سڄل، نثار ۽ سارنگ کي گهوٽ بڻائڻو هو. هاڻ کين موڙ ڪير ٻڌندو، ايڏيون آزمائشون، ايڏا امتحان، پنهنجن ننڍن ڀائرن کان ونڊبا آهن ڇا؟ اسان تہ اڃا اٽڙ ويهڻ بہ ڪين سکيا هئاسين. گهڻ ۾ گهڻ پنهنجن دوستن سان تہ اسان جي واقفيت ڪرائين ها، تون سڄي سنڌ کي سرسبز ڪرڻ لاءِ ڄام سان بہ وڙهين ۽ هن ڌرتي لاءِ خوشيون، مسڪراهٽون ۽ محبتون ورهائيي. پوءِ اسان لاءِ هي ويرانيون، اداسيون، مايوسيون ۽ ٻوسٽ ڇو؟ مون ۽ تو ان ساڳي ڪڪ مان جنم ورتو هو. ادا سائين هڪ ڀيڻ گلشن ۾ تنهنجو انتظار پئي ڪري ۽ ڪيترائي دفعا مون کان پڇيو اٿائين تہ ڇا واقعي اسان جو سهڻو ادا اسان کان ڌار ٿي ويو؟ اڄ ڏينهن ٽائين تنهنجي لاءِ تڏو وڇائي ويٺي آهي ۽ ڪارا ڪپڙا اٿس.“

مون کي ياد آهي تہ ادا جڏهن ڪميشن ڪري مختيارڪاري جي امتحان ۾ ٻہ هزار اسي اميدوارن ۾ ٽيون نمبر آيو ۽ ان وقت جي وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب وٽ آرڊر صحيح ٿيڻ لاءِ ويو تہ جتوئي صاحب اهو چئي آرڊر واپس ڪيو تہ ”لاڙڪاڻي جو ماڻهو آهي ۽ ان جي ڪا سفارش ناهي. اڳتي هلي اسان جي کهڙي ڪم جو ٿيندو“. پوءِ ادا کي ڪنهن ماڻهو چيو پنجاهہ هزار ڏي تہ

مختيارڪاري ملندئي. گهر وارن ۽ دوستن ادا کي چيو تہ سڀ گڏجي پئسا ڪري ٿا وٺون. هن چيو تہ اهڙي نوڪري نہ ڪپي جنهن جي شروعات ئي رشوت سان ٿئي، ان تي سڀ دوست ۽ مائٽ ناراض بہ ٿيس پر ادا ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪئي. ان ڪان پوءِ جلد ئي 1980ع ڌاري هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر ٿيو ۽ ايئن صحافت ۾ پير پاتائين. جڏهن سردار قريشي صاحب هلال پاڪستان جو ايڊيٽر ٿيو ۽ هلال پاڪستان مئگزين شروع ڪرايو تہ ادا ان جو پاڻ انچارج مقرر ٿيو. ان زماني ۾ هو ڪراچي ۾ اڪيلو رهندو هو، جنهن ڪان پوءِ 1982ع ۾ حاجي مريد ڳوٺ ۾ 200 رپيا مسواڙ تي ڪوارٽر ورتو ۽ ڳوٺان ٻار گهرايائين ۽ مون کي بہ پاڻ سان گڏ رهايائين. ادا ان زماني ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري هو. هر هفتي سنگت جي گڏجاڻي ٿيندي هئي ۽ اڪثر آءٌ بہ ساڻس گڏ ويندو هيس. صحافت ۾ اچڻ ڪان پوءِ ادا جي دوستن جو تعداد بہ وسيع ٿي ويو. انهن دوستن ۾ چاچا تاجل بيوس جن سا بہ گهرو تعلق ٿي ويس. مون مئٽرڪ جو امتحان 1982ع ۾ پاس ڪيو تہ بابا کي فڪر ٿيو تہ منهنجي شادي ڪرائي وڃي، ان سلسلي ۾ بابا ادا کي چيو تہ ادا چيو اوهان ڳڻتي نہ ڪريو هاڻي ننڍن سيني جو بار مون تي آهي. هڪ ڏينهن چاچا تاجل جن فيملي سان گڏ اسان جي گهر آيا تہ ياڇائي سندس نياڻي نورجهان (جيڪا منهنجي گهر واري آهي) ان جي گهر ڪئي. ان تي ادا ياڇائي کي دڙڪو ڏنو تہ تون منهنجي يائيٽي کي گاريون ٿي ڏين ۽ نيٺ اڳتي هلي رشتو طئي ٿيو. ان ۾ چاچا جن ادا جو ڀرم رکيو ڇاڪاڻ تہ مان ان وقت بي روزگار هيس ۽ صرف مئٽرڪ پاس. پوءِ ادا مون کي پرائمري ماستري وٺي ڏني، جيڪا اڄ تائين ڪيان پيو ۽ ادا جي چوڻ سان تعليم بہ جاري رکي هينئر مان ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ آهيان. 1985ع ۾ منهنجي شادي ادا پنهنجي هٿن سان ڪرائي، شادي جي رات مون کي چمي ڏيئي چيائين ”شل هميشہ سکيو هجين، پنهنجي وني ءَ سان“ اها دعا مون کي لڳي. منهنجي گهر واري ادا کي هميشہ چاچا ڪري ڪوٺيندي هئي. مون ڪيس چيو تہ ”ادا تنهنجو ڏير آهي“ ان تي هو چوڻ لڳي تہ ”چاچا فقير پهريان منهنجو چاچا ۽ پوءِ ڏير آهي.“

اسان ڇئن ڀائرن ۽ ٽن ڀائرن ۾ ادا سيني ڪان وڏا هئا. بابا سائين شروع ۾ مٺائي جو ڪم ڪندو هو چار درجا پڙهيل هو. بابا سائين ٻڌائيندو هو تہ ”جڏهن فقير محمد ڄائو تنهن رات تمام گهڻي بارش پئي جنهن ۾ اسان جي گهر ڇت بہ ڊهي وئي جنهن مان امڙ ۽ ادا فقير کي ڏاڍي مشڪل سان ڪڍيائون. بابا سائين چوندا هئا تہ ”اڃا جڏهن فقير ڄاول نہ هو تہ مون وٽ پئسا ڪونہ هوندا هئا ۽ ڪو ادار بہ غريب هجڻ جي ڪري ڪونہ ڏيندو هو. فقير جي امڙ سگهڙ چيو تہ ڪجهہ پئسا آڻ تہ ڇوڪر لاءِ ڪجهہ وٺون. مان حجامڪو ڪم ڄاڻندو هيس سو شهر وڃي رلي وڃائي ويٺس ۽ اتان ڪجهہ پئسا مليا، جنهن مان هڪ ڏينهن جو خرچ

Gul Hayat Institute

نڪتو. ان ڪان پوءِ ڪڏهن ته ايئن به ٿيو جو سڄو سڄو ڏينهن بک تي هوندا هئاسين". ان جي باوجود بابا ادا کي پڙهائڻ لاءِ ويهاريو. ادا پرائمري ڪان مڊل تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو. مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول واره مان پاس ڪيو.

ادا ٻڌائيندا هئا ته هو شروع جا ڪجھ ڏينهن پنڌ واره ويندا هئا ۽ پوءِ بابا سائيڪل وٺي ڏني. واره اسان جي ڳوٺ ڪان نو ڪلوميٽر پري آهي. ادا شروع ۾ تمام سنهڙو هوندو هو. هڪ ڏينهن ٻڌايائون ته مان واره ڪان واپس اچان پيو ته واٽ تي طوفان ۽ بارش شروع ٿي، جنهن مون کي سائيڪل سوڌو ڪٽي ڪيڙين ۾ اڇلايو پوءِ ته رنس به پئي ۽ گپ مان پاڻ کي ڪڍيم به پئي، سائيڪل ته ڦاسي پئي، جو نڪري ئي ڪو نه پئي، چئني طرفن ڪو به ماڻهو نظر ڪو نه ٿي آيو. پوءِ تڏ ۾ ڏڪندو رئندو جڏهن ڳوٺ جي ٻاهران پهتم ته بابا سائين به منهنجي لاءِ آيو پئي. مون روئي ڏنو. بابا چيو ته سائيڪل به الله ڪندو ملي ويندي. جڏهن گهر پهتم ته امڙ در تي مينهن ۾ پسيل بيٺي هئي ۽ مون کي ڏسي در ڪان ٻاهر نڪري مون کي ڀاڪر پائي چمڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته ابا اُتي رهي پوين ها. مون چيو "امان توهان کي انتظار ٿي پئي ها..." اهڙي طرح ادا فقير جڏهن مئٽرڪ ڪئي ته بابا ڪيس لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو. اتان انٽر ڪان پوءِ بي اي ڪيائين، جنهن ڪان پوءِ ماستري جي ٽريننگ ڪري اچي ماستر ٿيو.

ادا سائين اسان ڀينرن ڀائرن سان حد ڪان وڌيڪ پيار ڪندا هئا. مان ۽ ادا هت ڪراچي ۾ رهندا هئاسين. مصطفيٰ ۽ سچل، ڳوٺ ۾. جڏهن ننڍڙو سچل اغوا ٿيو ته مان ادا کي زندگي ۾ پهريون دفعو پريشان ڏٺو. ادا جڏهن ڏاڙيلن سان ملڻ ويو ته کين چيائين "مون کي ويهاريو سچل کي ڇڏيو. جيڪڏهن مون کي ويهاريندؤ ته ڪونه ڪو مون سان پيار ڪرڻ وارو ايندو ۽ توهان جي گهرج پوري ڪري مونکي ڇڏائي ويندو". ڏاڙيلن اها آڇ قبول نه ڪئي ۽ چيائون ته اسان ايئن نه ڪندا آهيون. ادا چيو ته سچل منهنجي امڙ جي آخري نشاني آهي ۽ هن کي اوندھ ڪان به ڀؤ ٿيندو آهي. تڏهن اسان مهراڻ هوٽل لاڙڪاڻي ۾ رهيل هئاسين. مون کي ڪنهن ٻئي ماڻهو سان ڪنڌياري موڪليو هئائين. مان جڏهن اتان موٽيس ادا مون کي ڏٺو ته پهريون دفعو ڀاڪر پائي روئي ڏنائين. مون سمجهيو شايد سچل کي ماري وڌائون! چيو ته ادا ان وقت به ڪونه رنو هو جڏهن ادا جو معصوم پٽ ظفر گذاري ويو. ادا جو سڄو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ايئن ٿي لڳو ڄڻ ادا جي ڪنن جي پاپڙين مان رت ٿي ٽپڪيو. روئندي چيائين ته "هو ڏاڍا ظالم آهن پئسن ڪان سواءِ ڪونه ڇڏيندا تنهن ڪري اسان واپس هليا آياسين" پوءِ مون کي ته خبر ڪونهي ته ادا جا اهي دوست جن ادا جي تڪليف کي پنهنجي سمجهي اسان تي ٿورو ڪيائون. ايئن ادا مون کي هزار رپيا ڏني موهن جي دڙي جي جهاز جي



Gul Hayat Institute

نہ ڏنو تہ اسان يتيم آهيون پر تون هاڻ اسان کي يتيم ڪري وئين. تو مون ساڳي امڙ جي ٿڃ ڏاتي هئي ۽ جڏهن توکان امڙ پڇندي هئي تہ پنهنجن پينرن ۾ پائرن کي ڪنهن جي سهاري ڇڏي آيو آهين. پنهنجن ٻچن ۾ زال کي ڪنهن جي آسري ڇڏيو اٿئي تہ پوءِ امڙ کي ڪهڙو جواب ڏيندين؟

ادا توکي هن ڌرتي، هن مسڪنن ماڻهن ۽ هن ٻولي جنهن ۾ امڙ توکي لولي ڏني هئي، ان جو واسطو آهي موٽي اچ. تون انهن دوستن لاءِ موٽي اچ جيڪي راتين جون راتيون جاڳي تنهنجو انتظار ڪن ٿا جن سان تون سڄيون راتين جون راتيون ڪچهريون ڪري ديوانو بڻائي وئين. منهنجا سهڻا ڀاءُ! تنهنجي لاءِ تہ انهن کي بہ ڏک ٿيو آهي جيڪي تنهنجي مخالفت ڪندا هئا. تنهنجي دوستن کي برابر اسان جيتري تڪليف پهتي آهي، انهن کي تہ هيا بہ دوست هوندا. اسان وٽ تہ تون اڪيلو ئي هئين. مون کي اهي شامون بہ ياد آهن جڏهن پاڻ ٻئي پائر گرائونڊ ۾ واڪ ڪرڻ هلندا هئاسين. منهنجا شيشي کان نازڪ ڀاءُ! مون کي اها شام بہ ياد آهي جڏهن تو پريس ڪلب ڪراچي ۾ فيض احمد فيض جي سالگره تي ڳالهائيندي چيو هو

"هم ديکين گي جب راج ڪري گي خلق خدا،
جو مين ڀي هون اور تم ڀي هو"

تو تہ اهو بہ ڪو نہ ڏنو ادا سائين، تنهنجي لاءِ سڄي سنڌ هند ماتم ڪيو. توکي تہ اجا تہ وڏا پنڌ جهاڳڻا هئا ۽ بين الاقوامي سطح تي پهچڻو هو. تون تہ چوندو هئين تہ "مان هڪ ڏينهن انهن سيني قوم پرستن کي گڏ ڪري ڏيکاريندس". توکي ايترو وقت ڪونہ مليو جو پنهنجا واعدا پاڙي سگهين ها. تو تہ انهن کي بہ پنهنجو دشمن نہ سمجهيو، جيڪي توکي تڪليفن ۾ وجهندا هئا. هاڻ اسان وٽ ٻي ڪا واٽ ڪانهي يا تہ تون پاڻ موٽي اچ، يا اسان کي پاڻ وٽ گهراءِ. ادا سائين، معاف ڪجان، مان توهان کي ڪٿي ڪٿي 'تون' ڪري مخاطب ٿيو آهيان. پاڻ ڀاءُ سان گڏ دوست بہ تہ آهيون تون پاڻ ئي تہ چوندو هئين تہ 'توهان' لفظ مان اوپرائپ محسوس ٿيندي آهي.

Gul Hayat Institute

# بابا سائينءَ لاءِ

## نصرت لاشاري

ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندي آهيان تہ ماڻهو ائين ڇو ٿا چون تہ فقير محمد لاشاري فوت ٿي ويو آهي! منهنجو بابا تہ ڪالهہ جيان اڄ بہ اسان سان ۽ ’جاڳو‘ سان ۽ سڄي سنڌ سان گڏ آهي ۽ گڏ رهندو. ڇو تہ اسان جو وجود ان سان گڏ آهي ۽ بابا جو وجود اسان جي وجود سان گڏ آهي. پوءِ اسان زنده هجون ۽ بابا ...... نہ نہ ان ڳالهہ کي تہ مون ڪڏهن بہ ڪونہ مڃيو آهي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن مڃينديس. سندس پيار ڀريو مٺڙو آواز اڄ بہ اسان جي گهر ۾ تہ ڇا پر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجي رهيو آهي. جنهن گهٽي سان بابا سائين ايندو ويندو هو، چؤطرف سندس ٽهڪن جي هٻڪار آهي ۽ رهندي، ها ان ڳالهہ کي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندي آهيان تہ اگر بابا سائين زنده آهي تہ پوءِ ’جاڳو‘ ۾ ايڊيٽوريل ڇو نٿو لکي. مونکي ائين ڇو نٿو چوي تہ ”پٽ نصرت آءٌ توکي ڇوندو ٿو وڃان ۽ تون ايڊيٽوريل لکندي وڃ......!!“

ان ڪميءَ کي محسوس ڪندي آءٌ سمجهندي آهيان تہ بابا سائين اڃا لاهور کان ڪونہ موٽيو آهي يا وري اڄ ڪنهن دوست وٽ هوندو .....!

ان سوچ جي سهاري مون ڪڏهن بہ پاڻ کي اڪيلو ڪونہ سمجهيو آهي، منهنجون اکيون اڄ بہ بابل جون راهون تڪي رهيون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ محسوس ٿيندو آهي تہ اجهو بابا اچي ويو...... ڪڏهن ڪڏهن تہ آءٌ بابا سان ويجهو ائين ڳالهائيندي آهيان جيئن هڪ دفعي بابا سائين ’عوامي آواز‘ جو چيف ايڊيٽر هو ۽ ’رابرٽ اوڪلي‘ (ان وقت جو آمريڪي سفير) کي ايڊيٽوريل ۾ مخاطب ٿيندي لکيو هو تہ ”رابرٽ اوڪلي جواب ڏي“ بابا سائين اوڪلي کي ڏاڍي ڇنڊ ڪئي هئي. مون ان تي بابا کان پڇيو تہ ”بابا اگر رابرٽ اوڪلي کي خبر پوي تہ اهو لکڻ ۽ سوال ڪرڻ وارو ماڻهوءَ هڪ غريب هاري محمد حسين لاشاري جو پٽ فقير محمد لاشاري آهي تہ پوءِ اوهان ڇا ڪندؤ ؟“ بابا سائين پنهنجي مخصوص مرڪ مرڪندي چيو تہ ”ڇا وري ڇا ڪندو، ماري ڇڏيندو!“ مون هڪدم کيس چيو ”اللّٰہ نہ ڪري، ائين نہ چوندا ڪريو“. اڄ بہ مان پنهنجي بابا سان هر مسئلي تي صلاح ڪندي آهيان. اڄ بہ بابا مونکي ائين صلاح ڏيندو آهي جيئن هو مونکي ڪالهہ مشورا ڏيندو هو. اهو پلا ڏينهن ڪيئن وسرندو جو جاڳو مان پگهار دير سان ملڻ جي ڪري گهر جي اهڙي حالت هئي جو بہ رپيا بہ گهر ۾

ڪونہ هئا، امان وجي بابا سائين کي چيو تہ "اڄ گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي"، بابا خاموش رهيو پر امڙ ادا سارنگ کي گئس سلينڊر ڏنو تہ وڃي کپائي اچ، جنهنجي عيوض سارنگ کي اٺ سؤ رپيا مليا جيڪي بابا وٽ ڪٽي وياسين. بابا پريشان ٿيڻ جي بجاءِ ڏاڍو خوش ٿيو. ڪيس خوشي ۾ ڏسي اسان جون دليون بہ خوشي ۾ ڀريل جام جيان ڇلڪي پيون.

بابا سائين جي ايمانداري وارن اصولن تي اسان کي جيڏو بہ فخر ۽ ناز آهي اوترو ئي سنڌ واسين کي هوندو. ڇو تہ بابا سائين چوندو هو تہ " جيئن نصرت ۽ سارنگ منهنجو اولاد آهي ايئن ئي جاڳو بہ منهنجو اولاد آهي". جاڳو کي نہ رڳو بابا سائين ايڊيٽوريل ڏنا پر پنهنجي سڄي عمر جي ميڙي چونڊي بہ ڏني، ڇا اهو ڪافي نہ آهي تہ لاهور وڃڻ کان اڳ جاڳو وارن کي چوڻ لڳو تہ " آءٌ اوهان لاءِ خبر ٿو وٺي وڃان". ان حال جي ڪهڙي خبر تہ 17 جولائي 1993ع جي نياڳي ڏينهن تي بابا خود هڪ وڏي هنيانءُ ڏاريندڙ خبر ٿي ويندو ...... اهو نياڳو ڏينهن اسان جي گهر ۽ جاڳو سميت سموري سنڌ لاءِ قيامت صغرا ٿي ويندو .....

بابا سائين نہ صرف اسان لاءِ ڇپر ڇانو هو پر هو سڄي سنڌ واسين لاءِ هڪ پڪي ڪوٺي جيان هو..... جڏهن بابا جام صادق سان مليو هو تہ (توڙي جام صادق ڪيس ڌمڪيون ڏنيون هيون) ان ڏينهن مونکي هماليہ جبل کان بہ وڌيڪ سگهارو ٿي لڳو. جام جي دڙڪن ۽ ڌمڪين جو ڪيس ڪو الڪو ئي ڪونہ هو. بابا سائين نہ صرف نالي ۾ فقير هو پر طبيعت ۾ بہ فقير هو. اسان جو هر ڏک سور سندس هڪ مرڪ جو محتاج هو. بابا سائين هميشہ انهي ڳالهہ تي زور ڏيندو هو تہ انسان کي پنهنجن خواهشن جو غلام نہ بنجڻ گهرجي.

ڇو تہ خواهش جي غلامي مادي ٿي وڃڻ ڪري انسان بہ مجبور ٿيو وڃي. هر انسان کي خواهش تہ ٿيندي آهي پر ان تي حاوي ٿيڻ جي بہ ڪيس صلاحيت هوندي آهي. جيڪو انسان ايڏو وڏو ايڊيٽر ۽ قلمڪار ٿي سگهي. حقيقت پسند قلمڪار ٿي قومن جون تقديرون تبديل ڪري سگهي ٿو ۽ بابا سائين ۾ اهي سڀ گڻ موجود هئا. جيڪي ماڻهو پنهنجي قوم ۽ ڌرتي سان سچا هوندا آهن سي ئي حقيقت ۾ انسان هوندا آهن ۽ هن ڀهروپي دنيا ۾ ماڻهو تہ لکين ڪروڙين ٿا ملي وڃن پر انسان جو ملڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪٿي ڪو انسان مقدر سان ملي بہ وڃي ٿو تہ افسوس اسان جي حال تي، جو ان جو قدر ڪونہ ٿو ڪيو وڃي ۽ اهي فقير محمد لاشاري جيان بي دردي سان ڌارين جي ديس ۾ روڊن تي لتاڙيا ۽ بي يارو مددگار ماريا ٿا وڃن.

بابا سائين جو سنڌي قوم ۽ سنڌ سان اهو پيار ئي ڇنجي جو جاڳو ۾ مسلسل اٺ نو ڪلاڪ ڪم ڪرڻ کان پوءِ بہ رات جو دير تائين جاڳي "جاڳو" لاءِ ايڊيٽوريل ۽ "ياد رکو" لکندو هو. "ياد رکو" لکي بابا سائين سنڌي قوم کي هميشہ لاءِ ان ڳالهہ جو پابند ڪيو تہ ياد رکو خواهش جا غلام نہ ٿيو ڇو تہ خواهش جا غلام وڪامجي ويندا آهن .....!!

بابا سائين ڏيهہ ۾ هجي يا پرڏيهہ ۾ پر جاڳو لاءِ ايڊيٽوريل فيڪس ذريعي

Gul Hayat Institute

روزانو موڪليندو هو يا وري سڄي رات جاڳي ٻه ٽي ايڊيٽوريل ۽ 'ياد رکو' اڳ واٽ لکي ڇڏيندو هو. ايترو ڪهڙ ۾ اسان جو اونو ٻه ڪونه هئس جيترو جاڳو جو هوندو هئس. ايتري تائين جو فالج جو حملو ٿيڻ ڪري ڊاڪٽرن کيس آرام جي لاءِ مشورو ڏنو پر پوءِ ٻه ايڊيٽوريل ۽ 'ياد رکو' چوندو ويندو هو ۽ آءٌ لکندي ويندي هئس. سندس 'جاڳو' سان اها محبت ۽ انساه ئي آهي جو جاڳو اڄ ٻه زنده آهي ۽ اسان جي دعا آهي ته الله تعاليٰ ان جاڳو کي اڃا ٻه وڌائي ڇو ته جاڳو بابا جو اولاد آهي.

واقعي واري رات جڏهن اسان کي بابا جي شهادت جي خبر پئي ته ڪجهه ٻه سمجهه ۾ ڪونه آيو. رات جو دير سان چاچا مشتاق نظاماڻي، چاچا قمر ابڙو، چاچا رڪ سنڌي، چاچا محفوظ شيخ، ۽ جاڳو جي آفيس مان ٻيا ڪيترائي آفيس وارا آيا. بعد ۾ صبح جو تمام کهڻي ڪوشش کان پوءِ گاڏي نه ملڻ ڪري اسان کي چاچا وارن سڳا وارن جي ايمبولينس ۾ ڳوٺ موڪليو. ڳوٺ پهچڻ تي اسان کي هوش ئي ڪونه هو ته اسان ڪٿي آهيون، ايتري تائين ته اها خبر ڪونه پئي پوي ته اسان ڳوٺ ڪيترا ڏينهن رهي ڪراچي موٽي آياسين. گهر پهچڻ کان پوءِ مون جڏهن بابا سائين جو ڪمرو صاف ڪرڻ لاءِ کوليو ته هر شيءِ اتي پئي هئي جتي بابا سائين رکي ويو هو. ان وقت چاچا آڪاش انصاري جي شعر جون هي سٽون ذهن ۾ تري آيون:

جڏهن توسان نينهن جو ناتو ڇنو هو،
تڏهن دور آڪاش ڪيڏو رنو هو،
جڏهن جيءُ جهورڻ آيون جدايون،
الائي ڇو اوهانجون اکيون ياد آيون.

ڪمري ۾ اندر وڃي بابا جي پيڊ کنيم جنهن ۾ ڪجهه ڪاغذ پيل هئا، انهن ۾ ڪجهه پورا ۽ اڌورا مضمون لکيل هئا. پر هڪ ڪاغذ تي سندن هٿن سان هي اکر اڪريل هئا ته " وقت تمام ٿورو آهي ۽ ڪم ۽ ذميواريون گهڻيون آهن".

بس ڪاله ڪنهن ياءُ 'سنڌيڪا' کان فون تي چيو ته ادي سائين لاشاري تي ڪتاب لکي رهيا آهيون ان لاءِ اوهان ٻه ڪجه لکي ڏيو. سوچيم ته بابا سائين تي ڇا لکان. اهو سوچي قلم ۽ ڪاغذ کڻي سندس فوٽو اڳيان رکي لکڻ شروع ڪيم ۽ پوءِ لکندي ويم ۽ پوءِ مونکي ڪا خبر ڪانه آهي ته مون ڇا لکيو آهي! ها جڏهن ٻه بابا سائين جي تصوير ڏسندي آهيان ته جڻ بابا سائين چئي رهيو آهي ته:

"اسان کي زمانو وساري نه سگهندو،
اها ڳاله ٻي ته لڙڪ هاري نه سگهندو.
جيئڻ ڪاڻ جڳ ۾ ڪونڌر ڪسن ٿا،
انهن کي ڪڏهن موت ماري نه سگهندو."

Gul Hayat Institute

اصل عاشقن جو سر نہ ساندڻ ڪم.
سو سِسئان اڳرو، سندو دوسان دم،
ھي ھڏَو ۽ چم، پڪ پريان جي نہ پڙي.

مانواري محبتي ۽ بھادر صحافي ۽ سنڌ امان جي غيرت مند پٽ مرحوم فقير محمد لاشاري جو پاڻ کي فرضي ٿو سمجھان جو پنھنجي روائتي سستي جي سبب، تازي آزادي کان پوءِ سندس درشن نہ ڪري سگھيم. اھا خبر تہ ڪونہ ھئي جو منڙو ۽ محبوب ماڻھو ايترو جلد پنھنجو ڪردار ادا ڪري وڃي پنھنجي حقيقي مالڪ ۾ سمائبو- مون کي پنھنجي سستي جي لاءِ پڇتاءُ سڄي حياتي رھندو.

فقير لاشاري ان دؤر ۾ ذھن ۽ ضمير جي زندہ ھجڻ جو ثبوت ڏنو ۽ غيرتمند صحافي ۽ ڌرتي ماتا جي پٽ ھجڻ جو ثبوت ڏنو جنھن وقت سنڌ ۾ ذھن ۽ ضمير جي وڪري جي جمعہ بازار لڳل ھئي، ان دور ۾ بہ ھن نينھن جا نعرا ھڻندي چيو تہ: آڏو ٺڪر ٺر، مٿان روھ رتيون ٿئين. فقير لاشاري سرھواسي کي سلام پيش ڪرڻ جو درست طريقو آھي ان وانگر بڻجڻ ۽ ھر ڏکي حالت ۾ ذھن ۽ ضمير کي لاشاري وانگر زندہ رکڻ.

ڊاڪٽر گھنشام پرڪاش 20-7-93
ڊاڪٽر جوھر لال

اڳي پوءِ مران، مَرُ مران مارڳ ۾،
تھان پوءِ پريان، خون، منھنجو جيڏيون.

فقير لاشاري جي مرتيي تي، سارنگ ۽ سندس يائرن لاءِ ارمان ڪندي اھو محسوس ٿي رھيو آھي تہ تڏي تي، سنڌي صحافت، ادب، ۽ شعور پڻ سرھوار بڻيل آھي، سچ تہ فقير جي شعور جو پڙاڏو، تمام پري پري ٿيندو رھيو آھي، ۽ رھندو، ڇو تہ مون کي ويساھ آھي تہ موت جي مارڻ کان ف - م- لاشاري تمام گھڻو زور آھي.

مون سان سندس ڇاڻ سڃاڻ 'ھلال' ۾ ٿي ۽ پوءِ لاڳيتو اھو واسطو ھلندو رھيو، مون جڏھن بہ فقير کي ڏٺو تہ منھنجو ايمان تازو ٿيندو ھو، شعور پختو ٿيندو رھيو، لکڻ جي سگھہ اڃا بہ سگھاري ٿيندي ھئي، سنڌ ۽ ساڃھ جيستائين جيئريون آھن ف- م- لاشاري تيستائين قوم جوان ھوندو- ف-م لاشاري ھڪ ڪتاب جو اھو نالو آھي تہ 'جي ماريا نہ موت.'

سوڳوار
منصور ميراڻي 21-7-93



Gul Hayat Institute

**منهنجي طرفان**

ڪاجي ڪهاوڻ جي زمين مان هڪ گل ڦٽو، جنهن سڄي سنڌ کي واسي ڇڏيو- هڪ وڻ پيدا ٿيو، جيڪو ڪيرٿر کان ڪپري تائين، ماٿيلي کان مڪلي تائين ڦهليل هو، جنهنجي ڇانوَ ۾ ويهي نئون نسل سنڌ جي زخمن جي ملم پٽي ڪندو هو ۽ ڪندو رهندو- مون فقير جي ذات مان ڪيلاش جا جهرڻا ڦٽندي ڏٺا هئا.

**فقير طرفان**

ساٿي! مان ڏور ڏاڍو ڏور هليو ويو آهيان، ايڏو ڏور جتان ڪوبه واپس نه موٽيو آهي. متان سمجهو ته مان پاڻ اوهان کان جدا ٿي ايڏو ڏور هليو ويو آهيان- مان ته اوهان سان ڳنڍير جي ڳنڍين وانگر ڳنڍيل هئس، ڳنڍيل آهيان ڳنڍيل رهندس. اوهان کان ڌار ٿيندي، محسوس ڪيو هئم جڻ ڪنهن دل جي چڱني خانن ۾ ٻير جون ڀنگهريون وچڙائي، پنهنجي هٿن سان ٻوهڻ شروع ڪيو آهي، ڪير ٿو چوي ته منهنجي زبان خشڪ ۽ جسم سرد ٿي ويو آهي، بس اوهان ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ سنهڙو پردو اچي ويو آهي. مون سان ڳالهائي ته ڏسو، پلا ڪا گهڙي اکيون ٻوٽيو، ڏسو ڪيئن نه مان اوهان جي خوابن جو ساٿي ٻتجي ٻتا ٻتا پاڪر پائي اوهان سان وڻ- ويڙهيءَ جيان وڪوڙجي ٿو وڃان! متان سمجهو ته مان اوهان کان جدا ٿي ايڏو ڏور هليو ويو آهيان. اهو ڪير هوندو جو ڪلاب جي گلن جهڙا ٻچڙا، پائرن ۽ پينرن جون ڪير- پنيون مرڪون ڇڏي، لاڙ ۽ ڪاڇي جي پارڙي، مائي ڪلاچيءَ جي ڳوٺڙن سان رساما ڪري ايڏو ڏور هليو ويندو!

متان سمجهو ته منهنجي سڪ ۽ صحبتن جا چشما خشڪ ٿي ويا آهن. پائڙا! اهي ته لڪيءَ جا چشما آهن، جيڪي بارهن ئي مهينا وهندا رهندا. اوهان سان گهاريل پره جهڙا پل ڪٿي ٿو وساري سگهان!

ڪاڇي جي ٻيرڙين کي سنڌوءَ جو اوجل پاڻي ڇهندو ئي رهندو. انهن ٻيرين کي ڏوڻو ته ڏئي ڏسو، ڪهڙا نه ڳاڙها ڳنول ٻي رٿا اچي اوهان جي جهول ۾ ڪرن.

اوهانکي ڇا ٻڌايان ته ڪاله موهن ڪلپنا، نارائڻ شيام، استاد بخاري، ۽ مان سهتي لطيف جو سلام ڪري، موٽي ٿي آياسون ته ڪاڇي لڳندڙ واءُ جي جهوٽي، بهشت جي دري کولي وڌي ۽ اٿين اسان ٽر جا پلڙا ۽ پسيون، ڪينجهر جا ڪنول ۽ کهوگهاري جي سڳداسي چانورن جا کيت ڏسڻ لڳا هئاسون. استاد بخاري چيو: فقيرڙا! هو ڪونجن جون قطارون ڏس جيڪي ڪاڇو اکري، ٿر ڏانهن اڏاتيون ٿيون وڃن. مون وراڻيو پر اهي ڪير آهن، جيڪي منهنجي پٽڙي سارنگ جي مٽي تي اجرڪ جي پٽڪي جا ور پيا ڏين؟

مرڻا اڳي جي مئا، مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئا اڳي جي جيئا.

31-7-93

تاجل بيوس

پر وسرندو ڪيئن؟ هو ۽ مان ان شام ڪڏ هئاسين، جڏهن ضياءُ الحق جو حادثو ٿيو ۽ تڏهن پاڻ هڪ ٻئي سان وعدو ڪيو هيوسين تہ جڏهن جام صادق جو انجام ٿئي تہ بہ پاڻ ڪڏ هونداسين ۽ هئاسين. پر هن پيري بي وفائي ڪري ويو. جو هن سياست جي نئين موڙ جي ابتدا ۾ مون کان پري هليو ويو.

ڪاش! ڪڏ هجي ها تہ هميشہ وانگر ڏک پيا سليون ها ۽ هن ڏتڙيل سنڌ جي سنڌواسين لاءِ سهانا خواب ڏسون ها ۽ حقيقت بنائڻ لاءِ عملي جتن ڪيون ها.

پر فقير محمد اي منهنجا کهڻ کهريا ووٽر، توسان ڪيل واعدا پورا ڪرڻ جو واعدو ڪيان ٿو تہ ائين ڪري تنهنجي ياد کي هميشہ دائم ۽ قائم رکڻ جي هميشہ ڪوشش ڪندس، چاهي ڪيترو ۽ کهڙي حال ۾ بہ هجان. شل تون ۽ تنهنجي ياد هميشہ زنده رهي.

خدا توکي جنت ۾ جاءِ نصيب ڪري ۽ تنهنجي پونئرن کي خدا جي هن ڌرتي تي موجود هر خوشي نصيب ٿئي ۽ ڪائي محرومي انهن جي ويجهو نہ اچي.

تنهنجي ياد ۾ اداس
تنهنجو مومن
نثار احمد کهڙو

Gul Hayat Institute

# چوند مضمون

٨٠ واري ڏهاڪي ۾ ڪوبه رسالو يا اخبار تيستائين اڻپوري ليکي ويندي هئي، جيستائين ان ۾ ف- م لاشاريءَ جو مضمون شامل نه هجي. ڪنهن به مسئلي جي ته تائين پهچي ان جي پس منظر ۽ پيش منظر کي ايڪس ري وانگر پڙهندڙ جي آڏو بيهارڻ جو ملڪو جيڪو فقير کي حاصل هيو. اهو ان جو ئي حصو هو. هن مضمونن ۾ جيڪي به موضوع منتخب ڪيا سي سنڌي سماج جا اجتماعي روڳ هئا، جن جي هن مداوا پڻ ڳهري.

سنڌس مضمونن جو پهريون ڪتاب 'سنڌ جا سور' جولاءِ ١٩٨٧ع ۾ سوجهرو پبلڪيشن مٺياري جي پاران ڇپيو، جنهن ۾ ڏهه مضمون شامل هئا. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون، سنڌي معاشرو، اڄ سياڻي- سنڌ ۾ شاگرد سوال هڪ نظر- سنڌ جا سور ۽ اديب جو ڪردار انهيءَ ڪتاب تان ورتل آهن. سنڌس ٻيو ڪتاب 'ڌرتيءَ جي دانهن' سجاڳ پليڪيشنس ڪراچي پاران جناب امداد اوڍي ١٩٨٨ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ چوويهه مضمون شامل هئا. هن ڪتاب ۾ شامل رياستي دهشت گردي ۽ انساني حق- صحافت منصب ۽ حالت- هوند اٿهوند جو ٽڪر- اهي ٽئي مضمون 'ڌرتيءَ جي دانهن' تان ورتل آهن.

مضمون 'عوام جو احترام ۽ عوام جي طاقت' ٢٨ آگسٽ ١٩٨٩ع کان ٣ سيپٽمبر تائين، هلال پاڪستان ڪراچي ۾ ڇهن قسطن ۾ شايع ٿيو هو. باقي مضمون فقير محمد لاشاري جي ايڊيٽري واري زماني ۾ روزاني جاڳو ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيا.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

جاهل آهي، عوام اڻ پڙهيل آهي، عوام ۾ سياسي شعور ڪونهي، بي سمجه عوام جي فيصلي تي پارٽي نٿو سگهجي.

جنرل ضياءَ هن ڏس ۾ هڪ نموني طور سامهون اچي ٿو. هو سياسي راند ٻه اها ڪندو رهيو، جيڪا سندس اقتدار کي قائم رکڻ واري هئي. عوام لاءِ چيا چڱو آهي، سا چونڊ ڪرڻ جو حق هن پاڻ کي ڏنو. پوءِ ڪڏهن پاڻ کي خدا طرفان موڪليل پئي سڏيائين ته ڪڏهن عوام مٿان چٽي پوڻ جو سبب ماءَ جي دعا پئي ٻڌايائين. جنرل ضياءَ ته ڪلم ڪلا ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي اچي عوام مٿان اهو مڙهيو جيڪو هن چاهيو. ان معنيٰ ۾ هن اعلان ڪرڻ کان سواءِ جڻ ته نبوت جي دعويٰ به ڪئي. مثال ونجي، ته هڪڙو اسلام مذهب حضرت محمد ﷺ جو آندل جنهن تي عوام جو ايمان آهي ۽ جنهن ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نٿي ملي جو ان مان ضياءَ جي اقتدار جي حمايت ٿئي.

تمام معتبر عالمن چيو، ته اهو اصل اسلام ناهي، جنهن جو نالو ضياءَ وٺي رهيو آهي، بلڪ اها ته اسلام کي بدنام ڪرڻ جي سازش ۽ سياسي عياري آهي. هن ڳالهه جو مطلب چيا ٿو نڪري. اسلام کي بدنام ڪرڻ جو يا ان کي نقصان پهچائڻ جو ٻيو ڪهڙو مقصد نڪري ٿو. سواءِ ان جي ته ان سان ضياءَ جو اقتدار بچي. اقتدار کي بچائڻ لاءِ، هو سڌي طرح نبوت جي دعويٰ ته نه ٿو ڪري، پر اسلام جي وڪالت ائين ٿو ڪري جڻ کيس اهڙو حق خدا تعاليٰ طرفان ڏنو ويو آهي. وري سندس اهي تشريحون عمل ۾ به آنديون ٿيون وڃن، جو ته اها طاقت به وٽس هئي. قلم جي هڪ جنبش سان، زبان مان هڪ لفظ ڪڍڻ سان اهو قانوني شڪل وٺي پيو وڃي. خدا ۽ رسول ﷺ جي اسلام سان هو خيانت ڪندو رهيو، جو ته وٽس اقتدار هيو.

هن چيو، ته طاقت جو سرچشمو عوام ناهي، پر خدا کيس ڏنو آهي. پنهنجي ان جملي سان هن عوام ۽ خدا کي هڪٻئي سان تضاد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ اعلان ڪيائين، ته هو عوام جو نه، پر خدا جو طرفدار آهي. عوام ويچارو پريشان، ته هن ته ڪڏهن خدا تعاليٰ سان 'نعوذباالله' جهيڙي ۾ اچڻ لاءِ ته سوچيو ئي ڪونهي، پوءِ هي ڪيئن ٿي ويو آهي، جو ضياءَ جو ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه مطلب نه هيو. عوام کي خدا تعاليٰ کان ڌار، متضاد ۽ مخالف قرار ڏيڻ منجهان هن جو مقصد هيو، ته هڪ پاسي خدا تعاليٰ ۽ جنرل ضيا ۽ سندس 'رفقا' آهن، ته ٻئي پاسي باقي خلق آهي. عوام ان اسلام کي قبول نه ڪيو ۽ پنهنجي سڌي سنئين اسلام تي بيٺو رهيو، پر ضياءَ جو سمورو دور هڪ سرڪاري اسلام قائم رهيو، جنهن جو انچارج ضياءُ پاڻ هو.

هن وضاحت جو مطلب هي آهي ته خيانت رڳو عوام جي سياسي حقن سان نه ٿي ٿئي، پر سندس عقيدن ۽ روحاني پاسن کي به ڪمزور ڪرڻ آمرن جي پاليسين

Gul Hayat Institute

جو حصو آهي. پنهنجي سموري سرڪاري عياري، جبر ۽ ڏاڍ سان گڏ اسلام جو نالو وٺي عوام دشمنيءَ کي جائز ڪرڻ جو مقصد، هن کان سواءِ ٻيو ڪهڙو آهي، ته ماڻهو مادي طرح فوج، پوليس، مهانگائي، بيروزگاري ۽ ذلت وارين حالتن مان بيزار ٿي جيڪڏهن روح ۽ ذهن جي دنيا ۾ پناهه وٺن، ته اتي به کين اجهو نه ملي. عام ماڻهو اجهو ته خدا ۽ رسول جي نالي ۾ وٺندو، پر هن پاڻ کي خدا ۽ رسول جو طرفدار سڏي سموري خلق کي خدا کان پري ڪرڻ چاهيو.

هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته ماڻهن هن کي ۽ اسلام جي سندس ڪيل تشريح کي نه مڃيو. عالم سگهورا به گهٽا چوندا رهيا. مولوي صاحب عبدالڪريم ٻير واري ته کين دجال به سڏيو، پر سياسي اقتدار جنهن سان عوام جا مٿا پيڻ جو اختيار ضياءَ کي هيو، سو نه پيو مڃي ۽ ملڪ ۾ سرڪاري طرح هلي اُهو پيو، جيڪو هن ٿي چاهيو.

ضياءَ ٽين دنيا ۾ ۾ آمريت جو بدترين نمونو آهي، جنهن عوام دشمن ڪلچر کي منظم ڪيو. جڏهن ڏنائين ته فوج ذريعي عوام سان پورو نه ٿو پوي، ته ڪلاشنڪوف، هيروئن ۽ ڌاڙيل ماڻهن پويان ٻڇي ڇڏيائين، جيڪي سندس موت کان پوءِ به آمريت جي خدمت ڪري رهيا آهن.

جنرل ضيا کي عوام جي ايڏي بي عزتي ڪرڻ لاءِ صاف ميدان مليل هو. جاگيردار ۽ وڏي زميندار هتي جي ماڻهوءَ کي ذلت جي پستين تائين پهچائڻ ۾ وسان نه گهٽايو. مُلو ۽ پير هن پنڌ ۾ ساڻس گڏ هيو. منزل به ٻنهي جي ساڳي هئي. پرماريت ڪرڻ ۽ عوام جي پورهئي تي زور زبردستي سان پلجڻ. مادي ۽ روحاني طرح عوام کي غلام رکڻ لاءِ هڪ مڪمل پنجوڙ پڪڙيل هو. عوام جي جيئڻ جا شرط، جاگيردار، ملي ۽ پير پئي طئي ڪيا.

ان حالت ۾ جيڪا سياست ٿيندي، سا به پرماري طبقن جي مفادن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هوندي. اقتدار جي سياست ۾ ٿيندڙ چڪتاڻ ۾ شامل سياسي پارٽيون به پنهنجا شرط ڪٽي عوام وٽ ايندين ۽ چونديون، ته هنن شرطن تي جيئڻ چاهيو، ته پوءِ اسان کي ووٽ ڏيو. پسماندگي جي خطرناڪ سطح ۾ سيئي قوتون پاڻ کي عوام جو خيرخواهه سڏيندين آهن، جڏهن ته سندن عمل ۾ عوام دوستي جي چسي نعري جا وڪا آرام سان ڏسي سگهجن ٿا. هنن کان ايترو به نه پڇندو ته پنهنجن ئي شرطن تي ڪٽي عوام کي منظم ڪن. عوام جي منظم ٿيڻ جو ڪوبه تصور عوام دشمنن لاءِ ائين آهي جيئن پولڙي کي ڪل ڏيڪارجي.

ايم- آر- ڊي واري 1983ع جي هلچل جو مثال ڏسو، ته جن ليڊرن هلچل جو سڏ ڏنو، سي پريشان ٿي ويا ۽ ڏنائون ته جيڪڏهن ماڻهو ائين پنهنجي طاقت جي آڌار تي اڳتي وڌندا رهيا، مرندا رهيا ۽ وڙهندا رهيا، ته پوءِ سياست جي سوچڻ واري واڳ به پنهنجي ٿاهيندا ۽ هو پاڻ جيڪي عوام سان به هئا ته ضيا

ٻہ ھئا سي لتاڙيل گاھ وانگر پوئتي رھجي ويندا.

بنگلاديش جي عوام جي 1971ع ۾ آزادي واري ويڙھ ۾ جڏھن پاڪستاني فوج سان بنگالي عوام پاڻ دوبدو ٿي بيٺو، تہ اتي جي اثرائتين طاقتن ھڪدم دخل ڏنو. جيسين فوجن، بھارين ۽ جماعت اسلامي جي جنونين بنگالي عوام کي نڌڪو ڪري پئي ماريو تيسين رڳو اخباري بيان ھوندا ھئا. ھندستان جي حمايت بہ اخلاقي ھئي. پر جنھن وقت حالتون بنگالي عوام جي ھٿ وس ٿيون ۽ ماڻھو ھڪ ڀڳھي ويڙھ جي واٽ تي نڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا، تڏھن ھندستان بہ فوج ڪاھي آيو، تہ جيئن بنگالي عوام کي، پنھنجي آزادي جي سوڀ جو سھرو نہ ملي. جيڪڏھن بنگالين کي پاڻ ڀڳھي ويڙھ وڙھڻ ڏني وڃي ھا تہ اڄ جنرل ارشاد اُتي ضياءَ جي فوٽو ڪاپي ٿيو اقتدار تي بہ ويٺو رھي ھا. ان ڪري عوام پنھنجي طاقت کي پاڻ منظم ڪرڻ ڏانھن جيسين آزاد ٿي نہ وڌندو، تيسين ساڻس غداريون ٿينديون رھنديون.

عام جو وجود سنڌس سڀ کان وڏو معجزو آھي. زبردست ۽ بي انداز دغابازين جي باوجود ھو قائم ۽ دائم آھي. انساني تاريخ ۾ بادشاھن ۽ سندن زوال جي مختلف شڪلين جيڪا رتوڇاڻ ڪرائي، ان جا ڪجھ سال اڳ تائين مليل انگ اکر ھي آھن، تہ گذريل پنج ھزار سالن ۾ ننڍيون وڏيون 14 ھزار کان وڌيڪ جنگيون لڳيون آھن، جن ۾ ڪروڙين ماڻھو مئا، زخمي ۽ بي گھر ٿيا. اھي ماڻھو، ايڪڙ ٻيڪڙ حاڪمن کي ڇڏي باقي سمورا ھڪ جھڙا عوام ھئا. پراين ھشين تي، جذباتي نعرن ۽ روحاني مڪر فريب ۾ اچي ڪڏھن پراون ملڪن تي قبضن جي ارادي سان، تہ ڪڏھن مذھبن جي نالي ۾ ۽ ڪڏھن بادشاھن جي خودغرضيءَ وارن تڪرارن سبب خوفناڪ جنگين ۾ ڌوڪي پوندا ھئا. سادگي، ابوجھائي ۽ بدترين غلامين ۾ ڦاٿل ھئڻ، مرڻ ۽ مارجڻ جي باوجود عوام موجود آھي. پنھنجي سفر ۾ منزلن تي غلامين جا زنجير ٽوڙيندو، بادشاھن، نوابن ۽ روحاني ٺڳن کان جند ڇڏائيندو اڳتي وڌي رھيو آھي. اھا لاڳيتي سوڀ آھي، تہ سنڌس دشمن جو تعداد ۽ طاقت ڏينھون ڏينھن ڪمزور ٿيندي ٿي وڃي. عوام تمام ڪھڻن موقعن تي ثابت ڪيو آھي، تہ سنڌس دشمن پنھنجي عارضي ڪامياٻين تي، ھڪ يا ٻن يا سٺن پيڙھين تائين خوش ٿي ڪيُيون ھڻڻ جي باوجود تبديلي واري عمل جي جنڊ ۾ اچي پيڙجي، پيسجي اٽو ٿي ھوا ۾ اڏامي ويا، ۽ عام ماڻھو اڳي کان اڳرو تازو توانو بيٺو آھي. سنڌس ماڳ سموري انسانذات کي گڏ ڪرڻ ۽ ھڪ ئي ڪٽنب جو ڀاتي بنائڻ ۾ آھي ۽ ان جو ھڪ عملي خاڪو گڏيل قومن وارو ادارو آھي. ھن اداري جي سياسي فيصلن مان ڪٽي دنيا جو ايترو ڀلو نہ ٿيو آھي، جيترو ٿيڻ گھرجي، پر سنڌس ٻين فورمن جھڙو يونيسڪو، يونيسيف، عالمي خوراڪ تنظيم، عالمي پورھيت تنظيم وغيره منجھان دنيا جي ھڪ ٿيڻ جي تصور

ڪي هٿي ملي آهي. ان ڏس ۾ عملي واڌارن جو هيو نظارو هن طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ وحشي قبائلي زمانن جو ماڻهو غيرمنظم، ٽڙيل پکڙيل ۽ بي ربط هو.

اڄ سائنس جي ترقيءَ سان جپان ۽ آمريڪا جيڪي دنيا جا آخري ڇيڙا آهن، سي بہ هڪ ٻئي سان گهر ياتين جيترا ويجها ٿي چڪا آهن. ان عالمي ويجهڙائيءَ ۾ سڀ کان پهريائين تڪرار ۽ تضاد اڀرن ٿا. پوءِ جهيڙا بہ ٿين ٿا، پر هڪ ڳالهہ واضح هئڻ گهرجي تہ ڪي بہ ڌريون وڙهڻ ۽ مرڻ کان پوءِ وري بہ ان ڳالهہ تي اچي گڏ ٿين ٿيون، تہ ويهي ڳالهائجي ۽ معاملا طئي ڪجن. هي احساس پختو ٿي رهيو آهي تہ زيان ڪري، رت ڳاڙي، هڪ ٻئي جا اندر ساڙي پوءِ ڳالهين تي متفق ٿيڻ کان چڱو آهي تہ اڳ ۾ ئي ان نتيجي تي پهچجي، جنهن تي رتوڇاڻ کان پوءِ اچجي ٿو. (هي ڳالهہ جڏهن هڪ عالمي اصول طور مڃجي وئي آهي، تہ پوءِ اسان کي بہ اهڙي قيمتي وٽ مان فائدو ڇو نہ وٺڻ گهرجي.)

آمريڪا وارن جپان کي ائٽم بم هٽي هٿيار ڦٽا ڪرايا هئا، پر جپان ان للڪار مان تمام مختصر عرصي ۾ ايڏو اڳتي وڌيو آيو آهي، جو معاشي ميدان تي آمريڪا کي ڏول وجهي ڇڏيو اٿس. فتحن ۽ شڪستن جا اثر ظاهري طرح هڪڙا ٿي سگهن ٿا، پر تاريخي طرح انهن جون ٻيون شڪليون بہ ٿين ٿيون. آمريڪا تان ائٽم بم استعمال ڪرڻ وارو لعنتاٽو ڪڏهن بہ نہ لهندو ۽ عالمي تحريڪن جي ملامت جو پهريون نشانو آمريڪا بڻجي ٿو ۽ اها ڳالهہ اتي عوام لاءِ بہ بدنامي جو ڪارڻ ٿئي ٿي.

سائنسي ترقي جيڪا عوام جي عقل، وت، ذهانت ۽ تجربن جو اظهار آهي، ان سان پيدا ٿيل ويجهڙائي سبب هينئر دنيا جون ٻہ مکيہ ڪئمپون، سرمائيدار ۽ سوشلسٽ هڪ ٻئي کي ويجهون اچي رهيون آهن ۽ دنيا کي گڏيل چئلينج طور جيڪي مسئلا سامهون آهن، تن کي گڏجي نبيرڻ جا پروگرام طئي ٿي رهيا آهن. ٿورا ڏينهن اڳ سوويت سربراهہ ڪامريڊ گورباچوف اعلان ڪيو تہ جنگي هٿيار ۽ بارود ٺاهيندڙ پنجاهہ ڪن صنعتن کي انساني صحت، صفائي ۽ ٻين ضرورتن جي صنعتن ۾ تبديل ڪيو ويندو. هنن ٻن ڪلاڪن جي وچ ۾ لاڳاپا سڌارڻ جي نتيجي ۾ ٽين دنيا ۽ بيٺڪيت مان گڏريل ملڪن اندر بہ جمهوري قوتن ۽ تحريڪن کي فائدو ٿيو آهي. خود پاڪستان جي اندر جمهوريت جي بحالي کي عالمي لاڳاپن سڌرڻ جي تناظر ۾ ڏسڻو پوندو ۽ مڪاني سياسي حڪمت عملي ٺاهڻ ۾ ناپاسي کي شامل ڪرڻ جي گهرج پوندي.

هاڻي پنهنجي اڳيان جيڪو سوال اچي ٿو، سو هي آهي تہ ان عالمي ويجهڙائي قائم ڪرڻ جي ڏس ۾ پاڻ ڪيترو ۽ ڪيئن اڳتي وڌون. هيءَ پڪي ڳالهہ آهي تہ ان دوڙ ۾ جيڪو رهجي ويو سو ڇيتو، ترقيءَ جي دوڙ ۾ پٺتي رهڻ جا تہ سوين مثال آهن، پر بنهہ رهجي وڃڻ، هٿ ڪڍي ڇڏڻ يا ان عالمي شعور کان

گسائڻ سان، پنهنجي حيثيت رڳو عجوبن واري وچي رهندي. هن وقت اسان جو ڪو ماڻهو آمريڪا يا يورپ مان گهمي ٿو اچي، ته شڪايتي لهجي ۾ ٿو چوي، ته اتي زندگي ڏاڍي تيز ۽ رکي آهي. رڳو ڪراچيءَ کان ٻاهر ٿو نڪرجي، ته ڪن ٺريو پون. هرڪو فرحت سان ويٺو آهي. زندگي ڪڇونءَ جي رفتار سان پئي هلي. ايڏي ڍرائي، ايڏي سستي ۽ ذهني ڦڙتي جي ايڏي کوٽ، جو پنهنجي فقط هڪ ئي ميراث وڃي بچي آهي: 'توڪل' هن جو مطلب آهي، ته ٿيو ته ٿيو نه ته نٿيو. اها هٽ ڪيڻ واري ڳالهه پاڻ کي وڏيڪ عجوبي ٿيڻ ڏانهن وٺي وڃي ٿي. ڪمپيوٽر جي دور ۾ به اسان سڱن ڏاڍن تي هلون ٿا. زندگيءَ جي اها اچل جيڪا سڌريل ۽ ترقي ڪيل هنڌن تي آهي. سا اسان وٽ ڪانهي. پاڻ انتهائي زواليل روڀا پالي ويٺا آهيون. سهپ ۽ ٻنهي جي موقف کي قبول ڪرڻ يا ترقيءَ جي جزوي پاسن کي پاڻ ساڙ ۽ حسرت وچان ڏسون ٿا. ۽ اها تباهي سڀ جي سڀ عوام دشمنيءَ مان جنم وٺي ٿي. عوام ٻڌڻ لاءِ ڪو سوچيندو هجي، ته ڀلي، پر ائين ٿيڻو ناهي. مسئلو فقط عوامي سگهه جي اظهارجڻ جو آهي. هر طرف، هر پاسي اها سگهه هڪ منظم، رٿيل ۽ چڱيءَ طرح ترتيب ڏنل عمل سان هلي پوي، ته ملڪ ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ جون نديون وهي پون.

پيش ڪيل پسمنظر کان پوءِ هاڻي پنهنجو مرڪزي نقطو سنڌي عوام آهي، جنهن جي طاقت ۾ به ويساهه رکڻ کان سواءِ ڪا هڪ وک اڳتي وڌي نه سگهبو. ڪي قوتون ويساهه رکڻ کان سواءِ به اڳتي وڌي وڃن ٿيون، ته اتي پنهنجي تاريخي صورتحال ۽ سماجي ترقيءَ جي مرحلي جا تفصيل جاچڻا پوندا. پر هيئن به ٿئي ٿو، ته عوام ۾ ڀلي ڪو دل سان ويساهه نه ڪري ۽ عوام به ساٿس گڏ هلي پوي، ته ان سان به جيڪي نتيجا نڪرندا سي يا ته سياسي هلچل يا جمهوري راڄ قائم ٿيڻ جي صورت ۾ نڪرن ٿا. جيئن هن وقت آهي.

ڪن حلقن پاران سنڌ جي ماڻهن جي هن فيصلي تي سخت ڇوهه ڇنڊيا وڃن ٿا. هڪ پاسي عوام تي ڪاوڙ آهي، ته ٻئي پاسي پيپلز پارٽي تي قطعي تنقيد ٿي ٿئي، ته اها سنڌي عوام جي ووٽ سان دوکو ڪري رهي آهي. جيڪڏهن عوام تي ڪاوڙ نه ڪئي وڃي ۽ واقعي دل سان ڪاوڙ نه ڪئي ويندي هجي، ته پوءِ پ پ پ تي ڀلي تنقيد جيڪا به ٿيڻ جهڙي هجي، سا ضرور ٿئي، پر جڏهن ڪاوڙ عوام تي به آهي ۽ انهن تي به جن کي عوام ووٽ ڏنو آهي، ته پوءِ ڪاوڙ ڪندڙ ماڻهو پاڻ ڪير آهن ۽ ڪنهن جا دوست آهن. دوستي ۽ خيرخواهي ماڻهن تي ڏنڊا هڻي زوري ته نه مڙهبي.

سنڌ جي ماڻهن جا ٽي وڏا فيصلا نهايت دلچسپي سان ڏسڻ جهڙا آهن. 1970ع جي چونڊن ۾ سنڌين پ پ پ کي ووٽ ڏنا. قومپرست يا ڪاهي ڏر جا ماڻهو ايڪڙ ٻيڪڙ بيٺا هئا، پر سندس بيهڻ ڪنهن به ليکي ۾ نه هو. اوير

Gul Hayat Institute

پاڪستان ۾ قومپرست بڻيا، جن جو اتي سياسي طرح ڪم ٿو وڏو ڪيل هو. دانشور، شاعر، صحافي، انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ سموري خلق ۾ 1951ع کان لاڳيتي هلچل هئي. نيشنل عوامي پارٽي (مولانا ڀاشاني واري) جو به خاصو سياسي ڪم هو. وڏي ڳالهه ته قومپرست يا سوشلسٽ هلچل ۾ جيڪي به بنگالي شاگرد اڳيرا هوندا هئا، سي پنهنجي تعليم سان سچا هئا ۽ وطن قوم سان سچي ٿيڻ جو اهڙو ڪوبه تصور نه هو، جنهن ۾ علم سان سچائي نه رکجي. بي انصافين ڪي انهن سيني ڏرين چٽو ڪري سامهون آندو، ته بنگالي ماڻهن جو ووٽ جيڏانهن ويو، سو سمجهه ۾ اچي ٿو. سنڌ جي ماڻهوءَ ووٽ مسلم ليگ ۽ فوج جي ماڻهن جي پيٽ ۾ پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيڻ کان سواءِ ٻي ڪابه واٽ نه هئي، ۽ هن ائين ڪيو. ان فيصلي مان، سنڌس گهڻا آسرا ته پورا نه ٿيا، پر هو پنهنجن شهرن ۾ نظر اچڻ لڳو: هڪ اهڙو وچولو ۽ هيٺيون وچولو طبقو نُهڻ لڳو، جنهن ۾ چار ڏاڻا اعتماد جا به ڏسڻ ۾ آيا پئي.

وري ٻيو ڀيرو 1977ع جي چونڊن ۾ سنڌس فيصلو ساڳيو هو، جو ته وري به ساڳيون قوتون هڪ ٻئي کي آمهون سامهون هيون، ٽئين ڀيري جڏهن سنڌ سان دشمنيون انتهائي وڌي ويون، ته ووٽ ڏيڻ ۾ به هن انتها ڪري ڇڏي. هن ڀيري به قومپرست يا ترقي پسند ڪٽي ڪٽي اُڙيا ٽڙيا بيٺا هئا ۽ پاڻ کي پ پ پ جو متبادل بنائي نه سگهيا، جنهن جا گهڻا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، تنهن ڪري چئڻ پنجن سيٽن تان ڪجهه ماڻهن جي هارائڻ سان نٿو چئي سگهجي، ته قومپرست رد ڪيا ويا. جڏهن هو سياسي طرح هئا ئي ڪونه، ته پوءِ رد ڪٿان ٿيندا. پ پ پ کي ماڻهن جن بنيادن تي ووٽ ڏنا، تن کان ڪير ڪٿي نفرت ڪري، پر ماڻهن جو فيصلو ته ٿيو. ان کان مٿي اپيل جي ڪهڙي عدالت آهي، جنهن ۾ عوام تي دانهن ڏجي؟ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چاروئي ناهي، ته وري وڃي سنڌس دربار ۾ پيش پئجي ۽ ڪيس محبتن سان، خيرخواهين سان، دوستين سان، ۽ سنڌس نمڪ حلال ٿيڻ جي ضمانت ڏيڻ سان ڪيس ريجهايو وڃي. ريجهي ويو ته واهه! نه ته ساڳي رياضت جاري رکڻي پوندي، صبر به ڪرڻو پوندو ۽ سنڌس ٻاجهه جو انتظار ڪرڻو پوندو. اقتدار لاءِ عوام سان رابطو رکندڙ کي خيرات جو انظار ڪرڻو پوندو. ضيا وانگر عوام جي خيرخواهي گهر ويٺي پاڻ طئي ڪرڻ ۽ ساڳي خيرخواهي ۾ متس ڪاوڙ ڪرڻ جو حق ڪنهن کي ٿو پهچي. سياسي طرح جيڪڏهن موجوده حالتن ۾ عوام سان خيرخواهي جي ڪا حد ٿي سگهي ٿي، ته اها سنڌس ووٽ ڏيڻ واري حق جي بنا رنڊڪ حفاظت آهي.

هي ٻه چار ڳالهيون، سنڌ جي عوام جي سياسي اظهار جي حوالي سان ان ڪري ڪيون ويون، جو سياست ايڏي حاوي آهي، جو لڳي ٿو، ته پاڻ کي ٻيا سڀ ڪم ڪاريون وسري ويا آهن. عوام کي متاثر ڪرڻ لاءِ سياست کان سواءِ ٻيو



Gul Hayat Institute

ڪوبہ پليٽفارم ڪونهي. پيٽ بہ عوام جو، سياست سان پربو ۽ مٿو بہ. پوءِ ڏسون تہ ڪيڏانهن ٿو وڃي اهو عوام. وري سياست اها، جيڪا عوام جي پورهئي جي پرماريت تي گونگي آهي، جيڪا عوام جي علاج ۾ چڱيلائي جو ڪم رڳو اديبن تي ڇڏي ويٺي آهي، تہ اُهي ڪهاڻيون لکن ۽ شاعري ڪن. عورت اڌ آبادي آهي، ان ڪري انساني درجي جي بحالي تي هڙڪ بہ باهر نہ ڪيبي، جڻ اهي سنڌ واسي ناهن. ماڻهن جي اناج جي اپت ڪير ڪايو چٽ ڪيو ٿو وڃي، ڪيئن ٿو ڪائي، ان تي نظر رکڻ جي ضرورت جو احساس بہ پيدا نہ ٿيٺو آهي. قوم جو آئيندو تعليم سان نهندو، پر ڪڏهن ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جي حالت سڌارڻ جو خيال نہ ايندو. اهي سڀ ڳالهيون ان انقلاب يا آزادي ڪان پوءِ ٿينديون، جيڪا اسان عوام جي اڳواٽي قبول ڪرڻ ڪان سواءِ آڻينداسين.

هن قسم جي سياست جو مقصد واضح آهي، تہ عوام تان غلامي ختم ناهي ڪرڻي، ڪٽي ڪجھ بہ ٿي پوي. تڪليف رڳو اها آهي، تہ غلام هو بين جو ڇو آهي.

ايڇ جي ويلس پهرين قديم تهذيبن تي بحث ڪندي سمير جي اوائلي ماڻهن ۾ پهرين 'آزاد شخصن' جو ذڪر ڪري ٿو. هو 'آزاد شخصن' جي اُن قبل مسيح وراي عرصي جي لاڳاپي سان جيڪا وصف ڏئي ٿو، سا هي آهي: 'آزاد ماڻهو اُهي آهن جيڪي نہ ملان هجن، نہ بادشاھ، نہ عملدار، نہ ٻانهپ تي بيٺل هاري ۽ نہ غلام. هي اهي ماڻهو آهن جن تي ڪم جو زبردست دٻاءُ ناهي ۽ جن وٽ پڙهڻ ۽ معلومات وٺڻ جو وقت آهي.'' قديم دور جي آزاد شخصن منجهان جنهن همراھ سان ويلس پنهنجي سڌي واقفيت ڪيي آهي، سو مشهور مؤرخ هيرو ڊوٽس هيو.

ويلس جڏهن پنهنجو مشهور ڪتاب 'دي آئوٽ لائينس آف هسٽري' پئي لکيو، تڏهن سنڌو ماٿري جي تهذيب اڃا دنيا تي آشڪار نہ ٿي هئي ۽ نہ موهن جي دڙي جي آزاد ماڻهن جو حال احوال پهتو هو. اهڙا آزاد ماڻهو موهن جي دڙي واري تهذيب ۾ بہ موجود هئا. پر جيڪا شيءِ پڙڪو ڪائي سوال بڻجي ٿي اڀي، سا هيءَ تہ اڄ جي سنڌ جي آزاد ماڻهوءَ جي وصف ڪنهن بيان ڪئي آهي. آزاد ماڻهوءَ جي وصف جيڪو نہ ملان آهي، بادشاھ يا اڄ جي حالتن ۾ وڏو زميندار، نہ عملدار، نہ ٻانهو، نہ غلام.

جن ماڻهن تي ڪم جو ايڏو دٻاءُ نہ هجي، جو ڪين پڙهڻ ۽ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ دقت ٿئي ۽ ڪين وقت نہ ملي سگهي. هين گالهين کي ڇڏيو، پر جڏهن هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1920ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان وقت دنيا بيٺڪيت ۽ غلاميءَ ۾ مڪمل طرح گهيريل هئي، تڏهن ليڪ جيڪا آزاد انسانن جي وصف بيان ڪئي آهي، سا هتي ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي منشور ۾ آهي؟ ڪنهن سان ڳالھ ڪبي تہ چوندو ''زورآور! اها بہ ڪا ڪرڻ جي ڳالھ آهي، اهو تہ سڀ ڪجھ پنهنجو پاڻ ٿي ويندو.'' يعني جيڪي ڳالهيون اسين نٽا ڪرڻ گهرون، جن تي

Gul Hayat Institute

سوچيون ٿيون ٿا، تن جي ڳالهه ٿي نڪري ته چئجي ٿو: پاڻهي ٿي ويندو، ڪيئن ٿيندو پاڻهي؟

دنيا جي ڪنهن به حصي جي عوام جو سياسي طرح پنهنجو مڪمل اظهار ووٽ جي حق استعمال ڪرڻ سان ٿئي ٿو. ووٽ جو اهو حق ڪيس باقي معاشري کي منظم ڪرڻ ۽ انساني صلاحيتن کي اڳيرو آڻڻ جون سهولتون به ڏئي ٿو. جتي ووٽ جي آزادي آهي، اتي پورهيت پنهنجون ٽريڊ يونينون ٺاهي، باوقار طريقي سان سيئين سان برابري جي سطح تي اچي دليل ۽ احتجاج سان پنهنجا حق مڃائڻ جي جدوجهد ڪن ٿا. ٻيا به سمورا پيشيور گروپ تنظيم سازي جي حق ذريعي پنهنجي انساني حيثيت لاءِ جاڪوڙين ٿا. جيڪڏهن جمهوري عمل مضبوط ٿي هلي پوي ته فقط ٽريڊيونين هلچل ئي ملڪي سطح تي ٿورن سالن اندر ايڏي سياسي طاقت حاصل ڪري سگهي ٿي، جو ملڪ ۾ سندس مرضيءَ کان سواءِ ڪک به چري نه سگهي. برطانيا جو مثال سامهون آهي. اتي ليبر پارٽي ڪيئن پيرا اقتدار ۾ آئي آهي ۽ سندس طاقت جو مکيه سرچشمو ٽريڊ يونينون آهن. پولينڊ جو مثال اڳيان آهي، جتي هاڻي ٿورا ڏينهن ٿيا، ته ساليڊرٽي ٽريڊيونين مٿئين ايوان ۾ چونڊون کٽي ورتيون ۽ سندس مقرر ڪيل ماڻهو وزيراعظم به ٿي ويو آهي.

ٽريڊيونين جمهوري سرشتي اندر هڪ اهڙي طاقت آهي، جيڪا سياسي شڪل وٺڻ سان سرمائيدار کي سوڙهو ۽ محدود ڪري عوام لاءِ معاشي آزادين جي واٽ به ڪڍي سگهي ٿي. هيءَ ڳالهه معيشت جي سرمائيدار تشريح کان مختلف آهي، جنهن ۾ چيو ويندو آهي، ته شين جون قيمتون رڳو ان ڪري مهانگيون ٿين ٿيون، جو مزدور پنهنجي اجرتن وڌائڻ تي زور پريندا آهن. ٽريڊ يونين جي سياسي ڪردار بابت تصور ۽ عمل موجود آهن. هيءَ واٽ سولي ۽ عقلي ان ڪري آهي، جو هتي ڪو ڦند ڦير ناهي. هيءَ اجتماعي فائدي لاءِ ٿيندڙ ويڙهه آهي. ڪو مطالبو مڃيو ويندو، ته سيني ماڻهن جو مڃبو. هن ۾ زبان، نسل ۽ رنگ جي بنياد تي تفريق نه ٿي ٿئي.

هينئر ئي ڪٿي ڏسو، پاڻ کي مهاجر چوائيندڙن جو مکيه مطالبو آهي، ته ڪوٽا سسٽم سرشتو ختم ڪريو ۽ تعليمي ادارن ۾ داخلائن ۽ نوڪرين حاصل ڪرڻ جي سندن راهه ۾ ڪابه رنڊڪ نه وڌي وڃي. سندن مطالبا سڀ اهڙا هوندا جن جو فائدو فقط اردو ڳالهائيندڙن کي ٿئي. هيڏانهن پاڻ وينا آهيون، صدين جا ستايل، اسان جون دانهون به حق تي آهن، ته ڌرتي اسان جي، تاريخ اسان جي، هن ملڪ کي ٺاهڻ ۾ اسان جي وڏيرن جو به وڏو هٿ آهي، تنهن ڪري اسان کي محروم نه رکو ۽ سنڌين کي نوڪريون ڏيو. موقعا ڏيو وغيره.

اردو ڳالهائيندڙن ۽ سنڌين لاءِ هي مطالبا وڏي اهميت رکندڙ ۽ خوش ڪندڙ آهن. هنن نعرن تي سياست به چمڪائي وئي آهي. هوڏانهن ڏسجي به پيو، ته



Gul Hayat Institute

خاصا سبب آهن.

سنڌ جو سياسي شعور، ثقافتي قدرن کي جيئارڻ جي جدوجهد، فطري طرح سان جمهوري مزاج ۽ غربت ۽ بدحاليءَ کي محسوس ڪرڻ جي شدت سنڌ کي پاڪستان جي ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ الاهي اڳيرو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي عوامي شعور جو اندازو گذريل ٽيهارو سالن کان فقط ادب جي اپت ۽ اشاعت مان به لڳائي سگهجي ٿو. پنجاب جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب گهڻو گهٽ آهي، پر ان جي ابتڙ هزارن وڙان بک ڏک تي ويهي جيڪي ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪرايا پيا وڃن، ان جو هن قسم جي هئي ڪنهن به معاشري ۾ مثال نه ملندو. اها سڀ جيئڻ جي جاڪوڙ آهي.

رياستي ايجنسيون آمريڪا کان اسلام آباد تائين هيءَ سڄي لڇ پڇ ڏسنديون رهيون آهن. جيئڻ لاءِ انهن تخليقي اُدمن کي محسوس ڪيو ويو آهي. هنن کي نظر اچي ٿو ته هي دنيا جو هڪ تمام وڏو تهذيبي مرڪز لٺ ڪهاڙي ۽ بندوق کڻڻ کان سواءِ شاهه جو رسالو ۽ اياز جي شاعري کڻي اڳتي وڌي رهيو آهي، هن جي زبان تي سچل سرمست وارا نعرا آهن، ۽ سندس علم جي گهراڻ جيئن پوءِ تيئن وڌڻ جي واٽ ڳولهي ڪئي آهي، ۽ سياسي طرح جمهوريت جي هلچل لاءِ هاري عوام رستن تي اچي پنهنجو رت وهائڻ لاءِ تيار آهي. هن سمجهيو، ته جيڪڏهن هنن کي ڇڏي ڏنو ويو، ته ڪٿي وڃي دنگ ڪندا سا خبر نه ٿي پوي. پوءِ هنن اسان کان قلم ڪسڻ لاءِ اسان جي مٿان بندوق باز آندا.

1983ع کان پوءِ سنڌ جي عوام خلاف هزارين محاذن تان جيڪي سازشون سٽيون ويون آهن، تن جو اڪيلو مقصد سنڌ جي عوام کي پنهنجي، پاڙيسرين ۽ دنيا جي اڏاوت ڪرڻ جي عظيم جدوجهد کان روڪڻ آهي ۽ عوام خلاف سازش ۾ ڏارين سان گڏ پنهنجون به ڪيئي ڌريون شعوري توڙي غيرشعوري طرح شامل آهن.

سنڌ جو عوام تاريخي، معاشي ۽ سماجي سببن جي ڪري ونڊيل ورڇيل آهي ۽ منجهس ڪيترن بنيادن تي اندروني تڪرار ورثي کان هلندا اچن ٿا. سموري نندي ڪنڌ ۾ پهريائين هندو ۽ پوءِ مسلمان حاڪمن اوچ نيچ ۽ ذات پات جي فرق تي ماڻهن کي ورهائي رکيو آهي. هندن وٽ عوام جي ورڇ کي، سندن پنڊتن قانوني شڪل ڏني هئي، جڏهن ته مسلمانن ۾ جنهن کي غنيمت جو مال گهڻو هٿ آيو، سو معتبر ٿي ويو ۽ طبقاتي بنيادن تي ورڇ رهي. عوام جي اڪثريت جنهن جي پورهئي تي سمورا جراثيمي طبقا پلجن، سا نيچ قرار ڏني وئي. هندستان تي غزنوين، خلجين، تغلقن ۽ مغلن جي چڙهاين ۽ فتحن جو خاص سبب طبقاتي ۽ ڌرمي بنيادن تي موجود قانوني منافرت هئي. هندو سماج ڪمن ڪارين جي لحاظ کان ورهايل هو. رڳو ڪترين کي جنگي ذميداريون سنڀالڻيون پونديون هيون. پوءِ حملي آور جيڪڏهن ڪنهن شهر جي ٻه سؤ سپاهين سان مقابلي ۾ ٻه سؤ پنج

سپاهي بہ وڏي ويندا هئا ۽ مڙس، مڙس جي برابر هجي تڏهن بہ پنج سپاهي بچي پوندا هئا ۽ اهي شهر تي قبضو ڪندا هئا، ڇو تہ ڏرمي ۽ استري ليکي ۾ ڪترين ڪان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ هٿيار نہ کڻڻا پوندا هئا. باقي ماڻهو اطلاعات لاءِ هوندا هئا، پوءِ اها مڪاني حاڪمن جي ڪرٽي پوي يا حملي آور حاڪمن لاءِ.

اهڙي حالت ۾ عوام لاءِ حاڪمن جي حيثيت ائين هئي جيئن قيدين لاءِ جيلر جي. البت غزنوين کان وٺي مغلن تائين هندستان تي جيڪا تباهي انهن حاڪمن آندي، ان جو ڪو انت ناهي. مسلمان جي ڪن صفن ۾ جيڪي اقتداري مرڪزن کي ويجها هئا، غرور تڪبر ۽ حاڪميت جو احساس جيڪو اڄ ايم ڪيو ايم جي شڪل اچي وٺي ٿو، سو جاگيرداراڻي ۽ ڦورو اقتدار جي ڪهني بيماري آهي.

سنڌ جو عوام هندو- مسلم تضاد جي شدت کان بچيل هو، پر پوءِ بہ ذات پات جو فرق هو. سنڌ جي تاريخ ۾ مختلف جاگرافيائي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ بہ ڪجھ دشمنيءَ وارا ۽ ڪجھ بنا دشمنيءَ وارا تضاد هئا، جن مان خاص طرح سان ڪاڇي ۽ ڪڇي جي علائقي جي رهندڙ ماڻهن جا لاڳيتا جهيڙا ۽ ڌاڙون تاريخ ۾ ملن ٿيون. ڪاڇي ۾ جيڪڏهن ڪجھ سال برسات نہ پوندي هئي تہ پوءِ مارو هوندو هو ڪڇي وارن ماڻهن جي فصلن ۽ جانورن تي. هي عنصر جيئن تہ اڄ بہ موجود آهي ۽ ڪاڇي تائين ڪوبہ ترقياتي ڪم نہ پهتو آهي، تنهن ڪري هاڻي بہ رڳو ماڻهن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف پهچڻ جي دير آهي.

هڪڙو ڌاڙيل ٿو مري تہ سندس ڪٽنب جا ٽي چار ٻيا ماڻهو نڪري ٽولي ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. بي رحم حالتن هنن کي بہ بي رحم بڻائي ڇڏيو. پيار ۽ گذران جي وسيلن جي بک ماڻهن جي اکين مان چڱيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿي. گذريل ڪافي صدين کان ڪوهستان ۽ ڪاڇي مان گذرندڙ واپاري رستا بہ ختم ٿي ويا آهن جن سان گذر سفر جا موقعا بہ ختم ٿي ويا.

ٻئي پاسي ٿر آهي، جتي گذريل ڪجھ صدين تائين مختلف دريائي وهڪرن جا آثار ملن ٿا، جن جي خاتمي کان پوءِ لاڳيتو ٿري ماڻهو بک ۽ ڏکر جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. ٿري ماڻهن ۾ اڳرائي ۽ جارحيت ڪانهي. ان جي جاءِ تي درد ۽ وڇوڙي جا آلاپ آهن. گهڻو ڪجھ وڃائجي وڃڻ جو ڏک ٿيو آهي. سامونڊي ڪنارو جتي ملاحن ۽ مهاڻن جو پنهنجو ڪلچر ملي ٿو. معاشي طرح ملاح ٻين بي يقينين جي پيٽ ۾ وڏيڪ محفوظ رهيا آهن. تايخ جي وچولي زماني ۾ ملاحن جو سنڌ جي واپار ۽ وڻج ۾ خاصو سرگرم ڪردار ملي ٿو. وڻجارا جهاز ٻري نڪري پوندا هئا ۽ ان معاشي عمل منجهان جيڪي نفسياتي صدما ۽ رومانس پيدا ٿيا تن جو شاهد ڀٽائي جو سر سامونڊي آهي.

هنن ٽنهي آبادين ۾ معاشي رابطا مضبوط نہ ٿي سگهيا. جنهن ڪري قومي تصور بہ ظاهر نہ ٿيو. البت جن زمانن ۾ سڄي سنڌ آزاد رهي ۽ مڪاني حاڪمن

Gul Hayat Institute

۾ ڪي ڏاها ۽ وطن دوست ماڻهو ٿيا ته وڻج واپار وڌيو ۽ ماڻهو به هڪ ٻئي ڪي ويجها ٿيا. پر سموري تاريخ ۾ اهو هڪ اهڙو اڻپورو ۽ اڌورو خواب رهيو آهي، جنهن جي تعبير ويهين صدي جي ’جديد‘ رياست پاڪستان ۾ به پوري نه ٿي آهي. فقط جام نظام الدين جي 9- سالن واري حڪومتي دور کي سنڌ جي تاريخ جو سونهري دور سڏجي ٿو. هي ياد رکيو وڃي ته سنڌ کي پاڻيرو ٿي آزاديءَ سان اسرڻ جي مهلت تاريخ ڪڏهن نه ڏني آهي.

هن وقت، سنڌ جو قومي تصور معاشي لحاظ کان فقط اتي اسري رهيو آهي، جنهن علائقي کي پاڻ هينئر ٻڌراجي سڏيون ٿا. اهي سڀ تڪرار ۽ تضاد جن جو سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۾ ڪردار آهي، سي گهڻي ڀاڱي هتان جنم وٺن ٿا. سبب اهو ته معاشي سرگرمي هتي ٿئي ٿي ۽ وسيلن تي قبضي جي ڇتاپيتي به هتي هلي رهي آهي. ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان جو ماڻهو پاڻ کي سنڌي نه ٿو سمجهي. سنڌ اها آهي جتي زراعتي معاشي سرگرمي ذريعي ماڻهن جو گروهه يا مختلف گروهن جا حصا هڪ ٻئي سان ڳنڊيل آهن. وري هن مرڪزي حصي تي مٿين ٽنهي جاگرافيائي علائقن جا اثر ٿيندا رهيا آهن. سيني علائقن جو انتظام به هتان سنڀاليو وڃي ٿو.

سنڌ جي ستر سيڪڙو ايراضي ٻڌراج جي پاڻي جي پهچ کان ٻاهر آهي. صنعتي عمل ۾ سنڌ جي پنهنجي حصي جو نالو نشان ڪونهي. ڪوهستان ۽ ڪاڇو هڏي جي اڪه تي ڏاڙيل مهيا ڪري پنهنجي بي انت مايوسي جو اظهار ڪري رهيا آهن. هي روپو اهڙو تباهيءَ جهڙو آهي، جيئن اُجهامندڙ ڏيئو پڇاڙيءَ ۾ ڦڙڪا هڻندو آهي.

هن معاشي ۽ سماجي پسمنظر کي جيئن جو تيئن ساڻ کڻي هلڻ ۽ انهن ئي داڻن کڻن تي وڏيون رانديون کڏڻ، هامون هڻڻ ۽ تاريخي ڪردار نباهڻ، ڊاڙ هڻڻ کان مٿي ڪجهه ناهي. هن حالت ۾ پاڻ قوم ناهيون. چار ڪتاب ڪٺي، ٻه ٽي تاريخي مثال وٺي پنهنجي اکين اڳيان موجود حالتن کان اکيون ٻوٽي ڪنهن وڏي انقلاب جهڙي پنڌ تي نڪري پوڻ خودفريبي آهي. ڪٿي ڪو سياسي ويڙهه وڙهندڙ ڪيڏو به منظم جٿو ڇو نه تيار ڪيو وڃي، پر عوام جهڙي نموني ونڊيل ورڇيل آهي، ان حالت ۾ ڪوبه دائمي ڪڙ تيل نه نڪرندو. عوام ڍال آهي ۽ ڍال مضبوط نه هوندي ته بچاءُ ڪمزور ٿيندو. هن مهل تائين اسان جي تمام گهڻين بيزارين، پريشانين ۽ مايوسين جو ڪارڻ اها صورتحال آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي ڪئي وڃي. جيڪا سنڌ ۾ حيدربخش جتوئي، جي- ايم- سيد، اياز، ابراهيم جويي، پليجي ۽ سراج جي لکڻين ۾ جوڙي وئي آهي، ان کي عملي روپ ڏيڻ بدران هڪ عشق بڻائي ويهي رهيو. پوءِ ٿيڻو به لاهوتي ۽ سنياسي پوندو. ان لاءِ سياسي ڪارڪن ٺيڻ جو کهڙو ضرور آهي.

Gul Hayat Institute

ڳالهه سڌي سنئين آهي تہ ڏتڙيل سنڌي عوام جي سياسي جدوجهد کي جمهوري جدوجهد سان تڪرار ۾ سمجهڻ ڪان بچڻو آهي، اتي ان جي معاشي اڏاوت ڪرڻ جي ضرورت آهي. ستر سيڪڙو علائقي کي ڇڏي ٽي سيڪڙو ايراضي ۾ ايم- ڪيو- ايم، پي- پي- آءِ، غلام مصطفيٰ جتوئي، ڏاڙئي صنعتڪار ۽ دشمن ڪامورڪشاهي سان مقابلي لاءِ رڳو اخبارن تي پاڙڻ ۽ جلسا ڪري، پاڻ کي قوم سڄڻ جي عياشي ڪرڻ جي حيثيت ۾ پاڻ ناهيون.

پنهنجي اصل طاقت کي پستيءَ ڏانهن ڌڪي، پنهنجي پاڙن ۽ پيرن تي ڪهاڙو هڻي آخر ڪيئن اڳتي وڌبو. هيڏين اٿاهه دشمنين سان رڳو داڙ ٺڪاءُ هڻي تہ منهن نٿو ڏئي سگهجي. پنهنجو مجموعي سياسي رويو ڪن واقعن تي ردعمل ڏيکارڻ بہ فقط ان ڪري آهي جو هڪ مستقل سفر ڪرڻ جي سگهہ ناهي. سنڌي قوم يا سنڌي عوام ڌرتيءَ ڪان ٻاهر جي شيءِ ناهن، نہ هتي ٻاهر ڪان لڏي آيل ماڻهو آهن. آخر ستر سيڪڙو بہ تہ ڪا ايراضي ٿئي ٿي. پنهنجي ستر سيڪڙي ايراضيءَ کي ڇڏي جيڪا سياست ڪنداسين، سا واقعي اهڙي هوندي جهڙي پاڻ هينئر ڏسون ٿا. ابهرا فيصلا، سنڌ کي ورهائڻ جون ڳالهيون، پورهيت عوام سان دشمن رويا ۽ جمهوريت کي ٻؤ تي گاريون. سوچجي، تہ پاڻ اها عياشي ڪيترو وقت ڪري سگهون ٿا.

اهڙي ڪنهن بہ نفيءَ کي مڃڻ ڪان انڪار نہ ڪرڻ گهرجي، جنهن مان لطيف سائين چواڻي اثبات پيدا ٿئي. لطيف سائين وٽ ادائي ٿي صديون اڳ بہ 'لوڪ' جو هڪ ڪامل تصور آهي ۽ اهو هڪ پنهنجي دور جي سرڪشن ۽ باغين لاءِ ڍال جو ڪم ڏئي ٿو، جو اسان جو سائين چوي ٿو تہ: "لڪا پئن لوڪ ۾".

آخر ۾ مان عوام جي دوستن کي سڏ ڏيندس، تہ اهي ادب ۽ سياست ڪان وڌيڪ اهميت، يا ٻين لفظن ۾ سياست جو بنياد عوام جي معاشي آزادي ۽ ترقيءَ کي بڻائي، گڏجي سماجي حڪمت عملي تيار ڪرڻ تي غور ڪن. آزادي وٺڻ جو ڪوبہ هڪ ڏينهن نہ هوندو آهي. هي صدين جو سفر آهي، جنهن ۾ عوام جي بنيادي، اول ۽ آخر ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ان حڪمت عملي جي ايجنڊا جو مکيہ ۽ بنيادي اسم، عوام جي ترقيءَ لاءِ هڪ متبادل رٿابندي ڪرڻ آهي، جنهن ۾ ان جا معاشي، تعليمي، ثقافتي، سياسي ۽ انساني حق اچي وڃن ٿا.

هن سفر ۾ عالمي حالتن ۽ قوتن جي توازن کي بہ لاڳيتو گهرائي ۽ ويجهڙائي سان ڏسڻو پوندو. هي پنهنجي عشق کي جواز ۽ دوام ڏيڻ جو ڪم آهي، جو تہ سک ۽ اطمينان ذاتي يا گروهي طرح ڪجهہ حاصل ڪرڻ ۾ نہ، پر پنهنجي عوام سان ڳنڍجڻ ۾ آهي: ۽ 'جيها ڪي تيها، مون مارو ميڙيا' واري نهٺائي اختيار ڪرڻي پوندي. ٻاهران، مٿان پنهنجي حالتن ۾ اختيار ڪان ٻاهر جي ڪا شيءِ اسان جي مدد نہ ڪندي. جيڪو بہ ڪرڻو آهي، سو پنهنجو پاڻ کي.

Gul Hayat Institute

# سنڌي معاشرو - اڄ ۽ سڀاڻي

اڄ جي سنڌ سڀاڻي لاءِ ڇا گهري ٿي؟ امن، خوشحالي، قومي وقار، ۽ پنهنجي معاملن جي پاڻ ڇيڙي نبيري ڪرڻ جو اختيار. سنڌ، اختيارن جي مرڪزيت کان ڇوٽڪارو گهري ٿي، جنهن کان سواءِ، سنڌس لاءِ سڀاڻي جو ڪو سج اڀرڻو ئي ناهي، قيامت جهڙي اڄ کان جند ڇڏائڻ جو تصور بہ نٿي ڪري سگهي، جنهن ۾ سج سوا نيزي تي لهي آيل ۽ ڌرتي تپي تاندو ٿي وئي آهي. جنهن جي رڳ ٿاري وڇوڙ سنڌوءَ جون مهيني تائين بہ، واچوڙن ذريعي پنهنجي پيٽ مان واري اُڏائي اُڏائي، پري پري تائين غبار ڪري ڏانهون ڪري ٿي، تہ ”ڏسو مان اڄا سڪل آهيان، منهنجي ڇاتي ٽوڻ ٿي وئي آهي، منهنجا ٻچڙئو، ٻڏايو مان نڌڪي ماءُ اوهان کي ڪهڙي آٿت ڏيان. منهنجي ڇاتيءَ تي ڏنئر ٻڏا ويا آهن.“ اهي آهن رگ ويد جي ٻيانيل مامتا ڀريل سنڌوءَ جون ڏانهون.

جديد هٿيار، جديد نشا، اريگيشن جي جديد ٽيڪنالاجي، معاشي ترقيءَ جا سڀ وسيلا، سنڌ جي پهچ کان ٻاهر بلڪ ان جي رهواسين خلاف، پنهنجي پوري جدت ۽ شدت سان استعمال ٿي رهيا آهن ۽ انهن سڀني ڳالهين پٺيان هڪڙو سڄو سارو فلسفو آهي، انڌ جو، طاقت جو ۽ دشمنيءَ جو، سڄي قوم سان دشمنيءَ جو، ۽ قوم جي پوري وجود کان انڪار. ان ڪري سنڌ انصاف گهري ٿي. پر انصاف ڪهڙو؟ ان سوال ۾ سنڌ جو آئيندو، پنهنجو وجود رکي ٿو. خالص انساني انصاف، جيڪو نہ ڪاروباري خانگي شعبي جون تقاضائون پوريون ڪري، نہ اقتدار جي چنبڙيل ڪيڙن جي خوراڪ بنجي، نہ وڏيري ۽ پير جي انصاف واري تصور جي ويجهو هجي ۽ نہ بنا پارٽي بنيادن تي ڪرايل چونڊن جي نتيجي ۾ آندل حڪمرانن جي ڪوڙين ڪسوٽين تي پورو لهڻ وارو انصاف.*

سرسري سماعت وارين هٿ ٺوڪين ڪورٽن جي پڌرايل انصاف جهڙو بہ نہ، خالص انساني انصاف، جيڪو مفادپرستيءَ جي سمورين مصلحتن کان مٿانهون هجي، ٽيندڙ ۽ ٽيل ڏوهن جو فيصلو ڪري. خرابين ۽ بڇڙاين جي اثرن تي ڪوڙي ڪاوڙ نہ، پر سببن کي قابو ڪري، ۽ هر ڪنهن کي خبر آهي، تہ سبب ڪير آهن، سمورين خرابين جا سبب طاقت ۽ اقتدار جا مالڪ آهن. طاقت ۽ اقتدار جي

---

* آمر جنرل ضياءَ پاران 1985ع ۾ ڪرايل غير جماعتي چونڊن ڏانهن اشارو (مرتب)



Gul Hayat Institute

مالڪن جي ٻي ڪهڙي ٻہ سڃاڻپ، نالا ۽ ذاتيون هجن، پر اهي آهن سبب. چڱو، اچو، تہ هنن جي پٽ کي ڪولي وائکو ڪريون. متان ائين اشارن ۾ نہ سمجهن، اشارن سان سمجهندا بہ ڪونهن، تڏهن تہ عوام کي ڀهاڪو ٺاهڻو پيو ’ٺٺوءَ کي ٺارو، تازي کي اشارو‘. هي تازي ناهِن، تنهن ڪري اشارو نہ سمجهندا. طاقت جي اختيار هنن کي انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو بڻائي ڇڏيو آهي؛ تڏهن، جڏهن کان هن پنهنجا اقتداري ادارا قائم ڪيا ۽ منظم ٿيا.

نيپئر وانگر، جنهن 843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ اٺ هزار رپيا پگهار تي سول ۽ ملٽري گورنر مقرر ٿيو. ۽ پوءِ انصاف کي هنن پنهنجي قائم ڪيل ضابطن جي تابع بڻائي ڇڏيو. فيصلو ڪندڙ ماڻهو اهڙي ڪنهن ڪورٽ (عدالت بدران آءٌ لفظ ڪورٽ استعمال ڪريان ٿو، جنهن جي اصلي معنيٰ دربار آهي) ۾ پنهنجي سمورن حواسن سان محسوس ڪري، تہ ضابطن تي هلڻ سان انصاف جا اصول ڦاهي چڙهي ويندا ۽ انساني لحاظ کان هو فيصلي کي غلط بہ سمجهي، تڏهن بہ ضابطن (فوجداري، ديواني توڙي مارشلائي) تي هلڻ کان سواءِ وٽس ٻي ڪا واٽ نہ رهندي. سمورا فيصلا، محدود مفادن جي حفاظت ڪندڙ سوڙهن، اڻ لچڪندڙ، بي حس ۽ ظالم ضابطن جي هٿ وس آهن. پر ڏسو ڪٿي، اهي ئي ضابطا پنهنجي بگاڙ کي بچائي نٿا سگهن. بدعنوانين ۽ رشوتن، دوکن ۽ فريبن سان انهن ئي ضابطن جون تاويلون ۽ تشريحون ڦيرائي بہ سگهجن ٿيون.

پر ياد رکڻ گهرجي، تہ اهو سڀ ڪجهہ بہ بي انصافين کي وڌائڻ لاءِ گهٽائڻ لاءِ نہ. بدعنوانين ذريعي انصاف کي هٿي ملڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هنن جي اقتدار جي حفاظت، انهن ضابطن جو پهريون ۽ آخري مقصد آهي، ان ڪري هنن جون ڪورٽون اهڙا پڌا فيصلا ڏئي چڪيون آهن، جن سان انسان کي نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيو آهي.

سقراط کي زهر پيئڻ جو فيصلو بہ ڪورٽ ڏنو. سائنسدان برونو کي باهہ ۾ ساڙڻ جو فيصلو ڪورٽ ڪيو. فرانس کي بچائڻ واري هاري نينگري، جون آف آرڪ کي ڪورٽ فيصلي سان شهيد ڪيو ويو. ڀڳت سنگهہ، هيمون ڪالاڻي، روپلو ڪولهي جيڪي آزاديءَ جا سورهيہ سپوت هئا، ڇا، اُهي بہ ڏوهاري آهن. ڇڏيو انهن کي، حضرت ابوذر غفاري جي ڳالهہ ڪريو. مسلمان حاڪمن اڄ ڏينهن تائين، سندس خلاف ڏنل فيصلي تي واويلا ڇو نہ ڪئي آهي. حاڪم، ملان ۽ مولوي، هن جي قتل جي ڳالهہ ڇو نٿا ڪن، ابوذر غفاري ڪنهن جي ملڪيت نہ چورائي هئي، ڪنهن کي ماريو نہ هو. هن رڳو ايترو پئي چيو، تہ دين اسلام جو مقصد دولت گڏ ڪرڻ ۽ حاڪميت جي اداري کي مضبوط ڪرڻ ناهي. بزرگ اصحابي جي خلاف فيصلو ٿيو، تہ شهر ۽ وسنديون ڇڏي، رڻ پٽ ۾ بک ۽ اُڃ وگهي مري وڃي. سندس قضيو ياد ڇو نٿو ڪيو وڃي ۽ هن لاءِ ماتمي جلوس ڇو

Gul Hayat Institute

ڪونهن.

اڇو مخدوم بلاول جي گهاٽي ۾ پيڙجڻ واري سزا جي فيصلي تي، قاضين سندس خلاف شرع جي ضابطي کي استعمال ڪيو، جيڪي استعمال ٿي به ويا، تڏهن ئي ڪنهن ڏاهي ماڻهو چيو آهي ته 'دنيا جون وڏي ۾ وڏيون انصاف دشمنيون، ڪورٽن ۾ ٿيون آهن.'

اختيار ۽ اقتدار جا مالڪ سبب آهن، هر بي انصافي جو. نقصان ڪنهن جي هٿان ٿو ٿئي، رڳو اها ڏسڻ جي ڳالهه ناهي، ڏسڻو آهي، ته نقصان ڪهڙي سبب کان ٿو ٿئي، تاريخ ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا فيصلا، غلط ٿي چڪا آهن. انهن فيصلن جي ذميوار قاضين ۽ ججن جا هاڻوڪا وارث به قبوليندا، ته مٿيان فيصلا غلط هئا. ياد رکڻ جي ڳالهه آهي، ته صديون گذرڻ کان پوءِ به فرانس ۽ اٽليءَ جي حڪومتن ۽ عدالتن برونو، گليلو ۽ جون آف آرڪ جا نالا مجرمن جي فهرست تان هٽائي، انهن کي قومي سورهين جي فهرستن ۾ شامل ڪيو آهي. اٿينس جي عدالت به هزار سالن کان پوءِ سقراط کي ڏوهاري سڏڻ کان گيسي ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

اسان وٽ سرڪاري طرح مخدوم بلاول، شاهه عنايت شهيد، هيمون ڪالاڻي ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا نالا آهن، جيڪي مجرمن جي فهرست تان اڃا تائين نه هٽايا ويا آهن. ان جو مطلب ڇا آهي؟ اسان وٽ اقتدار جي نوعيت ۽ ان جي عوام دشمن ڪردار ۾ ڪو ڦيرو نه ناهي آيو. اقتداري ادارن جي مقصدن ارادن ۽ نيتن ۾ ڪو سڌارو ناهي. لطيف سائين جي مزار تي سرڪاري اهلڪار، گلن جون چادرون به چاڙهين ٿا، ته لطيف جي ڏيهه تي فوجي آپريشن به ڪن ٿا. (لطيف جا اهي ڏيهي جن کي غيرمشروط طرح مڃيندي پڻائي چيو: 'جيها ڪي تيها، مون مارو مڃيا.') انصاف جو هڪ تصور اهو به آهي، ته نذير عباسي کي، سرسري سماعت واري ڪورٽ جي رسمي سزا ٻڌڻ جي مهلت به نه ڏجي.

اهو اسان جو اڄ آهي، جنهن جي ڪاري منجهند جا تازا شڪار رمضان چانگ* ۽ فاضل راهو آهن.

اهي آهن حاڪم فلسفي ۽ بيپناهه طاقت جي استعمال جا نتيجا، جن منجهان سنڌ گذري پئي. اڄ سنڌ جي ماڻهن لاءِ، سنڌ جا ڳوٺ ۽ شهر سلامت نه رهيا آهن. نادر شاهه جي حملي وقت، سنڌ ۾ بيراجن واريون زمينون نه هيون، ۽ نه بدين ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ تيل نڪتو هو. نه خيرپور، ۽ ڪنڊڪوٽ ۾ گئس ڳولي لڌي وئي هئي. احمد شاهه ابدالي جي حملي وقت نوري آباد جو صنعتي علائقو تيار نه هو. ۽ نه نيشنل هاءِ وي تي اين- ايل- سي جا ٽريلر، نشيدار شين جي سمگلنگ ڪندا هئا. ان وقت ته انڊس، نيشنل ۽ سپر هاءِ وي به ڪونه هئا، جن جا معاشي فائدا هو

---

* تعلقي بدين جي ڳوٺ سليمان چانگ جو رهاڪو، جنهن کي 'را' جو ايجنٽ ڄاڻائي 1986ع ۾ ايجنسين پاران شهيد ڪيو ويو. (مرتب)

Gul Hayat Institute

ڪسي سگهن ها. تلوارون ڪٽي گهوڙن تي سوار ٿي هو ڇا لٽي سگهيا هوندا، ڪيترا سنڌي ماري سگهيا هوندا؟

انهن ڳالهين ڪرڻ جو مقصد، سنڌ تي سمورين اڳوڻين ڪاهُن جي نقصان جي، سنڌ کي اڄ جي جديد وسيلن ۽ هٿيارن ذريعي پهچندڙ هاڃي سان ڀيٽ ڪرڻي آهي. اڳ جي سمورين تباهين جي ڀيٽ ڪري سگهڻ لاءِ گهڻي ليکي چوکي جي ضرورت نه ٿيندي. اڄ جا گهڻ- طرفا نقصان، اوهان ڪلڪيوليٽر ۾ به مشڪل سان آڻي سگهندا.

هي سڀ ڇا ۽ ڇو آهي؟ ان ۾ نئي آئيندي جي سنڌ، اڄ جي سنڌي ماڻهو کان جواب طلبي ٿي.

هي سڀ ڪجھ ان فلسفي جي پوئواري ۾ پيو ٿئي، جنهن جي فيصلن هيٺ مخدوم بلاول ۽ شاھ عنايت شهيد کي گهاڻي ۾ پيڙايو ۽ شهيد ڪيو ويو. گهاڻي ۾ اکين تي کوپا چاڙهيل جهالت ۽ انڌ جو ڍڳو مسلسل ڦيرا پائي رهيو آهي ۽ سمجهي پيو ته اڳتي وڌي رهيو آهي. ماڻهن کي پيڙڻ جي سيزن هلي پئي. اسان جي اڳيان سوال هيئنر به اهوئي آهي، ته مخدوم بلاول ۽ شاھ عنايت جي فلسفي کي جاري رکي سگهون ٿا يا نه. جيڪڏهن ها، ته هاڻي مهرباني ڪري، وک کي ان مونجهاري کان اڳتي وڌائڻو آهي، ته نيٺ ڪجي ڇا؟ هيءَ ڪيفيت تمام خطرناڪ آهي، ته اسان وٽ هڻي قومي ۽ طبقاتي جبر جي مزاحمت ڪندڙ قوتن جي نفسيات بي انتها سرگرم ۽ بي انتها منجهيل لِڪن تي بيٺل آهي. بي انتها سرگرم اها مزاحمت آهي، جنهن ۾ سر ڏجن ٿا، ۽ بي انتها منجهيل ۽ ٻين لفظن ۾ سرگرمي کان وانجهيل ڪيفيت نيٺ ڇا ڪرڻ واري سوال جي مونجهاري جي چائنٺ جي اندران ويهڻ واري آهي.

پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ جي اندر، ويهي جيڪا ڳالھ ڪري سگهجي ٿي، يا ڪئي وئي آهي سا قومن جي وچ ۾ برابريءَ وارن لاڳاپن تي بيٺل رشتي جي آهي. اختيارن جي مرڪزيت جي ٽوڙ ۽ هڪڙي قوم جي ٻين قومن کان هٿ- کس جو خاتمو، سنڌ، تاريخ جي سمورين حالتن ۾ ان ئي ڳالھ کي ميڄائڻ گهري ٿي، ۽ سندس اها ڳالھ بين الاقوامي ڇڳاڻ جي سمورين ڪسوٽين تي ڪري ثابت ٿيل آهي.

سنڌ جي محفوظ مستقبل جي ذميواري هاڻوڪي پيڙهيءَ تي آهي. اها محڪوم ماڻهن کي محڪوميت منجهان ڪڍڻ لاءِ ڇا ڪري؟ خاص طرح اسان ان حالت ۾ جڏهن، رياستي اقتدار عوام جي حقن جي راھ ۾ وڏي ۾ وڏي رنڊڪ بڻيل آهي. جديد دور ۾ سولايون حاصل ڪرڻ لاءِ اهو به ضروري آهي، ته اقتدار هر صورت ۾ عوام جي اڪثريت جي قبضي ۾ هجي. اڪثريت کي وسرائي ۾ رکڻ، انساني تاريخ جو وڏي ۾ وڏو ڏوھ آهي. عوام کي ان حالت ۾ رکي، اقتداري

Gul Hayat Institute

طبقن جي نمائندگي ڪندڙن ڏانهن واجهائڻ جون تمام گهڻيون صورتون مروج رهيون آهن. انهن سڀني صورتن کان انڪار تي ئي آئيندي جي سنڌ جا بنياد رکي سگهجن ٿا. ان لاءِ عوام جو منظم ٿيڻ پهريون شرط آهي. هاڻي ڳالهه ٿي اچي، ته عوام کي ڪهڙن بنيادن تي منظم ڪجي ۽ منظم ڪرڻ جي سائنس کي هتي جي حالتن ۾ ڪيئن شامل ڪجي. گڏوگڏ، انهن قوتن کي به چنبڙاڻ هيٺ آڻي، اڳ انهن ڏانهن پنهنجا رويا صاف ڪجن، جيڪي پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ جي اندر، سنڌ تي منفي ۽ مثبت پاسن کان اثر ڇڏين ٿيون.

مخدوم بلاول، شاهه عنايت شهيد، پٺاڻي ۽ سچل جي فلسفي جي هاڻوڪي شڪل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اهي ڳالهيون لازمي آهن، جن تي عمل ڪرڻو پوندو.

هاڻي اچون ٿا، اهي ڳالهيون بحث هيٺ آڻيندس، جيڪي هن دور جون ذميداريون آهن ۽ جن کي سمجهڻ ۽ انهن تي واضح راءِ رکڻ کان سواءِ ڪنڌ نٿو ڪڍائي سگهجي. سنڌ جي سلامتيءَ لاءِ سنڌ جي عوام کي جن ڳالهين تي منظم ڪرڻو آهي، سي هن ريت آهن:

1- سنڌ ۾ قائم ٿيل صنعتن تي، سنڌ جي ماڻهن جو عمل دخل ناهي. ڌرتي سنڌ جي، وسيلا سنڌ جا، بندر سنڌ جو پر ڪارخانن ۾ نه پورهيت سنڌ جو آهي، نه سرمائي تي سنڌ جي مالڪي آهي. صنعتي پاليسي ٺاهڻ ۾ به سنڌ جو دخل ڪونهي. فقط ننڍيون ۽ گهرو صنعتون ٿوريون ئي ڪيون آهن، پر انهن ۾ جتي سنڌ جا رواجي هنر جهڙوڪ هٿ جا هنر هلن ٿا، تن کان سواءِ ان سموري ڏيتي ليتي تي سنڌ جو اثر ناهي. پاڪستان جي سمورين صنعتن جو سٺ سيڪڙو، سنڌ ۾ ڇيو وڃي ٿو، جنهن مان ڪل فائدي جو هڪ سيڪڙو به سنڌ کي پلئه نٿو پوي. ايائي هزار ڪارخانن ۾ 5 سيڪڙو به سنڌي ناهن.

ان صورتحال جو نتيجو ڇا آهي، جو صنعتي لحاظ کان سنڌ پوري ريت ڪالونائيز ٿيل آهي. انهن صنعتن جو وجود ته سنڌ ۾ آهي. پر سنڌي ماڻهن لاءِ اهي اوپريون ۽ ولايت جي شيءِ آهن. اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي واڻي ڪيو ويو آهي. جيڪا سڀ ڪنهن کي خبر آهي.

2- صنعتن سان لاڳاپيل شعبا، جهڙوڪ، ٽرانسپورٽ، ٽيڪسيشن، رٿابندي، افرادي طاقت، بجلي، گئس، بئنڪنگ وغيره ۾ اهڙو ڪوبه لاڙو ناهي، جنهن سان نظر اچي، ته سنڌ جي مجموعي مفادن کي ڌيان ۾ رکيو ويندو هجي. انگن اکرن کي ڇڏيو، هر سنڌي ماڻهو، پنهنجي دوستن ۽ واقفڪارن کي ڳڻي ڏسي، ته انهن مان ڪيترا ماڻهو انهن شعبن سان واسطو رکن ٿا. معاملو صرف انگن اکرن جو نه پر محسوس ڪرڻ جو آهي، اسان محسوس ڪريون ٿا، ته اهي شعبا اسان لاءِ اوپرا آهن.

3- سنڌ بنيادي تاريخي لحاظ کان زرعي معيشت واري ڌرتي آهي. پر سنڌ جون

Gul Hayat Institute

پهريون نمبر زمينون، جيڪي نوي لک ايڪڙ چيون وڃن ٿيون، سي پنجاب جي حڪمران طبقي وٽ آهن، جن سنڌ جي انهن بئراجن جي زمينن تي هاري بہ پنهنجا آندا آهن، معنيٰ تہ نوي لک ايڪڙ زرعي ايراضي ۽ اها زمين جتي ٻاهران خلق آڻي ويهاري وئي آهي، سا بہ ڌارين جي قبضي ۾. زراعت لاءِ جيڪو پاڻي گهرجي ٿو، سو بہ اسان جي وس ۾ ناهي. مثال ڊئم ٺهڊا ويا آهن، جهلم لنڪ ڪئنال ٺهرايائين تہ ان شرط تي ٺاهيو ويو، تہ سنڌ جي ضرورتن کان وڌيڪ پاڻي، هن ڪئنال ۾ وهايو ويندو، پر پوءِ خبر پئي، تہ اسان وٽ تہ پيئڻ جو پاڻي بہ ناهي، تہ تربيلا جا ذخيرا ڀريا پيا وڃن ۽ چشما جهلم لنڪ ڪئنال ڪنين تار ٿيو پيو وهي.

سنڌ جي باقي زمين جو وڏو حصو وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن وٽ آهي، جيڪي پنهنجي زوالجندڙ معاشرتي لاڙن جي پوئواري ۾ اهڙيون خرمستيون ڪن ٿا، جن سان هاري ۽ پورهيت معاشي ۽ انتظامي جنڊ جي پڙن ۾ پيسجي پيو.

زراعت سان لاڳاپيل شعبا، ٽرانسپورٽ، ڀلاوتي، دلال ۽ پورهئي جي لاٻ ڪپهہ ۽ چانور ايڪسپورٽ ڪندڙ ڪارپوريشنون ۽ انهن جا ڪامورا ڪايو وڃن. رهي کهي ڪسر روينيو کاتي جا ٽپيدار ۽ مختيارڪار پوري ڪري پنهنجا پيٽ ڀرين ٿا ۽ لٽ جاري رکڻ لاءِ، مٿي رسايون ۽ لاپا پهچائين ٿا. ائين سموري اپت بدعنوانين جي غلط واهڙن ۾ وهي زيان ٿئي ٿي. نہ عام ماڻهو جي ڇڱائي ۽ نہ ملڪ کي ڪو فائدو. ڪالاباغ ڊئم جي ٺهرائڻ تي جيڪو غور ويچار اسلام آباد ۾ ٿي رهيو آهي، سو اچا پنهنجي جاءِ تي. هڪڙي پاسي چون ٿا تہ نيوڪليئر پروگرام جو مقصد توانائي پيدا ڪري خوشحالي آڻڻ آهي، تہ ٻئي پاسي هئڊرو اليڪٽرڪ جي مدي خارج تصور تان هٿ ڪڻ لاءِ بہ تيار ڪونهن، ان جو ڇا مقصد آهي؟

زراعت، صنعت ۽ انهن سان لاڳاپيل شعبن ۾ هن ئي موجود سرشتي اندر رٿابندي، سيڙپ، روزگار ۽ پاليسيون ٺاهڻ ۾ ڇو اختيارن جي مرڪزيت ۾ سنڌ کي ان جو حصو نٿو ملي. نتيجي ۾ ٻاهرين آبادي، فقط ڪراچيءَ ۾ سال ۾ پنج لک ماڻهو ايندا رهن ٿا. تازو سنڌ حڪومت جي هڪ وزير سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ: "سنڌ حڪومت جڏهن روزگار جون هڪ لک آساميون ڀرڻ جو اعلان ٿي ڪري، تہ ٽي لک ماڻهو ٻين صوبن کان پهچيو ٿا وڃن." اها تہ سرڪاري شعبي جي حالت آهي، پر سرڪاري ڪارندا، اهي ڳالهيون تڏهن کان ڪرڻ لڳا آهن، جڏهن کان سندن اقتداري مانڊاڻ ڌارين آبادين جي واڌ کان ڊانوانڊول ٿيڻ لڳو آهي. تڏهن بہ هو ڪنهن واضح سچائي تي نہ پهتا آهن.

ٻيا سرڪاري ڪارندا چون ٿا، تہ سنڌ ۾ ٻاهرين آبادي کي روڪي نٿو سگهجي، ڇو جو اهڙو ڪو قانون، آئين سان ٽڪراءُ ۾ ايندو. پنهنجي لاءِ ڀلي،

Gul Hayat Institute

پارٽين جي بنياد تي ٿيل چونڊن جي نتيجي ۾ قائم ڪيل حڪومت ۾ آيل وڏيرن کي ڏئي ڇڏيو آهي. عوام ڪيڏانهن وڃي؟ حڪومت جا هيل تائين ٿيل ڪارناما اهي آهن، ته ڪچين آبادين کي قانوني شڪل ڏئي ٻاهران اچي آباد ٿيلن کي مستقل قانوني حيثيت ملي. تعليمي ادارن کي بيگار ڪئمپون بڻائي، نوجوان جي عزت نفس ۽ خودداري جي جذبي تي گهات هڻڻ جي ڪوشش ٿي آهي.

سنڌ جي ٻاهران مڙهيل حالتن اندر کي کوکلو بڻائي ڇڏيو آهي. جيڏي وڏي تاريخ جي للڪار آهي، ان کي ايڏي وڏي موٽ تيار نه ٿي سگهي آهي. اها موٽ تيار ضرور ٿيندي، پر ان لاءِ شعوري ڪوشش ڪرڻ جي گهرج آهي. اڪثر زميندار، جاگيردار، پير ۽ ملان مجموعي طرح ڪا هڪڙي گهڙي به هن قوم لاءِ اجتماعي طرح نه سوچيو آهي. سنڌ جي باري ۾ سوچڻ جو مطلب، سنڌ جي ڏتڙيل طبقن جي باري ۾ سوچڻ آهي. ٻين طبقن لاءِ روزگار، جهڳو پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم مسئلو آهي، ته ان اجائي، بيڪار ۽ 'پرائي مال تي ٿوپي نراڙ تي' رکندڙ طبقن کي گهڙي ريت ڪم وارو بڻايو وڃي.

ان کان پوءِ وارو اچي ٿو وچولي طبقي جو، غير هموار ترقيءَ جي پيدائش هئڻ ڪري هو قومي ذميوارين کان غافل آهي. ان جي سمورين تحريڪن جو مقصد، فقط پنهنجي ئي نفري ۾ واڌارو ڪرڻ آهي. جيتري انفراديت ۽ موقعي پرستي هن طبقي ۾ آهي، اوتري جاگيردارانه پيداواري لاڳاپن ۽ نفسيات ۾ گذاريندڙ هاريءَ ۾ به ڪانهي. هاريءَ جي پورهيت اخلاقيات ۾ ساٿ نڀاهڻ جهڙو سگهارو گڻ موجود آهي. البت هيٺئين وچولي طبقي ۾ بيپناه صلاحيتون آهن. فلسفي، انقلاب، جاڻ ۽ سماجي آزادين لاءِ تڙپ به هن طبقي ۾ موجود آهي، پر سندس تربيت ۽ تنظيم ايتري نه ٿي آهي، جو فيصلائتي طاقت بڻجڻ لاءِ باقي هيٺئين طبقن سان گڏجي، هڪ ٿي وڃي.

هيٺئين ۽ هيٺئين وچولي طبقي جون سياسي توڙي سماجي تنظيمون ان لائق آهن، جو وڏا وڏا جوکا کڻن ٿيون، تحريڪون هلائين ٿيون ۽ جيلن ۾ سندن ئي ڪارڪن ٻڌي جي حساب سان وڃن ٿا. سياست ۾ عوام جيڪڏهن ڪنهن سرت ڀرئي نموني نظر اچي ٿو، ته انهن ئي تنظيمن جي ذريعي. پر بي ربط ڪوشش جي نتيجي ۾، عوام جو سياسي اپار غيرمنظم ۽ پاڻ مرادو ٿو ٿئي، جنهن سان تاريخ ۾ ته نالو نهي ٿو وڃي، پر تُرت خطرا گهٽ نه ٿا ٿين. 1983ع واري هلچل جا ترت فائدا، سنڌ جي ڪن وڏن گهراڻن ۽ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ڪامورن کي ٿيا. عوام کي تاريخ جو اهم تجربو ضرور ٿيو، پر بدخواهن پنهنجون سازشون تيز ڪري ڇڏيون ته هينئر واري سموري انتهاپسند، سنڌ دشمن صورتحال 1983ع واري هلچل کان پوءِ ئي پچائي تيار ڪئي وئي آهي.

۽ اها سموري حالت نهايت تذليل واري آهي، جنهن ۾ پاڻ آهيون. هڪ طرف



Gul Hayat Institute

عالمي سامراج جا خونخوار هٿ اسان جي ڳچين ۾ آهن، ته ٻئي طرف ان جا مڪاني پگهاردار ۽ ڇاڙتا، اکيون ڪاڙهيون ڪيو پنهنجا ڏند عوام جي ماس ۾ کپايو پيا آهن. نظريہ پاڪستان ۽ نظريہ اسلام جو هٿيار انڌي جي لٺ وانگر پيو ڦري.

ان پس منظر ۾ سنڌ جي عوام جو سڀ کان وڏو دشمن اهو نفاق آهي، جيڪو ترقي پسند، انقلابي ۽ قومي قانونن جي وچ ۾ آهي. اسان جا هڪڙا مسئلا تڪڙي نوعيت جا آهن. ٻيا مسئلا سياسي حڪمت عملين ۽ مجموعي تبديلين سان نبيرڻ جهڙا آهن. ترت مسئلن تي جدوجهد، انقلاب لاءِ جدوجهد جي تياري يا ريهرسل ٿي سگهي ٿي. ترت مسئلن تي ويڙهه، اسان جي صفن ۾ عمل ڪي وڏائي، اتحاد جي واٽ ٻڌجي سگهي ٿي. ناانصافين خلاف گڏيل ويڙهه ٻين هنڌن تي ٿيندڙ ويڙهه کي تيز ڪندي. عوام سان ٽڪر کائيندڙ قوتون فقط پنهنجي زوال کي اوڏيون ٿينديون. عوام جي اڳواٽي لائق اهي ماڻهو آهن، جيڪي عوام منجهان هجن ۽ عوام جي ضابطي اندر رهڻ قبول ڪن ۽ سياست کي ذاتي يا گروهي ڪاروبار نہ بڻائين.

هن وقت سنڌ جي سڄڻ سمورين تنظيمن جو فرض آهي تہ اُهي ترت مسئلن تي گڏجن. تنظيمن جي گهٽائي ڪنهن لاءِ بہ ٻڇڻ جو سبب نہ هجي، اهي شعور وڌڻ جون ثابتيون بہ آهن ۽ جدوجهد ذريعي ڦري اچي هڪ هنڌ گڏ ٿينديون. جيڪي ترقي پسند پارٽيون، سنڌ سان گڏ ٻين صوبن يا ملڪي سطح تي سياست ڪرڻ گهرن ٿيون، تن تي روڪ نہ وجهڻ گهرجي. ڇو جو پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ هر حالت ۾ ڌيان ۾ رکڻي پوندي.

انقلاب سمورن مسئلن جو يڪمشت حل آهي، پر انقلاب جي تياري سچ کي عملي طرح ثابت ڪرڻ کان سواءِ ممڪن ناهي. هن وقت ضرورت ان جي آهي، تہ سنڌ تي آيل ترت خطرن خلاف گهڻ- طرفي ۽ گهڻا اثر پيدا ڪندڙ جدوجهد جو عمل واضح ڪيو وڃي. جن مسئلن تي ڪنهن کي بہ ڪا غلط فهمي نہ هجي، تن تي گڏ ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ٻي حالت ۾ فقط سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت جي آڌار تي سنڌ مستقل طرح زنده نہ رهي سگهندي، جيئن هينئر تائين ٿيو آهي. ٻولي ۽ ادب گل آهن، جيڪڏهن پاڙون سڪي خشڪ ٿي وڃن، تہ پوءِ گل جو واس ڪيستائين رهندو.

Gul Hayat Institute

# —سنڌ جا سور ۽ اديب جو ڪردار—

اسان جي اڳيان هن وقت ٻه موضوع آهن. پهريون سنڌ جي موجوده صورتحال ۽ ٻيو ٻوليءَ جو مسئلو. انهن ٻنهي موضوعن جي لاڳاپي سان پاڻ ڪي ڪن نتيجن تي پهچڻو آهي ۽ ڪي فيصلا ڪرڻا آهن. نتيجن تي پهچڻ ۽ فيصلن ڪرڻ جو ڪم بي انتها اهم، نازڪ گنڀير ۽ تاريخ جي سڀ کان وڏي ذميواري آهي، ڇو ته اسين نه حاڪم آهيون ۽ نه حاڪمن سان ڪنهن قسم جو لاڳاپو اٿئون. پاڻ اديب ۽ ليکڪ آهيون ۽ تاريخ سان اسان جو رشتو، نه خانداني نوعيت جو آهي ۽ نه وري ڪوبه ڪنهن موقعي تي ان سان هٿ چراند ڪري سگهي ٿو. فقط تاريخ جي قانونن کي سمجهندي، انهن جي پوئواري ڪندي، تاريخي قوتن بابت آگاهي حاصل ڪندي، تاريخ جي محرڪ قوتن کي انهن جي پنهنجي ادراڪي ذميوارين جو احساس ڪرائيندي ئي اسان، ان جي رفتار وڌائڻ ۾ ڪو هٿ ونڊائي، انسان جي ڪامل آزادين جي پنڌ واري واٽ تي ڪي وکون کڻي سگهون ٿا. اديبن ۽ ليکڪن جو ذاتي پهچڻ نٿو هجي. ان ڪري هنن وٽ ڪي به ترت قسم جون سياسي مصلحتون نه ٿيون ٿين.

هيءَ بنيادي طرح پنهنجي قوم جي اڪثريت ۽ ان حوالي سان انسان ذات جي خيرخواه مخلوق آهي، ان ڪري ذهن ۽ ضمير جي سچائي، تاريخي ذميدارين جي احساس سان گڏجي ڪري ڪوڙي جي پرک ڪري ٿي. هنن وٽ ڪنهن هڪ ڌر کي راضي يا ناراض ڪرڻ جي سوال کي اهميت ڪانهي، تنهن ڪري لازمي طرح ڪٽرپڻي (Fondamentalism) ۽ ڳاله تي ڳنڍ ڏئي ويهڻ وارن سمورن لاڙن جي خلاف هجڻ هن جي ادبي ۽ دانشوراڻي ساک جون ثابتيون آهن. پر جيئن ته اديب به هڪ اهڙي دنيا جي سماجي مخلوق آهن، جتي وک وک تي ضابطا، هڪ اٽل حقيقت آهن، تنهن ڪري هنن لاءِ آخر ۾ فقط ٻه واٽون وڃي بچن ٿيون:

هڪڙو ته هو فڪري طرح ڪنهن به ضابطي کي قبول نه ڪن. يا اهڙي ضابطي جي چونڊ ڪن، جيڪو انساني آزادين کي وڌ کان وڌ ويجهو هجي. پوءِ ٿئي ائين ٿو، ته اديب به هڪ عام انسان واگر زندگي گذاري ٿو، جيئڻ لاءِ ٻين تي سندس دارومدار آهي، تنهن ڪري فڪري سطح تي به ضابطي جي گهرج واري دائري کان ٻاهر نڪري نٿو سگهي، ڇو جو سياسي ۽ معاشي قوتن ۾ سندس



Gul Hayat Institute

شمار نٿو ٿئي ۽ سندس مصلحت جو دنگ اتي اچي ٿو ٿئي، تہ ٺيڪ آهي، گھٽ ۾ گھٽ طاقت جو توازن اهڙين قوتن جي پاسي هجي، جيڪي سندس آدرشن کي ويجهيون هجن يا ڪيس ميتا ڏين يا نہ، پر هن جي اظهار جي آزادي تي روڪ نہ وجهن. اديب پاڻ لاءِ اظهار جون آزاديون گھري، سمورن ماڻهن جي سمورين آزادين جو ائين، ان ئي مفهوم ۾ مهندار ٿئي ٿو.

سنڌ جي هاڻوڪي صورتحال ۽ ٻوليءَ جي مسئلي تي غور ويچار ڪرڻ وقت هن کي پنهنجي ان حيثيت جي آگاهي ذهن ۾ رکڻي پوندي. اديب لاءِ بيحد ضروري آهي تہ هو ٻن ڳالهين جي فرق تي واضح موقف رکي. هڪڙي ڳالهہ تہ ٿئي ڇا پيو؟ ۽ ٻيو تہ ٿيندو ڇا؟ پوءِ ٿيڻ ۽ ٿيندڙ جي وچ وارن سلسلن کي بہ ڪيس جاچڻو پوندو.

آءٌ پنهنجي هي ڳالهہ مثال ڏئي توهان جي سامهون پيش ڪندس، ۽ ڏيکاريندس تہ تاريخ ڪنهنجي در جي ڪولي ناهي ۽ هرڪا ڳالهہ ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڳالهين سان ڳنڍيل آهي. هڪڙن ماڻهن، هڪڙن وقتن ۾ هڪڙيون ڳالهيون ڪيون ۽ پوءِ جڏهن اهي ئي ڳالهيون ٿيون تہ وائڙا ٿي ويا ۽ ڪين چوڻو پيو، تہ "اسان جو اهو مطلب تہ نہ هو" ۽ پوءِ ان پنهنجي ڳالهين جي عمارت کي ڊاهڻ جون جاڪوڙون ڪيائون. ان جو سبب سندن ذاتي مفاد بہ ٿي سگھن ٿا ۽ بعد ۾ سندن پهرين ڳالهين جي ٿيڻ کان پوءِ سندن آسن اميدن جي ابتڙ نتيجن جو بہ اثر ٿي سگھي ٿو.

آءٌ تاريخ مان سادو مثال پيش ڪريان ٿو. اشوڪ اعظم، تمام وڏن فاتحن مان هڪ هو. سندس جنگين جي نتيجي ۾ لکين ماڻهو مري ويا ۽ هڪ مرحلي تي محسوس ڪيائين تہ قتلامن مان ڪا چڱائي پيدا نہ ٿيندي، نہ سلامتي، نہ سلامتي جو احساس ۽ نہ ڪيس ذاتي اطمينان مليو آهي. ڇا اشوڪ ۾ ان هڪ گھڙيءَ، پلڪ جي ان هڪڙي انتهائي مختصر احساس پيدا ٿيڻ جو شرط اهو هو، تہ پهريائين لکين ماڻهو مرن ۽ پوءِ هو محسوس ڪري، تہ اهو غلط پيو ٿئي. ڇا اهو احساس لکين ماڻهن جي خون ٽي وهڻ جو ملهہ آهي؟ سندس ٻي چوندڙ ٻڌمت هئي جنهن ۾ ڪنهن گناهہ جي ازالي جي گنجائش ناهي.

اڪبر اعظم، هندستان جي ڏاهن ماڻهن منجهان هو. پر ڪيس ايتري ساڃهہ نہ هئي، تہ هڪ ننڍڙي رياست جي حاڪم، چاند بيبي خلاف يورپي هٿيار وٺي استعمال ڪرڻ جو نتيجو ڪنهن وقت ۾ اهو هلي ٿيندو، جو اهي هٿيار هندستان جي آزاديءَ جو خاتمو آڻيندا. ائين دنيا جي هر بادشاه ناڪاري توڙي هاڪاري ليکڪن سان غلط فيصلا ڪيا آهن ۽ اختيارن ۽ طاقت جي مرڪزيت، تاريخ جي پهرئين ڏينهن کان هاڻي تائين وقت جو پوائنتو داستان آهي، ڇو جو هو پنهنجي هر ڳالهہ جي صحيح هئڻ واري عقيدي جا غلام آهن.

Gul Hayat Institute

پر اسان ۾ ڪوبہ بادشاھ ناھي. بادشاھ ٿيڻ وڏي ڳالھ، خواري ۽ ظلم جھڙي ڳالھ آھي. بادشاھَن ھميشہ پنھنجي ذات کي صحيح سمجھيو، ۽ عذاب جا ڪارڻ بڻيا. پاڻ ھڪ برادري آھيون ۽ اسان جي رشتي جو سڳھارو ھجڻ، اسان مان ڪنھن جو بہ ڪنھن تي ٿورو ناھي. شعور جو رشتو دنيا جي مڙني رشتن کان مٿيرو آھي. ان ئي رشتي سان اسان ھتي گڏ ٿيا آھيون ۽ ڪنھن بہ بادشاھي خيال کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ کان سواءِ پاڻ ڪن نتيجن تي پھچنداسون. ھي حالت ۾ اجا ڪن ٻين قوتن کي اڇي سنڌ جي حالت ۽ ھوليءَ جي مسئلي تي سوچڻو پوندو.

سنڌ جون ھاڻوڪيون حالتون تمام گھڻ – منھيون آھن، پر انھن کي سھيڙجي، تہ پوءِ ٿلھي ليکي انھن کي ٻن حصن ۾ ورھائي سگھجي ٿو. پھريون اندريون ۽ ٻيون ٻاھريون حالتون، جيڪي وري ٻئي پاڻ ۾ ڳنڍيل آھن.

داخلي طرح سنڌ کي پنھنجي مڪمل سڃاڻپ ڏيندڙ قوتون ڪمزور آھن. ڪمزور ان ڪري آھن، جو انھن اجا پاڻ نہ سنڀاليو آھي. اسان وٽ پورھيت سرگرمين کان وٺي، سياسي سرگرمين تائين ترتيب ۽ تنظيم پيدا نہ ٿي آھي. سماج جو معاشي عمل گڏيل ڪونھي. ھيٺئين جوڙجڪ (Infra Structure) مدي خارج ۽ ظالماڻن بنيادن تي بيٺل آھن. اسان جي اڪثريت قديم ھارپ ۽ ان سان لاڳاپيل ڏنڊن ڏاڙين سان واسطو رکي ٿي. پيداوار جا وسيلا اھڙي طبقي جي ھٿ ۾ آھن، جيڪو اڃا تائين پاڻ ۾ ھڪ ڪاروباري ذھن بہ ڏاري نہ سگھيو آھي. وراثتي ملڪيتن جي نفسيات لازمي طرح بي پرواھي ۽ اڻنگھين روين ڏانھن وٺي وڃي ٿي. آڪڙ، ٺرڙپائي ۽ رعب ڪرڻ جھڙيون فضول ۽ اجايون عادتون، ان طبقي جي زوالجڻ جون خاص نشانيون ٿي سامھون آيون آھن. ھيٺن تي پنھنجي اطاعت انھن ئي حالتن ۾ قائم رکڻ جو جنون، چورين کان وٺي ڌاڙن، قتل ۽ اغوا جي عروج تي پھتو آھي. ھاريءَ کي شروع کان وٺي ان مجرماڻي ماحول ۾ بند ڪري رکيو ويو آھي. برطانوي دور ۾ وچولي طبقي جي اوسر، سماجي ترقيءَ جي نئين واٽ ٿي ورتي ۽ قومي بورجوا، خاموشي سان ميدان تي اچي ويو، جنھنجو اظھار اسان کي ثقافتي ترقي جي ڪيترين شڪلين ۾ ملي ٿو.

پر سنڌ جو لاڳيتو الميو آھي تہ ان کي آزاد سماجي اوسر جا موقعا مھيا ٿيڻ نہ ڏنا ويا آھن. سومرن ۽ سمن جي حڪومتن ختم ٿيڻ کان پوءِ فقط معمولي وقتيون مليون آھن، نہ تہ سنڌ کي ڪڏھن دم پٽڻ نہ ڏنو ويو آھي. قومن تي ٿيندڙ ھلائن جو ڏکوئيندڙ پاسو ھيءُ ٿو ٿئي تہ ھمت ۽ قومي غيرت رکندڙ ماڻھو تہ مري ويندا آھن ۽ بچندا اھي آھن جن ۾ دم کم نہ رھندو آھي. پوءِ نسلن جا نسل پاڻ سنڀالڻ لاءِ فاتحن جا ڳيجھو ٿي، انھن کي خوش ڪرڻ لاءِ، سنڌن عقيدن سان چھٽي، بزدليءَ کي پنھنجي خمير ۾ شامل ڪري ڇڏيندا آھن. اھي اھڙيون اٿوتندڙ

Gul Hayat Institute

حقيقتون آهن، جيڪي سبب بڻجي، ذهنن تي ٻپ جا جارا چاڙهي ڇڏين ٿيون.

ائين ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي معاشرت مان وچولو طبقو نڪري ويو ۽ ان جي جاءِ جن طبقن ورتي، سي هڪڙا تہ اهي ساڳيا زوالجندڙ ۽ پرائي رت ۽ پورهئي تي پلجندڙ هئا، ٻيا وري اهي جن کي غنيت جو مال هٿ اچي ويو. سياسي عمل پاڪستان ۾ شروع کان ئي ڪمزور ٿيڻ جي ڪري ڪامورا شاهي سڀ اختيار پنهنجي هٿ ڪري ورتا. سنڌ جو آواز ان عرصي ۾ دٻيو رهيو، خاموش، ڏتڙيل بيوس، نئين صورتحال تي وائڙا، اسلامي ڀائيچاري جي حڪمرانن واري کوکلي نعري جي ڀرم هيٺ رهجي وياسين.

ان عرصي ۾ سنڌ وٽ پنهنجو آواز رڳو اديبن ۽ دانشورن جي شڪل ۾ ٿيو، انهن جي پهچ آبادي جي هڪ سيڪڙي تائين بہ نہ ٿي پهتي. ڊٺل عمارت جا ٽوٽا ٽڪر ضرور گڏ ڪندا رهياسين، پر سماجي پيچ باهہ ايتري تيز ٿيندي رهي، جو اهي ٽوٽا ٽڪر گڏ ڪري عمارت ٺاهڻ بدران، هر ڪنهن پاڻ لاءِ ڏيڍ سر جو اجهو ٺاهڻ جون ڪوششون ڪيون. سبب اهو جو سماج جي پيداواري طبقن، جن کي تاريخي قوت جو درجو مليل آهي، انتهائي پستيءَ ۾ رهيا. پاڪستان ۾ فقط اهي آزاد رهيا، جن کي پرماريت ڪرڻ جي آزادي رهي. باقي سڀ خلق ان حالت ۾ رهي جنهن کي آزادي جو نالو نٿو ڏئي سگهجي. ان حالت اسان کي هينئر جنهن درجي تي پهچايو آهي، جنهن تي سوچڻ لاءِ پاڻ گڏ ٿيا آهيون، سي هن ريت آهن:

1- سامراج پنهنجي سرمائي، جنگي قوت، سياسي سگهہ، پنهنجي عالمي ادارن ذريعي ملڪ جو رت ست ڪيي ڇڏيو آهي ۽ اهو اڃا بہ نٿو چاهي تہ پاڪستان ۾ رهندڙ قومين کي اهڙو سياسي جمهوري اختيار ملي، جنهن سان هو پنهنجا فيصلا ڪرڻ جا مالڪ بڻجي سندس جڪڙ مان نڪري وڃن. هاٺوڪي اختيارن جي مرڪزيت مان هن کي پنهنجا شرط مڃرائڻ لاءِ ٿوري دٻاءَ ۽ رشوت ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي ۽ ڪيس اقتدار جي ڪرسي ۾ قيرقار ڪرڻ لاءِ گهٽي خفي جي ضرورت ناهي. ائين ڪيس هن ڇئن ٻنڌن تي ئي ڏيان رکڻو پوي ٿو. سامراج جي ان اختيار جي ٻل تي جيڪي خاص ڳالهيون ٿين ٿيون سي هي آهن:

(الف) سامراجي سرمائي جي جيڪا سيڙپ ٿئي ٿي، اها سراسري طرح ٻن سالن جي اندر ڏيڍ سؤ کان بہ سؤ سيڪڙو نفعي سان واپس ٿيو وڃي.

(ب) سامراجي قرضن جي جڪڙ ايتري وڌي وئي آهي، جو 1983ع ۾، پاڪستان کي مليل قرضن جو 67 سيڪڙو اڳوٽي قرض لاهڻ لاءِ واپس ڏيڻو ٿي پيو ۽ 1985ع ۾ جيڪو قرض مليو، ان جو 87 سيڪڙو رقم اڳوٽي اوڌر لاهڻ لاءِ واپس ڪرڻي پوي ٿي، اهو قصو ڪٿي ڇيهہ ڪندو، ان جو اندازو ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي ناهي. باقي جيڪي ڪٽا

Gul Hayat Institute

داڻا بچن ٿا، تن لاءِ عوام کي جيڪي عذاب ڀوڳڻا پون ٿا، تن جا تفصيل سيني جي اڳيان آهن. سامراج جي پيٽ پورت ڪرڻ لاءِ، پاڻ ۽ زرعي دوائن تان رعايتون ختم ٿي چڪيون آهن. بجلي ۽ گئس کي به آءِ- ايم- ايف ۽ عالمي بئنڪ جي حڪمن تي مهانگو ڪري، باقي شين جا مله چوٽ تي چڙهي ويا آهن. زڪوات ۽ عشر جي نالي ۾ بدعنوانين جا جيڪي داستان اڳيان آيل آهن، تن کان به ڪير واقف نه هوندو. سموري دولت اچي ٿي شهرن ۾ ڪٺ ٿئي، جتان وري عالمي سرمايو ڇوڙهو ٿاهي، چقمق بنجي سيڪجهه پاڻ ڪٺي ٿو وڃي. ماڻهن وٽ ڇا بچيو؟ مهانگائي بيروزگاري، پورهئي جي پرماريت، بيماريون ۽ بي علمي.

(ت) سامراجي پرماريت جو انت اتي نٿو ٿئي. باقي بچيل وسيلن جو عوام جي ترقيءَ ۾ ڪيترو حصو آهي، سو ڏسو. هر سال جيڪا وفاقي بجيٽ اچي ٿي، ان جو سمورو مله فوجي تيارين تي ٿيندڙ خرچ جي پٺي جيترو به ناهي. انگ اکر ٻڌائين ٿا ته 66 سيڪڙو وسيلا سڌي نموني فوج تي خرچ ٿين ٿا ۽ اڻ سڌن وسيلن جي خرچ سان ملائي فوج تي ٿيندڙ خرچ 80 سيڪڙي کان به وڌيڪ آهي، هٿيارن جي خريداري لاءِ اُهي وسيلا به سامراج ڦهائي ٿو. آخر هنن کان ڪو پڇي ته ايڏي پهريداري ڪنهن تي پيا ڪريو. اندر ڪجهه بچايو اٿوَ ڇا، جنهن تي پهري جا ايڏا بندوبست پيا ٿين؟ ايڏي جٺ عوام سان اسلام ۽ نظريه پاڪستان جي نانءَ تي پئي ٿئي.

(ث) سامراج جي مڪمل جڪڙ ۽ ان جي مفادن جي نگهباني ڪندڙ بدعنوان حڪمران طبقن جي سياست جو روپ فوجي ۽ نيم فوجي راڄ آهن، جن سماج جي اندر ايڏي تخريب ڪئي آهي، جنهن جو حساب ڪونهي. نفرتن کان سواءِ ٻيو ڪو ٻوٽو وڌي وڻ ٿي نه سگهيو آهي. سنڌ ۾ ٻاهرين آبادي جي ٻوڏ، سنڌين جو بي اختيار هئڻ، سنڌ تي ڪالاباغ ڊئم جو صليب ٽنگڻ، سنڌ ۾ ڌاڙن ڦرين جو ماحول پيدا ٿيڻ، مندرن کي باهيون ڏيارڻ، افغان پناهگيرن جو هيروئن ۽ هٿيارن سميت پليگ بنجي پهچڻ، ڪراچي وارا فساد ۽ ٻيون سڀ اهي ڳالهيون جيڪي اسان لاءِ بي مثال آزار بڻجي ويون آهن، سي سڀ جون سڀ سامراج جون 'نوازشون' آهن. فرق رڳو هڪڙو آهي ته ان جا ڏيکارڻ وارا ڏند اسان جا حاڪم آهن ۽ کائڻ وارا، ان جون گهڻ قومي ڪارپوريشنون آءِ- ايم- ايف، عالمي بئنڪ، يو- ايس ايڊ، ۽ امداد ڪندڙ ڪنسورشيم.

ان صورتحال ۾ پاڪستان اندر بورجوا جمهوريت، هتي جي مٿين لبرل طبقن ۽ نوڪرشاهي جي وچ ۾ تضاد جي شڪل بڻيل آهي. اهو تضاد مڪاني سطح تي

Gul Hayat Institute

بورجوا سياسي قوتن ۽ سياسي نوڪرشاهي جي وچ ۾ آهي، پر معاملا جيئن تہ سامراج جي هٿ ۾ آهن، تنهن ڪري بورجوا جنهن جون نہ عوام ۾ پاڙون آهن ۽ نہ ان جو عوام سان ڪنهن خيرخواهي ڪرڻ جو ارادو آهي، تنهن جي سياست سڄي جي سڄي سامراج کي پرچائڻ واري آهي. پرچائڻ واري ان ڪري جو سامراج ۽ بورجوا جي وچ ۾ ڪوبہ ڪيفيتي تضاد ناهي. اهو ئي سبب آهي، جو سمورين بورجوا سياسي پارٽين ۾ سامراج دشمني جي ڏپ بہ ناهي. ان جو مطلب تہ بورجوا جمهوريت هن ملڪ جي علاج جو وت نٿي رکي، البت وچولن شهري طبقن کي بہ چار خلاصا ساهہ کڻڻ جو موقعو ملندو. پر گڏوگڏ سماج جي بنيادي تضادن کي ٿڌي ڪرڻ جون ڪجهہ ڪوششون ضرور ٿينديون، پر زوال جي رفتار تي ڪو اثر نہ پوندو، ڇو جو سامراجي پرماريت کي روڪڻ بورجوا ڊيموڪريٽس جي مفاد وٽان نہ ٿيندو.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾ توڙي ٻين هنڌن تي اهڙو ننڍو بورجوازي بہ پيدا ٿيو آهي، جنهن کي قومي بورجوا جي اوائلي شڪل سڏي سگهجي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي ذيتي ليتي ۾ سامراج سان لاڳاپيل ڪونهي يا جنهن جو هڪ هٿي سرمائيدار سان تضاد آهي، سو عوام جي قومي ۽ جمهوري حقن ۾ سامراج دشمن قوتن جي صفن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پر ساهي ٿو. اسان وٽ هيٺين طبقن ۽ سامراجي هڪ هٽي مخالف ننڍي بورجوا جو سياسي اظهار مختلف حلقن ذريعي ٿئي ٿو.

هن داستان جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ پاڪستان ۾ قوميتن جي خوداختياري واري حق جو بنيادي تضاد سامراج ۽ مڪاني طرح اهو مضبوط مرڪز جي طرفدار بدعنوان نوڪرشاهي سان آهي. قومن جي خوداختياري واري حق جي بحاليءَ سان اصل نقصان سامراج جي مفادن کي ٿيندو ۽ ٻئي ڏاڪي تي اهو نقصان مڪاني پرمار قوتن جو ٿيندو. ان ڪري سامراج ۽ سندس مڪاني ڇاڙتا، قومن جي خوداختياري واري حق جي راهہ ۾ پنهنجي سموري طاقت سان رنڊڪ بڻيل آهن ۽ سڄو زور ان حق کي دٻائڻ تي آهي، جنهن سبب قومي سوال پاڪستان ۾ وڏ ۾ وڏ اهميت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ ملڪي سياست بہ ان سوال کي موافق توڙي مخالف پاسن کان ويجهي ٿي آهي. ان سوال جي اهميت وڌڻ سان طئي ٿيو آهي تہ سنڌ شديد ٻٽي جبر مان گذري رهي آهي ۽ اهي ٻئي جبر، ڪيفيتي طرح اصل ۾ هڪ ئي شيءِ آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو سوال، ان سموري حال احوال کان ڌار ڪونهي. هتي هن موضوع جو واسطو، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادبي حلقن ۾ هلندڙ ان بحث جي سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪو ترقي پسند ليکڪن جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي پڌرنامي کان پوءِ شروع ڪيو ويو. حڪمران اسان جي ملڪي ٻولين کي،

Gul Hayat Institute

انهن جي قوميتن وانگر ميڻ ڪان پڙ ڪيو بيٺا آهن. اصل ۾ ٻولين جي تسليمي، قوميتن کي ميڻ برابر آهي ۽ مضبوط مرڪز ان کي نظريہ پاڪستان جي خلاف سمجهي، ٻولين جي اهڙي حق جو منڪر آهي، جيڪو گڏيل قومن واري اداري جي انساني حقن واري چارٽر ۾ انسان جو بنيادي حق آهي. ٻوليءَ جي سوال کي، معاشري ۽ سياسي آزادين کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري هن سوال تي اسان جو موقف، سموري صورتحال تي اختيار ڪيل موقف جي حصي طور ئي ٿي سگهي ٿو.

هاڻي موجوده حالتن جي اونده ۾ ٻريل ڏياٽين جي روشني وڌائڻ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ڪجھ تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

1- ادب جي سمورن مورچن تي ڪم تيز ٿيڻ کپي. اديب کي شاعر، فڪشن جو ليکڪ ، محقق، صحافي ۽ تعليم دان ٿي ڪم ڪرڻ کپي جيئن ادب سماجي رٿابندي جو ڪم ڏئي سگهي.

2- ادبي پليٽفارم کي هڪ عملي گڏيل محاذ بنائي هلائجي ۽ ان ۾ مختلف سياسي پارٽين جي انفرادي طرح اثرانداز ٿيڻ کان بچائجي. خود عام راءِ کي ان ڳالھ لاءِ متحرڪ ڪجي تہ سياسي ڌريون پاڻ سامراج دشمن گڏيل محاذ جي شڪل وٺن.

3- سياسي پارٽين تي زور ڀرجي تہ عوام کي پنهنجن پروگرامن تي آماده ڪرڻ کان اڳ عوام کي سندس سڌن ۽ عام مسئلن تي متحد ڪرڻ ذريعي سياست ۾ آندو وڃي ۽ انهن مسئلن کي سياسي شڪل ڏئي گڏيل احتجاج منظم ڪيو وڃي.

4- اديب، سنڌ جي اصل مسئلن تي دستاويزي نوعيت جي ڪم کي تيز ڪن ۽ عوام کي مبالغن ۽ لفاظين مان ڪڍڻ لاءِ ڪين حقيقتن سان وڌيڪ ويجهو ڪن يا حقيقتن بابت سندن فهم جي اوُجر ڪن.

5- سائين محمد ابراهيم جويي، ترقي پسند گولڊن جوبلي ڪانفرنس ۾ پورهيت عوام جي جنهن پريس جو تصور ڏنو، ان کي عملي شڪل وٺائڻ لاءِ اُپاءَ وٺجن.

6- سنڌ تي آيل ترت خطرن مان هن وقت مراد، سنڌ ڏانهن ٻاهرين آبادي جي لڏپلاڻ ۽ افغان پاچوڪڙن جو سڄي سنڌ ۾ ڦهلاءُ ۽ مختلف بهانن سان سنڌ تي ٿيندڙ آپريشن آهن.

7- مئي 1986ع ۾ سڪرنڊ ۾ محمد ابراهيم جويي جي صدارت ۾ ادبين جي ٿيل گڏجاڻيءَ وارين سفارشن تي غور ويچار سان عمل ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺجن. اهي اپاءَ سنڌي ادبي سنگت کي وڌيڪ فعال بنجڻ ۾ مدد ڏيندا.

8- سامراج طرفان مڙهيل ٻٽي جبر مان جند ڇڏائڻ، فڪري سطح تي سمورين

Gul Hayat Institute

قوميتن جي ترقي پسند اديبن کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ ڪوشش ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان ۾ ڀرپور ۽ اڳواٽي وارو ڪردار نڀائڻ.

پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلي تي ان موقف سان اتفاق ڪرڻ، جيڪو ترقي پسند گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي پڌرنامي ۾ اختيار ڪيو ويو، جيڪو هنن شديد فاشسٽ حالتن ۾ نهايت معقول آهي. هتي پڌرنامي جي ان لاڳاپيل حصي جو حوالو ڏجي ٿو: ”نون آزاد ٿيل ملڪن جي حاڪمن پرڏيهي سامراج جي هنج ۾ پرورش پاتي آهي. اهي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کان اوپرا ٿي ويا آهن. فڪري ۽ ثقافتي لحاظ کان غلاماڻي ذهنيت رکڻ وارا قومي ٻولين ۾ ثقافتن کي خسيس ڪري سمجهن ٿا. انهن پنهنجي ٻارن لاءِ انگريزي کي پڙهائِي جو وسيلو بنائي رکيو آهي، تنهن ڪري مٿانهين درجي جي نوڪرين لاءِ جيڪو امتحاني ڪورس تيار ڪيو وڃي ٿو، تنهن ۾ اعليٰ صلاحيت رکندڙ ڪنهن به اميدوار جو ڪامياب ٿيڻ تيستائين اڻ ٿيڻو آهي، جيسين اهو انگريزي ٻولي تي عبور نه رکندو هجي.

اهڙي طرح سرڪاري ادارن تي انهن ئي طبقن جو ڪو فرد ڀل چڪ سان انهيءَ لڏي ۾ شامل ٿي به وڃي ٿو ته اهو ٿوري وقت ۾ ئي انهيءَ ڪمن واري ڪُن ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهي ٿو. حاڪم طبقا جيڪڏهن انهيءَ کان ٿورڙو اڳتي وڌن ٿا ته اردو کي ٻين قومي ٻولين جي مقابلي ۾ آڻيو بيهارين. تاريخي، سياسي ۽ اقتصادي ارتقا ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ تاريخي ناتن سببان اردو رابطي (لهه وچڙ) واري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي، تنهن ڪري پاڪستان جي ٻين ٻولين جا ڳالهائيندڙ هن تاريخي حقيقت کي تسليم ڪن ٿا، پر اردوءَ کي سندن ٻولين جو ڪوس ڪري انهن جي جاءِ تي مڙهڻ واري عمل جي خلاف آهن.

ترقي پسند ادبي تحريڪ اهڙي تعليمي سرشتي جي طرفدار آهي، جيڪو مادري ٻولين کي تعليم جي وسيلي واري حيثيت ۾ اختيار ڪري ٿو ۽ انهن کي نوڪرين جي سيني امتحانن ۾ اظهار جو وسيلو قرار ڏئي ٿي.

اسين اهو پختو ويساهه رکون ٿا ته سموريون قومي ٻوليون ۽ ثقافتون واڌ ويجهه ۽ ترقي جون هڪ جيتريون حقدار آهن. جيڪڏهن ڪا ٻولي ۽ ثقافت ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ پٺتي رهيل هجي ته ترقي ڪيل ٻولي ۽ ثقافت سان واسطو رکندڙن جو فرض آهي ته اهي انهيءَ ٻولي ۽ ثقافت جي احترام کي فرض سمجهندي، ان جي ترقي ۾ هر ممڪن سهڪار ڪن. اسين اهڙي لاڙي جي مخالفت ڪريون ٿا، جيڪو ڪنهن هڪ ٻوليءَ يا ثقافت کي ٻين کان مٿيرو سڏيندو هجي يا ان جي مٿيرائپ قائم رکڻ گهرندو هجي.

اسين اعلان ڪريون ٿا ته ترقي پسند ادبي تحريڪ سمورين قومن جي حق خود اختياريءَ جي بنا ڪنهن شرط شروط جي حمايت ڪري ٿي.“

Gul Hayat Institute

# هوند اٺهوند جو ٽڪر

ڌاڙا، ڦريون، اغوا ۽ قتل ڏهاڙي جو معمول بڻجي ويو آهي. سرڪار پاران مسئلي کي حل ڪرڻ جي هڪ ئي وات نظر اچي ٿي ۽ اها آهي طاقت. مسئلي جي سماجي اصولن پٽاندر ڇنڊڇاڻ نہ ٿي ڪئي وڃي. اهو نہ ٿو ڏٺو وڃي تہ ان صورتحال جا معاشي ۽ سياسي ڪارڻ ڪهڙا آهن. سبب اهو ٿو ٻانئجي، تہ اهڙي روايت قائم ڪرڻ نہ ٿي ڏني وڃي، جنهن سان مسئلن تي ڪارائتي نموني سوچڻ جي مستقل وات نهي پوي.

ٻڌجي پيو، تہ سنڌ ۾ ڌاڙيلن جا ڪي پنجاه کن منظم ٽولا آهن. شهر توڙي ٻهراڙين ۾ رڻ متو پيو آهي. پوليس عملدار جيترو گهٽيون دعوائون ڪن ٿا، ڌاڙيلن جي مارجڻ جون؛ اوترو ڏہ دنيا، ستر آخرت جي اڳهہ سان وارداتون وڌن ٿيون. هڪڙي پاسي سرڪار پنهنجي فورس جو وت وڌائڻ لاءِ هر سال رڪارڊ بجيٽ رکي ٿي، تہ هوڏانهن بہ برڪت جي ڪوٽ ناهي. سرڪار ۽ ڌاڙيل ٻئي بندوق سان ڳالهائين ٿا. تين ڪا وات ناهي ۽ اها حقيقت آهي، تہ عوام ٻنهي پاسن کان دہاءَ هيٺ آهي. راڌڻ جهڙو پريو تريو شهر بہ پوليس سوڌو ڌاڙيلن جي گهيري ۾ اچي سگهي ٿو، تہ ڪراچيءَ ۾ ڌاڙيلن ائين ڪارروايون ڪري ٿا وڃن، جهڙو ڪنهن شوق شغل تي آيا هجن. سکر جيل جو ڀڃڻ، تہ وري نهايت انوکو واقعو آهي.

ڌاڙيل ڪير آهن، سنڌن ٽولا لاڳيتو ڪيئن نهندا رهن ٿا، ڪين ملنڊڙ هٿيار ڪٿان اچن ٿا، هو ايڏي انتها تي ڇو ٿا وڃن، جو مرڻ بہ هنن لاءِ ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي. زندگيءَ ۽ موت جي فرق کي وساري ٿا ڇڏين. اسان وٽ ڏوهہ ۽ ان جي خاتمي جو سماجي فلسفو ڇا آهي؟

هر بيماريءَ جا پنهنجا جراثيم ٿين ٿا، ۽ هر قسم جي جراثيمن پيدا ٿيڻ جا ڪي خاص سبب هوندا آهن. بنيادي ڳالهہ، تہ صفائي نہ هوندي تہ گند ڦهلبو ۽ گند ڦهلبو تہ جراثيم ٿيندا ۽ جراثيم ٿيندا تہ بيماريون بہ ٿينديون. هزارين دوائون ايجاد ڪيو، سيون هٽايو، ڪٽي ڇا بہ ڪريو جو جراثيم ختم نہ ٿيندا. ذهن جا جراثيم، ورثائن جا جراثيم ۽ سرشتي جا پنهنجا جراثيم. بيمارين جي خاتمي لاءِ اڳ ۾ گند هٽائڻو پوندو. معاشري جو گند، ذهن ۾ ڪڏ ٿيل گند ۽ اهو گند بہ جيڪو قانوني تحفظ جي ڇانو ۾ ڦهلجي ٿو. هڪڙي فلسفي، هڪ پاليسي هڪ

Gul Hayat Institute

حڪمت عملي تي عمل ڪرڻو پوندو ۽ سماجيات جي مروج اصولن تي نظرثاني ڪرڻي پوندي.

ماڻهو جمڻ سان ئي جڏهن دنيا ۾ اکيون کولي ٿو، تہ هو هڪ جانبدار هستي ٿي پوي ٿو. جانبدار ان ڪري جو هن جون پنهنجون ڪي ضرورتون آهن. هن کي ڪير نہ ملندو، تہ احتجاج ڪندو. احتجاج جي ان وقت وٽس ٻي ڪا شڪل ناهي، تنهن ڪري زور زور سان روئيندو. جيئن جيئن وڏو ٿيندو تيئن سندس وٽ ۽ ست ۾ واڌارو ٿيندو. هن کي جيئڻ کپي. شعوري يا غيرشعوري طرح سندس هر سرگرميءَ جو مقصد ۽ محرڪ اهو ٿيندو. پنهنجي ضرورتن سان جانبدار رهڻ کان سواءِ جيئڻ جي ڪا واٽ ئي ناهي. ان جانبداري کي نباهيندي وڏي ٿيڻ تي هو اهي سمورا ڪم ڪري ٿو، جن جا موقعا فطرت، معاشرو ۽ سرڪار مهيا ڪري ٿي. ان عمل ۾ ڏوهہ ڪهڙي هنڌ تي داخل ٿئي ٿو، سو ڏسڻو پوندو.

ڏوهہ اصل ۾ هوند ۽ اڻهوند جي تضادن جو نتيجو آهي. هڪڙن وٽ هجڻ انهن لاءِ اڳرائي جي راهہ ناهي ٿو، جن وٽ ڪونهي. هڪڙن وٽ هجڻ جو آڌار طاقت ۽ اقتدار آهي. قديم زمانن ۾ جڏهن ذاتي ملڪيت جو تصور موجود نہ هو، تڏهن انسان پنهنجي گڏيل ڪوشش سان فطرت منجهان پنهنجي گذر سفر جو سامان هٿ ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ ڏوهہ جو تصور نہ هو. جڏهن کان هڪڙن ٻين کي غلام بنايو، اقتدار قائم ڪيو ۽ ان ئي طريقي سان ملڪيتون گڏ ڪيون، تڏهن کان ملڪيت وارن قانون ۽ پنهنجي قانون جو فلسفو ناهيو. ان قانون جو مقصد ملڪيتون ۽ اقتدار کي بچائڻ رهيو. سياسي ۽ معاشي پرماريت، چوري، ڌاڙي، ڦر ڦُري لاءِ سمورا ڦاٿڪ کولي ٿي ۽ وڏا ڏوهاري ننڍن ڏوهارين جي خلاف پنهنجا بندوبست ڪن ٿا. ان سان گڏ ئي ڏوهن جاگرافيائي، موسمي، معاشي ۽ هٿيارن جي ترقيءَ تي بہ مدار رکڻ شروع ڪيو.

دلچسپ ڳالهہ اها آهي، تہ قديم زمانن کان اڄ تائين قومن ۽ ملڪن جي وچ ۾ لڳ ڀڳ سموريون جنگيون زمين ۽ دولت هٿ ڪرڻ جي هوس ۾ لڳيون. اهي جنگيون ڌاڙ جو اعليٰ ۽ منظم نمونو هيون. ان مان ثابت ٿئي ٿو، تہ جنگين جي صورت ۾ منظم ڏوهہ جي شروعات اقتداري طبقن ڪئي ۽ ان جو مقصد ملڪيتن جو بچاءُ ڪرڻ ۽ انهن کي وڌائڻ آهي. جن ماڻهن وٽ ڪجهہ هو يا جن لاءِ گذر سفر ڪرڻ جا جائز ۽ سولا رستا بند ڪيا ويا، تن پنهنجي سرگرميءَ کي اهڙي واٽ وٺرائي جنهن سان ملڪيتن کي خطرو پيدا ٿي ويو. ذاتي ملڪيت جي تصور بہ وڏا ۽ بنيادي ٻپ پيدا ڪيا. ملڪيت کي بچائڻ جو ٻپ ۽ ٻيو حياتيءَ جي خاتمي جو ٻپ. معاشرتي ۽ نفسياتي طرح ڌاڙيل جڏهن ڏسي ٿو، تہ جيسين هو حياتيءَ جي پرواهہ ڪري ٿو، تيسين هن کي هڪ عام ٻنل ۽ مظلوم ماڻهوءَ واري حياتي گذارڻي پوي ٿي. پوءِ هو جنهن وقت اها ايذي ڪريل زندگي گهارڻ کان بہ عاجز ڪيو وڃي ٿو،

Gul Hayat Institute

۽ ٽالپرن جي دور ۾ توڙي جو سپاهين کي پگهار يا راشن ملندو هيو، تڏهن به ٿوري گهڻي ڦرلٽ ڪري ڪمائي ڪري وٺندا هئا. (ايس پي ڇٻلاڻي: سنڌ جي اقتصادي تاريخ)

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ڌاڙن ۾ گهٽتائي ٿي. سبب اهو ته انگريزن، جاگيرون انهن ماڻهن کي واپس ڪيون هيون، جن انگريزن جي اطاعت ڪئي. انگريز جو انتظام جديد هيو، جنهن ڪري جاگيردارن کي همٿ نه ٿيندي هئي. ٻي ڳالهه ته انگريزن کان اڳ مرڪز پاران جاگيردارن تي ٻوجهه به گهڻو هيو. ڪن جنگين جي وقت ۾ حڪومت جي لشڪر لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪلڻا پوندا هئا، جيڪي وري ڪافي عرصو مار ڌاڙ واري صورتحال ۾ رهندي سولائي سان پيشيور ڌاڙيل به ٿي پوندا هئا ۽ ڪن پنهنجون توڙي پنهنجي مالڪن جون ضرورتون پوريون ڪرڻيون پونديون هيون.

اهڙي طرح سان هيا مڪاني ڌاڙيل به مرڪز سان تڪرار ٿيڻ جي صورت ۾ مڪاني سردار هڪ ٻئي جون مختلف صورتون هئا. جيئن دنيا جي تمام گهڻن حصن ۾ ڌاڙيل، پاڻ سردار يا اڃا به بادشاهه ٿي ويندا هئا. ايران جو نادرشاهه اهڙوئي هڪ مثال آهي، جيڪو ڌاڙن هڻڻ کان پوءِ نقلي بادشاهه ٿيو. منگولن ۾ به اقتدار جي ڪسوٽي اها هئي. ٻيو ته ڇڏيو، پر ڪن وقتن ۾ نوجوانن جي شادي لاءِ ڪنوار يا ان جي مائٽن جو شرط هوندو هيو، ته ٿي ماڻهو ماري انهن جون منڊيون ڪٽي اچي، ته پوءِ ڪيس ڪنوار ملندي. بلڪل ائين جيئن اڄ شهرن ۾ ڪنواريتا، گهوٽ لاءِ بگرين جو شرط رکندا آهن.

انگريز جي اچڻ کان پوءِ جاگيردار تان اهو ڪم ختم ٿي ويو، ته هو حڪومت کي جنگ لاءِ ماڻهن جون لوڌون ڏئي، پوءِ جاگيردارن کي پنهنجي مجرماڻي مزاج کي ٺارڻ لاءِ سوئر جي شڪار يا ٻج جو سهارو وٺڻو پيو، يا ڪڏهن ڪڏهن 'مزي' وٺڻ خاطر ڪنهن ماڻهو تي ڪتا ڇڏي ڪيس چيرايو ڦاڙايو ويندو هو. ڪٿي ڪٿي اهڙا مثال به ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، ته ماڻهو کي باهه جي ڪوري ۾ وجهي ساڙايو ويو هجي يا ڳوڻ ۾ بند ڪري مٿس ڪتا ڇڏيا ويا هجن. ان مان ثابت ٿو ٿئي، ته انگريز جي اچڻ کان پوءِ به جاگيردار جون مجرماڻيون عادتون جلدي ختم نه ٿيون هيون. اهو اقتدار جو اهو پاسو آهي، جيڪو معاشري ۾ ڏوهه جي هئڻ کي پاڻي ڏيندو رهي ٿو. بلڪل ائين جيئن ڦٽڪن جي سزائن جو به ڌاڙيل ۽ ڏوهاري پيدا ڪرڻ ۾ خاص هٿ رهيو.

سر چارلس نيپئر جي انتظامي جوڙجڪ تڏهن به قديم انتظام کان گهڻو سڌريل هئي، جنهن هڪ حد تائين خاص طرح سان قتل ڪرڻ واري لاڙي جي حوصلن کي گهٽايو. اڳ ۾ ملن ۽ مرشدن جي هوندي به عورت جو قتل ڪنهن ليکي ۾ نه ايندو هو: انگريز انتظاميا عورت جي قتل کي مرد جي قتل جيترو ئي ڏوهه قرار

Gul Hayat Institute

ڏنو. انگريز هڪ ته سرمائيدار تهذيب جي پيداوار هئا، جيڪا جاگيردار دور کان
وڌيڪ سڌريل ۽ انساني هئي. ان کان سواءِ هتي سخت انتظام رکڻ انگريزن لاءِ
سامراجي سرمائي ۽ پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ضروري هيو. انگريزن،
جاگيردار جي سياسي حيثيت کي ته قائم رکيو، پر ان تي پابنديون به وڌيون. اڳوڻن
ڪاردارن کي نون ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن جو ماتحت بڻايو ويو.
ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور جي ڪليڪٽرن ۾ پوليس جا ليفٽيننٽ مقرر
ڪيا ويا. پوليس جو ڪم ڏوهن جي جاچ ڪرڻ هو، جيڪي پنهنجي جاچ ۾
ڏوهاري آڻي عدالت ۾ پيش ڪندا هئا. پوليس ۽ ڪاردار هڪٻئي جي اختيارن
کان آزاد هئا. نين انتظامي قوتن جاگيردار جا ڏينهن ڦيرائي ڇڏيا. اهوئي سبب
آهي، جو اڄ به ڳوٺن جا ڪراڙا ٽڏا ساهه کڻي سڻن لفظن ۾ انگريز کي ياد ڪندا
آهن. انگريز جي وقت ۾ سامراجي پرماريت جي باوجود، شخصي سلامتيءَ ۾
واڌارو ٿيو. اڄ ائين ناهي، اڄ معاشي پرماريت به آهي، ته شخصي سلامتي به
ڪانهي. اهڙين حالتن ۾ آزادي جو تصور به ذهن ۾ مبهم آهي.

هڪ ٻي ڳالهه ته اڳي معاشري کان ڇڙواڳ بغاوت جا ٻه نمونا هئا: هاڻي
چونڊ جو ڪو موقعو ناهي. اڳي ماڻهو مجرم ٿي ويندا هئا يا وري مجذوب،
جيڪي دنيا کان پڇي ويندا هئا. پراڻي زماني ۾ مجذوبن ۽ ڏاڙيلن جا هڪٻئي تي
اثر به نظر اچن ٿا، ڇو ته ٻنهي ۾ هڪ جهڙائي اها هئي، ته ٻئي وسندين کان
پري رهندا هئا. هينئر سنڌ ۾ ڪوڙ سارا دفن ٿيل ۽ آسون پڄائيندڙ پير اهڙا آهن،
جيڪي ڪن زمانن ۾ ڏاڙيل رهي چڪا هئا. ڪافي اهڙن پيرن سان اهڙا قصا
به منسوب ٿيل آهن. فلاڻو اڳ ۾ ڏاڙيل هيو، پر پوءِ فلاڻي درويش سان مليو، جنهن
کيس سنئين راهه تي آڻي ڇڏيو. بعد ۾ وري مجذوبانه پاڻ، چالاڪي ۽ مڪاري جو
ذريعو بڻجي وئي. ائين جيئن امرجليل جي ڪهاڻي ’اروڙ جو مست‘ وارو ڪردار
آهي.

* * *

’شزو فرنيا‘ هڪ جنوني بيماريءَ جو نالو آهي. ان کي اڳي نفسياتي بيماري
سڏيو ويندو هو. ٿي هفتا ڪن اڳ انگريزي اخبار ’ڊان‘ جي جمعي واري مئگزين ۾
هڪڙو مضمون شايع ٿيو هو، جنهن ۾ ان کي طبعي يا جسماني بيماري سڏڻ تي
بحث ڪيل هو. مضمون سان گڏ انساني دماغ جون ٿي تصويرون ڏنل هيون.
ماهرن، کوجنا کان پوءِ جيڪي رايا ڏنا آهن، تن موجب انساني مغز جو اڳيون
حصو جيڪڏهن چمڪندڙ آهي، ته مغز ٺيڪ ٺاڪ نموني پنهنجو ڪم ڪندو
رهندو، پر جيڪڏهن مغز جي ان حصي ۾ چمڪ ناهي، ته پوءِ ان مغز واري
شخص ۾ پنهنجي حالتن کي سمجهڻ، چنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ هوش حواس کان ڪم
وٺڻ جي صلاحيت نه ٿي رهي.

Gul Hayat Institute

ماليخوليا، هٹ، ڳالھ تي ڳنڍ ڏئي ويهڻ، عقل ۽ آزادي کي نہ مڃڻ، ان بيماري جون علامتون آهن. اها بيماري پنهنجي نوعيت ۾ سماجي آهي. جن هنڌن تي سماجي اڻ برابري جون انتهائون تيز هجن، جتي انساني آزاديون نہ هئڻ جي برابر هجن، جتي اقتدار جو دٻدٻو، معاشي پرماريت هجي ۽ جتي مذهبي ڪٽرپڻو يا فرقيوار قوتون سگهاريون هجن ٿيون، اُتي اهي بيماريون پيدا ٿين ٿيون. مجموعي طرح سان ڳالھ ڪجي، تہ جتي بک، بي علمي، بي روزگاري ۽ ڏھڪاءَ هجي ٿو، اُتي جنون وڌي ٿو. انهن حالتن ۾ هڪڙي ٻي بيماري بہ پيدا ٿيندي آهي ۽ اها آهي 'اعصابن ٽٽڻ جي' (Nervous Breakdown). اهي ٻہ بيماريون جڏهن پنهنجي شدت سان وڌي وڃن ٿيون، تہ ٻن قسمن جا ماڻهو رستن تي هلندي ۽ وارداتون ڪندي ڏسڻ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا. هڪڙا مجذوب ٿي پاڻ سان پاڻ ڳالهائيندا ۽ ٻيا اڳرايون ڪندا. سماج کي نقصان پهچائڻ جون سرگرميون مختلف نفسياتي سطحن تي نظر اينديون. مثال طور سنڌ ۾ ڌاڙيلن جون هلندڙ سرگرميون ظاهري طرح فقط نفسياتي ۽ ماليخوليائي ناهِن، پر انهن وارداتن جا سماجي سبب موجود آهن.

ماهرن جو چوڻ آهي، تہ نفسيات جي دنيا ۾ جيڪي شخصيتون مطالعي هيٺ اچن ٿيون، انهن ۾ ڪوبہ شخص بنيادي طرح ۽ پنهنجي ليکي پاڻ 'مجرم شخص' وجود ئي نہ ٿو رکي. ماڻهوءَ جي جسماني خمير يا حياتياتي (بائيلاجيڪل) ورثي ۾ اڳرائي جا جزا وجود ۾ بچاءَ واسطي موجود آهن ضرور پر ان جو ماحول ۽ سماجي حالتون ڪيس جيئڻ ناهڻ گهرنديون. اهو ماڻهو اوئين ٺهندو ۽ ائين ئي سندس سماجي روش هوندي. پٺتي پيل ملڪن ۾ سماجي يا ذهني بلوغت جي اڻاٺ هڪ پڌري حقيقت آهي.

سماجي بلوغت مان مراد آهي، فرد پاران پاڻ کي سماج ۽ ان جي لاڳاپن جو هڪ يڪو (يونٽ) سمجهڻ جو شعور حاصل ڪرڻ، جنهن ۾ هو پنهنجيون شهري ۽ انساني ذميواريون سمجهي ۽ پنهنجي شخصي، پنهنجي ڪٽنب، قوم ۽ ملڪ جي فائدن کي هڪ ئي سلسلي جون مختلف ڪڙيون ڄاڻي وٺي، پنهنجي معاشرتي ۽ تهذيبي وجود ۽ ان جي اهميت کان آگاھ ٿئي. اهو سڀ ڪجھ تڏهن ٿيندو، جڏهن هو آزاديون ماڻيندو. پالنا ۽ نپاج واري عرصي جون آزاديون، ٻولي ۽ ثقافت جون آزاديون، چرپر ڪرڻ جون آزاديون، روزگار حاصل ڪرڻ جون آزاديون، صحتمند رهي سگهڻ جون آزاديون ۽ هڪ شهريءَ واريون آزاديون. انهن سڀني آزادين کي ڪڏائبو تہ اهي معاشي ۽ سياسي آزاديون سڏيون وينديون. جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ تعليم ورتل ماڻهن جو سيڪڙو ٿورو آهي، تہ اها قوم تعليمي لحاظ کان آزاد نہ ٿي ليکي سگهجي.

انهن سمورين آزادين جي اڻهوند معاشري ۾ عقل ۽ دليل جي دشمنيءَ وارن

Gul Hayat Institute

لاڙن ۾ اهڙين قوتن کي بہ پيدا ڪري ٿي ۽ انهن کي زور وٺرائي ٿي، جيڪي سرڪاري سطح کان وٺي جرم جي دنيا تائين بدعنوانين، ڌاڙن، قتل ۽ اغوا تائين جاوا ماڻين ٿيون، ۽ هر طرف آزار وارو ماحول ڏسجي پسجي ٿو.

انساني آزاديون نہ هئڻ، ڊپ، ذاتي ملڪيت گڏ ڪرڻ جي هبڇ. بي يقيني، غيرسلامتي ۽ انهن جي نتيجي ۾ ذهني ڇڪتاڻ، انسان جي تخليقي سرگرمين کي ٻنجو ڏئي ڇڏين ٿيون.

هاڻي ڏسون، تہ هن ملڪ ۾ ماڻهو، ڄمڻ کان مرڻ تائين زندگي ڪيئن گذارين ٿا، تباهي ۽ نقصان واريون قوتون ڪيئن انسان جي ضمير، سچائپٽي ۽ تخليقي صلاحيتن کي ڌڪ رسائين ٿيون، جنهن جي نتيجي ۾ اسين ڏوهن جي موجوده حالت تي پهتا آهيون، جو انتظامي کاتن ۾ بدعنوانين ۽ غيرسرڪاري ڏوهارين جي هڪ ئي جنڊ جي ٻن پڙن ۾ پيسجڻ پيا.

آباديءَ جو وڏو حصو زراعت تي گذاري ٿو ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ آهي. (هن وقت شهرن ڏانهن ماڻهن جي پاچ ۽ لڏپلاڻ ان دعويٰ کي مشڪوڪ بنائي ڇڏيو آهي، پر جوڙجڪ جو نمونو بهرحال اهوئي آهي). هاريءَ جي زندگيءَ جو معيار اجا تائين ٺهيو بہ ناهي. سڄي سال جي پورهئي سان پنج ننڍن وڏن ٻاتين جو هاري ڪٽنب وڌ ۾ وڌ اٺ ايڪڙ زمين کيڙي سگهي ٿو، سو بہ تڏهن، جڏهن وٽس ڏاندن جو جوڙو ۽ هر پانجاري هجن. سنڌ ۾ سارين ۽ ڪپهہ جا مکيہ فصل ٿيندڙ آهن. (ڪمند بعد جي تبديلي آهي، جنهن جا فائدا بہ هاريءَ کي اجا سوڌو نہ ملي سگهيا آهن). ٻاڻ جي خرچ مان اڌ هاريءَ ڏي پرٺو آهي.

1972ع جي زرعي سڌارن موجب ٻج زميندار کي پرڻو آهي، پر وڏا زميندار ٻج اجا بہ هاريءَ کان پرائين ٿا. سڄو ڪٽنب سارياال جي زمين تي ڪم ڪري ٿو، پر سندس آمدني روزانو پنج رپين تائين بہ نہ پهتي آهي. ڪپهہ جي پوک تي اهي انگ اکر ٿورڙا وڌيڪ ٿي سگهن ٿا، پر ڪپهہ جي فصل وارين ايراضين ۾ مشيني طريقن اچڻ سان هاري، هارپ ڪندڙ مان ڦري کيت مزدور (ويج ليبر) ٿي ويو آهي. اڌ ٻٽئي زميندار کٽي وڃي. پلاوٽو پنهنجو نفعو ڌار ڪڍي، مرشد، ملان ۽ پوليس جون چٽيون اجا بہ مٿان، وري وڏيرڪي نظام سبب جهيڙا ۽ ڪورٽن جا ڪيس، وڪيلن جون فيون، ۽ مهانگو انصاف ۽ اچ وڃ جا ڀاڙا، بيمارين تي خرچ گهٽا، ويجهن سالن ۾ سم ۽ ڪلر جي واڌ سبب اُپت تي هاڃو، حجم، لوهر، مگٽهار ۽ شادين مرادين جا جائز، پر سندس سهپ کان چڙهيل خرچ. اهي سڀ حالتون هاري ڪٽنب جي وڏي يا ذميوار ماڻهوءَ کي ڪٽي بيهاريندون. وري مٿان دوزخ جي عذاب ۽ آخرت خراب ٿيڻ جا روز ورجائيندڙ دڙڪا.

ان حالت کي ڪٽ ۾ آٽڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. پر اها آهي سؤ سيڪڙو حقيقت. اهڙي دردناڪ حالت ۾ گهاريندڙ ڪٽنب ڇا سوچيندو. هن جي فڪري

Gul Hayat Institute

سگھ ڇڏجي ويندي. سندس سوچ چاڪيءَ جي ڏاند واري سوچ کان ڪنهن حالت ۾ به اڳتي نه وڌندي. پنهنجي ٻار کي ڪٿان تعليم ڏياري سگهندو، خاص ڪري ان حالت ۾ جو نه ڳوٺ ۾ اسڪول هجي ۽ نه ماستر. وري ڪٿي اهي ٿوريون گهٽيون سهوليتون هجن به، تڏهن به بي فيض تعليم ڏانهن سندس چاهه ڇو ٿيندو، جتي مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪرو اباڻڪي ڪار ڪرت کان به هليو وڃي. هن کي رٿا سان زندگي گذارڻ جو خيال ڪٿان ايندو. رٿا ڇا ٿي ڪري؟ ان قسم جي حالتن ۾ هو پنهنجي زال، پٽ يا نياڻيءَ سان ڪهڙو انصاف ڪري سگهندو، جڏهن ته هن پاڻ سان انصاف ٿيندي ئي ڏٺو ناهي.

اهڙي ڪٽنب جي سمورن ڀاتين جي مغز جا اڳيان حصا ڪيئن چمڪي سگهندا؟. انساني آزادين ۽ سماجي ذهني بلوغت ته ڇڏيو پر خود انسان هئڻ جو ئي وٽس ڪهڙو تصور پيدا ٿيندو؟ مٿان ڪيس باقاعدگي سان سائنسي ترقيءَ جي مدد سان لائوڊاسپيڪرن ذريعي روز جتايو ويندو، ته سندس اهو حال سندس قسمت ۾ لکيل آهي. آباديءَ جي وڏي حصي کي ان حالت ۾ رهائڻ جا جيڪي نتيجا نڪرندا، تن ۾ ملڪي ۽ قومي ترقيءَ جون راهون بند ٿيڻ، عقل ۽ دليل جي قوتن جا ڦاٽڪ بندجي وڃڻ ۽ چورين، ڌاڙن، ڦرين ۽ اغوا جهڙن ڏوهن جا لاڙا پيدا ٿيڻ عين امڪاني ڳالهيون آهن.

* * *

هاري انهن حالتن جي پيڪوڙ ۾ لاڳيتو نپوڙجي پيو ۽ سندس جسم ۽ ذهن هڪ وڏي ڇپ هيٺان آيل آهي ۽ هن جون پنهنجون قوتون هن جي ڪم اچڻ بدران، نيسارا ناهي وهي وڃي اهڙن طبقن جو ڪاڄ ٻتجن ٿيون، جيڪي سماج جي مٿئين جوڙجڪ سان لاڳاپيل آهن. اُپائي ٿو، پر اُپت جا وسيلا ٻين جا آهن. زمين، ٽريڪٽر، ٽيوب ويل ۽ ٻيا سڀ وسيلا سيڙپ جون شيون ٻٽايل آهن. سرڪار جي روينيو کاتي پاران روينيو عملدار مختلف وقتن تي ڪچهريون لڳائي وڃي زمينون هارين ۾ ورهائڻ جو ڪم ڪندا آهن ۽ اهڙين ڪچهرين ۾ قرآن شريف به رکيو ويندو آهي، يا وري زمين حاصل ڪرڻ جي اميدوار کان ڪلمو پڙهايو ويندو آهي، ته ڪيس اڳ ۾ ڪا زمين آهي يا نه- پر اصل ۾ ٿيندو ائين آهي، ته وڏيرا پنهنجا لانڍيا وٺي ايندا ۽ ڪوڙا قسم پڙي زمينون کڻي ويندا آهن. ويجهين سالن ۾ ٺٽي ضلعي جي زمين سان جيڪا ڌاڙ ٿي آهي، سا ليکي ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هاري اسيڪمن جي نالي ۾ هزارين ايڪڙ زمين جي ونڊ ورهاست وڏيرا ۽ سندن لانڍيا کڻي ويا آهن.

هڪڙي پاسي اها حالت آهي، ته ٻي پاسي سنڌ ۾ وچولو طبقو، جيڪو ورهاڱي کان پوءِ ختم ٿي ويو هو، سو گذريل پندرهن ويهه سالن کان اسرڻ لڳو آهي. پر هتي وچولي طبقي جي اوسر به مٿانهين طبقي وانگر غيرمنطقي ٿي آهي.

Gul Hayat Institute

وڏيري جو ڪلچر ڀنگ، چرس، ڪڪڙن ڪتن جي لوڌ، ٻوسڪيءَ جو ڪپڙو، آڪڙ ۽ سندس بي قابو جنسي خواهشون آهن. وڏيرو عورتن جي اغوا جو پراڻو ادارو آهي. ’بي فرمان‘ هارين جون چوريون ڪرائڻ، ڪاٽ هڻائڻ، هن جا اهڙا طريقا آهن، جن ذريعي هو پاڻ کي مضبوط رکي ٿو.

جديد دور سان وڏيري جو واسطو پوليس، ٽپيدارن ۽ ٻين مڪاني ڪامورن ذريعي پوي ٿو. اهي ڏريون وري وڏيري جي دولت جون سڌي ۽ اڻ سڌي طرح حصيدار آهن. هتي اها وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته وڏيري جو مجموعي طبقاتي ڪردار اهوئي آهي. جيڪڏهن ڪو اڪيو ٽڪيو وڏيرو ذاتي طرح چڱو ماڻهو آهي ته اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي، پر هو ڪو فيصلائتو چڱو ڪردار نه نڀائي سگهندو.

ڏوهن ۽ ڏوهارين جي واڌ جو هڪڙو ڪارڻ اُهي سخت سزائون به آهن، جيڪي گذريل اٺن سالن ۾ ماڻهو پچائي هضم ڪري ويا آهن. اڳي ڦٽڪن جو رڳو هراس هو، هاڻي سياسي ڪارڪن به اُهي هنيائي ڇڏيا آهن. ڏوهاري ته هاڻي انهن سزائن کي ڪٽ ۾ به نه ٿو آڻي. ان سان گڏ هتي سزا جو فلسفو به غيرانساني ۽ ابتو آهي. سزا جو سڌريل تصور اهو آهي، ته ڏوهاري کي محسوس ڪرايو وڃي، ته هن غلط ڪم ڪيو آهي ۽ کيس مناسب شهري بڻائجي. هتي ڪانئس انتقام وٺي، کيس جيل جي اهڙي ماحول ۾ بند رکيو وڃي ٿو، جتي هر قسم جا ڏوهه پلجن ٿا. ڳالهه اها ناهي، ته جيلن ۾ ڪهڙا ڏوهه ٿين ٿا. ڳالهه اها آهي، ته ڪهڙا ڏوهه آهن جيڪي جيلن ۾ نه ٿا ٿين. آخر چوريءَ جي ڪيس ۾ قلم 110 هيٺ پهريون ڀيرو جيل ويندڙ شخص محمد پريل چانڊيو جيل مان ’پرو چانڊيو‘ ٿي ڪيئن نڪتو؟

هي سڀ ڳالهيون، سبب، نت نوان واڌارا ۽ سموريون حالتون سمورن ماڻهن جو، سموري عوام جو، سماجي ۽ سياسي تنظيمن جو ڌيان لهڻن ٿيون. جيستائين سبب ختم نه ڪبا، جيسين تضاد ختم نه ڪبا، اهي قوتون ۽ اهو سرشتو ختم نه ڪبو، جن جي هجڻ هيڏا ڪلور ڪيا آهن، تيسين ڪلور ختم نه ٿيندا. همدردي، انسانيت، پيار، ڀائيچاري، محبت ۽ شعور سان ئي ڪجهه ڪري سگهبو. پيار ۽ همدردي: هن عوام سان، هن معاشري سان ۽ انسان ذات سان.

Gul Hayat Institute

# صحافت، منصب ۽ حالت

1450ع ۾ گٽنبرگ ۽ سندس ساٿين جديد پرنٽنگ کي دنيا آڏو پيش ڪيو. پندرهن سؤ عيسوي سن تائين، يعني اڌ صديءَ ۾ ڪتابن جا 35 هزار ڌار ايڊيشن دنيا جي اڳيان اچي ويا. سڀ کان پهريائين، 1466ع ۾ جرمن ٻوليءَ ۾ انجيل شايع ٿيو. تاريخ جي ان نئي دور تي افلاطون جو اهو چوڻ لاڳو ٿيو، ته 'ٻارڙا اونده کان ڊڄن ته عجب ناهي پر حيرت جي ڳالهه اها آهي، ته وڏا روشنيءَ کان ڊڄن.' پرنٽنگ اها روشني هئي، جنهن اونده جي ساٿوڙين کي ڊيڄاري ڇڏيو. اهو ساڳيو انجيل جنهن جا قلمي نسخا فقط پادرين ۽ راهبن جي خانقاهُن ۾ رکيل هئا، ۽ جن تائين عام ماڻهوءَ جي رسائي نه هئي؛ ۽ جن کي وڏو اسرار بڻائي پادري، ماڻهن تي پنهنجو طلسم جهاڙيندا هئا، سو ساڳيو انجيل هر ڪنهن جي پهچ ۾ ٿي پيو.

پادرين جي هڪ هٽي ڊهي پئي. پرنٽنگ جي ايجاد، پادرين سان اها ڪئي، جيڪا بارود جي ايجاد، يورپ جي جاگيردار سان ڪئي. 1501ع ۾ روم جي پوپ سمورن پادرين کي تجويز ڏني ته "ايمان جي سلامتي تڏهن بچندي جڏهن پرنٽنگ بند ڪرائي وڃي." پر پرنٽنگ جي روشني جو سج اڀري چڪو هو. سمورو يورپ تاريخ جي اونداهي زماني مان نڪري جديد زماني ۾ داخل ٿيو ۽ ماڻهو ان نئين تبديلي جي عمل ۾ رهڻ لڳا.

صحافت به پرنٽنگ جو ئي هڪ معجزو آهي. سترهين صديءَ ۾ جرمني مان اخبارون نڪرڻ لڳيون ۽ 1702ع ۾ لنڊن مان روزاني اخبار نڪتي. ان کان اڌ صدي پوءِ تائين هر سال لکين اخبارون انگلينڊ ۾ شايع ٿيڻ لڳيون. يورپ جي ٻين ملڪن ۾ تن ڏينهن علم ادب ۽ ٻئي سجاڳيءَ واري شايع ٿيندڙ مواد تي گهڻوڻو سينسرشپ هو، تنهن ڪري انگلينڊ ان ڏس ۾ گوءِ کڻي ويو.

اسان وٽ به صحافت ان پاسي کان پهتي. يورپ جي سرمائيدار تهذيب ايشيا جي قديم جاگيردارڻي سرشتي تي قابض ٿي وئي. اهو تاريخ جو حياتياتي قانون آهي. قديم زماني ۾ وچ ۽ رولو قبيلا تهذيبي مرڪزن تي حملا ڪري، انهن کي ڦٽائي ڇڏيندا هئا، ڇو ته سڌريل ماڻهن کي جهيڙو جهٽو ڪرڻو ئي نه هو. موهن جي دڙي مان ڏسو ڪي خاص هٿيار هٿ نه آيا آهن، پر نئين زماني ۾ ترقي ڪيل

Gul Hayat Institute

قومون پنهنجي پيل قومن کي ڳڙڪائي سگهن ٿيون. بيٺڪي سرشتو ان ئي پس منظر ۾ منطق سان دنيا کي ويڙهي ويو. صنعتي قومون غيرصنعتي قومن تي قابض ٿي ويون. غيرصنعتي قومن مان صنعتي يورپ کي ڪچو مال ذري گهٽ مفت ملي پئي ويو.

يورپين جي ظالم عمل منجهان جيڪي چار چڱيون ڳالهيون ترقيءَ وارين هٿي پهتيون، تن ۾ صحافت به شامل هئي. ان ئي صحافت پوءِ هتي جي ماڻهن کي آزادي وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. انگريز جي خلاف هلايل هلچل ۾ عوام کي سياسي تعليم ڏيڻ جو ڪم صحافت ڪيو. سرڪاري پاليسين، سياسي توڙي معيشت ۾ ماڻهن کي راءِ قائم ڪرڻ ۾ صحافت مدد ڏني. اُن ڄاڻ جي غربت گهٽائي، سڄي دنيا جي معلومات گهر ويٺي ڏئي هر ڪنهن پڙهندڙ کي عالمي ڪٽنب جو هڪ ڀاتي بڻائي ڇڏيو. ماڻهن کي اها سمجهه ملي ته معاملن جي ڇيڙي نبيري ڪنهن جي هٿ ۾ آهي. ائين هو نياپن، سنيهن تي، زباني ٻڌل ڳالهين ۽ هر واهڻ وسنديءَ ۾ ڄاڻ جي محدود، اٿيورين ۽ وهم وسوسي تي ٻيڌل ۽ ڳالهين جي ورجاءُ وارين قديم روايتن مان آجا ٿي ويا. هو نوان ماڻهو بڻجي پيا ۽ علم ۽ ڄاڻ جي هڪ هٽي دڪاندارن مان هنن جي جند آزاد ٿي وئي. هنن پنهنجي راءِ جي اهميت کي سمجهي ورتو. ريل گاڏي، تار، ٽيليفون، پوءِ ريڊيو ۽ هاڻي ٽيليويزن صحافت جي ڦهلاءَ کي سج جي روشني وانگر هر هنڌ ڪرڻا ڪري پکيڙي ڇڏيو آهي.

صحافت هڪ وڏي اخلاقي قوت آهي. جتي صحافت کي ماڻهن جي جمهوري حقن جي ضمانت سمجهيو وڃي ٿو، اتي هڪڙي هڪڙي لفظ ۽ جملي لاءِ حڪومتون، تنظيمون ۽ افراد پاڻ کي ذميوار سمجهن ٿا. اخبارن يا رسالن ذريعي معاشري جي ڪنهن هڪ به بي انصافي ڏانهن ڌيان ڇڪايو وڃي، ته اها حڪومت سميت هر ماڻهوءَ جي ضمير جو معاملو بڻجي پوي ٿي. جيڪو به ماڻهو اهڙي ذميواري کان لنوائي، ته اهڙو ماڻهو جديد دؤر جو نه پر ڪنهن وحشي زماني جو ماڻهو ليکبو. ڪابه هڪڙي ڏاڍائي، پوءِ اها ڪنهن سان به ٿئي سا هر فرد جو مسئلو آهي. جيڪو به ذميواري جي ان دائري کان کسڪڻ جي ڪوشش ڪندو، سو ڄڻ عوام يا انسان ذات جي بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي ڪندو. صحافت جو اهو ڳڻ ئي هر ماڻهوءَ کي سماج اندر، آزادي ۽ خوشيءَ سان جيئڻ جو حق وٺي ڏئي ٿو. ۽ ائين جڏهن فرد ۽ معاشري ۾ هڪ ٻئي کي ضمانت ڏيڻ جي نوبت اچي ٿي، ته ان جو مطلب آهي ته انسانن جي وچ مان اهڙا اختلاف ختم ٿين جن جي ڪري سماج جي بنيادن کي ڪو نقصان پهچي.

پر ڏسڻ جي ڳالهه هيءَ آهي، ته صحافت جو اهو درجو جيڪو صفا اخلاقي آهي، سو تاريخ جي ڇتڪتاين ۾ ٽٽي پيو آهي. طبقاتي قسم جي حالتن، جتي گهڻا اخلاقي قدر ٽوڙيا آهن، اُتي صحافت به انهن جي وار کان بچي نه سگهي آهي.

Gul Hayat Institute

سرمائيدار جمهوري يورپ ۾ صحافت بہ ڪاروباري مفادن جي ور چڙهي آهي. سبب اهو آهي، تہ نفعو ڪمائيندڙ قوتون، سياسي قوتن جي ڀال کان سواءِ هلي نہ ٿيون سگهن. رياست تي سياسي جوڙجڪ ذريعي اقتدار جو ادارو قائم ٿئي ٿو. سرمائيدار معيشت ۾ لازمي طرح اهڙو سياسي سرشتو هلندو، جيڪو سرمائيداري جي مفادن کي سنڀالي هلي. مثال ڪٿي وٺون، تہ هن وقت دنيا جون وڏيون خبر ايجنسيون، اخبارون، ۽ رسالا پوءِ رائيٽر هجي، اي- ايف- پي، ڊي- پي- اي، يو- پي- آءِ يا اي- پي، واشنگٽن پوسٽ، وال اسٽريٽ جرنل، گارجين، يا نيوزويڪ ۽ ٽائيم وغيره، سڀ خانگي ملڪيت ۾ آهن ۽ سندن مالڪ دنيا جا وڏا سرمائيدار آهن. خانگي نشرياتي ۽ ٽي- وي ادارا آهن. پوءِ ٿئي ائين ٿو جو سيني سرمائيدارن جا مفاد گڏجي اچي هڪ ٿا ٿين. يعني نفعي کي ڪنهن بہ حالت ۾ بچائتو آهي.

چو تہ سرمائيداري ۾ سڀ کان مقدم شيءِ نفعو آهي. اهو نفعو بہ ذاتي يا گروهي. جيڪڏهن ذاتي ۽ گروهي نفعو ڪٿي قوم يا انساني نفعي سان ٽڪر کائيندو، تہ پوءِ ڌرين جي وچ ۾ وڏي ويڙهہ ٿيندي. ان ڪري ئي سرمائيدارن کي، سندن ادارا قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو ڏس ڏيو، تہ جڻ گنجي کي ڀاڪي ڏيکاري ڇڏيو. سو نفعي جي بنيادي نڪتي خلاف سياسي ۽ معاشي دباءُ وڌي ويو، تہ اُها صحافت مرندي گهڙي تائين 'نفعي' مخالف ڌرين سان وڙهڻ لاءِ، پنهنجو منصب وساري ڇڏيندي. هن وقت پنٽي پيل ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ عالمي معاشي سرشتي جي سڌارن تي جيڪا ڇڪ ڇڪان هلي رهي آهي، ان ۾ 'غير جانبدار' بلاڪ کي ضرورت محسوس ٿي آهي، تہ سڌ سماءُ جا اُن جا پنهنجا ادارا هجن، ڇو تہ يورپي ۽ آمريڪي ادارا سندن مفادن جي خلاف ۽ خاص ڪري آمريڪي سامراج جي مفادن سان پيچي ڪم ڪري رهيا آهن. اهو ساڳيو مسئلو قومن جي برادري جي وچ ۾ بہ آهي، تہ ملڪن جي اندر بہ. حد تہ اها آهي جو يورپ جي صحافتي ادارن جن ۾ اخبارون، ريڊيو ۽ ٽي- وي اچن ٿا، تن ۾ ڪم ڪندڙ صحافين بابت بہ خبرون آيون، تہ انهن جو ستر سيڪڙو آمريڪي سي- آءِ- اي جو ڇاڙتو آهي. جڏهن يورپ ۾ ائين آهي، تہ ٽين دنيا ڪير ٿيندي آهي، جتي ائين نہ هجي. خاص طرح اهي ملڪ جيڪي آمريڪي سڳي ڏاڪي ۾ آهن.

پر صحافت تي اجا بہ ڏکيا ڏينهن تڏهن اچن ٿا، جڏهن مختلف ڌرين جي نمائندگي ڪندڙ سياسي قوتون ڪمزور هجن. مختلف سياسي ڌرين جي موجودگي، صحافت کي توازن قائم رکڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. پنٽي پيل ملڪ جتي ڪن عرصن کان آپيشاهي راڄ هلي ٿو، ۽ جتي سياسي قوتون دب هيٺ آهن، اُتي صحافتي ادارا، جيڪي ذاتي ملڪيتن هيٺ هجن ٿا، لازمي طرح پاڻ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي وجود جا جواز ختم ڪنديْ بہ اقتدار جي گرفت قبول ڪري وٺن ٿا. اهڙو

Gul Hayat Institute

وايو منڊل پوءِ ’زرد صحافت‘ کي سامهون آڻي ٿو.

* * *

زرد صحافت اهڙين حالتن ۾ جنم وٺي ٿي، جيڪي سمورن انساني صلاحيتن کي گهٽيندڙ هجن ٿيون، جن حالتن ۾ قانوني ۽ اخلاقي ادارن، سياسي، علمي ۽ ثقافتي تنظيمن کي آزادي سان ڪم ڪرڻ نہ ڏنو وڃي. جيڪا صحافت انهن حالتن ۾ پيش پوي ٿي، حالتن جي جبر کان اڪيون هوندي ٿي، عوام جي صحافت ڪوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ناهي. نہ ان جو ڪو معيار هجي ٿو، ۽ نہ اها عوام ڏانهن ذميوار جا ٿئي ٿي. ان جي ابتڙ اهڙن بنيادن تي هلندڙ صحافتي ادارا، نفعي خوري جي ديوتا اڳيان، پنهنجي سماجي منصب ۽ شان کي قربان ڪري ٿا ڇڏين. پوءِ اهي اهڙا فرار ڳولين ٿا، جيئن ڪو فرد حالتن کي منهن نہ ڏئي سگهڻ جي سمجھ يا قوت نہ رکي؛ نشي پتي ۾ وڃي پناھ وٺي. اها صحافت پوءِ اخلاقي ۽ علمي بگاڙ جو ڪارڻ بنجي ٿي.

عوام جي نفسياتي ڪمزورين جو استحصال ڪري ٿي. ڇرڪائيندڙ سرخين سان خبرون ڇپجن ٿيون. ڇا، جنسي ۽ اخلاق بگاڙيندڙ شخصي اشتهار ڇپجن ٿا. پڙهندڙن کي فحش لفاظي سان ’ڏيان طلب‘ ۽ ’ضرورت رشتہ‘ پاڙهڻ جي ستي وڌي وڃي ٿي. علمي ۽ ادبي مواد نہ هئڻ جي برابر ڏنو وڃي ٿو. رسالن ۾ جادو، طلسم، ۽ اسرارن ۽ جاسوسي سان ڀريل ڪهاڻيون ڏئي اهڙا ادارا پنهنجا مارڪيٽ ٺاهين ٿا. ڏوھ، جنس، اقتداري لهاڙ ۽ ڪوڙ ان صحافت جا مکيہ آثار ۽ نشانيون آهن.

ائين بہ ناهي، تہ سنڌ لاءِ ان کان سواءِ ٻي واٽ ئي نہ ٿي بچي. لاطيني آمريڪا جي آمريت ۽ پيسجندڙ اخبارن جي خاص ڳالھ اها آهي، تہ جڏهن بہ مٿن سرڪاري سينسرشپ لاڳو ٿئي ٿو، تہ اُهي پنهنجو سڄو ڌيان عالمي خبرن ۽ حالتن تي ۽ مڪاني طرح عوام جي مسئلن کي غيرسياسي انداز ۾ ڏين ٿيون. عالمي سطح تي هڪ اهڙي وڏي ويڙھ پئي هلي، جنهن جو حصو دنيا جو هر شهري آهي. پر هتي سنڌن سوچ کي اها واٽ نہ ٿي ملي. سبب اهو تہ ڳنيير، سچي ۽ حقيقي صحافت جو جوکو نہ ٿا کڻ گهرن. سنڌن ٿورڙ– وقت نفعي خوري وارا مفاد خطري ۾ نظر اچن ٿا. هو عالمي مامرن بابت نئين سر عام راءِ ٺاهڻ کان ڀڄن ٿا. اُن جي بدران هو، موجود سسٽم عام راءِ پٺيان لڳي ٿا پون. اهڙي سياستدان وانگر جيڪو ڪراچيءَ ۾ تقرير ڪري، تہ ڪوٽا سسٽم جي مخالفت ڪري ۽ جيڪڏهن لاڙڪاڻي ۾ عام جلسو ڪري، تہ ڪوٽا سسٽم جو اهڙو سڄڻ ٿي پوي جهڙو ٻيو ڪو ساماڻو ئي نہ هجي. لڪير جي فقير صحافت بہ ’زرديءَ‘ جي دائري ۾ اچي ٿي.

انهن ڳالهين جي ڪري سٺي صحافت لاءِ گهربل شيون نہ ٺهي سگهيون آهن،

Gul Hayat Institute

يونيورسٽيون ان ڪري سٺا صحافي نہ ڏئي سگھيون آهن، جو جيڪو ڪجھ پڙهايو وڃي ٿو، تنهن جو هتي جي عملي حالتن سان واسطو ئي ناهي. وري اخباري ادارن جي حالت خاص ڪري اردو ۽ سنڌي صحافت ۾ اها آهي، جو اتي علمي معيار آهي ئي ڪونہ. گھڻو ڪري بيگار ڪئمپن وارو سلسلو آهي. ڳالھ وري بہ اتي اچي ٿي بيهي تہ فقط نفعي خوري کي ذهن ۾ رکيو وڃي ٿو. هڪڙي ٻي صورت وري اخبارن جي اها ٿي بيهي، تہ انهن کي اقتدار جي ڪرسيءَ تائين پهچڻ جو ذريعو بنايو وڃي ٿو.

ان سڀ ڪجھ ٿيڻ جي ڪري، معاشري کي سڌرڻ ۽ اڳتي وڌڻ ۾ ڪا هٿي نہ ٿي ملي. هڪڙي پاسي تہ صحافت اهڙي اخلاقي قوت بنجي نہ سگھي آهي، جيڪا ماڻهن مٿان ايندڙ ڪشالن کي وائکو ڪري مختلف آهنجن منجهان سندن جند ڇڏائي تہ ٻي پاسي اها ماڻهن کي اخبار جي ڪاپي خريدڻ بدلي پريل ملھ جو عيوض نہ ٿي ڏئي. نہ اها عوام جو انيڪ ڏاڍاين خلاف ڪو اثرائتو هٿيار آهي ۽ نہ ئي بازار جي ايمانداريءَ وارن اصولن کي پورو ڪري ٿي. نتيجي ۾ ماڻهو جڻ اخبار نہ ورتي چرس جو ڪو وزم خريد ڪيو، جيڪو سندس ذهن کي وڌيڪ مڏو ڪري ڇڏي، پر هو ڇا ڪري، ڇو تہ اخبار پڙهڻ عادت بنجي وڃي ٿي.

اڄ ڏينهن تائين ڪنهن اخبار اها سروي بہ نہ ڪئي آهي، تہ عام ڳوٺاڻو جيڪو هن ملڪ ۾ تعداد جي لحاظ کان گھڻي ۾ گھڻو، يعني سٺر سيڪڙو آهي، ان جي ٽاٽن ۽ ڪورٽن جي پيشين ۾ ڪيئن ٿي بيڪ خراب ٿئي. ڪيئن ٿا سندس پگهر ۽ رت جي پورهئي تي سفيد پوش جراثيم پلجن. انساني وقار کي ان نموني ڪيئن ٿو چٿيو وڃي. اسپتالن ۾ اسان جي ماڻهوءَ جون ڪهڙيون پيڙائون آهن. ڳوٺاڻو پنهنجي هار کي پاڙهڻ ۾ ڇو دلچسپي نہ ٿو رکي. ان جا ڪهڙا معاشي ۽ سماجي ڪارڻ آهن ۽ ان لاءِ ڇا ڪرڻ کپي. اسان جي هاري سان پلاوڙو يا دلال ڪيئن ٿو حالت ڪري. ڪوٽا وٽ ۽ اڻ پورا اگھ ڪيئن ٿا هاريءَ جو رت چوسين. ٻنئي ڪيئن ٿي ٿئي ۽ ٻيا انيڪ مسئلا.

پر اسان جي صحافت لاچار ڪٿي وڏي بہ، تہ شهر جي وچولي طبقي جي مسئلن تائين سو بہ ڇسي نموني، ڇو تہ پاڻ آهي ئي ڇسي. ان ڪري اها پنهنجي معاشري جو تنقيدي آئينو ناهي.

زرد صحافت جيئن تہ اصل مسئلن ۽ انساني حقن کي گنبير نموني سان نٿي ڏسي ۽ اها پاڻ اخباري آقائن جي باندي بڻجي وڃي ٿي، تنهن ڪري ڪيترين ئي اخبارون، ڪن خاص موقعن تي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ مقرر ڪيل نمائندن تي اشتهار هٿ ڪرڻ لاءِ دباءُ وجهن ٿيون. انهن نمائندن جي گھڻو ڪري ڪا اهليت مقرر نہ هوندي آهي ۽ نہ ئي کين باقاعدي پگهار ملي ٿو. نہ ان پاسي سرڪاري

Gul Hayat Institute

اختيارين ڪڏهن ڌيان ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي. پوءِ اهي نمائندا تر جي ڪامورن سان رسايون ڪن ٿا. وٺائنن لاپو وٺن ٿا ۽ بدلي ۾ سندن اوڳڻ ظاهر نٿا ڪن ۽ عوام جي لاڳاپيل مسئلن تي نٿا لکن. ڪامورا وري پنهنجي پاڻ کان بچي ڪين عزت ڏين ٿا، ۽ سندن ٿورا گهٽا ڪم ڪاريون ٿيندا ٿا رهن. هو همراه ان ٽيڳر ۾ پورا آهن، تہ سچي لئي سندن آهي. بس رڳو اخبار جي آفيس ۾ نيوزڊيسڪ تي سندن هلندي چلندي هجي. اهڙي نموني سان اهڙن صحافين جو هڪڙو جار پکڙيو پيو آهي، جن کي عوام گهڻو ڪري چڱين نظرن سان نہ ٿو ڏسي، چو تہ هو انهن کي پنهنجي هڏ ڏوکي بدران ڪين هڪ آزاريندڙ تر سمجهي ٿو.

اها سڄي جدول هن نموني ٺهي ٿي: نفعو ڪمائيندڙ اخباري مالڪ+ اقتداري پابنديون+ اڻپڙهيل نمائندن جو جار+ مختلف شڪلين ۾ رشوت+ سچ پڌرو ڪندڙن لاءِ خراب نتيجن واريون حالتون+ عوام طرفان ان سڄي عمل کان اوپرائپ يا نفرت+ سرڪاري اختيارين پاران ان صورتحال تي اکهوٽ. نتيجي ۾ زرد صحافت ۽ معلومات جي اڻاٺ.

* * *

صحافت کي عوام مخالف صورتحال منجهان ڪڍڻ جو سوال بہ ٻين انساني حقن جي مڪمل بحالي سان ڳنڍيل آهي. پر اهي سمورا حق نازل ٿيندا ڪونهن. انساني حقن جو سڄو سارو عالمي پڌرنامو سوال بڻجي، پٺتي پيل ملڪن جي عوام ڏانهن واجهائي رهيو آهي. بهرحال هتان جي صحافت کي، صحافت جي اخلاقيات واري دائري ۾ آڻڻ جون ذميواريون ٽہ طرفيون آهن. پهريون سرڪار، ٻيا صحافي ۽ ٽيان پڙهندڙ پاڻ يعني ڪاري ڏاند جا مالڪ.

ڪابہ سرڪار فقط تڏهن حقيقي نموني آزاد صحافت ڪرڻ ڏيندي، جڏهن اها پاڻ حقيقي نہ تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ اتفاق ڪيل جمهوريت جي پيداوار هجي، يا پنهنجي سياسي صورت اُجري ڪرڻ لاءِ ائين ڪري. سرڪاري حلقن کي سمجهڻ گهرجي، تہ گهڻي پبلسٽي يا پبلسٽي بابت گوئبلز جي متي تي هلڻ سان سرڪار جي ساک پت کي نقصان رسي ٿو. سرڪار جي چڱائي ان ۾ آهي، تہ عوام جي مزاج کي ويجهي ٿئي ۽ اوپرائپ کان بچي. پر ان ڏس ۾ ڪيس پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻي پوندي. اظهار جي آزادين کي دٻائڻ سان جتي عوام جي قوتن ۽ ملڪي ذهانت کي هاڃو رسي ٿو، اتي ترقي لاءِ گهربل اعتماد بہ وڃائجي ٿو. اهڙن ملڪن جا ماڻهو زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ پٺتي رهجي وڃن ٿا، ۽ اها ملڪ ۽ عوام سان ڪنهن حالت ۾ بہ چڱائي ناهي.

ٻي ذميواري صحافين تي آهي. سچ تي جمي بيهڻ، انصاف قائم ڪرڻ لاءِ علم، آزادي ۽ کوج کان ڪم وٺي حقيقتن کي همت سان نروار ڪرڻ سان جتي

Gul Hayat Institute

ملڪ ۾ انسان ذات لاءِ انيڪ واٽون کولي سگهجن ٿيون، اُتي شخصي طرح ائين پاڻ کي ساڄه جي سراڻ تي تڪو، اثرائتو ۽ طاقتور بہ بنائي سگهجي ٿو. ٽڪي جهڙن مفادن جي پٺيان پئجي ماڻهو، اڻ ملهئي شان ۽ خودداري کان ڏڪجي وڃي ٿو لور لور واري حالت تي بيهي. ائين ڪرڻ سان ڪوبہ ماڻهو، نہ رڳو ايترو تہ پاڻ ڪري پوي ٿو، پر نيچپڻي جي روايت کي بہ سگهارو بنائي ٿو. ذاتي طرح جوکم کڻي بہ ڪن قدرن ۽ اصولن جو ڳاٽ اوچو بنائي وڃجي، تہ تاريخ جي عزت ڀريل هستين سان پاڻ کي ڳنڍي سگهجي ٿو.

سو صحافيءَ لاءِ پهرين ڳالهہ، تہ پنهنجي ذميوارين کي انساني ضمير مطابق محسوس ڪرڻ جي آهي. سندس محسوس ڪرڻ جي ئي ڳالهہ آهي علم ۽ مشاهدي جي تيزي. معنيٰ سماج ۾ اهو ڏسڻ تہ حق ۽ ناحق جي قوتن ۾ طاقت جو توازن ڪيئن آهي. جيڪڏهن طاقت جو توازن حق جي پاسي ناهي، (جيئن واقعي ناهي) تہ پوءِ سندس پهريون فرض پاڻ کي حق جي قوتن سان وڏيڪ نہ. تڏهن بہ ذهني طرح پاڻ کي ڳنڍي (توڙي جو اهو چيو ناهي). اها ٿي اصولي ڳالهہ. عملي طرح ڪيس ان ڏس ۾ ذاتي حيثيت کان وڌي تنظيمي طرح ٿائين وڌٿو آهي. جڏهن صحافت جي آزادي جي ڳالهہ ڪجي ٿي، تڏهن صحافيءَ لاءِ رڳو عزت جو ئي نہ پر عزت سان روزگار جو بہ سوال آهي. هو هڪ اهڙي فضا ۾ روزي ڪمائي سگهندو، جنهن ۾ ڪيس پاڻ کان پاڻ وحشت نہ ٿيندي. اظهار جي آزادي سان صحافت هڪ صنعت طور ترقي ڪندي ۽ وڌيڪ ماڻهن کي روزگار ملندو. ائين ذميوار ماڻهن جي نفري ۾ واڌارو ٿيندو.

اهو برابر آهي، تہ اڏ سرمائيدار ۽ اڌ جاگيردار معاشي ۽ سماجي لاڳاپن واري جوڙجڪ ۾ صحافت بہ ان ئي سرشتي جو حصو هجي ٿي، پر ان جي اڳيان مستقبل بہ آهي. حال ۾ رهندي ان کي سمورين عالمي توڙي ملڪي جمهوريت پسند ۽ اڻ سڌي طرح جمهوريت مخالف ڌرين جو موقف پيش ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ عالمي انساني اصولن، قانونن ۽ حقن کي ڪسوٽي بنائي تازين خبرن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، سمورن عملن جي عوام لاءِ پيدا ٿيندڙ نتيجن کي سامهون آندو وڃي. قومن جي ثقافتي، معاشي ۽ سياسي حقن جي حفاظت ڪرڻ جي ذميواري بہ صحافت تي آهي. ڏوهن کي ڇرڪائيندڙ نموني پيش نہ ڪيو وڃي. ڪنهن بہ ناڪاري روش يا واقعي کي اهميت نہ ملڻ کپي. جيڪي بہ خرابيون آهن، تن جي سببن تي حملا ڪيا وڃن. اثرن تي پٽڻي پٽڻ سان ڪجهہ بہ نہ ورندو. صحافتي ۽ ادبي تنظيمن کي ذميوار صحافت بابت ورڪشاپ ۽ سيمينار ڪرائڻ گهرجن ۽ اهڙي مواد جي لاڳيتي اشاعت ٿيڻ گهرجي.

صحافت کي ذميوار بنائڻ جي آخري ذميواري عوام ۽ ان جي سجاڳ ڌرين تي آهي. اهي ڌريون جيڪي هر مامري جي سيني پاسن کي نظر ۾ آڻيندي ڪا

Gul Hayat Institute

مڪمل راءِ رکن ٿيون. انهن تي ئي عوام کي پنهنجي سگهه ۾ ڀروسو پيدا ڪرڻ جو فرض آهي. اخبار پڙهندڙ، چاڪاڻ ته پئسا ڀري اخبار خريد ڪري ٿو، ان ڪري هو اخبار کي پنهنجي جمهوري ضرورتن مطابق ڪرڻ جو حق رکي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي، ته هو موجود حالت ۾ اهو حق ڪم آڻيندي اهڙي اخبار خريد نه ٿو ڪري، پر اهو مسئلي جو نبيرو ناهي. نبيرو اهو آهي، ته پڙهندڙ شهرن ۾ پاڻن کان وٺي ننڍن ڳوٺن تائين 'اخبار پڙهندڙن جون ڪلبون' ٺاهين. اهڙيون ڪلبون فلاحي تنظيمن جو حصو هجن ته وڌيڪ چڱو. پوءِ اهي پنهنجي تر جي مسئلن کان وٺي، ملڪي ۽ عالمي صورتحال ۽ ادب، تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ سياست تائين اخبارن کان پنهنجا حق ميڙائين، انهن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تنظيمي قوت کي ڪم آڻدو وڃي.

هونئن عوام لاءِ هي ڪو اڪيلو حق ناهي جيڪو ڪيس حاصل ڪرڻ گهرجي. عوام جي سجاڳ ٿيڻ جو فرض ٿو بڻجي، ته انساني حقن واري عالمي پڌرنامي موجب هتي حق حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. جيڪي قانون، رسمون ۽ روايتون ۽ ادارا ان پڌرنامي سان ٽڪراءَ ۾ اچن ٿا، تن سان مهاڏو اٽڪايو وڃي. صحافتي آزادي عوام جي سمورن معاشي ۽ سياسي حقن کان ڌار ناهي.



Gul Hayat Institute

# رياستي دهشتگردي ۽ انساني حق

انساني حقن جو تصور فقط سياسي حقن تائين محدود ناهي، جيئن عام طرح سان سمجهيو وڃي ٿو. انساني حقن جو مطلب، انسانن جي اها ڪامل آزادي آهي، جنهن ۾ سمورا انسان معاشي، ثقافتي، سياسي ۽ روحاني طرح آزاد هجن. ڪنهن ملڪ سان ان ڪان وڌيڪ دشمني ٻي ٿي نٿي سگهي، ته اتي انساني حقن جو احترام ناهي، اهو احمقن سان ڀريل سامونڊي جهاز وانگر آهي، جيڪو وچ سمنڊ ۾ هڪڙي نه ٻئي پاسي ليٽي پوڻ سبب ضرور ٻڏي.

هي جيڪا هينئر دنيا ۾ دهشتگردي جي لهر ڪاهي پئي آهي، سا انساني حقن کي نهوڙڻ جو نتيجو آهي. هن وقت دنيا ۾ دهشتگردي سياسي حالتن جو نتيجو آهي ۽ سياسي مقصد سان لاڳاپيل آهي. فلسطيني، ان ڪري دهشتگرد بڻيا، جو مٿن آمريڪا، اسرائيل، برطانيا ۽ سامراجي دنيا دهشتگردي ڪئي. زندگيءَ جون سڀئي واٽون بند ڪيون ويون. هن ننڍي کنڊ ۾ دهشتگردي، انگريزي سامراج جي پيدا ڪيل سياسي مايوسين مان پيدا ٿي. ظلم موٽ ۾ ظلم ئي پيدا ڪري ٿو. دهشتگردي لازمي طرح سان رد ڪرڻ جهڙي شيءِ آهي، پر ڪڏهن اهي عمل به ملامت جوڳا آهن، جن دهشتگردي کي پيدا ڪيو. دنيا جا قديم سياسي ۽ سماجي سرشتا، جن غلامين ۽ اطاعتن تي پاڻ کي زنده رکيو، سي انسان جي خلاف ڀرپور دهشتگرديون هيون. انهن جي ئي خلاف ڌرتي جي گولي تي انساني حقن جي شعور، گهرج جدوجهد جي اهميت کي واضح ڪيو.

انسان جڏهن شڪاري زماني کان نڪري، زراعت جي دور ۾ داخل ٿيو، ته سندس پيداوار جي عمل جو قبلو ڦري ويو. ڀهريائين هن کي ٽولن جي صورت ۾ ڀري ڀري تائين رولڙا ڪيڍي، موت جي منهن مان شڪار هٿ ڪرڻو پوندو هو. زراعت هن لاءِ تمام گهڻيون سولايون پيدا ڪيون. شڪار ۾ خطرا گهڻا هئا، ان ڪري انسان جي نفسيات ۽ اجتماعيت، جبلت جي شڪل ۾ موجود هئي. خانگي ملڪيت جي تصور نه هئڻ سبب، هن وٽ اهي تعصب ڪونه هئا، جيڪي ملڪيت هئڻ جي صورت ۾ ٿين ٿا. ڪڏهن شڪار ڪندا هئا ۽ هرڪو پنهنجي گهرج پوري

ڪندو هو. پٿر جا اوزار، شڪار ۾ ڪم ايندا هئا، جن تي ڪنهن جو خرچ پڪو ڪونہ هو! زراعت جي عمل، ان اجتماع کي ٽوڙي ڇڏيو، ۽ انسان مادي ۽ روحاني طرح اڪيلو ٿي پيو. ملڪيت جي ذاتي تصور، هن کان هن جا دوست ۽ ساٿي کسي ورتا. پوءِ هن جون ضرورتون، زمين جو ٽڪرو، هر، پاڃاري ۽ ڍڳن جو جوڙو بنجي ويون، ۽ زال ۽ ٻار پڻ پيداوار جا اوزار بنجي ويا. خلق گهٽ ۽ پيداوار گهرج کان وڌيڪ، انسان کي نين ذلتن ڏانهن وٺي وئي. فالتو اپت، ذخيرو ڪرڻ پيئي ۽ ذخيري سان گڏ ان جي سار سنڀال لهڻ وارا فرد، لاڳيتو ان ڌنڌي ۾ رهڻ سبب اڳتي هلي ڪاروباري ذخيرو ڪندڙ طبقو بڻيا. جيئن پوءِ تيئن زراعت جا طريقا سڌريا ۽ اُپت وڌي ۽ ذخيرو ڪندڙن جو اختيار بہ وڌيو.

ٽالسٽاءِ، انجيل جي حضرت يوسف واري قصي کي بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ مصر جي فرعونن اناج جي ذخيرن جي ٻل تي، ڏڪر اچڻ جي حالت ۾ ماڻهن کي ڪاڏي ڏيڻ بدران غلام بنائي ورتو. اهڙي طرح انساني حقن جي پائمالي، ذاتي ملڪيت جي تصور ۽ پيداوار جي وسيلن جو پورهيت جي هٿ مان ڇڏائجي وڃڻ سان شروع ٿي. ذخيرا ڪندڙن، پنهنجي طاقت ذريعي حڪومتون قائم ڪيون ۽ سياسي غلبو حاصل ڪري ورتو. خود ملڪيت جو تصور ڦوڪبو وڌندو رهيو. پهريائين ڪجهہ داڻا اناج جا، پوءِ زمين، پوءِ جاگيرون، پوءِ حڪومتون پوءِ هڪڙن ملڪن کان ٻين ملڪن تي قبضن جا خواب، لشڪرن جون تياريون، ائين انسان، انسان جي ملڪيت بنجي ويا. شڪار جي ابتڙ ماڻهن کي زراعت جي ڪم ۾ زمين جي ڀرسان رهڻو پوندو هو، ان ڪري ڳوٺ، وسنديون ۽ شهر اڏجي ويا. گڏوگڏ اڏاوتن، مصوري، موسيقي، چٽسالي، سنگ تراشي ۽ پورهئي جي نون گهاڙيٽن، انسان کي وحشي دور کان ڪڍي، ملڪيت هٿان بليڪ ميل ٿيڻ جي دور ۾ آندو، پر انهن ترقين ۽ جيئن پوءِ تيئن اُپت جي واڌاري، هڪڙن کي وڌيڪ شاهوڪار ڪيو ۽ ٻين کي وڌيڪ انهن جو ڳيجهو ۽ محتاج بڻايو.

گڏوگڏ ملڪيتي سماج جا تضاد بہ ظاهر ٿيا، ڇو جو انسان ازل کان فطرت سان ڳنڍيل هو ۽ ان کي سمجهڻ جي سندس سطح ئي، سندس ترقيءَ جي حدن سان شرطيل هئي. جيئن فطرت کي وڌيڪ سمجهيائين، تيئن وڌيڪ ترقي ڪيائين. چوري، ٺڳي، ڌاڙو، ڳنڍيچوڙي ۽ لالچ، ذاتي ملڪيت جي تصور واري سماج سان گڏ پيدا ٿيا. هڪڙن جو پورهيو، ٻين جا ٿلها ٿنيرا پيٽ، ان سرشتي جون خاص نشانيون آهن. ساموندي قزاقي ۽ قافلا ڦرڻ جو رواج بہ ايترو ئي پراڻو آهي، جيترو ذاتي ملڪيت واري سماج جو ٿيڻ. قديم ڏندڪٿائون ٻڌائين ٿيون تہ ديوتا بہ انهن ملڪيتي تعصبن ۾ ڦاٿل هئا. دولت ۽ اقتدار جي ويڙهہ رڳو انسانن جي وچ ۾ نہ، پر هنن جي تخليق ڪيل ديومالائي دنيا جي اندر بہ موجود هئي.

يوناني، هندي، فارسي، يورپي ۽ سڀ جون سڀ ڏندڪٿائون ديوتائن جي

Gul Hayat Institute

جنگين سان ڀريل آهن. اقتدار ۽ عورت، ملڪيت جي هڪ شڪل هئڻ جي ڪري ديوتائن جي هوس جو شڪار هيون. يوناني ڏندڪٿا جي ٽراءِ واري جنگ ۾ هندو ديومالا جي مهاڀارت، جن ۾ ديوتائن ۽ اوتارن پاڻ ۽ سندن سمورن روپن شرڪت ڪئي، سي اقتدار ۽ عورت کي تصرف ۾ آڻڻ جون جنگيون هيون.

ذاتي ملڪيتي سماج جا اخلاق، قاعدا ۽ قانون سڀ جا سڀ ان ملڪيت جي بچاءَ خاطر جوڙيا ويا. وڏن چورن، ٺڳن ۽ ڌاڙيلن، ننڍن چورن ۽ ڌاڙيلن جي خلاف قانون ۽ قانون لاڳو ڪرائيندڙ ايجنسيون ۽ ادارا ٺاهيا. ڏوهه جيڪو انساني احترام جو بدتر دشمن آهي، سو ذاتي ملڪيت ۽ ان جي بچاءَ لاءِ لشڪر ٺاهڻ سان گڏ ئي وجود ۾ آيو. ڦر ۽ ڌاڙي جو ان کان سواءِ ٻيو ڪو فلسفو ئي ناهي ته رياست جون اقتداري ڌريون، پيداواري وسيلا ڦرڪائين ٿيون ۽ ڪجهه مخصوص طبقا انهن جا سمورا فائدا ماڻين ٿا ۽ جن وٽ پورهئي ڪرڻ جي باوجود ڪجهه به رهڻ نه ڏنو وڃي سي شخصي سطحن تي چوريون ۽ ڦريون ڪن ٿا.

اها ڏوهه جي اوائلي شڪل آهي جنهن ۾ ٻين ترقين سان گڏ وڏيڪ پيچيدگيون آهن. شخصي ملڪيت جي چوڪيداري لاءِ ڪتا رکيا ويا ۽ گروهي يا بادشاهي ملڪيت جي بچاءَ واسطي لشڪر ڀرتي ٿيا. جيڪي ٻاهرين ڦرلٽ ۾ هٿ ايندڙ غنيمت جي مال تي پلبا هئا. ائين جيئن ڪتا ٻوٽي تي.

ملڪيتن جي شان شوڪت لاءِ اڳرائي، فوجي چڙهايون، مفتوح ايراضين مان ڦرلٽ ڪرڻ ۾ وڏي پئماني تي زنائون، قتل ۽ منڍين جا مينار کڙا ڪرڻ، بادشاهن جي شجاعت ۽ بهادري جا معيار بڻجي ويا. رومين ۽ ٻين اچ تائين ڪيترين تهذيبن ۾، انهن معيارن جي نشاني، عقاب جو سرڪاري نشان هئڻ آهي. فاشسٽ فلسفن، جديد دور ۾ به ان نشان کي پاڻ لاءِ رهڻ ڏنو. چار سؤ سال اڳ جي ڊچ عالم اراسمس لکيو: ”سڀني پکين منجهان عقاب، انسان کي شاهاڻي شان جو نمونو لڳو آهي، جيڪو نه سهڻو آهي، نه اُن ۾ ڪا موسيقيت آهي، نه کائڻ لاءِ مناسب آهي، پر رڳو کائو، هٻڇي، سڀني (پکين) لاءِ نفرت جوڳو، سڀني لاءِ عذاب ۽ پنهنجي سگهه سان فقط ڦاڙيندڙ رسائيندڙ آهي.“

انساني حقن جي دشمن ۽ ان فاشسٽ حالت کي روحاني طرح انسانن جي اڪثريت تي مڙهڻ جو ڪم، مذهبي ٻوٽن جي پيدا ڪيل ڊپن، عذاب جي تصورن، تاويلن ۽ تشريحن ڪيو آهي. لڳ ڀڳ سمورن مذهبن ۽ انهن جي فرقن، سواءِ وحدت الوجودي ۽ ڀڳتي صوفين جي، ملڪيت جي ذاتي هٿچ ۽ دولت گڏ ڪرڻ کي آسماني حق سڏيو. وڏي ۾ وڏو سڌارو آيو ته اهو جو قاروني خزانن مان خيراتن جي مر ڏيڻ جو تاڪيد ڪيو ويو، جيئن شاهوڪار ماڻهن کي گهربل امن امان ۾ خلل نه پوي ۽ شاهوڪارن کي نفسياتي اطمينان نصيب ٿئي ته هو جيڪو ڪن پيا سو غلط نه، پر سؤ سيڪڙو ٺيڪ آهي. يورپي پاپائيت، شاهوڪارن کي، يهودين



Gul Hayat Institute

وانگر خدا جا چونڊيل ماڻهو سڏيو ۽ عام ڪيو ته خدا ڪين عقل ڏنو آهي، جنهن جي ذريعي سان هو مال ملڪيت جا مالڪ ٿيا آهن. اسلام جي جوهر ۾ انساني مرتبي جو خيال رکيو ويو، پر غنيمت جي مال هٿ اچڻ کان پوءِ، روين جا قبلا به بدلجي ويا. ابوذر غفاري، اسلام جي انساني حقن تي زور ڏنو ته ڪيس رولي ماريو ويو.

اهي ته سڀ ٿيون انساني حقن جون دشمن قديم حالتون جيڪي اڄ به مختلف شڪلين ۾ موجود آهن. پر رياست جي ڪردار جي ڦهلاءَ، سياسي هٿرين سان جيڪي ظلم ڪيا آهن، تن جي شروعات سرمائيدار سرشتي جي اوسر ۽ انتها سامراجي قوتن جي اُڀرڻ سان ٿي. سامراجيت، سرمائيداري جو ڪلائيميڪس (انتهائي نڪتو) آهي.

سرمائيدار جو شروع ۾ مدي خارج جاگيرداري نظام سان ٽڪر ٿيو، تنهن ڪري ان جاگيرداراڻي بوسٽ واري اخلاقيات ۽ دبڙدؤنس جي خلاف، سڀڦ، راءِ جي احترام، واپار ڪرڻ جي آزادين سان گڏ سياسي آزادين کي آندو پر جيئڻ ته ذاتي نفعو، سرمائيدار جي اعليٰ منزل آهي، ان ڪري برطانيه جي صنعتي انقلاب واري دور ۾ ئي فئڪٽرين اندر پورهيتن سان جيڪا حالت هئي، سا لڳ ڪانداريندڙ آهي. چارلس ڊڪنس جون ڪهاڻيون ان صورتحال جون شاهد آهن. سندس ناول ڊيوڊ ڪاپرفيلڊ، ان وقت جي خانگي اسڪولن جو پوائنٽو نقشو پيش ڪري ٿو، جتي ٻارڙن تي ايتري سختي ٿيندي هئي، جيتري اڄ اسان وٽ صديون پراڻن مڪتبن ۾ خٽابين تي ٿئي ٿي.

1777ع ۾ آمريڪا جي برطانيا کان آزادي، ٿورا سال پوءِ فرانس جو انقلاب، ان کان اڳ سترهين صدي جي پهرئين اڌ ۾ برطانيا جي اندر پارليامينٽ ۽ بادشاه جي وچ ۾ زبردست جهيڙا، جن ۾ چارلس پهرئين جو سر ڪپيو ويو، سي آزادين ۽ انساني حقن جا جهيڙا هئا. سرمائيداريت جي جمهوريت وارين دعوائن جي باوجود، پورهيت تنظيمن کي اسرڻ نٿي ڏنو ويو، 1871ع ۾ پيرس ڪميون ۽ پهرين مئي جي حوالي سان شڪاگو ۾ پورهيتن جي شهادت، پورهيتن جي حقن حاصل ٿيڻ واري جدوجهد جي راه جا ڇاڙها نشان آهن.

پورهيت فڪر ۽ پورهيت تنظيمن جي عمل سان هڪ ڳاله واضح ٿي آئي ته ذاتي نفعو ۽ انساني حق هڪ ٻئي سان ڪڏهن به گڏ نه ٿا هلي سگهن. تاريخ جي ان اجا تائين هلندڙ ويڙه ۾، قديم زمانن کان اڄ تائين، شاعر، اديب، مصورن ۽ فنڪارن جي اڪثريت جو مکيه هٿ آهي، جيڪي هر دور جي بي انصافين خلاف واويلا مچائيندا آيا آهن ۽ هينئر تائين حاصل ٿيل انساني حقن ۾ اديب جي ڪردار کي ڪنهن صورت ۾ به گهٽ نٿو ڪري سگهجي، ڇو ته اديب انساني ۽ سماجي احساسن جي آبياري ڪندي انهن کي سگهارو بڻايو آهي. اديب، نازڪ ۽ نفيس

Gul Hayat Institute

احساس اُڀاريا آهن ۽ انهن انساني جذبن جي خمار وقت، ماڻهو گهڻي ڀاڱي انصاف پسند هوندو آهي. روح جي خوشي انصاف جو ٻيو نالو آهي ۽ ان کي پيدا ڪرڻ اديب ۽ فنڪار جوئي ڪمال ٿئي ٿو.

انسان جي مجموعي سماجي ترقي سان گڏ، ان جي عزت، وقار ۽ مرتبي جو شعور بہ بلاشڪ وڌيو آهي. خود قومن جي اٿتي ويهڻي ۾ اهڙا رواج قائم ٿيا، جيڪي وحشي دور جي کهرن روين جي ڀيٽ ۾ ڏاڍا سلڇڻا ۽ نفيس آهن. انگريز ماڻهو 'پليز' يا 'ايڪسڪيوز مِي' چئي ڳالهہ شروع ڪرڻ کان اڳ خوشگوار ماحول پيدا ڪندا آهن. خود سنڌي ماڻهو، هڪ ٻئي سان ملڻ وقت ڀاڪر پائي، هٿ ٻڌن ٿا. ڀارت جا ماڻهو 'نمستي' ڪن ٿا. ائين هر قوم وٽ انساني مرتبي کي مڃتا مليل آهي، پر حڪمران طبقن، عوام جي ڪلچر کي گندو ڪري ڇڏيو آهي. رياستي ادارا، محصولن وٺڻ ۽ هٿ ٺوڪئي انتظام جي نالي ۾ ماڻهوءَ کي ڪتن سان گڏ ڪارايو ڇڏين.

عالمي بينڪي سرشتي، انسان ذات کي وڏ ۾ وڏ بڇڙو ڪيو. سامراجي قوتن، پنهنجي صنعتن لاءِ، بينڪون هٿ ڪيون ۽ اتي پنهنجو سياسي راڄ قائم ڪيو. بينڪن جي خاتمي خلاف قومن جي جدوجهد، انساني مرتبي جي بحالي جي ويڙهہ هئي. بينڪيت خلاف ويڙهہ ۾ واضح ٿي آيو تہ انساني حق ايستائين حاصل نہ ٿيندا جيسين قومون، اندران توڙي ٻاهران، سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ سماجي آزاديون حاصل ڪري سماجي انصاف ۽ برابري قائم نہ ٿيون ڪن. هينئر انساني حقن کي آئيني ضمانتن جي حد تائين آندو ويو آهي. هن وقت سوشلسٽ ملڪن ۾، تعليم، روزگار، صحت ۽ اجهي جي سهولتن کي آئيني ضمانتون ڏنيون ويون آهن. اتي جيڪڏهن ڪنهن شخص کي انهن مان ڪا سهولت نہ ملي تہ اهو رياست کي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري سگهي ٿو.

سرمائيداري جي شروعاتي مرحلي ۾، جڏهن اڃا جاگيرداريت سان جهيڙو ٿي هليو، تڏهن آزادي ۽ برابري جو نعرو عام هيو. بعد ۾ جڏهن برابري کي پري ڪرڻ واري آزادي، سرمائيدار جي مفادن لاءِ اڪيلي ضرورت بنجي پئي تہ پوءِ فقط آزادي تي زور ڏنو ويو ۽ فلسفي ۽ سماجيات جي ماهرن برابري کي آزادي جو دشمن سڏيو. اتان ئي فڪري محاذ تان، سرمائيدار دنيا عقل جي ڏيوالي ۾ پوڻ لڳي. هنن جو مطلب هيو، تہ آزادي جي معنيٰ آهي، نفعي ڪمائڻ جي آزادي، ۽ پوءِ ٻئي جي پستين کي آزادي ماڻڻ جو نالو ڏنو ويو. ڳالهہ اها آهي تہ برابريءَ جي اصول کي قانوني شڪل ۾ لاڳو ڪرڻ فقط تڏهن ممڪن آهي، جڏهن طبقاتي جوڙجڪ جو انت اچي، اهڙو معاشي سرشتو اَچي، جنهن ۾ شاهوڪارن جو مال سڄي قوم جي ملڪيت بنجي، جيڪا ئي انساني حقن جي منزل آهي.

سرمائيدار سرشتي، سرمائيدار جمهوريت جي باوجود انساني حقن سان

Gul Hayat Institute

اھڙي جڻ ڪئي، جيڪا ان کان اڳ وحشي دور توڙي غلامي ۽ جاگيرداري جي زماني ۾ نہ ٿي. ان صورتحال جا ٻہ پاسا آھن. ھڪڙو تہ، سائنسي ترقي سبب مذھبي پوپن جا ذھنن تي اُٿيل جارا لھي صاف ٿي ويا. ھنن سمورو عرصو پنئي رينگو ڪيو، تہ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آھي، ۽ سج چند سندس چوڌاري پيا ڦرن. خود ڌرتيءَ جي ٺھڻ بابت مختلف ڏندڪٿائون ڦھليل ھيون. مذھبي ڪتابن تي ملان جي ھڪ ھٽي ھئي ۽ اھو پنھنجي تاويلن ۽ تشريحن ذريعي، خلق کي گمراھ رکندو، علم ۽ عقل جون واٽون بند ڪيو آيو. ملي جو اھو رڪارڊ آھي تہ ان ھر نئين ڳالھ جي مخالفت ڪئي ۽ جڏھن اھا ڳالھ پاڻ مڃائي وئي، تہ پوءِ پاڻ بہ ان جي فائدي وٺڻ لاءِ سڀني کان اڳيان ھوندو.

لائوڊ اسپيڪر جي ايجاد جو ئي مثال وٺو. لائوڊاسپيڪر کي پھريائين، ھن دجال جو آواز ڪوٺيو. ھينئر لائوڊاسپيڪر کان سواءِ ملان کي ھانگ ڏيڻ ۾ مزو نہ ٿو اچي. پرنٽنگ جي ايجاد مذھبي ڪتابن کي قلمي نسخن جي دنيا مان ٽپائي لکن جي تعداد واري اشاعت ۾ آندو ۽ مذھبي ڪتاب ھر پڙھيل ماڻھو جي پھچ ۾ ٿي ويا ۽ انھن ڪتابن جا بصيرت وارا علمي پاسا بہ خلق جي اڳيان نروار ٿيا. انھن نون پاسن جو ملان جي تاويلن سان ٽڪراءُ ٿيو، تہ نوان فرقا ۽ ساڳي ئي مذھب اندر مختلف مڪتبہِ فڪر پيدا ٿيا، جن مذھب متعلق مونجھارن کي بہ وڌايو ضرور، پر ڳالھيون پادري ۽ ملان جي ھٿن مان نڪرڻ لڳيون.

پاڪستان جھڙي ملڪ جوئي مثال وٺو، تہ مڪتب ۾ پڙھيل ملان ۽ اسلاميات ۾ ايم- اي ڪيل پوسٽ گريجوئيٽ، مذھب جي انيڪ معاملن تي ڌار ڌار رايا رکندڙ ڏسڻ ۾ ايندا. سو سائنسي ايجادن ۽ سائنسدانن ھٿان ڪائنات جي تفصيلن جي پڌرائي انسان کي پراڻي دنيا مان ٻاھر ڪڍي آئي. ھاڻي ھو مشينن سان وڌيڪ ويجھو ٿي ويو.

سرمائيداري جو ٻيو پاسو اھو ٿيو، جو ايڏي شعور جي موجودگي سان گڏبي انتھا صنعتي ترقيءَ جو فائدو اُن پورھيت کي نٿي پھتو، جنھن جي پورھئي کان سواءِ اھا ترقي ممڪن ئي نہ ھجي. پنھنجي مصروف ترين عمل منجھان پنھنجي مادي ۽ روحاني خوشحالي حاصل نہ ٿيندي ڏسي، اھڙن معاشرن جي عوام جي اڪثريت پنھنجي ڪم کان اوپري ۽ بيگاني ٿي وئي. پورھيت جو پورھئي سان ويساھ کٽائيندڙ حالتون، انساني حقن جي چٿجڻ جي انتھا آھي، ھيءَ اھا حالت آھي، جنھن ۾ ماڻھوءَ کان 'اوھ بہ وئي تہ، ڳوھ بہ وئي'. ھاڻي نہ ملان ماڻھو کي آسرو ڏئي پرچائي سگھي، جنھن جو طلسم اڳ ئي ختم ٿي چڪو آھي ۽ نہ سرمائيدار جمھوريت ئي سندس لاءِ ڪو آٿت اجھو بنجي سگھي.

يورپ جي سماجي گمراھي، ڇڙواڳي، مايوسي ۽ فراريت جي ان حالت يورپ کي فقط اخبار پڙھڻ ۽ جنسي عياشي جي ڪمن تائين وڃي ڇڏيو آھي ۽ اُن جا

تخليقي پاسا سنڌ ٻنجي ويا آهن. سامراجي ملڪن پاران پُٺتي پيل ملڪن جي پرماريت منجهان اجا ڪين ڪجھ نہ ڪجھ حصو نجرو ملي ٿو. جڏهن پُٺتي پيل ملڪن سامراج کان جند ڇڏائي ورتي ۽ اُتي جي وچولي طبقي جو داٿو پاٿي بند ٿيو، تہ ڇرڪ پريندو ۽ هن جو اهو ڇرڪ، ڪيس انساني حقن حاصل ڪرڻ جي پنڌ ۾ هڪ وک اڃا بہ اڳتي وٺي ويندو، ڇو تہ انسان ڪارائتي سوچ سوچڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان سواءِ بقاءَ لاءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي؟.

Gul Hayat Institute

# ـــــ ڪامورا - نوڪر يا مالڪ ـــــ

عام جي مسئلن ۾ تڪليفن جو هڪڙو ڪارڻ ڪامورا بہ آهن، پر ان حقيقت تي سنجيدگي سان ڌيان نہ ڏنو ويو آهي ۽ ڪو نہ ڏنو وڃي، سبب اهو آهي تہ هڪڙا آهن بااختيار ماڻهو ۽ ٻيا بي اختيار- بي اختيارن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ناهي. هو فقط چئي سگهن ٿا. اختيار وارا ماڻهو ان ڪري عوام جي انهن مسئلي تي ڌيان نہ ٿا ڏين، جو ائين ڪرڻ سان سندن اختيار گهٽبا. رضاڪار طرح، پاڻمرادو هو عوام جي تڪليفن کي گهٽائي نہ ٿا سگهن. اها سندن مجبوري آهي. جيڪڏهن عوام کي وڌيڪ اختيار ڏيندا، يا عوام سان عوام جا نوڪر ٿي هلندا، تہ پوءِ هو اهو سيڪجهہ نہ ڪري سگهندا، جيڪو ڪن ٿا. ملڪيتون ناهين ٿا ۽ ماڻهن تي سندن رعب بہ قائم آهي. طاقت جو توازن سندن حق ۾ آهي. هو پنهنجي اختيارن تان هٿ کڻڻ لاءِ ڳالهين ۾ تيار نہ ٿيندا.

طاقت جو توازن ڪامورن جي پاسي هئڻ ڪري ملڪ، قوم ۽ معاشري تي جيڪي اثر پيا آهن، ان جو سڀ کان وڏو مظاهرو اهو آهي تہ سوچ جا انداز بدلجي ويا آهن. ماڻهوءَ جي مرتبي ۽ شان کي ملڪيت جي ڪسوٽي تي پرکيو وڃي ٿو. ريل گاڏي يا بس ۾ گهڻن نوڪريءَ وارن ماڻهن کي تجربو ٿيو هوندو تہ، پرسان ويٺل گهڻو ڪري ڳوٺاڻو ماڻهو ڪانئس پڇندو:

”ابا ڪهڙي نوڪري ۾ آهين؟“ جواب جيڪو بہ مليو، تہ مٿان سوال هوندو ”پگهار گهڻو اٿئي؟“ اتان ڪوڙ ڳالهائڻ شروع ٿيندو. جواب ڏيندڙ سوچيندو تہ، جيڪا پگهار کيس ملي ٿي اها ايتري ٿوري آهي، جو ٻڌائڻ ’بي عزتي‘ ٿيندي. پوءِ بي عزتي کان بچڻ لاءِ هو ڪوڙ ڳالهائيندو. ڪوڙ ڳالهائڻ کان اڳ ۾ هٻڪندو، ڇو جو فيصلو ڪرڻ ۾ سوچيندو: ايترو ٻڌائجي جو ڪوڙ بہ نہ لڳي ۽ پت بہ رهجي وڃي. ڪوڙ ۽ شخصي پت جي وچ ۾ توازن رکڻ جي اهڙي ڪوشش جنهن کي نہ پير نہ سر. ڳوٺاڻي جو ٽيون سوال هوندو، ”پلا مٿڪي گهڻي اٿئي؟.“ جيڪڏهن مٿڪي هوندي تہ اڳلو متاثر بہ ٿيندو، نہ تہ ان سفر ۾ سڄو وقت اهو ملازم ان پاسي واري ڪاڪي جي پر ۾ ويٺو ڪڙهندو. هوند ۽ اڻهوند کي ڳنڍڻ واري ڪابہ حقيقي پل اڄ ڏينهن تائين ايجاد نہ ٿي سگهي آهي. خيراتون ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون تہ خود هوند ۽ اڻهوند واري سرشتي کي پختي بنائڻ لاءِ هونديون

آهن. ڏوهن جو اهم محرڪ اها صورتحال آهي.

ڪامورا عوام لاءِ هڪ گهڻ پاسائون عذاب آهن. جديد دور ۾ رياست ۽ رياستي مشنري وڪ وڪ تي عوام تي اثرانداز ٿئي ٿي. ٽيڪسون ونجن ٿيون. ٽيڪسون بہ هڪڙيون سڌيون ۽ ٻيون اڻسڌيون. اڻسڌيون ٽيڪسون ۽ انهن جا اثر عام ماڻهو ڏسي نہ ٿو سگهي. عام ضرورتن ۾ ڪٽي مٽي جي سور جي گوري هجي تہ بہ ٽئڪس اوڳاڙجڻ جا ڪيئي مرحلا طئي ڪري ٿي اچي. ڪارخانيدار جي نفعي سميت جيڪڏهن شيءِ جي اصل قيمت رپيو آهي تہ ٽئڪس جا بار ڪٽندي ڪٽندي اها شيءِ خريدار جي هٿ ۾ پهچندي ڏهن رپين جي ٿي ويندي. عام ماڻهوءَ کي رياست ۽ ان جي انتظام هلڻ لاءِ ايترو ڪجهه ڏيڻو پوي ٿو. جواب ۾ رياست کان کيس ڇا ملڻ گهرجي؟

جديد سهولتون، تعليم، صحت، رستا، روزگار، عزت جي سلامتي ۽ ٻيون گهڻيون ڳالهيون، جن سان هو زندگيءَ جي سمورن ميدانن ۾ اڳتي وڌي ۽ خوش ۽ مطمئن گذاري، پر رياست ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. رياست پنهنجي ڪڪ مان اهڙين قوتن کي جڻي ٿي، جيڪي عوام لاءِ ناسور بنجي وڃن ٿيون.

هن ننڍي کنڊ ۾ ڪامورڪو مانڊاڻ انگريز جو ٺاهيل آهي. ڌارئي حاڪم کي پنهنجي ملڪ جي صنعتن لاءِ ڪچو مال کپندو هو. ان لاءِ ئي هن هتي اچي سياسي قبضو ڪيو. سياسي قبضي ذريعي هتان جو سمورو ڪچو مال انگلينڊ وڃڻ لڳو. خود هتان جي ماڻهن کي بہ ڪچي مال طور اتان جي صنعتن لاءِ جهازن ۾ ڊويو ويو.

ٻيو مرحلو ملڪي حاڪمن لاءِ اهو آيو، جو هنن کي پنهنجي صنعتن ۾ ٺهندڙ مال لاءِ مارڪيٽ کپندي هئي. هن هتي پنهنجو مال آندو. ان سموري عمل لاءِ هنن کي هتي اهڙي انتظامي مشنري جي گهرج هئي، جيڪا هتي جي عوام کي اهو سرشتو ۽ اها سڄي ڦرلٽ قبول ڪرائي. انگريز کي پنهنجي سڌريل ۽ معتبر هئڻ جو جيترو فخر هو، اوتروئي هتي جي ڏيهي ماڻهوءَ لاءِ کيس نفرت جو احساس هو. ڌارئي راڄ خلاف هتي جي ماڻهوءَ جي هلچل وڌي، تيئن انگريز جي نفرت ۾ بہ واڌارو ٿيو. هتي جي انتظامي مشنري ۾ انگريز جيڪي بہ 'سڌارا' آندا، سي ان وڌندڙ نفرت جا ڏاڪا هئا. ورهاڱي کان پوءِ بہ ان انتظامي سرشتي ۾ اهڙي ڪا ڦيرڦار نہ ڪئي وئي، جنهن سان ان کي هڪ آزاد ملڪ جي انتظامي مشنري سڏي سگهجي. ان ڪري ڪامورا ۽ ڪاموريشاهي عوام لاءِ انگريز جي نفرت جون 'سوکڙيون' آهن.

نفرت جي انهن سوکڙين هن ملڪ ۾ پنهنجي انتظامي مشنري هئڻ تي بس نہ ڪئي. هن سياسي اقتدار تي چڙهائي ڪئي ۽ سياست کي پنهنجو مطيع بنائي ڇڏيو. نتيجي ۾ هتي عوام جي قسمت بابت ٿيندڙ فيصلا سياسي نہ پر انتظامي

Gul Hayat Institute

نوعيت جا هوندا آهن. انتظام بہ اهڙو جنهن ۾ عوام جي اُمنگن ۽ قوتن کي دٻايو وڃي. انهن پاليسين جو مقصد خانگي شعبي، ٺيڪيدارن، ڪامورن ۽ ٻين جراثيمي نوعيت جي طبقن کي ترقي ڏيارڻ ۽ انهن جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ آهي.

سول سروس جي مکيہ ڪامورن کي تربيت ئي ان نموني ڏني وڃي ٿي، جو هو پاڻ کي مٿيرو سمجهندي عوام سان ايئن هلن ٿا، جيئن عوام ڪيڙن ماڪوڙن جي خلقت هجي.

24- جنوري 1986ع تي انگريزي اخبار 'مسلم' ۾ هڪ باضمير، ذهين ۽ اشراف ماڻهوءَ جو مضمون شايع ٿيو. مضمون جو عنوان هيو: "مان جو سول سروس ۾ شامل نہ ٿيس." ايم نويد احمد پبلڪ سروس ڪميشن جو مقابلي وارو امتحان پاس ڪيو ۽ سٺين مارڪن سبب کيس ڊسٽرڪٽ مئنيجمينٽ گروپ مليو، جنهن سان پهريائين اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ پوءِ ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻو هئس. کيس سول سروسز اڪيڊمي والٽن لاهور ۾ سکيا ملڻي هئي، جتي اٺ مهينا هن اها سکيا ورتي ۽ پوءِ سچي صورتحال پنهنجي ضمير، ملڪ ۽ انسانيت جي خلاف سمجهندي هن اها سکيا اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏني. سندس پيءُ ماءُ سڄي عمر دعائون گهريون هيون تہ سندن پٽ ان عهدي تي پهچي. ڪوڙن معيارن واري هن معاشري ۾ اهڙي شخصي ترقي معراج سمجهي وڃي ٿي. پر هن شخص ائين نہ ڪيو ۽ هاڻي سندس زندگي انهن طعنن ۾ گذرندي، تہ ايڏو وڏو عهدو ڇو ڇڏي ڏنائين. ماڻهن جي اڪثريت کيس ٺوڪيندي ۽ چريو سمجهندي. پر هڪ شخص پنهنجي ضمير ۽ سچائي سان ان سچي ٺوڪ مڪال کي منهن ڏيندو.

هن شخص مضمون ۾ لکيو تہ هو ڊپٽي ڪمشنر تہ ٿي وڃي ها پر ماڻهو نہ ٿي سگهي ها، ان ڪري ڇڏي آيو. ٽريننگ هلندي هن محسوس ڪيو، تہ هن جون پنهنجون انساني صلاحيتون سرڪاري صلاحيتن جي هيٺان دٻبيون پيون وڃن. هن جي آزاد سوچڻ تي گهات پئجڻ لڳي.

هن لکيو: "سول سروسز اڪيڊمي ابتيون ڳالهيون سيکارڻ جو هنڌ آهي. هڪ اهڙو هنڌ آهي، جتي تعليم ۽ عمل هڪ ٻئي کي پٺي ڏئي بيهن ٿا. جنهن اداري کي صلاحيتون وڌائڻ گهرجن، سو اوبرين ۽ مدي خارج پاليسين ذريعي صلاحيتن کي چٿي ٿو. سيکڙاٽ محسوس ڪري ٿو تہ کيس بيگار ڪئمپ ۾ آندو ويو آهي."

هن وڌيڪ لکيو آهي تہ: "اتي مکيہ ماڻهن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ آندو ويندو آهي." هڪ پيري جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، "هڪ ايڊيٽر کي پاڪستاني پريس جي آزادي تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ آندو ويو. ان ايڊيٽر (جيڪو لازمي طرح سان سرڪاري حلقن کي ويجهو هوندو) جڏهن ڪجهہ سچ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ کيس ڪٽيو ويو. ان کان سواءِ اتي سيکڙاٽن کي کليل نموني ڳالهائڻ جي بہ منع

Gul Hayat Institute

هئي."

اهو آهي ڪامورڪي ورثاءُ ۽ عادتن جو پسمنظر. باقي اخبارن ۾ ڳالهين ۽ بيان اهي ڏنا ويندا ته ڪامورا عوام جا نوڪر آهن ۽ اهي پاڻ کي عوام جو نوڪر سمجهن ٿا. فيصلو ڪرڻ گهرجي ته ملڪ جا مالڪ ڪامورا آهن يا عوام، جيڪڏهن عوام ملڪ جو مالڪ آهي ته پوءِ ان مالڪيءَ لاءِ عوام جا حق ڪيئن استعمال ٿيڻ گهرجن، جو ڪاموري شاهي هٿان ٿيندڙ انساني تذليل کان بچجي.

**

ڪاموري شاهي بن پاسن کان عوام تي پنهنجو دٻاءُ وڌايو. هڪڙو مٿان ويهي پاليسين ٺاهڻ سان ۽ ٻيو هيٺين سطح تي عام ماڻهوءَ جون تڪليفون وڌائڻ سان. ٻين لفظن ۾ انهن پاليسين تي عمل ڪرڻ واري مرحلي ۾ عوام لاءِ ڏچا پيدا ڪرڻ. ٻهرين ڳالهه ته هن ملڪ ۾ سرمائيدار طبقي کي ڪاموريشاهي اپاري پيدا ڪيو. ايئن هي ٻئي هڪٻئي جا ساٿوڙي آهن ۽ ٻنهي جو وجود هڪٻئي لاءِ ضروري ٿي پيو.

ورهاڱي وقت هاڻوڪي پاڪستان ۾ عملي طرح صنعتون نه هيون. سڄي ننڍي کنڊ ۾ مٿئين طبقي جي مسلمان جو صنعتي سرمائيڪاري ۾ نه هئڻ جي برابر ڪردار هيو. فقط بمبئي ۽ ڪلڪتي جون ڪي اقليتي برادريون جهڙوڪ: هالاري ميمڻ، دائودي بوهرا، اسماعيلي ۽ اثنا عشري کوجا واپار ۽ صنعت ۾ هئا، جيڪي 1947ع ۾ هيڏانهن لڏي آيا. بعد ۾ چنيوٽي ٻه صنعتڪاري ۾ ڪاهي آيا، جيڪي اصل ۾ چمڙي جو واپار ڪندا هئا. مذڪوره برادريون جڏهن ورهاڱي وقت لڏي آيون، ته وٽن وسيلا ڪي نالي ماتر هئا. پر هتي سرمائيدار طبقو نه هو، ڇو ته هندو واپاري ٻه وڃي چڪو هو. گهڻو وقت نه گذريو جو 1968ع ۾ خبر پئي ته ملڪ جي جملي صنعتي سرمائي جو چاليهه سيڪڙو فقط ٻاويهه ڪٽنبن جي هٿ ۾ هو. سؤ سيڪڙو بئنڪنگ ٻه انهن ڪٽنبن جي ور چڙهي چڪي هئي. هاڻوڪي رٿابندي واري وزير ڊاڪٽر محبوب الحق ٻهريون ڀيرو اهي انگ اکر هڪ مئنيجمينٽ ڪنوينشن ۾ ظاهر ڪيا، جيڪي 25 اپريل 1968ع تي ڪراچي جي اخبار 'بزنيس رڪارڊر' ۾ شايع ٿيا. ڊاڪٽر حق تن ڏينهن حڪومت جو چيف پلاننگ اڪنامسٽ هو.

ايڪيهن سالن جي مختصر عرصي ۾ اهو سڀ ڪجهه ڇا ٿيو، جيڪو سرڪاري سرپرستي ۾ ٿيو، جنهن ۾ هر اڃي ڪاري جا مالڪ ڪامورا هئا. پر اهو هڪ طرفو وهڪرو نه هيو. سرمائيدارن ان سرپرستي جو بدلو رشوتن، سوکڙين، چندن ۽ ٻين صورتن ۾ ڏنو. ساڳي وقت اهي ٻئي قوتون هڪ سياسي طاقت ٻه ٿي ويون، جن جمهوريت جي پرم طور جاگيردار کي واري وٽي سان

Gul Hayat Institute

اقتدار ۾ حصو ڏنو، ڇو تہ عوام ان جي اثر ۾ هو. جاگيردار بهرحال ڪاموراشاهيءَ ۽ سرمائيداري لاءِ ڪڏهن بہ مسئلو نہ بڻيو. جاڪيردار جو ورهاڱي کان پوءِ ڪڏهن بہ سرمائيدار ۽ ڪاموريشاهيءَ سان تضاد نہ رهيو، ڇو تہ ورهاڱي کان پوءِ وارو سرمائيدار ڪنهن تاريخي عمل جي نتيجي ۾ نہ پر 'رات پيٽ ۾ پيدا ٿيل' هيو.

پاڪستان جي سرمائيدار جو توڙي جو ملڪي پاليسين ۾ چڱي حد تائين اثر آهي، پر جيئن تہ اهو عوامي سياسي قوت بنجي نہ سگهيو، تنهن ڪري هڪڙو تہ آمريڪي اثر هيٺ عالمي بئنڪ ۽ اي ايم ايف جي ذريعي هتي جي پاليسين تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ ٻيو سندس وسيلو ڪامورا آهن. 1966ع ۾ آمريڪا ۾ شايع ٿيل ڪتاب 'ائڊمنسٽريٽو پرابلمس ان پاڪستان' ۾ لي فرشلر لکيو: "جيڪڏهن ڪاموريشاهي، ذميوار خود- حڪومتي ادارا نہ ٺاهيا تہ پوءِ انهن جي نهڻ جا امڪان ناهن." هن اهو بہ لکيو تہ، "ڪاموري شاهي جو حڪومت ۾ ايڏو وزن آهي جو ٻيا گروپ ليکي ۾ ئي ناهن."

سرمائيدار ڪنهن حد تائين پاليسين ٺاهڻ ۾ حصو گهري پيو. ڪنهن مرحلي تي ڏرين ۾ اهو خاصو تضاد هيو. 1953ع ۽ 1955ع ۾ ان تضاد کي نبيرڻ لاءِ هتي جي انتظامي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ آمريڪا کان صلاحون گهريون ويون. وزير اعظم محمد علي بوگري جي درخواستن تي، فورڊ فائونڊيشن پاران ورجينيا يونيورسٽي مان هڪڙو پروفيسر ايگر هيڊانهن آندو ويو، جنهن کي هتي حڪومت جي سيڪريٽري جو عهدو ڏنو ويو. هي اهو زمانو هيو، جڏهن آمريڪي سي- آءِ- اي بہ پروفيسرن جون خدمتون حاصل ڪرڻ شروع ڪيون هيون.

1955ع ۾ هڪڙو ٻيو آمريڪي ماهر گلاڊيڪس هيڏانهن موڪليو ويو. هتي جي سي ايس پي ڪامورن انهن آمريڪي ماهرن جي رپورٽن جي مخالفت ڪئي. ڇو جو هن اقتصادي ترقيءَ جي نالي ۾ پاليسين ٺاهڻ ۾ خاص طرح سرمائيدارن کي اثرائتو ڪردار ڏيڻ تي گهريو، جنهن سان ڪامورن جو زور ٽٽي ها. سرمائيدار ان عرصي ۾ اجا ايڏي سگهہ نہ وٺي سگهيو هو ۽ اجا بہ نہ وٺي سگهيو آهي، جو سڌي طرح سياسي طاقت بنجي سگهي. ڪاموراشاهي ان ڪري هن ملڪ ۾ سڀ کان اتامري قوت رهي آهي ۽ ڪوبہ سندس طاقت کي للڪاري نہ سگهيو آهي. ايترو سو ٿيو آهي جو مختلف وقتن تي پرڏيهي ۽ ڏيهي دٻائن ۽ چئو چواءَ هيٺ اهي ڪڏهن ڪائيد، ڪڏهن بنيادي جمهوريت، ڪڏهن وري بنا سياسي پارٽين واريون جمهوريتون عوام کي ڇنڊ ٻڌائيندا رهيا آهن. ڪامورڪي لڏي جي حڪمرانين جمهوريت جو جيڪو تماشو هتي ڪيو آهي، ايترو ڪڏهن لاطيني آمريڪا ۾ بہ نہ ٿيو آهي.

ڪامورن وٽ زندگي گذارڻ جو پنهنجو آرٽ آهي. زندگي گذارڻ خود هڪ

Gul Hayat Institute

آزاريندڙ مشين بنجي وڃي ٿو ۽ بيو ڪجھ بہ نہ. گھڻ ۾ گھڻ اسان جي تجربي اهائي ڳالھ ثابت ڪئي آهي. اهڙا ڪامورا ڪي ورلي هوندا، جيڪي ڪاموري هئڻ سان گڏ انسان بہ هجن. اهڙن ڪامورن کي ماڻهو مثال بنائي، ڪن زمانن تائين ياد ڪندا آهن. انساني پيار نالي ڪنهن شيءِ سان هنن جو پري کان بہ واسطو ناهي. اچو تہ ڪاموري نفسيات جو چيد ڪريون ۽ ڏسون تہ هن جي نفسيات ڪيئن ٿي عوام کي هاڃا رسائي.

شروع ڪجي ٿو ڪاموري غرور ۽ تڪبر کان، جنهن جو نہ آهي چيھ ۽ نہ انت. هن جي غرور سمورين خوشيون ۽ جمهوري جذبا لوڙهي ڇڏيا آهن. انسان جي عزت جو تصور ٿاڻي تي سچ پتري سان سڃجي ٿو. جيڪڏهن پوليس وارن جون گاريون رڪارڊ ڪرڻ ڏنيون وڃن، يا انهن کي موضوع بنائي ڪو علمي ڪم ڪيو وڃي تہ دنيا جي سمونڊن جو ڪم ناهي تہ مس طور پورا پون. سمورا وڻ ڪپي قلم ٺاهجن تہ پورا نہ پون. پوليس وارو گارين جي هڪ جيئري جاڳندي ۽ ڪليل کاڻ آهي.

ننين توڙي وڏن شهرن جي آفيسن ۾ خاص ڪري ڳوٺاڻو ماڻهو ڪيڏو ڏکيو ٿو ٿئي، فقط وڏيري جي سڏ نہ پرڻ تي، هاريءَ سان جيڪي ڪلور ٿين ٿا، تن بابت سڌريل ملڪن جا ماڻهو سوچي بہ نٿا سگھن. اجرڪ يا پوتيءَ جي پلاند ۾ پٽ، پاءُ يا سؤٽ جي حاضري تي ويندڙ ماڻهوءَ جو مثال وٺو. عريضي نويس، وڪيل، ڪلارڪ يا صاحب جي نائڪ، جنهن وٽ بہ ويندو، سو بيچاري، نپوڙي سندس ساھ ڪيندو. باوجود ان جي تہ انهن سمورن ماڻهن لاءِ پيشيور اخلاقي ضابطا بہ جڙيل آهن. ڪي ٿورا ماڻهو انهن ضابطن تي هلن بہ ٿا، پر مجموعي طرح اهي ماڻهو ڏجهايل هاريءَ کي ڏسي، هن لاءِ مائڪرو اسڪوپ بنجي ويندا. ان مائڪرو اسڪوپ ۾ هن کي ٻاهر، پنهنجو نظر نہ ايندڙ ڏوھ بہ ڏيکارجڻ لڳندو. اهو بہ ايڏو وڏو، جو هو يا تہ بيهوش ٿي ويندو، يا مايوس، پوءِ وري ان مائڪرو اسڪوپ منجهان اميد جو ترورو نظر ايندو. جيڪڏهن ڳاڙها نوٽ هوندا، تہ اها مشين انسان بنجي ويندي. اها مشين پوءِ عريضي نويس، وڪيل، ڪلارڪ يا صاحب جو نائڪ بنجي ويندي ۽ هن جي ڪم ڪار ۾ دلچسپي وٺندي. صاحب تائين اچا نوبت ناهي پهتي. صاحب جتي بہ هوندو، اتي ان قسم جي مخلوق هوندي. جيئن گند جو ڍبو ڪٿي بہ رکو، اتي جراثيم پيدا ٿيندا ۽ ماحول کي خراب ڪندا. ان سڄي عمل مٿان غرور ۽ تڪبر جا تھ چڙهيل هوندا ۽ انهن جي مٿان اختيار ۽ حرفت جا شيشا چڙهيل آهن، جيڪي هر ڪا شيءِ پنهنجي اصل قد بت کان وڏي ڪري ڏيکاريندا.

غرور ۽ ماڻهن سان رُکو ۽ بنا همدردي وارو جذبو رکڻ جا سماجي نتيجا نهايت ڀوائتا آهن. ان ڪري عوام ڪامورن کي پاڻ منجهان يا پنهنجي خيرخواهَن



Gul Hayat Institute

منجهان نہ ٿو سمجهي. غربت سبب عوام جي بيوسي ڪامورن اڳيان ڪن موقعن تي چوڻ چڙهي وڃي ٿي. نتيجي ۾ ماڻهو يا تہ بنھ نراس ٿي، همت، اعتماد ۽ سچائي جي واٽ تان هٿ ڪڍي وڃن ٿا. يا لاڳيتيون نفرتون ۽ ايذاءَ سهندي، بغاوت جي واٽ وٺن ٿا. چور، ٺڳ، رهزن يا ڌاڙيل ٿين ٿا. غربت، اقتدار جي ڏاڍائي ۽ نفرت جو نتيجو اهوئي نڪري سگهي ٿو.

اهو حاڪماڻي، ٻين لفظن ۾ ڪامورڪي اخلاقيات جو مظاهرو آهي. حاڪماڻي اخلاقيات، حاڪماڻي هئڻ ڪري پاڻ فيصلو ڪري ٿي، جڏهن حاڪماڻي يا ڪامورڪي اقتدار جي ڳالھ ڪجي ٿي، تڏهن اسان جي حالت ۾ اهو اهڙو اختيار آهي جيڪو عوام طرفان ۽ عوام جي حقيقي مرضيءَ سان حاصل ڪيل ناهي. هي تہ اهڙو اختيار آهي، جنهن جي جائز هئڻ بابت سوال اٿارڻ سان ماڻهو پاڻ کي ڏکين حالتن ۾ وجهي ٿو. عقل ۽ دليل جا ڦاٽڪ هن اختيار جي سامهون بند آهن، تنهن ڪري تنقيد يا کوج جي روايت ڪامورڪي ذهن وٽ ناهي، ۽ ان جو ثبوت هن جو غرور آهي، جيڪو ٻئي جي ۽ خاص ڪري عام ماڻهوءَ جي ڪا ڳالھ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهي. هن قانوني سرشتي جو لاڳو ٿيندڙ فلسفو ئي اهو آهي. هر ماڻهو ڏوهاري آهي، جيسين اهو پنهنجي بي ڱناهي ثابت نٿو ڪري. اڳ ۾ تہ ڪنهن کي بہ ٻڌي وڃي هٿبو ڪاٽ ۾، پوءِ سندس چئڻ ئي پاسن سرڪاري طريقي ڪار جون اوچيون ديواريون ڪڙيون ڪبيون. هوندس پاڳ تہ بي ڱناهي ثابت ڪري سگهندو، نہ تہ رستن هلندي پوليس خالي ڪيسن وارن ڳوٺاڻن ماڻهن کي پوئتان هڪڙو ڪٽيل هٿرادو پستول، چار پنج لاپڙيون، چاهين جو چڳو هٿي ڪيس آرام سان 12 مهينا جيل ڪارائي سگهي ٿي.

آزاد ملڪن ۾ ائي ناهي ٿيندو. آزاد ملڪ جو آزاد شهري ايستائين بي ڱناھ آهي، جيستائين سندس ڏوھ ثابت نہ ٿو ٿئي. پنهنجا اهڙا پاڳ ڪٿي، جو قانون جو اهو فلسفو هتي عمل ۾ اچي. ڪامورڪي يا حاڪماڻي اخلاقيات ڪان سواءِ هڪ انساني اخلاقيات بہ ٿئي ٿي. ان ۾ انسان پاڻ ئي پنهنجون فضيلتون ٺاهيندا آهن ۽ پاڻ ئي ان تي عمل بہ ڪندا آهن. پر هتي جي معاشري ۾ في الحال اهو هڪ اڻ لاڳاپيل اصطلاح آهي. هونئن انساني اخلاقيات، انسان ذات جي ڳڏيل تجربي جو سماجي نچوڙ ۽ انساني معراج جي ڳالھ آهي.

پر هتي ان جي عملي ضرورت اڃا محسوس نہ ٿي آهي. هتي حاڪماڻي اخلاقيات جو راڄ آهي. جيڪا انساني اخلاقيات جو اهو حق مڃڻ ڪان نابري واري ٿي، تہ خلقت کي سٺي ۽ خراب جي ساڃھ آهي. هو سمورين ساڃهن تي پنهنجي هڪ هٽي ٺاهي ٿي، جنهن جي پٺيان ان جا گروهي مفاد آهن. مثال طور: حاڪماڻي اخلاقيات پاڻ لاءِ رشوت کي سٺو سمجهي ٿي، ان ڪري رشوت کي هڪ منظم ڪاروبار هيٺ هلايو وڃي ٿو. ان ڳالھ کي اڃا بہ نروار ڪرڻ لاءِ هتي

Gul Hayat Institute

فقط هڪڙو مثال پيش ڪجي ٿو.

ايئر پورٽ تي ڪسٽم وٽان ٻاهران آيل پنهنجو مال ڇڏائڻ وڃو. اتي ڪليئرنگ ۽ فار وربنگ ايجنٽ پون پون ڪري مکين وانگر وڪوڙي ويندا. ظاهري طرح هنن جو جو ڪم گراهڪ جي قانوني طريقهءِ ڪار ۾ مدد ڪرڻ آهي. پهريائين ڳهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ رپيا في ٻڌائيندا. فارم ڀريندا، چالان ڀريندا ۽ هر واسطيدار ڊڙڪيءَ يا ميز تائين پهچندا. سامان جي ملهه جي ڪٽ ٿيندي. پوءِ لاڳاپيل عملدار سان ڳالهائي حساب ڪتاب طئي ڪيو ويندو، پوءِ ٿيندا حصا پتيون. قانوني طريقهءِ ڪار ايڏو ڏکيو آهي، جو هڪ ماڻهوءَ کي ڪسٽم مان ٻاهران بئگيج ۾ آيل مال ڇڏائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن کپن ۽ وڌ ۾ وڌ مهينو به لڳي سگهي ٿو. ايجنٽ کان سواءِ ته هو 'جام بادگرد' واري طلسم ۾ ڦاسي پوندو.

ائين جيڪڏهن هڪڙو ايجنٽ هڪڙي گراهڪ تي ٽي ڏينهن کپائي ۽ هو سڄو ڪم سؤ رپين ۾ ڪرائي ته پنيان سندس ڪٽنب بک مري ويندو. ان ڪري هو پرائي مال تي جيڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن ڪري چار پئسا ڪاٽي سگهي ته ڇو نه ڪاٽيندو. گراهڪ به مڪمل محصول ڏيڻ کان بچي پوندو ۽ صاحب جي به سر بخت جو خير. هي فقط هڪ مثال آهي، باقي هر آفيس ۾ رشوت هڪ منظم ڪاروبار آهي. اها ڪاموڙڪي اخلاقيات جي هڪڙي جهلڪ آهي.

ان اخلاقيات جي پٺيان پرماري سرشتو ۽ پرمار ذهنيت ڪم ڪري ٿي. پرماريت جي نفسيات موجب پرمار قوتون يا شخص بنيادي طرح محسوس ڪن ٿا، ته جيڪي ڪجهه ڪين گهرجي ٿو، سو هو ٻين کان حاصل ڪن ٿا. ڇو ته هو پاڻ ڪا چڱي شيءِ پيدا ڪري ئي نٿا سگهن. وٽن لاءِ هو طاقت، اختيار، اقتداري شان ۽ حرفتون هلائن ٿا. هنن جي زندگي جي هر سرگرمي جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي. ان حد تائين جو پاليسين ٺاهڻ ويل به هنن جا خيال اڏارا ورتل هوندا آهن، پر هو انهن کي پنهنجو ڪري پيش ڪندا. هنن جي ورتاءَ ۾ دشمني ۽ ٻئي کي نقصان پهچائڻ جو عنصر پيرن کان ڪن تائين ڀريل هجي ٿو. هڪ، ساڙ ۽ جنون هنن جون نشانيون آهن. هو فقط انهن شين کان مطمئن ٿيندا، جيڪي ڪين ٻين کان مٿين طريقن سان حاصل ٿين. هو ڪنهن سان به پيار نه ٿا ڪري سگهن، هو هر شيءِ جي ڪارائتي هئڻ جو فيصلو ان طرح ڪندا، ته اها شيءِ سندن لاءِ ڪيتري فائدي واري آهي. هر ان ماڻهوءَ ۾ دلچسپي وٺندا جيڪو سندن مقصد لاءِ ڪم ايندو ۽ هر ٻئي ماڻهوءَ کان پاسو ڪندا، يا ٽاريندا. هو هر ان ماڻهو ۽ ان شيءِ جي پرماريت ڪندا، جنهن مان سندس لاءِ ڪجهه نڪري سگهي.

وڏيڪ سندن 'شان' ۾ ڇا چئجي.

# رشوت جو گهاٽو

رشوت جو گهاٽو چالو آهي ۽ عوام جو تيل نڪرندو رهي ٿو. ڪا گهڙي، ڪا مهلت ناهي، جنهن ۾ اهو سلسلو رڪجي ۽ عوام ڪو دم پٽي وٺي. ڏينهن، رات، جاڳ ۽ ننڊ ۾ به رشوت جو عمل هلندو رهي ٿو. معاشرو هڪڙو ساهه به رشوت کان سواءِ نٿو کڻي، رشوت جي بڇڙي ذهنيت نه رڳو زنده، پر سگهاري ٿيندڙ آهي. سمورو نٽ ٽانگر، سموريون شاهڪاريون رشوت جي راڳ تي ناچ ڪري رهيون آهن. رشوت جي شڪل رڳي اها ناهي، جيڪا ڪامورا وٺن ٿا. نفعي خوري، ڪميشن، دلالپ ۽ ٻيون سڀ رشوت جون صورتون آهن.

ڊاڪٽر، وڪيل جون اهڙيون فيون جيڪي غريب ماڻهوءَ جي وت کان مٿي آهن سي به رشوت جي دائري ۾ اچن ٿيون. مهانگائي به رشوت جو هڪ نمونو آهي، ڦر ۽ ڌاڙو به رشوت آهي، هر اهو ماڻهو جيڪي پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ دولت جمع ڪري ٿو، سو رشوت جي ڪاروبار ۾ جنبيل آهي. حڪومت جيڪي محصول وصول ڪري ٿي ۽ اهي سچائي ۽ انصاف سان عوام جي ڀلائي تي خرچ نٿا ٿين، ته اها به رشوت آهي. رشوت جا سؤ کان وڌيڪ نالا ۽ نمونا آهن.

ڊاڪٽر ۽ وڪيل جي في هڪ حد تي مقرر ٿيل ناهي. جيڪو وٺڻ سو وٺن ۽ جڏهن به وڌين وڌائي ڇڏين. واپاري تي ڪا پابندي ناهي. ڏهن سالن جي اندر قيمتون سؤ سيڪڙي کان به چڙهي وڃن ٿيون. هر سال رمضان مهيني ۾ اگهه ’معراج‘ ڪندا آهن. روزي جو فلسفو ڪفايت ۽ ڪنايت چيو وڃي ٿو، ته پوءِ هي ڇا آهي. نفعي جي هبچ ۽ عبادت جو مفهوم به ابتڙ ٿيو وڃي. نقصان ۾ ڪير آهي؟ پورهيت ۽ هيٺين وچولي طبقي جو ملازم.

ڪڻڪ، سارين، ڪپهه ۽ ٻين زرعي جنسن جا اگهه مقرر آهن. جيڪڏهن وڌايا وڃن ٿا، ته ناتي واڌ ۽ ملڪي ۽ بين الاقوامي مهنگائي جي پيٽ ۾ اهو حقيقي واڌارو ناهي، ڏٺي وائٺي بي انصافي، ته اها جو جيڪو دلال يا ڀلاوڙو زرعي جنسن جو واپار ڪري ٿو، سو به سکيو آهي. ڪميشن ايجنٽ به مزي ۾ آهي. ايڪسپورٽ ڪارپوريشن کي هر سال ڪروڙين رپيا نفعو ٿئي ۽ انهن جا ملازم به سکيا ستابا. جيڪو اپائي ٿو ان جي تڪليفن ۾ ڪا گهٽتائي ناهي. آهي ڪنهن وٽ ان بي انصافي جو جواب؟ جيڪڏهن ڪنهن وٽ ان سوال جو عملي

Gul Hayat Institute

جواب ناهي، تہ پوءِ ان ڏر جي ڪابہ ڳالھ، ڪي بہ افعال اعتبار جوڳا ناهن. بي انصافي جو اهو ننگو مظاهرو آهي. ڪڏهن ڪنهن شوريٰ يا پارليامينٽ ان سڏي بي انصافي تي بحث نہ ڪيو آهي. ان حالت جو نتيجو ڇا آهي؟ اهو، تہ هر ماڻهو جتي آهي، خوش ناهي، هن جو پنهنجو ڪم هن لاءِ بيزاري جو سبب آهي.

رشوت جو عذاب اهڙو ناهي، جيڪو هڪ ڀيرو ڪنهن کي پهچي ۽ اهو ڏکي ساھ ڏيئي، 'آزاد' ٿي وڃي. رشوت ڏهاڙي نوان جنم وٺرائي ٿي ۽ ڏهاڙي ماري ختم ڪري ٿي. ائين ناهي، تہ سرنهن پيڙجي وڃي، ان مان تيل نڪري ۽ کڙ ڍڳن ڍورن کي کارائي سرنهن جو انت آندو وڃي. هيءَ ڇوت جي بيماري آهي. پليگ، ڪالرا ۽ بوا (وبا) کان بہ وڌيڪ ڀوائتي. هن جي لسٽ ۾ رڳو وٺندڙ ۽ ڏيندڙ ڪونهن، هن جي وڪڙ ۾ سڄو ماحول آهي ۽ اجگر جو گهيرو ڏينهون ڏينهن سوڙهو ٿيندو ٿو وڃي.

رشوت هڪڙي جيئري جاڳندي، ڀير تي ڏونڪو هڻي اعلان ڪندڙ حقيقت آهي. هرڪو ڏسي ٿو، محسوس ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو، تہ رشوت آهي. هرڪو سمجهي ٿو، تہ ان جي تباهي جيئن پوءِ تيئن هر شيءِ کي ڀسم ڪندي ٿي رهي. رشوت، معاشري جو مزاج ۽ اڃا بہ عضوو ٿي وئي آهي. هيءَ رڳو ڪني آڱر ناهي، جنهن کي وڍي ڇڏجي. سڄو سارو جسم، ڳڙ بنجي چڪو آهي.

رشوت، ڪو راز ناهي جيڪو پرجهي نہ سگهجي. هن جون يوناني ڏندڪٿا جي بلا هيڊرا وانگر اڻ ڳڻيون منڍيون آهن، جن جي ختم ٿيڻ جو ڪو امڪان ناهي. اها هيٺين سطح تي پٽيوالي کان شروع ٿي پاليسين تائين پهچي ٿي. اخلاقيات جو ڪو ڍڪ، نظرئي جي ڪا ڳالھ، انتظامي دڙڪن جو ڪو دهمان هن حقيقت کي لڪائي نہ ٿو سگهي. رشوت جا جراثيم اهڙا ناهن، جيڪي فقط رت جون چوسون ڏئي پنهنجي اُڃ اجهائي سگهن. هي سيني ماڻهن جي ذهانت، صلاحيتن، عزت جي ۽ اخلاقيات جي سمورن تصورن تي هٿلري ۽ نازي قوتن جو حملو آهي. رشوت جي ڳڀ سان بي انصافي جمي ٿي. بي انصافي جا ديوتائون دوزخ جو روپ ڌاري انسان جي هر فضيلت کي ڳڙڪائي ساڙي ڇڏين ٿا. بي انصافي پنهنجي ڳرڀ منجهان ڏوهن کي جڻي ٿي. پر ڇيھ اتي بہ نٿو ٿئي. ڪٿي ٿو ٿئي؟ ڪٿي بہ نہ- علامتي طرح ان کي ڪوريئڙي جي تاني سان ڀيٽ ڏئي سگهجي ٿي، جنهن ۾ مکيون ۽ مڇر ڦاسائڻا پوندا آهن. رشوت جي بازار جا نانوائي؛ ڏاڍن جا اڻ ڪٿ ڀيرا بنجي، هر سٽ کي منجهائي ڇڏين ٿا.

رشوت ان سرشتي ۾ عام هجي ٿي، جنهن جي خمير ۾، عوام کي مکيون ۽ مڇر سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن، انسان کي ان جي حيثيت ۽ مرتبي جو درجو مليل هجي، تہ پوءِ اهو ايڏو هيٺو ڇو هجي، جو ايئن وتي راشي سرشتي هٿان خوار ٿيندو. مزي جي ڳالھ تہ راشي سرشتي جي رکوالپ رڳو ڪاموراشاهي

Gul Hayat Institute

ذريعي نہ ٿي ٿئي، ان کي پنهنجا 'مفڪر' ۽ 'سوچيندڙ' بہ مليل آهن. ماڻهن جي حالت کي جيئن جو تيئن رکڻ جو هر طرفدار اديب، صحافي، ڪامورو، پاليسي ساز ۽ اڳواڻ ان جو پهريدار آهي. ڊاڪٽر، وڪيل جهڙن فيون، پورهئي جو اگهہ پر ڪوبہ معاملو اهڙو ناهي، جنهن جو ڇيد نہ ٿي سگهي ۽ جنهن جا سبب نہ ڳولي سگهجن. هن ڌرتيءَ تي وسندڙ انسان ذات جو شعور ۽ ساڃهہ مات نٿيون ڪائن.

رشوت هرويرو اهڙي ڪا شيءِ ناهي جنهن جي پاڙ تائين پهچي نہ سگهجي. البت ايترو سو آهي، جو ان جي تہ تائين وينديءَ، جيڪڏهن الادين وانگر احتياط نہ ڪبو، يا عوام جي سگهہ ان مقصد لاءِ ڪڏ ٿيل نہ هوندي تہ پوءِ اهو ڏايو جوکي جو ڪم آهي. الادين کي غار مان ڏيئي ڪڍي اچڻ وقت تاڪيد ڪيو ويو هو، تہ ڪنهن پٺ سان سندس پاسو نہ لڳي. پاسو لڳي ويو تہ هو پنڊ پاهڻ ٿي پوندو. سڄو سارو مانداڻ ان ڏيئي جي حفاظت لاءِ ٺاهيو ويو آهي. پٿيون، هوا، نانگ ۽ وڏا وڏا بيچاريندڙ بت، تڏهن بہ ان ڏيئي تائين پهچي سگهجي ٿو. هتي بہ اهو ساڳيو چڪر آهي.

ڏسڻو پوندو، تہ رشوت ڪٿان شروع ٿي ۽ ڪهڙين نين واٽن تان ان کي وڌيڪ طاقت ملندي وئي. پوءِ ئي ڪنهن مڪمل فيصلي تي پهچڻو پوندو. ڪم بهرحال ڏايو ڏکيو آهي. ڏکيو ان ڪري جو جوکي وارو آهي. قديم زمانن ۾ جڏهن ڏاڍن مڙسن انسان کي غلام بنائڻ ۾ سوڀ حاصل ڪري ورتي، تڏهن بہ ادارا واضح نموني سان سڄي تاريخ ۾ نظر اچن ٿا. بادشاهن سڀ کان پهريائين رشوت جو رواج وڌو. هو سڌي طرح نذرانن ۽ سوکڙين جي صورت ۾ رشوت قبول ڪندا هئا. هيرا، جواهر، سونا سڪا، ٻانها ۽ ٻانهيون، رشوت جي اهڙي شڪل هئا، جيڪي بادشاه، بادشاهن کي ڏيندا هئا. قديم دور جا سوداگر هڪڙن ملڪن جون شيون ٻين ملڪن جي بادشاهن کي ڏئي واپار جون سهوليتون پيدا ڪندا هئا. اها رشوت کلئي عام هلندي هئي ۽ درٻارون رشوتن جا چڪلا بنيل هيون. ان کان سواءِ بادشاهن جا اهي ڪامورا جيڪي عوام کان محصول وصول ڪندا هئا، امير اُمراءَ درٻار ۾ مرتبي حاصل ڪرڻ لاءِ بادشاه کي مالي ۽ سياسي رشوت ڏيڻ جو سهارو وٺندا هئا.

انهن سان گڏوگڏ رشوت جو هڪ ٻيو ادارو هيو، جيڪو عوام جي روحاني پرماريت تي هلندو هو. هن نندي کنڊ ۾ برهمڻ اها مخلوق هئا. مذهبي رسمن تورڙي چاڙهڻ تي هڪ هٿي انهن جي ئي هئي، جيڪي روحانيت جا ٺيڪيدار هئا. سڳو ڌاڳو، دعا درمل، يا ديوتائن کي پيٽا ڏيڻ جي نانءَ تي ڌرمي پوپا پنهنجا پيٽ ڀريندا هئا. تورڙي جو هو جن کان وٺندا هئا، تن جي حالت کانئن صفا خراب هئي.

يورپ جي وچ اوير ۾ قديم ڌرمي پنڊت ان ڪاروبار ۾ رڌل هئا. يهودين جا ربي (ملان) رومن دور ۾ مٿئين طبقي سان واسطو رکندڙ هئا. سندن سياسي

Gul Hayat Institute

طاقت ايتري هئي، جو هنن رومي گورنر تي زور آڻي حضرت عيسيٰ جهڙي اتم هستيءَ کي صليب تي چاڙهائي ڇڏيو. وري جڏهن ڪليسا اوج ورتو ته حضرت عيسيٰ جهڙي مسڪينن جي ساٿي جا هٿ ٺوڪيا وارث، بادشاهن کي به پنهنجو مطيع بڻائي پاڻ اقتدار جا سرچشما بڻجي ويا. بادشاهن جو اقتدار ۽ روحاني پرماريت هڪ ٻئي سان هميشه وجودي طرح شرطيل ۽ ٻڌل رهيا آهن. انسان ۽ خدا جي وچ ۾ ڳانڍاپي جي نانءَ تي ٿيندڙ ڪاروبار اڄ تائين ساڳي نموني جاري آهي. اسلام هڪ اهڙو مذهب آهي، جنهن خدا ۽ انسان جي وچ ۾ سڌي ڳانڍاپي تي زور ڀريو ۽ هر مسلمان کي ايترو مڪمل ٿيڻ لاءِ پابند ڪيو ويو، جو وچ ۾ ڪنهن ٽئين ماڻهو جي ضرورت نه رهي، پر اقتدار جي ڀال طور روحاني پرماريت جي اداري کي قائم رکيو ويو.

نبي ڪريم ﷺ ۽ پهرين چئن خليفن جي دور ۾ ملائن جو ادارو نظر نٿو اچي. پر ٻاهرين فتحن سبب غنيمت جي مال ۽ خاص ڪري زمينن هٿ ٿيڻ کان پوءِ معاشي طرح هڪ اهڙو طبقو پيدا ٿيو، جيڪو امراءَ هيو. نين معاشي قوتن سبب اقتدار جي نوعيت به بدلجي وئي ۽ اها خلافت منجهان ڦري ملوڪيت ٿي وئي.

ابن خلدون پنهنجي ’مقدمي‘ ۾ ملڪيت وارن ماڻهن جي ملڪيتن جا گوشوارا ڄاڻايا. خلافت جي خاتمي ۽ بادشاهت جي قائم ٿيڻ سان گهربل ادارا به ٺهيا. تاريخ ۾ دربار ۽ روحاني هڪ هٽي جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو اڄ تائين رهيو آهي. عجب جهڙي پر سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهه ته هيءَ به آهي، جو سمورا صوفي بزرگ ڪڏهن به اقتدار ۽ دربار سان نه ٺهيا. پر سندن وفات سان ئي اقتداري ڌريون مٿن قابض ٿي ويون. درگاهون نذر، نياز ۽ پيڙائپ جا ادارا بڻجي ويا. جن بزرگن دولت ۽ اقتدار کان پنهنجن حياتين ۾ نفرت ڪئي ۽ انهن کي انسان جو دشمن سمجهيو، سي خود جاگيرداري معاشي قوتن جو شڪار بڻيا. ان ڪري ئي درگاهن ۽ اوتارن تي بي انداز بدعتون پيدا ٿيون. اقتداري ڌرين ائين عوام کي پنهنجي سگهه کان ويسرو رکڻ ۾ ڪاميابيون حاصل ڪيون.

بيٺڪي سرشتي جو وجود ئي سياسي رشوتن ڏيڻ سان ٺهيو. سر چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ، جاگيردارن کي جاگيرون موٽائي ڏنيون، جن ڪيس سجدا ڪري انگريز جي اطاعت جو يقين ڏياريو. اهي انگريز جا گولا غلام اڄ تائين هر وس واري اڳيان پنهنجي عزت نفس نهوڙڻ لاءِ تيار آهن. اهو بيٺڪي سرشتي جو هڪڙو پاسو هيو.

ٻئي پاسي کان هنن ڪاموريشاهي ۽ ٺيڪيداري سرشتي ذريعي رشوت جو ٻج پوکيو. پرائي مال تي ڪامورن ۽ ٺيڪيدارن ذريعي سياسي اقتدار ڄمائي ٽوپي نراڙ تي رکڻ واري عادت اتان شروع ٿي. ڪابه قوم پنهنجي غدار قوتن تي فخر نه ٿي ڪري سگهي. رشوت قبولي پاڻ کي ٻئي جي مقصد لاءِ وڪڻڻ غداري

Gul Hayat Institute

آهي، پوءِ اها رشوت ڪيتري بہ ننڍي ڇو نہ هجي. رشوت سان پنهنجي راءِ بدلائڻ جهڙي بہ ٻي ڪا غداري ٿي نہ ٿي سگهي. پر هتي اها عام ڳالھ آهي. ووٽ وٺڻ لاءِ رشوت جو ڪاروبار چونڊن جي ڏينهن ۾ عام طرح نظر ايندو آهي. اهڙي طرح هتي جيڪا لولي لنگڙي جمهوريت آهي، سا بہ سيڙپ ڪري نفعو ڪمائڻ جو وسيلو بڻيل آهي. اهڙي قسم جي سياست ذريعي عوام کي تڪليفن کان نجات ملي ئي نہ سگهندي.

Gul Hayat Institute

# اڄ جو زمانو ۽ شاه لطيف

ايڇ جي ويلز پنهنجي جڳ مشهور تصنيف 'اي شارٽ هسٽري آف ورلڊ' جي 'يورپ وارن ۾ ڏاهپ جي نئين بحالي' جي عنوان واري باب ۾ صدين جي جهالت تي ڄاڻ ۽ سائنسي تجربن ذريعي حملا ڪرڻ جو سهرو تيرهين عيسوي صديءَ جي دانشورن ۽ سائنسدان راجر بيڪن جي سر تي ڄاڻايو آهي، جيڪو چوي ٿو: "ڪٽرپڻي ۽ حاڪميت جي تابعداري ڪرڻ بند ڪريو ۽ پوءِ دنيا تي نظر ڦيرايو." ايڇ جي ويلز چوي ٿو: "هن (راجر بيڪن) جهالت جي چئن مکيه وسيلن کي نِنديو: حاڪميت، مدي خارج رواج، هجوم جي مٿان مڙهيل جاهل سوچ ۽ سکڻ جي ڳڻ ڪان وانجهيل ڪيفيت جنهن کي کوکلائپ ۽ آڪڙ سڏجي."

راجر بيڪن هڪ ٻي ڳالهه ڪئي، جيڪا پهرين نظر ۾ چرڪائيندڙ به آهي. هن چيو: "جيڪڏهن منهنجو وس پهچي، ته مان ارسطو جا سڀ ڪتاب ساڙي ڇڏيان، ڇو جو انهن ۾ وچڙڻ سان وقت زيان ٿئي ٿو، غلطيون ڪيون ٿيون وڃن ۽ جهالت وڌي ٿي." ايڇ جي ويلز چوي ٿو ته: "ان وقت ماڻهو حقيقتن کي همت سان منهن ڏيڻ بدران ڪمرن ۾ ويهي منجهيل لاطيني ترجمن ۽ تشريحن ڪرڻ جي فئشن ۾ پئجي ويا هئا ۽ ارسطو کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ بدران سندس پوڄا ۽ عزت احترام تي گهڻو ڌيان ڏنو ٿي ويو."

اسان سنڌ واسي به هڪ حد تائين اهڙي ئي صورتحال منجهان گذرون پيا، جڏهن پنهنجي ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ٿر ۾ هلون ٿا، ته اسان قديم چراگاهي دور جي مخلوق آهيون. شهرن ۾ پاڻ سامراجي پاليسين جا مطيع ۽ گهڻ قومي ڪارپوريشن جي پيدا ڪندڙ شين جا کپائيندڙ آهيون. اسين قديم، پٺتي پيل ۽ جديد اڏاري دنيا جي وچ تي لٽڪيل هڪ قوم آهيون، جنهن وٽ سندس پنهنجي تاريخ ۽ شاه لطيف جو رسالو سڃاڻپ ڪارڊ طور موجود آهن. ايئن، شاه سائين اسان وٽ اسان جي وجود جي ضمانت جو نشان آهي. قوم هجڻ ڪو رڳو سياسي نعرو ناهي، جيئن بدقسمتي سان هن ملڪ ۾ سمجهيو ويندو آهي. فقط اسين ڪونه آهيون، جيڪي شاه لطيف جو رسالو هٿ ۾ کڻي چئون ٿا، ته "اسان قوم آهيون." دنيا جي سمورين قومن وٽ پنهنجو قومي ثابتيون هونديون آهن.

اسان وٽ شاه لطيف جو رسالو رڳو نشاني يا آرڪائيوز ۾ رکڻ جهڙو

Gul Hayat Institute

اسان تي ان طريقي سان رعب رکيو پيو وڃي. البت ڊاڪٽر سورلي جي ڪم کي وساري نٿو سگهجي، جنهن سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي اقتصادي رشتي سان شاهه سائين جي ڪلام کي ڏٺو. پاڻ کي ان سوال جو جواب لهڻو پوندو.

جڏهن راجر بيڪن جو يورپ جهالت، اونداهه، ڪليسا جي روحاني هٺ ۽ وارلارڊن جهڙين قوتن سان ويڙهه ۾ جنبيل هو، تڏهن سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي. سنڌين جي آزاد سياسي حڪومت جو سلسلو جڏهن سومرن کان نڪري سمن تائين پهتو، ته ان لاڳيتي عرصي ۾ گهڻ طرفي ترقي نظر اچي ٿي. شهرن ۾ هزارين آڙاٽا ۽ باهران کوهن تي سوين نار هلن ٿا، ۽ آبپاشي جو اثرائتو سرشتو موجود ملي ٿو. عوام انصاف ۽ آزادي جا سک ماڻي ٿو ۽ ڄام ننڍو پنهنجي دانشور صلاحڪارن شهيد اعظم دولهه دريا خان، حيدرشاهه، مخدوم بلاول ۽ ٻين سان گڏ آزاديءَ جي فضا جو هڪ گلدستو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گهرو صنعت، ٽرانسپورٽ، ساموندي واپار، ايڪسپورٽ امپورٽ، زراعت سان ڳنڍيل هنرن جو اوج، سڀ هڪ آزاد معاشري جي آزاد اوسر جو عمل هو. سماج جو توازن جڳهي پيداوار، ترقي، پيار ۽ پنهنجائپ جي مضبوط ٿنڀن تي بيٺل هو.

اهڙي صورتحال ۾ فرقيواريت، مارڌاڙ، نفرتون، مزاجن ۾ ڄارحيت ۽ اڳرائيپڻو پڌرو ۾ نٿو اچي. عوام جي وڏي اڪثريت ڪمن ڪارين ۾ شامل آهي. تاريخ جي ان مرحلي تي، ڪو وڏو تضاد موجود ناهي، جنهن ڪري ڪو گهوٽالو به ناهي. سنڌ جي اهڙي مثبت ۽ آزاد ماحول ۾ مذهب کي اقتداري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو ڪنهن کي خيال ئي نٿو اچي. عقيدو هر ڪنهن جو ذاتي معاملو آهي ۽ ذاتي سطحن تي به مختلف عقيدا هڪ ٻئي سان ٽڪرائجڻ بدران هڪ ٻئي سان پيار وڌائڻ لاءِ مددي وسيلا بڻجن ٿا.

ائين به ناهي ته ڪو سنڌ دنيا کان ڪٽيل ٻيٽ هو ۽ پنهنجي ليکي مگن ۽ خوش هو. زماني جو ڏکيون للڪارون ڪيس سامهون هيون. سومرن آزادي جي ٻگهي قيمت ڏيئي ڏيهه آجو ڪرايو. غزنوين کان پوءِ غورين ۽ خلجين جا حملا، تغلقي ڪاهون ۽ نيٺ 1521ع ۾ ڄام ننڍي جي ئي وقت ۾ ارغون حملو ڪن ٿا، پر سنڌ انهن سمورين هلائڻ کي ناڪام بڻائي ٿي. پر آزادي پنهنجي قيمت وصول ڪندي آهي، جنهن جي اڳيان ڪابه قيمت قدر ناهي.

اسان جا سمورا لوڪ داستان، محبتن جا قصا ان آزاد دور جون سوکڙيون آهن، جن کي اڳتي هلي شاهه لطيف جي دور ۾ موضوع بڻجڻو هو. جيڪو ٽريجڪ (المياتي) هو، ۽ ڀٽائي داستانن جي المياتي پاسن تي ڀرپور ڌيان ڏنو. هن ئي عرصي ۾ آبادي جو گهڻو حصو معاشي سرگرمين ۾ شامل ٿيو، جنهن ڪري مادي حالتن قوم جي تصور کي پيدا ڪيو. ثقافتي يا معاشي خوشحالي، سنڌي ٻوليءَ جي آزاد نيسر ۽ ڀرپور تخليقي عمل قوم جي تصور کي هڪ ذهني ۽ روحاني

شڪل ڏني ۽ جنهن جي اڄ بہ اسين ڳالهہ ڪريون ٿا. ان ڪي هرويرو ۽ فقط سياسي نہ سمجهيو وڃي. جهڙي طرح خوبصورتي ڪي، پيار ڪي، ممتا ڪي ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ڪي نازڪ انساني جذبا سڏجي ٿو، قوم بہ ائين هڪ احساس آهي، جنهن جا ٻيا بہ گهڻا پاسا ضرور هوندا، پر اسان جي سامهون ان جي روحاني ۽ ثقافتي بقا جو معاملو بہ آهي، جيڪا سومرن ۽ سمن جي دور جي پڄاڻي کان پوءِ لاڳيتو اڄ تائين وڌندڙ خطرن ۾ رهي آهي.

اڄ هن پليٽفارم تان چوان ٿو، تہ شاهہ لطيف جي فڪري ۽ جمالياتي روين کي آئين جي شڪل ڏئي سنڌ تي لاڳو ڪيو وڃي ها، تہ سماجي جماليات کان طبعي سائنس جي ترقي تائين اهو سفر جاري رهي پئي سگهيو، پر ائين نہ ڪيو ويو. سنڌ کي آزادي سان اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ويو. اسان جا ئي ڪردار آهن، جن کي گهاٽي ۾ پيڙايو ويو. دوکا ڪري جهوڪ جا گهوٽ ماريا ويا ۽ لاڳيتن جنگين ۾ ڪوندر ڪسندا رهيا.

’اکيون اوڏانهين ڪٽي، جيڏانهن قاتل ڪل،
متو ڪن نہ مل. پڪ برابر پانهنجو.‘

۽ اها سنڌ ئي تہ آهي، جتي ’وهون شهيدن جون نير مهانگو ڪنديون‘ يعني جڏهن جنگيون پنهنجا معاشي اثر بہ ڪٽي ٿيون اچن.

عالمن، اديبن ۽ شاعرن حب الوطني جي جنهن جذبي سان آزادي جي حفاظت ڪئي، انهن کي ماريندڙ، رڳو انهن جا قاتل ناهن. هنن اسان جا دانشور ماري، انهن جا آدرش ۽ اصول ماري ۽ سندن وطن جي آزادي کي بہ خون ڪيو. گڏوگڏ ذهن ۽ ضمير وارن ماڻهن کي ماري بزدل، منافق ۽ خوشامندڙين کي سمورن اختيارن جا مالڪ بڻائي، انهن جي اڳهڻن کي رياستي سرپرستي هيٺ وڌايو ويجهايو ويو. گهوٽالن واري حالت ۾ مذهب کي بہ سندس پنهنجي ئي روح جي ابتڙ ٺيڪدارن ۽ ڪرسي پرستن جي مفادي ۽ منجهيل اقتداري وضاحتن جي ڏاڪڻ ۾ وچڙايو ويو. رحيم ڪريم خدا جي خلق مٿان خدا جي نالي ۾ سندس نمائندگي ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي ظالمن پاڻ کي مڙهيو. جنهن تي شاهہ سائين چيو: ”ويا مور مري هنج نہ رهيو هيڪڙو، وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانئرن جو.“

پر ان سموري پيچ ڊاهہ ۽ مسلسل تباهي جي باوجود، شاهہ لطيف هڪ طاقتور شاهد، روشنيءَ جو منارو بڻجي بيهي ٿو، جنهن کي ڏسي پاڻ سڀ چئون ٿا، ”اسين آهيون.“ اسان کي پنهنجي ٻولي آهي ۽ ٻوليءَ ۾ اظهار ڪرڻ جو ڏانءُ بہ اٿئون. اسان جا جذبا جيئرا سلامت آهن ۽ سرت پرئي معاشري جو ضابطو بہ اسان وٽ آهي. شاهہ سائين پنهنجي ڏيهہ جي ماڻهن ۽ انساني عالم خلاف ٿيندڙ سموري تخريب جي سامهون تعمير جو ڪامل تصور پيش ڪري ٿو .

هاڻي پاڻ کي فيصلي تي پهچڻو آهي، تہ پاڻ تي آيل آپدائن کي ٽارڻ لاءِ

Gul Hayat Institute

پنهنجون صفون، شاھ جا بدّايل رويا اختيار ڪري سڌيون ڪريون، يا ان جون اهڙيون تشريحون ڪري ڪيس ٽاري ڇڏيون، جو ان چڪر مان نڪري ئي نہ سگهون، جنهن ۾ ڦاسايا ويا آهيون. پاڻ تي ئي مدار رکي ٿو، تہ شاھ جي سگهٽي پوڄا ڪريون يا ان جي گونا گونيت کي ڳوليون، سمجهون ۽ سندس جو سنڌ لاءِ فهم تيار ڪريون. پر شاھ ڏانهن اسان جي روش جو مدار ان تي آهي، تہ اسين زندگيءَ ڏانهن، وطن ڏانهن، پنهنجي عوام ۽ انسان ڏانهن ڪيتري سنجيدگي سان ذميوار آهيون. يقين ڄاڻو، تہ شاھ جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيڪو لائنسنس ڪپي ٿو، خود ان تي پهچڻ جا شرط سولا ڪونهن. هو جڏهن چوي ٿو، "جيها ڪي تيها مون مارو ميا" تہ اها ميتا مارئن جي معصوميت واري رشتي سان نٿهي ٿي. ٻي حالت ۾ شاھ پنهنجي پر ۾ ويهڻ جو شرط 'وڃيو هئين تہ ويھ' مقرر ڪري ٿو. هن بنا ڪنهن پروٽوڪول ۽ رک رکاءَ جي سڌي ڳالھ ڪئي آهي. اسان جيڪڏهن پروٽوڪول ۽ مصلحتن ۾ ڦاسي بيٺاسين تہ شاھ جي قافلي جا ساٿي ڪٿان ٿينداسين؟

شاھ لطيف هن ننڍي کنڊ جي هڪ اهڙي روايت جو ساٿي آهي، جيڪا اقتداري خسيسپڻي کي وائکو ۽ ان جي حاڪميت جي اختيار کي ميڻ کان انڪار ڪري ٿي. ويدانت کان ڀڳتي تحريڪ ۽ اُتان وحدت الوجودي تصوف تائين هڪ فڪري مزاحمت آهي، جيڪا عوام کي جيئڻ جو حوصلو ڏئي ٿي. مذهب جي هڪڙي اها تشريح آهي، جيڪا سرڪاري ادارا پنهنجي پڳهاردارن جي ذريعي ڪرائين ٿا. اها حاڪميت اڳيان پيچ لٽڪائڻ ٿيڻ تي اُڀاري ٿي. عزت نفس ۽ انساني خودداري کي تباھ ڪري غلاميءَ جي ذهني زندانن جا برج اوچار ڪري ٿي. اها اقتدار ۽ خدا جي تصور کي ٻيجارڻ جهڙي علامت ٻڻائي روحاني دهشتگردي ڪري ٿي.

هيڏانهن اسان جو سائين، شاھ لطيف، سندس پيش رو، همعصر ۽ بعد وارا گودڙي پوش سرڪش صوفي لڪا پئي پٽيا لوڪ ۾. رهيا انڊر گرائونڊ، پر عوام سان گڏ. هنن جا مورچا، هنن جون ڀالون سڀ لوڪ آهي ۽ لوڪ راڄ هنن جي ازلي منزل آهي. اهوئي آواز هنن ذهن ۽ ضمير کي رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو آهي. "سا سئيسون ٻانگ، جا اسلامان اڳي هئي." ان پسمظر ۾ رياست، انساني حقن ۽ مذهب جي غيرسرڪاري ۽ عوامي تشريح جنهن جي نمائندگي شاھ سائين ڪري ٿو، ان کي ڏسڻو پوندو.

## رياستي ادارن ڏانهن روش

سنڌ ۾ سمن ۽ سومرن جي دورن کان اڳ ۽ پوءِ وارن ڏينهن ۾ ڊگهن عرصن تائين ڏارين جو راڄ رهيو. ڏاريائپ جي حڪمراني ۾ پنهنجائپ بہ منافقيءَ جي ذهر سان ڀرجي ويندي آهي. شاھ جي ڏينهن ۾ جڏهن اڃا نئين واري پاسي مغلن



Gul Hayat Institute

جي حڪمراني هئي ۽ اتر ڏي ڪلهوڙن جو اقتدار اچي چڪو هو، تڏهن شاه عنايت جي هلچل کي ڏارين توڙي پنهنجن اقتدار لاءِ خطرو محسوس ڪيو. شاه عنايت جي شهادت ۾ ٻين وڏيرن سان گڏ ميان يار محمد ڪلهوڙي جو هڪڙو پٽ بہ شامل هو. ان بيگر وهڻ جي بدلي ۾ کين مغلن وٽان جاگير بہ ملي هئي. ڪلهوڙا پوءِ توڙي ڪجھ عرصي لاءِ وڏيڪ اختيار حاصل ڪري ويا، پر تڏهن بہ دهلي يا نادرشاهي سلطنت جا ڏن ڀرو هئا. رائر، چاري، واهيت، وزير، ٻيڙيون ۽ هٿ ڪڙول اهڙا اصطلاح آهن، جيڪي ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن. رياست جي انهن مکيہ ٿنين جو ڀٽائي کي تجربو هو. شاه جنهن ڳالھ کي بہ بيان ڪيو آهي، انتهائي شدت ۽ گهرائپ سان. شاه سائين جڻ پاڻ انهن هٿان ڀوڳيو يا انهن هٿان ٿيندڙ ظلمن کي محسوس ڪرڻ جي حد تائين ويجهو ٿي ڏٺو. چاري ۽ واهيت لفظ جاسوسي ۽ چغلخوري جي سرڪاري پاليسي جو ڏس ڏين ٿا.

رائر معنيٰ محصول، وزير ۽ هٿ ڪوڙل سزائن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. مارئي جي داستان ۾ شاه لطيف ٻن پڌرن سماجي سرشتن تي بحث ڪيو آهي. هڪڙو آپيشاهيءَ جو راڄ ٻيو لوڪ راڄ. عمر آپيشاهي جو عيوضي آهي ۽ ملير لوڪ راڄ جو نمونو آهي. انهن ٻنهي سرشتن ۾ ناھ جو ڪو سوال پيدا نہ ٿو ٿئي. مارئي ملير جي لوڪ راڄ جي عيوضي آهي ۽ ڪنهن بہ لالچ ۽ دڙڪي کي قبول نہ ٿي ڪري. اها سنڌ جي نياڻي، اڄ جي ڀاڙين، موقعي پرستن ۽ ويڪو ماڻهن جي منهن تي چماٽ آهي. ان سموري حالت جي عڪاسي شاه سائين هيئن ڪئي آهي:

سرتين سنجڻ ڇڏيو، ستين ڳالھ سئي،
مارئي ماڙين ۾، ڪڏهن ڪانہ هئي،
عمر آءٌ نہ مئي، ان اوپاليان اڳهين!

*

نڪا جهل نہ پل، نڪو رائر ڏيھ ۾،
آتيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪتو.

*

ڳچيءَ ڳانا لوھ جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوڙين اندر ڪير،
چاري چوڪانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چڻ نہ ڇجي آهيان، اهڙي سٽ سرير،
مارو جام ملير! پڇج ڪي پنهوار کي.

*

سيل پڇڻ جي، سومرا! مون کي مت ۾ آڇج مير!

Gul Hayat Institute

ٿورين گهٽين ڏينهڙين، ويندیس هت همير،
مچڻ منجهه ملير، ڪنڌ مٿانهون نہ ڪٿان.

*

ننگا آهيون نگّيا اسين مارو لوڪ،
ٿر کي پانيون ٿوڪ، جو ڍڪ ڍاٽيئڙن جي.

## شاهه وٽ انساني مرتبي جو تصور

انساني وقار هڪ لاڳاپيل اصطلاح آهي. ان اصطلاح جي دنيا کان سواءِ سنڌي ڪنڌ ۾ بہ ڏاڍي ڏکي تاريخ آهي. قديم تهذيب جي تباهي کان پوءِ مذهب جي نالي ۾ برهمڻ انسان کي ان جي حيثيت سميت ورهائي ڇڏيو. پورهيت طبقن کي شودر ۽ اڇوت سڏيو. ڪائنن نفرت ڪئي وئي. کتري ۽ برهمڻ حاڪم طبقا هئا. ان جوڙجڪ کي مذهبي تاويلون ڏنيون ويون. منو شاستر ان سرشتي جو منشور ۽ دستور جي حيثيت رکي ٿو. چيو ٿي ويو تہ، خدا ئي اهو سڀ ڪجهه ڪيو آهي، اهو ئي بهتر ڄاڻي ٿو. معنيٰ تہ ماڻهن کان سوچڻ جو حق بہ کسيو ويو ۽ ائين انسان کي سنڌس مرتبي کان اڃا بہ هيٺ ڪيرائڻ جي ڪوشش ٿي. ويدانتي تحريڪ ڪڏهن ڪڏهن انسان ۽ خدا جي وچ ۾ جمهوري لاڳاپي تي زور ڏيڻ جي ڳالهه ڪندي آئي. پر اها تحريڪ ڪجهه صديون اڳ واري تصوف تائين هڪ هلت ۽ ورتاءُ کان وڌيڪ سگهه حاصل نہ ڪري سگهي، ڇو تہ وٽس سماجي پروگرام ڪونہ هو. فقط ٻڌمت، برهمڻ جي راڄ کي ٽوڙي سگهيو سو بہ گهڻي عرصي تائين نہ. چندر گپت موريا جي صلاحڪار ۽ ارٿ شاستر جي ليکڪ چاڻڪيہ ڪوٽليہ سڪندر کان پوءِ وارن يونانين جي خلاف عوامي هلچل منظم ڪري وري سنڌي ڪنڌ ۾ برهمڻ جو دور آندو. ذات پات ۽ ننڍ وڏائي جو اڄ سوڌو جيڪو مرض هلندو ٿو اچي تنهن جون پاڙون مذهبي پنڊتپڻي ۽ پوپائپ جي سهارن سان هلندڙ اقتدار ۾ آهن. فرق رڳو ايترو ٿيو، تہ اڳتي هلي برهمڻ جي جاءِ سنڀالي مُلي. ملي جو اهو دائمي ڪردار آهي، هميشہ اقتدار جو ساٿوڙي، قسمت، تقدير ۽ وهم پکيڙڻ جو ٻڌو واپاري آهي. هو خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ٻيو جو رشتو قائم ڪري، ماڻهن کي هيسائي اقتداري طبقن جو ڪم ڪندو رهيو آهي. هو جبريت واري فلسفي جو پوئلڳ آهي. ملوڪيت ۽ آمريت اسلام جي ابتڙ سرشتا آهن، پر هو اموين کان وٺي اڄ تائين حاڪم طبقن جو ساٿي رهيو آهي. اهو فڪر انسان جي حيثيت ۽ مرتبي کي ڌڪ رسائيندڙ آهي. ان فڪر جي روشني ۾ انسان رڳو پاڻ ڏاڍن جو فرمانبردار، مطيع ۽ ڳهندڙ مخلوق آهي. ڇو تہ ملي جو موت وارو تصور مٿانئس ٿنگيل آهي. هو موت کان انسان کي ايئن ٿو ڪنبائي، ڄڻ موت ڪا اڻ ڏٺي حقيقت آهي. ٻپ واري نفسيات، جهالت جو فائدو وٺندي، انسان ذات کي سڀ کان

هڪ نڪاح هڏي گهريلو عورت کي پـٽائي اها زبان ڏئي ٿـو، تـ مڙس ڏمر جي پاسي ۾ هوءَ زندگي کان بيزار آهي چـو تـ:

ڪهڙي منجهہ حساب؟ هئڻ منهنجو هوت ري،
گولي پـڄ گناه کان، ڪونهي سول ثواب.

نـ رڳو ايترو پر اڳتي سهڻي ٿـي چوي:

ساهڙ مون جيئن سرتيون! جي ڏسو سيئي،
تـ سمهو ڪين سڪ ٿـي ور پاسو ڏئي،
منهان اڳئي گهڙو سـپ گهڙا ڪتي.

صوفي جي اخلاقيات، جاگيرداراڻي اخلاقيات کان ڌار ۽ مختلف آهي. جاگيردار اخلاقيات ٻين کي پنهنجي مالڪيءَ يا غلاميءَ جي رشتي سان ڏسي ٿـي. صوفي جنهن کي هر شيءِ ۾ هن جو جلوو ڏسڻ ۾ اچي ٿـو، تنهن جي نظر ۾ رويي ۾ بـ فرق آهي. هن ڳالهہ تي ڪنهن کي بـ مونجهارو نـ ٿيڻ کپي تـ صوفي چوي ٿـو تـ اهي رشتا 'ڪن فيڪون' کان بـ اڳ جا آهن.

## ستي ۽ خراب جو تصور

شاهہ لطيف جو زمانو بـ اسان جي اڄوڪي زماني وانگر منافقي، انا ۽ آڏ پٽي جي اڳهٽن ۾ ورتل هو. جيڪي بـ ماڻهو سماج ۾ پيداوار جي عمل کان ڪٽيل هوندا ۽ ڀاول ٿين ٿـا، تن وٽ ڪارائتي سوچ اچڻ ڪرشمو هوندو آهي. شخصي نجات جي طلسم ۾ قائل ماڻهو معاشري لاءِ ڪنهن طرح بـ ڪم جو ماڻهو نـ ٿـو رهي. هن جون عبادتون هن لاءِ خودپرستي ۽ خودفريبيءَ جو جار اُڻن ٿيون. شاهہ لطيف ان پاٽپٽي ۾ هٽ نـوڪي معتبرائپ جي پٽ هن نموني وائکي ٿـو ڪري:

اوڳڻ رسي سيکو، ڳڻين پرين رٺام،
ليکيم جي لسان سين، ڪر ڪين ڪيام،
پاڻ وڃائي پنهنجا، ٺورا ٺڪ هنيام،
بندگي شرمندگي، اها ميڙ مڪيام،
پرين تب پرچيام، 'آئون' جب اُٺ گئي.

مطلب تـ جيسين پاڻ نٿو وڃائجي ۽ ليکيم جي لسان سين، معنيٰ زباني جمع خرچ تان هٽ نـ ڪٽجي، تڪبر جي احساس واري لڪل جذبي سان ٿيندڙ عملن کي بقول شاهہ: ٺڪ نـ ٿي هٽجي، ان حالت ۾ ٿيندڙ بندگيءَ تي لڄ اچڻ شروع نـ ٿي ٿئي ۽ جڏهن 'آئون' کي ڏکي پاڻ مان ٻاهر نـ ٿو ڪيجي، تيسين پرين ڪٿان ٿـو پرچي. لطيف سائين جي اها ڳالهہ، ماڻهوءَ جي هر ورتاءُ سان شرط جي صورت ۾ لاڳو ٿـئي ٿـي. زندگيءَ جي ڪهڙي بـ موڙ تي، جيڪڏهن ماڻهو آڏپٽي جو شڪار ٿيو، معنيٰ هن شاهہ لطيف کان پنهنجي واٽ ڌار ڪئي. هاڻي ان ڪسوٽي تي هلي،

Gul Hayat Institute

جاگيردار، پير، ڪاموري ۽ وزير کي پرکيو ۽ ڏسو تہ اهو ڪٿي بيٺو آهي. ڀٽائي جي چڱي ماڻهو ٿيڻ واري تصور جي دائري ۾ اهي ماڻهو ڪٿي ٿا بيهن. اها پرک ڪرڻ ضمير واري ماڻهو جو فرض بنجي ٿي، ماڻهو پرکڻ جي جدول تمام سٺائي آهي. پيٽ ڀريو ماڻهو، جيڪو پيداوار جي عمل ۾ شامل ناهي ۽ ان خفت ۾ آهي تہ ڪو اختيار ماڻي، ڪي رعايتون حاصل ڪري ۽ ٻين ماڻهن کان پاڻ کي معتبر ڪري. پوءِ ان ڏس ۾ منافقي بہ ڪري، سازشون بہ سٽي، اعليٰ مقصدن سان غداريون بہ ڪري ۽ اهڙي ڪنهن ڏر ۾ وڃي شامل ٿئي، جيڪا عالمي اصولن، قانونن ۽ معيارن مطابق عوام جي دشمن هجي تہ پوءِ ان شخص کي ڪيڏانهن ڪريو؟

ڇا اهڙي ماڻهو کي ڀٽائي جي فڪر جي راڄ ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي؟ ڀلي اهڙو ماڻهو اقتدار جي آڌار تي سال ۾ ٻہ ڀيرا ڀٽائي جي مزار تي گلن جون چادرون بہ چاڙهي، تڏهن بہ اهو شخص ڀٽائي جو ساٿي ڪٿان ٿيو. ڀٽائي وٽ تہ اهو ماڻهو اچي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ، تڏهن بہ هن هڪڙي مٿئين بيت جي ڪسوٽي جي آزمائش تي پورو لهندو هجي.

اهي آهن اسان جي سائين جي ساٿي ٿيڻ جون ٻہ ٽي مختصر ڳالهيون، نہ تہ شاهہ جي هڪڙي هڪڙي بيت جو تمام وڏو پسمنظر آهي. پر شاهہ سائين کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي حق رکڻ جا شرط آهن.

"سُرمون سرخيءَ جو جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريٽي جهڙي."

Gul Hayat Institute

# غلام تعليم ۽ يونيسڪو

ورهاڱي کان اڳ اسان جي آبادي ۾ 42 سيڪڙو ماڻهو پڙهيل هئا. هينئر ڪل پڙهيل ماڻهو 27 سيڪڙو آهن. ٿورا ڏينهن اڳ لنڊن جي اخبار گارجين ۾ هڪ سروي پيش ڪئي وئي هئي. ان موجب هتي في ماڻهو جو ڪتابن تي 9 پيسا خرچ ٿئي ٿو. ان ۾ شايد آفيسن ۾ ڪپندڙ ڪاغذ ۽ اخبراون به شامل هجن. گارجين موجب ۽ جيئن اسان کي پنهنجا حال سجهن ٿا، ته دنيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪتاب پڙهڻ جي حد هن ملڪ ۾ آهي. ان جو مطلب، ته اسان نه رڳو جهالت جي راڪاس کي هيل تائين تڙي ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿيا آهيون، پر ان راڪاس اسان تي ۽ اسان جي معاشري تي پڪي راڄ ڪيو آهي. ڪتاب وڪڻندڙن جي ايسوسيئيشن جي عهديدارن جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ ڪتابن جي ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ وڪري سبب گهڻا ڪتاب وڪڻندڙ ٻيا ڌنڌا ڌاڙي ڪرڻ تي سوچي رهيا آهن. لاهور ۾ ته هڪ اڌ اهڙو مثال به سامهون آيو آهي ته ڪتابن وارن بوٽن جا دڪان کوليا آهن. علم ۽ ادب سان اهڙي تعدي پئي ٿئي، جهڙي 'ٻرڙي ڪئي هئي ٻارڙن سان.'

وري جيڪو تعليمي سرشتو آهي، سو به خيرن سان اهڙو جو پڙهي نڪرندڙن جي گهڻائي ٻگري وڃڻ سان ئي پنهنجي ماڻهن کان اوپري ٿيو وڃي. زندگيءَ جون حقيقتون ۽ ماجرا، اها تعليم نه ٿي سمجهائي سگهي. ٻيو ته ڇڏيو پر گهڻا اهڙا ڏسڻا وائسٹا ۽ اخبارن ۾ لاڳيتو ڇپجندڙ همراه صورتخطيءَ ۾ به چڪون ڪن. قومي ترقيءَ ۾ انهن جيڪڏهن هٿ ونڊايو ته وڏو ڇيهه وڃي ڪامورڪي ماڪ تي ٿيندو. جن وٽ وري بنيادي تصور اهو آهي ته هو حاڪم آهن ۽ عوام سندن محڪوم آهي. ڦرلٽ جا ڪنجڪي ادارا وري پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهن. ان ڪري ماڻهو موجود تعليمي سرشتي کان نراس ٿي ويا آهن.

بنيادي اهميت وڃي پئسي ڪٺ ڪرڻ واري ڪالهه اختيار ڪئي آهي. نتيجي ۾ هن سماج ۽ معاشرتي جوڙجڪ کي قائم رکڻ جو ڪوبه عقلي ۽ اخلاقي جواز ناهي رهيو. جوڙجڪ کي پنهنجي وجود جي لائقي ثابت ڪرڻ جو ڪوبه منطق ڪونهي. ان منطق جي صورت جيڪڏهن ڪا رهي آهي ته اها آهي لٺ. اهو اسان وٽ انساني ۽ آفاقي عقل ۽ استدلال جو جواب آهي. دنيا جي اڳيان اسان جو

Gul Hayat Institute

انساني درجو وڃي ٿو گهٽبو. انساني مرتبي تان ڪرڻ واري احساس جي نفسيات ماڻهن کي هڪ ثقافتي صدمي واري حالت تي اچي بيهاريو آهي. ماڻهوءَ جون ساڃهون مات کائڻ لڳيون آهن، هن وقت آباديءَ جي گهڻائي، فقط پيسن گڏ ڪرڻ کي حياتيءَ جو مقصد ڪٿي سمجهيو آهي. ڪارو ڌن اڃي ڌن کان وڌي ويو آهي. ڪارو ڌن، اهو ڌن آهي، جيڪو غلط ۽ ناجائز طريقن سان گڏ ڪيو ويو آهي. ڪاري ڌن جي وڌيل توازن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ، ان کي اڇي ڌن ۾ بدلائڻ جون سهوليتون ڏنيون ويون آهن، پر ان ڳالهه جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا. اسان جي مادي ۽ روحاني سرشتي جو گهوٽالو اڃا به وڌي ويندو. ڇو جو، جڏهن خبر پوندي ته ڪارو ڌن به اڇو ٿي سگهي ٿو، ته باقي ڪهڙي رنڊڪ رهندي، جيڪا انساني خاني مان اڃا به اسان کي ڪيئي نرم ڪري.

چون ٿا ته گذريل وقتن ۾ ماڻهو ايترو صفا چٽ نه هئا، جيترا اڄ آهن. اڄ اخلاق، سمجهه ۽ ايمانداري اهڙا گڻ آهن، جيڪي اسان جي ڪمن ڪارين ۽ ورتاءَ سان واسطو نٿا رکن. اخلاقيات، عجائب گهرن ۾ رکڻ جهڙي شيءِ ٿي پئي آهي. جيڪا اخلاقيات موجود آهي، سا مدي خارج ۽ دقيانوسي هئڻ ڪري پنهنجو ڪارج ۽ دليل وڃائي چڪي آهي ۽ ماڻهوءَ کي ماڻهو ڪري هلائي نٿي سگهي. ماضيءَ ۾ ماڻهن جي گهڻائي اقتداري مرڪزن جي سڌي اثر کان پالهي هئي. ڇهين ٻارهين مهيني ڪو ڪارندو آيو ته واهه نه ته ٿيو پلو. پر هاڻي وک وک تي تپيدار، پوليس وارو يا ڪو نه ڪو آهي ئي آهي. تازو سينيٽ جي اجلاس ۾ اها ڳالهه ڪئي وئي هئي ته ٽاٽا لکن ۾ نيلام ٿين ٿا. بي علميءَ تي ڏاڍ جو راڄ.

ورهاڱي کان اڳ پڙهيلن جو 42 ۽ هاڻي 27 سيڪڙو. ان وقت کان 38 سالن تائين علم جي اها 15 سيڪڙو وٿي نه پرجي سگهي آهي. ايلسلوابور ۾ سموزا جي آپيشاهي راڄ جو عوامي ڌرين پاران خاتمو آڻڻ کان پنجن مهينن اندر، رضاڪارن چاليهه لک اڻ پڙهيل بالغن کي اخبار پڙهڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. اسان وٽ بالغن جي تعليم جا هٽ ٺوڪيا پروگرام ته شروع ٿيندا آهن، پر رقمن جو ڪڙ تيل نڪرندو نظر نه ايندو آهي.

اها سموري صورتحال، اهي سڀ ڳالهيون سوال بڻجي اچي سامهون ٿا بيهن، پر ترقي بابت ٿيندڙ ڳالهيون سراب ۽ رڃ جهڙو ڏيک ڏين ٿيون.

يونيسڪو، انسانذات جو هڪ خيرخواهه ادارو آهي. هن جي خيرخواهه هئڻ جو سڀ کان وڏو ثبوت اهو آهي، ته گذريل سال آمريڪا جي ريگن سرڪار پنهنجي سامراجي ڪردار سبب هن اداري سان گڏجي هلڻ کان نابري واري. يونسيڪو ۾ آمريڪا کي ويٽو جو اختيار ڪونهي. ان ڪري پٺتي پيل ملڪن جي دانشورن جو هن اداري جي پاليسين ٺاهڻ ۾ وڏو هٿ آهي. نتيجي ۾ غريب دنيا جي فڪري ۽ روحاني ڏيواليپڻي کي ختم ڪرڻ لاءِ هي ادارو نهايت اهم

Gul Hayat Institute

پاليسيون جوڙي ٿو. يونيسڪو طرفان پيش ٿيندڙ مواد ثابت ڪري ٿو، تہ هن اداري ڪي انساني آئيندي جو ايترو اونو آهي، جيترو آمر، غيرجمهوري ۽ سامراج نواز حڪومتن جي عوام دشمن هلت جي پيٽ ۾ ماءُ جو پنهنجي اولاد لاءِ هجي ٿو. هتي فقط پاڻ يونيسڪو جي تعليمي پروگرام تي نظر وجهنداسين.

تعليم جو بينڪي سرشتي وارو تصور اڄ بہ اسان وٽ موجود آهي. اسان جو تعليمي سرشتو ڪارائتا ۽ مفيد ماڻهو پيدا نٿو ڪري، جن ڪي جيڪڏهن سرڪاري نوڪريون ملن، تہ رشوتون کائي ملڪ ۾ قوم جو حال ۽ آئيندو خراب ڪندا. نہ تہ بيروزگار ٿي ويندا. ٻنهي صورتن ۾ انساني صلاحيتون زيان ٿيون. اڃو تہ يونيسڪو جي 1971ع ۾ شاهيل بين الاقوامي تعليمي ڪميٽي جا نروار ڪيل نقطا ڏسون ۽ پوءِ اهو بہ ويچار ڪريون، تہ هتي اسان وٽ تعليم جي انهن اصولن تي عمل ڪرڻ کان ڇو لنوايو پيو وڃي.

يونيسڪو جو پنهنجو چوڻ آهي تہ، ”ان ڪميشن ٺاهڻ جا مقصد هيءُ هئا، تہ انسان جي اُمنگن ۽ ادارن ۽ سندس ترقي سان مطابقت پيدا ڪرڻ لاءِ تعليم جي مقصدن ۽ طريقن تي نئين طرح غور ڪجي، ملڪن کي تعليمي رٿائون ٺاهڻ ۾ مدد ڪجي ۽ عالمي ڀائيچاري ۽ سهڪار کي وڌائجي. ان ڪميشن ۾ جيڪي ماهر شامل هئا سي آهن: ايڊگر فاوري (چيئرمين)، فلپ هربرا، عبدالرزاق قدورا، هينري لوبس، آرٿر ولاديمبرووچ، پيٽروفسڪي، ماجد رهنما ۽ فريڊرڪ چئمپين وارڊ. ڪميشن جي رپورٽ جو تت هيٺين 21 نقطن جي صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي:

1- آئيندي لاءِ صنعتي طرح ترقي ڪيل يا اسرندڙ، هر ملڪ ۾ تاحيات تعليم کي بنيادي اهميت ملڻ گهرجي.

2- تاحيات تعليم لاءِ تعليمي سرشتي کي ٻيهر جوڙيو وڃي. تعليم کي اڳتي اسڪولن جي ڀتين اندر بند نہ رکيو وڃي، تعليم کي هڪ حقيقي عوامي تحريڪ بڻايو وڃي.

3- تعليم لاءِ ڪيئي طريقا استعمال ڪيا وڃن. ان ڳالھ جي اهميت ناهي، تہ ڪير ڪيئن پڙهيو، وڏي ڳالھ هيءَ آهي، تہ اصل ۾ هو علمي قابليت جو مالڪ آهي يا نہ.

4- تعليم جي مختلف شاخن ۽ حدن جي وچ ۾ سموريون مدي خارج يا هٿرادو رنڊڪون هٽايون وڃن.

5- 1970ع واري ڏهاڪي جي تعليمي رٿائن ۾ اسڪول داخل ٿيڻ کان اڳ جي عمر وارن ٻارن جي تعليم جو بندوبست ڪيو وڃي.

6- لکين ٻار ۽ نوجوان تعليم کان محروم آهن. قومي ضرورتن ۽ وسيلن مطابق 1970ع واري ڏهاڪي لاءِ تعليمي رٿائن ۾ سيني لاءِ تعليم کي ئي بنيادي مقصد قرار ڏنو وڃي.

Gul Hayat Institute

# —سنڌ ۾ شاگرد سوال- هڪ نظر—

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ شاگردن جا جهيڙا وڙنديون ڏنديون هاڻي هڪ اهڙي هنڌ اچي بيٺا آهن، جو الزام لڳڻ شروع ٿي ويا آهن، ته هتي غنڊن جا ٽولا لاطيني آمريڪا جي ملڪن گوئٽي مالا ۽ ايلسلوادور جي رجعت پرستن جي 'ڊيٿ اسڪوائڊس' واري شڪل وٺي رهيا آهن. اها حالت سنڌ جي هر سمجهه ڀرئي ماڻهو لاءِ نهايت ڏکوئيندڙ ٿي پئي آهي. ان حالت جو سڀ کان وڏيڪ هاڃيڪار پاسو اهو آهي، ته شاگرد اهڙين سرگرمين ۾ جنبي ويا آهن، جيڪي سنڌن منصب ۽ درجي جي وهم گمان ۾ به نه هئڻ گهرجن. ڇا سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جا وارث پاڻ مٿان آيل ڪنهن وڏي خطري کي منهن ڏيڻ بدران پاڻ ۾ جانورن وانگر، ضابطي کان، هوش ۽ حواس کان نڪري ائين ٽڪرا ٽڪرا ٿيندا رهندا، سا سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه آهي؟

اسان جي شاگردن تي جيڪي تاريخي ذميواريون اچي ٿيون، انهن جا تفصيل تمام ڊگها آهن، پر انهن ذميوارين کي پٺ تي اُڇلائڻ کان پوءِ، هيءَ جيڪا صورتحال پيدا ٿي آهي، تنهن کي سنڌ خلاف هڪ سازش سان ئي تعبير ڪري سگهجي ٿو. اسان جي ڪجهه دانشورن جو خيال آهي ته شاگردن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ وارو ڪو خاص هٿ آهي، جنهن جو مقصد، سنڌ جي هن سڀ کان اڳيري، سگهاري ۽ منظم سگهه کي ٽڪر ٽڪر ڪري، ان جي هوا ڪڍي ڇڏڻ آهي. علم حاصل ڪرڻ، تاريخ جي باريڪ بيني کي سمجهڻ، قومن جي اوج ۽ تباهي جي ڪارڻن کي ڄاڻڻ، عوام سان ٿيندڙ ناانصافين جي سببن کي سمجهڻ ۽ قوم جي آڏاوت ڪرڻ جي ذميواري سڀ کان وڌيڪ شاگردن تي اچي ٿي.

پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو اهڙا ڪم هٿ ۾ کڻن جن سان هو عوام کان پري ٿي وڃن، يا عوام جي نفرت جو شڪار ٿين ۽ اندروني ويڙهه ذريعي پنهنجي سگهه ختم ڪري، فقط تاڙيون وڄائڻ ۽ هوڪرا ڪرڻ جي منزل تي وڃي بيهن ته ان جو مطلب ڇا نڪرندو؟ اهو، ته هو شعوري يا غيرشعوري طرح ڪنهن اڻ ڏٺي سازش جو شڪار ٿي رهيا آهن. ان جو مطلب ته هو پنهنجي چوٿين مارچ 1967ع واري جدوجهد، جنهن جو انت ون يونٽ جي ٽٽڻ تي ٿيو هو، ۽ ان کان پوءِ ٿوڙي ڦاٽڪ جي قرباني تائين ٿيل سفر جي اهميت تي پاڻي ڦيرائي رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

ان سموري قضي جا ٻه پاسا آهن. هڪڙو اهو جنهن جو ڏوهه شاگردن تي ناهي. ٻيو اهو جنهن جو ڏوهه شاگردن تي اچڻ سان گڏ استادن، دانشورن، اديبن ۽ سياستدانن تي به اچي ٿو، ڇو ته ڪنهن به سڌريل معاشري ۾ اهي سڀ ڌريون هڪٻئي سان ڳنڍيل ۽ هڪٻئي ڏانهن ۽ هڪ ٻئي لاءِ ذميوار آهن.

هن ملڪ ۾ جمهوريت جاگيردارن ۽ ڪاموراشاهي جي خواهشن ۽ اختيارن هيٺان ڇيپاڄي رهيءَ آهي. عوام جي تڪليفن ۾ گهٽتائي اچڻ بدران واڌارو ٿي ٿيندو رهيو آهي. ’ساهه کڻڻ‘، يعني بنيادي انساني ضرورتن کي ڪڏهن به اهميت نه ڏني وئي آهي. ڌرتي کان پراٺا خيال، طلسمات جون دنيائون ۽ اقتدار جي لٽ سان ماڻهن جي حقن کي ڌڪي ٻاهر ڪيو ويو آهي. گهرج کان گهٽ آڪسيجن واري هنڌ تي لاڳيتو ماڻهن کي رهايو، ته سندن اپاهج ٿيڻ اٽل آهي. ان کان سواءِ چورن جي موجودگي ۾ ماڻهن جا چهرا تازا توانا ۽ ذهن کليل ڪٿان ٿا ٿي سگهن. آڪسيجن کان وانجهيل محدود دائرن ۾ رهندي، رت چوسجڻ واري حالت جي هئڻ بابت ڪنهن کي شڪ هجي، ته ڳوٺن، واهڻن، ننڍن شهرن، ۽ وڏن شهرن جي پٺتي پيل ايراضين، ٿاڻن، اسپتالن، اوطارن، نشي پتي جي هنڌن ۽ جواخانن جو چڪر هڻي ڏسن، اسان جون اهي حالتون اونده رات جهڙيون حقيقتون آهن. هڪڙي پاسي سيٺيل، ٿلهيون ٿنيريون جڙون آهن ۽ ٻئي پاسي نهوڙيل جسم آهن. ان صورتحال کي قبول ڪرڻ واري بي وسي، چوسجڻ جي هيراڪ ٻڌجڻ جي عڪاسي ڪري ٿي.

ان حالت ۾ صحتمند دماغ نهڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. صحتمند ادارا، صحتمند پاليسيون، صحتمند رٿابندي نه هوندي، ته ائين ٿيڻ اوس آهي. جن ڪمن کي عوام جي ڀلائي جا ڪم سڏيو ٿو وڃي، تن کي نبيرڻ ۽ طيءِ ڪرڻ ۾ عوام جو پنهنجو ڪو حصو، دلچسپي يا آسرو ناهي. هر ڪم طيءِ ڪرڻ جي پٺيان هڪڙو خاص الخاص پڌرو ۽ نروار مقصد نظر ايندو، ته ان ڪم تي ٿيندڙ خرچ مان حصا پتيون هڻ ڪيا وڃن. هيٺ کان مٿي تائين رشوت جي ڏاڪڻ، انجنيئرنگ، تعليم، صحت، مڪاني ادارا سڀ جا سڀ رشوت جي جادو ۾ ورتل نظر ايندا. تعليمي ادارن تي وري ان حالت جا ٻن قسمن جا اثر نظر ايندا.

اٽڪوري رٿابندي ۽ ڪم تي ٿيندڙ خرچ جا حصا بخرا ٿي وڃڻ ڪري تعليم ڏيڻ ۾ عمل مان خلوص ۽ سچائي ته وئي سا وئي، پر تعليمي ادارن جون گهرجون پوريون نه ٿيون ٿين، جنهن ڪري شاگردن لاءِ خاص طرح لئبارٽريون اڻ پوريون، سائنس پاڙهڻ جا اُستاد نه هجڻ. ان جو مطلب اهو وڃي ٿو نڪري ته شاگردن جو تعليم تان ڌيان هٽي وڃي، هڪ جواني ۽ ٻيو ڪنهن ڪارائتي ڪم تي ڌيان نه هجي. اها ٿي هڪڙي ڳالهه پوءِ ڌيان ڪيڏانهن ويندو. اُن ڌاڙ ڏانهن، جيڪا عام پئي آهي. حصن پتين واري ڌاڙ سماجي مڪاري جي انتها اها، ته ريڊيو ۽

Gul Hayat Institute

ٿي- وي ٿي مدرسا ڪليا پيا هوندا. بنڻ ڪٺي ڪوليو، ته اذان، قرآن شريف تلاوت، واعظ، نعتون، حڪمرانن جي زبانن تي دين جو ورد ۽ عمل، حصا پتيون، بي عملي ڏانهن ڌڪيندڙ تعليم ۽ سماجي مڪاري ماٺهوءَ کي وائڙو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

وري وارو اچي ٿو، شاگرد يونين تي پابندي وجهڻ جو. ان جي معنيٰ ته شاگردن ۾ تنظيمي ۽ جمهوري شعور پيدا نه ٿئي. شاگردن کي سياسي عمل جي سکيا نه ملي پنهنجي مسئلن حل ڪرائڻ لاءِ هو تنظيمي جدوجهد نه ڪري سگهن. دنيا جي اهم معاملن نبيرڻ لاءِ، اصولي طرح انهن جي سياسي حل جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي. افغانستان جي سوال جي به سياسي حل تي زور ڏنو وڃي ٿو، پر شاگردن ۾ تنظيم ۽ يونين ٺاهڻ جي اجازت ناهي.

## تعليمي ادارا ۽ پوليس

اسان وٽ تعليمي ادارن تي پوليس جي پهري جي روايت نئين نه آهي. ادارن ۾ هر قسم جو معيار قائم نه رکڻ جي نتيجي ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو، اُن لاءِ پوليس گهرائي وڃي ٿي. شاگردن کي يونين ٺاهڻ جو حق ناهي، تنهن ڪري تعليمي مسئلن بابت ڪين ڪجهو پڇٿو ناهي، انهن مسئلن جو تدارڪ ڪرڻ، ادارن جي سربراهن جي وس ۾ ناهي، سو مسئلن جي حل جو هيو طريقو به شاگردن کي خاموش رکڻ لاءِ پوليس گهرائڻ وارو آهي. 'قانون' لاڳو ڪندڙ ايجنسيون اچا مٿانهين صورت آهي. انجنيئرنگ يونيورسٽي وارو اهو واقعو ڪير وساري سگهندو، جنهن ۾ احسان ميمڻ ۽ ٻيا نوجوان مارجي ويا. طاقت جو استعمال اصل ۾ تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن پنهنجا اوڳڻ لڪائڻا هوندا آهن. پر معاملن ڏانهن اها روش هر حالت ۾ قبول ڪرڻ جهڙي ناهي. ماٺهو پنهنجا ٻار پاڙهڻ موڪلين ٿا، ڌوهاري بنائڻ لاءِ نه. سرڪاري ناڪاهلي جو وڌندڙ مرحلو تعليمي ادارن کي پتيون ڏئي ڪين بيگار ڪئمپ بنائڻ آهي.

## سنڌ ۾ ٻاهرين آبادي

سنڌ ۾ ٻاهرين آبادي جي لاڳيتي وهڪري جو اثر تعليمي ادارن تي پيو آهي. سنڌ جي مزاج کان بنھ اُبتڙ مزاج رکندڙ آبادي، جيڪا هتي حڪمراني وارو درجو رکي ٿي، اُن سان تعليمي ادارن ۾ به ميل نه ٿو ٿئي. سول ۽ ملٽري ڪامورا شاهي جا ٻار جن کي گهرن ۾ ئي هن ملڪ جو حڪمران هئڻ جو باور ڪرايو وڃي ٿو، سي هتان جي ماٺهن سان پيار ته ڇڏيو، پر رڳو نفرت نه ڪن، تڏهن به وڏي ڳالهه ٿئي. اوپرن ماٺهن جو، جيڪي هتي جي وسيلن جا مالڪ ٻنجن ٿا، تن سان تضاد هن ملڪ جي بنيادي تضادن مان هڪ آهي. اهو تضاد تعليمي ادارن ۾ وڌيڪ نروار ٿي بيهي ٿو. 'نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن' نالي سان قائم ٿيل شاگرد تنظيم، جنهن کي خاص طرح سان ملٽري ڪاموراشاهي جي سرپرستي حاصل آهي، سنڌي شاگردن سان ڏاڍايون ڪري چڪي آهي. اها

تنظيم اسان جي تعليمي ادارن ۾ ’خدائي فوجدارن‘ جو ڪردار پئي نڀاهي. وري ڪيس ٿين ته معاملا چڪجي قانوني حدن تائين پهچن، ته به هتان جي شاگردن سان ڏاڍايون ٿين.

پاڪستان جي رکوالپ جا طريقا جيئن غيرجمهوري رهيا آهن، تيئن سنڌي شاگردن کي اقتدار جي صاحبن هميشه ملڪ دشمن سمجهيو آهي. سبب اهو آهي ته هتان جا شاگرد پنهنجا حق گهرن ٿا. هتي هميشه حق رسيءَ لاءِ ٿيندڙ دانهن کي ’نظريئي پاڪستان‘ ۽ اسلام دشمني سان تعبير ڪيو ويو آهي. ان صورتحال ۾ سنڌي شاگردن جو وجود حاڪم ڌرين جي سرپرستي هيٺ هتي، سهولتون وٺي تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ قبول ڪرڻ جوڳو ناهي.

ساڳي سلسلي ۾ تازو اين- اِي- ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ هيروئن جو ڪاروبار ڪندڙن، هاسٽلن تي اچي ديرو ڄمايو. ياد رکڻ جهڙي ڳالھ اها آهي، ته اين- اِي- ڊي ۾ انهن سنڌي شاگردن کي داخلائون ملنديون آهن، جن جي تعليمي قابليت تمام گهڻي هجي. ان ڪري اتي فقط اُهي سنڌي اچن ٿا، جن جو تعليم سان گهرو لڳاءُ هجي ٿو. انهن شاگردن کي بددل ڪرڻ لاءِ، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالھ ٿي سگهي ٿي، ته هيروئن جو ڪاروبار ڪندڙ بين الاقوامي ڌوهاري ساڻن گڏ رهي اچي پنهنجا ڏندا ۽ ڏاڍايون ڪن. اهي سڀ ڳالهيون ڪندي، اهو نظر ۾ نٿو رکيو وڃي، ته عام سنڌي ماڻهو (سواءِ اقتدار پرستن جي) عزت نفس جي معاملي ۾ ڏاڍا نازڪ احساس رکي ٿو.

تاريخ شاهد آهي، ته سنڌي ماڻهوءَ جي پرسان ئي ٿيندڙ، ساڻس واسطو نه رکندڙ ناانصافي به هن کي ڪاوڙائي سگهي ٿي. پوءِ ان حالت ۾ جڏهن هو علم حاصل ڪندو هجي، ۽ ڪانئس اڻ ڏٺ وڪن تان هيروئن ۽ هٿيارن جا سمگلر هن کي پنهنجي وجود سان پريشان، ۽ اچا به وڌي ساڻس ڪوئِس ڪن، ته هو ڪيتان سهي سگهندو، ان جي باوجود سمگلرن جي پنهنجي جهيڙي ۾ ڪين اڙايو ويو- سندن جمهوري طرح حاصل ڪيل هاسٽل انچارج جو عهدو ماريو ويو ۽ سندن اُستادن تي قدم ڪنيا ويا.

شاگردن، انتظاميه ۽ ادارن جي اختيارين جي اهڙي هلت جو شڪار ٿيڻ کان پوءِ محسوس ڪيو، ته ساڻن ڏکڻ آفريڪا وانگر نسلي پاليسي واري هلت ڪئي وڃي ٿي. عجب جهڙي ڳالھ ته اها آهي جو ڪاروباري غنڊا، اقتداري سرپرستين ۾ سڀ ڪجھ ڪندا وتن ٿا، ۽ هي مسڪين [illegible] به زورسان نه ٿا ڪٿي سگهن.

## تعليمي سرشتو

اهي سڀ ڳالهيون تعليمي سرشتي جي ناڪامي جو اعلان ڪن ٿيون. بي روزگاري، ڇڙواڳي، بي عملي ان بي فيض تعليم جون ’سوکڙيون‘ آهن. نوجوان پڙهي پيو ۽ نوڪري نه مليس ته هر ڪم کان ويو. مائٽن تي بوجھ، دوستن يارن

Gul Hayat Institute

ڪي نه وڻندو ۽ لڳو لڳ رشوت جي ريل پيل سان ڪن ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار کي ٽينگ هٽندي ڏسندو، ته پوءِ ڪيڏانهن ويندو؟ ڏوهه، نشو پتو ۽ جنسي گمراهي، اهو سڀ ڪجهه تعليمي سرشتي جي اخلاقياتي ڪمزوري جو ثبوت آهي. تعليمي سرشتي جي ناڪامي وري اُن سماجي سرشتي جي ناڪامي جو پڙهو گهمائي پنهنجي ڪُک مان جنم وٺي چڪي آهي.

پهرين ڳالهه، ته پرائمري ليول کان وٺي وڏن شهرن ۾ نسلي متڀيد جي اصولن پٽاندڙ غريب ماڻهن جي ٻارن لاءِ هر لحاظ کان ڪريل معيار وارا اسڪول آهن. انهن ادارن ۾ تعليم ڏيندڙن کان وٺي انهن جي اختيارين تائين ڪو به تعليم ڏيڻ لاءِ سنجيدو ٿيڻ به چاهي، ته سندس وس جي ڳالهه ناهي. ان ڪري جو، نه عالمي معيار موجب تيار ٿيل نصاب آهي، نه فرنيچر ۽ نه استاد. پاڻي، روشني، صفائي ۽ صحت جون سهولتون ته خوابي دنيا جون ڳالهيون آهن. ملڪ ۾ 75 سيڪڙي کان وڌيڪ اڻ پڙهيل ماڻهو آهن، جنهن ڪري اهڙي معاشري ۾ تعليم جو گهڻ پاسائون شعور به ناهي، ۽ اهائي ڳالهه اُنهن ڏرين لاءِ وڏو بچاءُ آهي، جيڪي اسان جون تعليمي پاليسيون ٺاهين ٿا.

مٿين طبقن جا اسڪول وڃي ڏسو، پهرين ۽ ٽين دنيا جو فرق اتي ئي صاف ظاهر ٿيندو. خانگي شعبي کي ڇوٽ ڇڏڻ جي نتيجي ۾ مهانگا اسڪول ڪاروباري انداز سان هلائين ٿا، جنهن ڪري ڳالهه جي ڳُرُ کي نه سمجهندڙ ماڻهن کي چوڻ جو موقعو ملي ٿو وڃي، ته خانگي اسڪول هلائڻ وڌيڪ نيڪ آهي. ڪنهن گرامر يا پبلڪ اسڪول جي هڪ ڪلاس جي رنگين تصوير ڪڍي، لياري يا سنڌ جي ڪنهن به واهڻ جي اسڪول جي ڪلاس جي ڪڍيل رنگين تصوير سان ملائي رکجي، ته اُن هاڃي جي خبر پئجي ويندي جنهن جو شڪار هي اسان جو معاشرو آهي. وڏي ڳالهه ته وڏن اسڪولن ۾ تعليم جو ذريعو مادري ٻوليون ناهن. اهڙي ريت اُنهن ٻارن کي ملڪ جي زبانن کان، عوام، عوام جي مزاج کان اوپرو ڪيو وڃي ٿو، ته جيئن اهي ٻار آئيندي جا ڪامورا ٿي، سولائي سان عوام کي ڪيڙا ماڪوڙا سمجهن، ڪانئن نفرت ڪرڻ سکي وڃن، ۽ انهن جي معاملن هلائڻ جا ڪرتا ڌرتا ٿين.

معاشري ۾ ٿيندڙ حصن پتين جي ڏاڙ، مڪاري ۽ دولاب، تعليم جو نصاب نهايت پٺتي پيل ۽ روشن خياليءَ جي اُبتڙ، تنظيمي عمل جي پابندي، ملڪ ۾ جمهوريت جو نه هئڻ، رياڪاري، قومي معاملن جي واڳ جاگيردارن ۽ ڪاموري شاهي جي هٿ ۾ هئڻ، ارادي ۽ نيت جي سچائي کان خالي پاليسيون، عالمي بئنڪ ۾ آءِ- ايم- ايف جي شرطن ۽ قرضن تي ٿيندڙ رٿابنديون، غربت، بيماريون، بيروزگاري ۽ خانگي شعبي کي چونڊن ۽ وارو ڏئي برادرين، ذاتين گروهه بندين ۽ پيري مريديءَ ۽ پئسو وهائي، ڪٽائي اسيمبلين ۾ آڻڻ سان، اسان جو نوجوان ذهني

طرح ڪٿي بيهندو. انهن سببن جي هوندي، جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، تن کي نہ مڃڻ جو مطلب نيت جي کوٽ کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي. جيڪڏهن موجود سرشتي ۾ انهن سببن کي ختم ڪرڻ ممڪن آهي، تہ اختيارين اڳيان اهو وڏو چئلينج آهي.

تعليمي سرشتو، ساڳيو بيٺڪي دور وارو آهي، جنهن جو مقصد مطيع رعيت کي حاڪمن جون ضرورتون ۽ خواهشون سمجهڻ جو شعور ڏيڻ ۽ زندگيءَ جي گهڻ پاسائين سمجھ کي ٻنجو ڏيڻ رڳو هڪ طرفي ٽرئفڪ آهي، جيئن سڄ سماءَ جي سرڪاري پاليسي، پورهيت پاليسي، ٽئڪسن جي پاليسي، خانگي شعبي کي ڇڙواڳ ڇڏڻ جي پاليسي ۽ هڪ طرفي سياسي پاليسي وغيره آهن. سمورين پاليسين ۾ ڪاموري شاهي جي دخل وڏيڪ هئڻ سبب، نہ انهن سان لاڳاپيل ماڻهن جي اُهنجن ۾ گهٽتائي آئي آهي ۽ نہ اهي پاليسيون پنهنجي ڪاميابين جا ڪي ثبوت پيش ڪري سگهيون آهن، سواءِ سرڪاري لفاظيءَ جي. تعليمي پاليسي ان سڄي مانداڻ جو حصو آهي. ان پاليسي ۽ فلسفي، ادب، نفسيات، عالمي تاريخ، سوشيالاجي ۽ علم جي ٻين اهم شاخن کي ڪا اهميت مليل ناهي.

ڏهاڪو کن سال اڳ فلسفي ۾ ايم- اي ڪيل هڪ نوجوان کي سنڌ جي تعليم واري وزير اهو چئي نوڪري ڏين کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، تہ ’اسان کي فلاسافر پيدا ڪرڻا ناهن‘، ٻين لفظن ۾ حڪمرانن کي جاهل پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان کي ملندڙ تعليم تخليق ۽ فڪر جا نوان امڪان پيدا نہ ٿي ڪري ان ڪري اها ناڪام آهي.

ڏستو اهو آهي، تہ سنڌي شاگرد ان سموري هلت کي ڪهڙي نموني منهن ڏنو آهي. ان صورتحال کي منهن ڏين لاءِ سنڌس ڪارائتا عمل ڪهڙا رهيا آهن. ۽ ڪٿي هو وقت جي ويرن جي سازشن جي ور چڙهيو آهي.

خاصي سياسي شعور سان شاگردن جو پهريون عمل چوٿين مارچ 1967ع کان نظر اچڻ لڳي ٿو. باوجود ان جي تہ ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ لاءِ شعوري تفصيلن جي گهٽي گهرج محسوس نہ ڪئي وئي، پر تڏهن بہ قومي تضاد واضح شڪل اختيار ڪري چڪو هو.

پروفيسر حمزي علوي چواڻي، تہ ”پاڪستان جي ٺهڻ کان اڳ ۽ ٺورو پوءِ تائين ’نظريہ اسلام‘ جو اصطلاح ٻڌڻ ۾ نہ آيو هو.“ ديوبند عالمن جو چوڻ هو، تہ اسلام کي ڪنهن خاص جاگرافيائي خطي تائين محدود ڪرڻ جي ڳالھ ئي غلط آهي. جماعت اسلامي وٽ پاڪستان جي مخالفت ڪرڻ جو وري منطق ئي پنهنجو هو. هنن کي محمد علي جناح ۽ مسلم ليگي جاگيردارن ۾ اسلام نظر نہ ٿي آيو، ڇو تہ جناح صاحب سيڪيولر سياست جو حامي ۽ ملائيت جي راڄ جي خلاف هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس پهرين تقرير ان ڳالھ جي ثابتي آهي. هوئن بہ

Gul Hayat Institute

جناح جي سائين ۾ ملا مولوي نظر نہ ٿا اچن، ڇو تہ مدرسي ۽ جديد تعليم جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿيڻو ناهي.

پوءِ جڏهن هن ملڪ ۾ قومي سوال زور وٺڻ لڳو، تہ ان مرحلي تي جماعت اسلامي، مسلم ليگ، مشائخ ۽ فوجي ڪاموري شاهي پنهنجي ڦرلٽ واري عمل کي نظريہ اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي ڍال ڏني. پر ڦرلٽ جو ڪوبہ اخلاقي جواز ناهي هوندو، تنهن ڪري ڦرلٽ سان گڏ مذهب تي گهڻو زور ڏيندڙ قوتون وائکيون ٿي پيون. تڏهن سڌي طرح سندن ڪم ٿيندو نظر نہ پئي آيو، تنهن ڪري اسلام سان گڏ مارشل لا کي بہ ساڳي گاڏي ۾ ويهاريو ويو.

ان پس منظر ۾ سنڌي شاگرد هڪ پاسي قومي تضاد کان پلي پت آگاهہ ٿيو ۽ ون يونٽ خلاف جدوجهد جو اڳواڻ دستو بنجي ويو. ٻئي پاسي سنڌ جو موقعي پرست، پاڙيو ۽ لالچي وڏيرو ۽ جاگيردار، دشمنيءَ وارو مورچو سنڀالي ويٺو، ان ڪري طبقاتي تضاد جيڪو هونئن ئي طبقاتي معاشري ۾ موجود هجي ٿو، سو سياسي عمل ۾ تيزي جي ڪري وڌيڪ نروار ٿي آيو، ان ڪري ون يونٽ ٽوڙ هلچل ۾ جيترو ئي ڌاريئي جو، اوترو ئي وڏيري ۽ ملي جو سنڌ دشمن ڪردار اُڀري آيو. ان ئي جدوجهد اڳتي هلي سنڌ جي سياست کي مستقل بنياد ڏنا.

ان ڳالهہ جي هڪڙي ثابتي ون يونٽ ٽوڙ هلچل جي ڏينهن وارو اُهو ادب آهي، جنهن ڌاريئي، پنهنجي وڏيري، مُلي ۽ سنڌي ڪاموري جي عوام مخالف ڪردار کي ظاهر ڪيو. ٻي ثابتي ان دور جا شاگرد اڳواڻ آهن، جيڪي هن وقت تائين ڇوٽڪاري جي جدوجهد ۾ سختيون پوڳي رهيا آهن. جام ساقي، رسول بخش پليجو (شاگرد نہ هئڻ جي باوجود شاگرد جدوجهد سان لاڳاپيل) ڊاڪٽر ارباب، يوسف لغاري ۽ ٻيا ڪيئي هينئر جا اڳواڻ ان عرصي کان ساٿ نڀائيندا اچن.

شاگرد تحريڪ، سياست کي پنهنجو ڪئبر ڏيندي بہ درياهہ وانگر پنهنجو وهڪرو جاري رکيو، ۽ اثر ڏيکاريا. ايم- آر- ڊي هلچل کان اڳ سنڌ جي شاگرد تحريڪ جو رخ هڪ ئي پاسي، سنڌ ۽ عوام جي مخالف ڌرين ڏانهن هو. ستر واري سجي ڏهاڪي جي موقعي پرستن ۽ شاگردن جي سگهہ کي هاڃي رسائڻ جي زبردست ڪوششن ۽ سازشن جي باوجود شاگرد هلچل پاڻ کي زندہ رکيو ۽ اڃا بہ اڳتي وڌندي اُها هڪ گڏيل عوامي صورت وٺڻ جي پنڌ ڏانهن وڌي رهي هئي. اها هلچل تاريخ، ادب، ٻولي، ثقافت، سياسي ۽ معاشي فلسفي سان ان ڳنڍيل ۽ ڳتيل هئي. هن وقت اها سيني کان پري ٿيندي پئي وڃي. عوام کان بہ پري- ۽ عوام کان پري ٿي وڃڻ جو مطلب سياسي ۽ تنظيمي موت آهي. شاگرد اتحاد ختم ٿي رهيو آهي. شاگرد اتحاد جا جمهوري، علمي ۽ ادبي تفصيل تباهہ ٿي رهيا آهن. اهوئي سبب آهي، جو سنڌي شاگرد هڪٻئي تي اُلرون ڪرڻ کان بہ اڳتي وڌي

Gul Hayat Institute

چڪا آهن.

اڄ هڪڙا شاگرد هِن جا ڪتاب ساڙي تاريخ جي وحشي گهڙين کي ورجائي رهيا آهن. هڪڙا شاگرد هِن تي 'موت جا وارنٽ' جاري ڪن ٿا. عجب جي ڳالهه اها آهي، تہ هو اهو نٿا سمجهن، تہ قوم مٿان خطرا جيترو اڄ وڏيل آهن، ايترو اڳ ڪڏهن بہ نہ هئا ۽ تڏهن بہ هو پنهنجي قوت کي هاڃو رسائي رهيا آهن. هو اختلاف جو حق برداشت نٿا ڪري سگهن. ظلم اڳيان بيوس آهن ۽ پاڻ هيٺن تي ڏاڍ ڪندي کين مزو اچي ٿو. هو سياسي ۽ نظرياتي تعليم جي مخالفت ۾ اڳتي وڌي ويا آهن. سنڌ جي سڄي تاريخ شاهد آهي، تہ وڏيرن ۽ جاگيردارن هميشہ قوم ۽ عوام دشمن قوتن جو ساٿ ڏنو آهي. هو سنڌ جي ان اڳواڻ دستي جي سگهه کي تباهہ ڪرڻ گهرن ٿا. جيستائين سنڌ جي ڇوٽڪاري جو سوال آهي، تہ ان تي اصولي طرح ڪنهن کي بہ اختلاف ناهي. پر عوام مخالف سياست شاگردن ۾ بہ ڪاهي پئي آهي. شاگردن کي جاڻڻ کپي، تہ پارٽي جا ماڻهو وقتي طور کين راهه تان هٽائي سگهن ٿا، پر اهو طريقو تاريخ ۾ ڪڏهن بہ قبول ڪرڻ جوڳو نہ رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

# ڪجھ يادگار تصويرون




غلام حسين رنگريز، شمشيرالحيدري، فقير محمد لاشاري ۽ تاج جويو

Gul Hayat Institute



استاد بخاريءَ جي ياد ۾ سڏايل پروگرام ۾ فقير محمد لاشاري، ڊاڪٽر الهداد بوهيو ۽ انور پيرزادو




ف- م لاشاري، محترمہ بينظير ڀٽو سان ڪڏ ٿنڪرس فورم جي هڪ پروگرام ۾




محترمہ بينظير ڀٽو گاجي ڪهاوڙ ۾ ف. م لاشاري جي اهل خانہ سان تعزيت ڪندي.

Gul Hayat Institute



لنڊن ۾ يوسف لغاري سان گڏ



Gul Hayat Institute

ف- م لاشاري، ڊاڪٽر ڀٽي، نامعلوم، يوسف لغاري، ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ ولي محمد روشن



جڳديش ملاٽي، غلام قادر پليجو، فقير محمد لاشاري، غلام نبي مغل سان گڏ



ف- م لاشاري ڊاڪٽر پٽي سان گڏ

Gul Hayat Institute




1989ع ۾ ڪراچي شيرٽن هوٽل ۾ قمر شهباز جي ڪتاب جي مهورت ۾
اسٽيج تي مخدوم امين فهيم، سراج، امر جليل، قمر شهباز ۽ ڪرم الاهي چنا



فقير محمد لاشاري ۽ عبدالواحد آريسر

Gul Hayat Institute

# چوند اداريا

فقير محمد لاشاريءَ جو صحافتي جوين روزاني هلال پاڪستان جي مئگزين ۾ ايڊيٽر جي حيثيت سان سامهون آيو. هن مئگزين جي لاءِ مواد جي چونڊ توڙي پنهنجي حصي جي تحريرن سان ان کي پنهنجي دور جو يڪتا مئگزين بڻائي ڇڏيو.

۱۹۸۹ع ۾ عوامي آواز اخبار جاري ٿي، جنهن ۾ سهيل سانگي ۽ امداد اوڍو جهڙن متحرڪ صحافين جي موجودگيءَ جي باوجود نصير سارنگ چوائي 'رڄ جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ' جي ضرورت هئي، جيڪا فقير محمد لاشاريءَ جي شرڪت سان پوري ٿي. فقير ايڊيٽر ٿيو ۽ ان حيثيت ۾ هن جي لکيل ادارين جا واڄٽ سڄي سنڌ اندر ٻڌڻ ۾ آيا. فقير محمد لاشاري اداريي کي معذرت خواهانه انداز مان ڪڍي جرات، احتساب ۽ جهنجهوڙڻ واري صورت ۾ وٺي آيو. جنهن کان پوءِ سنڌ جي صحافت ۾ پهريون دفعو اتساهه پيدا ٿيو ته اداريا به پڙهڻ جي شيءِ هوندا آهن.

سندس ادارين تي مشتمل ڪتاب 'سنڌ پيپلز پارٽي کان جام صادق تائين' سنڌيڪا جي پاران ۱۹۹۱ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ شامل پهريان اٺ اداريا روزاني عوامي آواز مان ورتل آهن ۽ باقي روزاني جاڳو ڪراچي مان.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# عوام جي خدمت ۾ ڪجهه گذارشون

سيني احترامن ۽ تعريفن جا مالڪ جناب عوام!

اڄ اسان توهان جي خدمت ۾ ڪجهه ضروري ڳالهيون پيش ڪرڻ گهرون ٿا. پر اسان جڏهن توهان سان مخاطب ٿيون ٿا، تڏهن ڄاڻون ٿا، ته توهان صدين کان ڏاڍ جي چڪين ۾ پيسجندا رهو ٿا. توهان تي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن رهيا آهن. توهان جي پورهئي، طاقت ۽ صلاحيتن جون هزارين لکين ثابتيون رڳو تاريخ جي ورقن ۽ تهذيبن جي نشانن ۾ ئي نه پر اڄ به توهان جي دم سان دنيا قائم آهي ۽ توهان ئي سياڻي جي سچاين جا امين آهيو. اسان پوري طرح ڄاڻون ٿا ته توهان هر ڏک ۽ ڏوجهرو سهڻ کان پوءِ به عظيم آهيو ۽ اها عظمت توهان ڪنهن کان اُڌاري نه ورتي آهي، پر پنهنجي عظمت جا تخليقڪار به توهان پاڻ آهيو. اڄ اسان توهان سان سنڌ جي حوالي سان ٻه چار ڳالهيون ڪرڻ گهرون ٿا. جو اسان پاڻ کي توهان جو هڪ ادارو، توهان جو خدمتگار سمجهون ٿا. ڏسو! توهان کي اسان جي هنن لفظن منجهان چرڪ نه پرڻ گهرجي، جو ڄاڻون ٿا ته هن صديءَ ۾ توهان جي ووٽ جي حق بحال ٿيڻ کان پوءِ جن به توهان سان ظلم ڪيو آهي تن توهان کي 'خدمتگار' ٿي مخاطب ڪيو آهي ۽ اهڙي طرح لفظ خدمت جي مفهوم کي وڏو نقصان پهتو آهي ۽ هاڻي اهو لفظ خود شڪي ٿي ويو آهي.

معزز عوام! جڏهن لفظ، محاورا ۽ ٻولي ئي توهان جي دشمنن جو هٿيار بنجي وڃي تڏهن اها حالت ڏاڍي خراب آهي ۽ اسان ان خراب حالت جو نوٽيس وٺندي توهان تائين هي ڳالهيون پهچائي رهيا آهيون.

اسان ڏسون پيا، ته توهان جيڪي سنڌ جا عوام آهيو سي هڪ ڏر آهيو ۽ جيڪي ٻه ماڻهو پارٽيون ۽ گروهه توهان سان خيرخواهي جي دعويٰ ڪن ٿا سي ٻي ڌر آهن. هي جيڪي اڳواڻ جون انا پرستيون ڏسو ٿا، جيڪا هڪ ٻئي خلاف هنن جي وڦ پڪڙ ڏسو ٿا، ۽ توهان جي ڏکن سورن کان جيڪا هنن ۾ اوپرائپ موجود آهي ۽ توهان کي متاثر ڪرڻ لاءِ اخبارن، جلسن ۽ ٻين طريقن سان هي جيڪي ڪوششون ڪن ٿا اُن ۾ ڏسو ته توهان جي هنن هينئر تائين مدد ڪهڙي ڪئي آهي. پر اسان اهو به ڄاڻون ٿا ته هي توهان تي رعب رکڻ ۾ ناڪام به ٿيا آهن. بس اهوئي هنن جو نفسياتي خفقان آهي. هو اهو بلڪل وساري ويٺا آهن ته پاڻ هڪ وڏي اسٽيڊيم جهڙو تي بيٺا آهن ۽ توهان عوام جون هنن تي نظرون آهن. دوست ۽ دشمن گول ڪيهڻي جي سامهون آهن پر بال ڪٿي اڪتي وڌڻ لاءِ تيار ڪونهن. هر ٽيم جا رانديگر پاڻ ۾ ئي وڙهيا ويٺا آهن ۽ راند جي ميدان کي 'فيشن شو' سمجهي پوشاڪن ۽ لباسن سان توهان کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهن کي جيڪي لٽي ڪپڙي جا اصل

گهرجائو آهن. هي توهان سان خوشحالين ۽ انقلابن جون ڳالهيون ڪن پيا پر اهو نه ٿا ڏسن ته توهان جي صحت ۽ چڱيلائي جا ڪهڙا حال آهن، توهان جا ڏنڌا ۽ روزگار ڪيئن پيا هلن. توهان جي پورهئي ۽ محنت کي سوين قسمن جا ڪوئا ڪيئن کائي ناس ڪري رهيا آهن.

۽ معزز سنڌي عوام توهان جي قومي مسئلن جو ورد به هنن جي زبان تي آهي. هو توهان جي وڏن وڏن مسئلن جون تسبيحون اخباري بيانن ذريعي پڙهندا رهن ٿا پر نه ته قومي مسئلن جو اُڪلاءُ ٿيندو نظر اچي ٿو ۽ نه سماجي استحصال منجهان اوهان جي جند آجي ٿيڻ ۾ ڪا مدد ملي رهي آهي. توهان جي علم ۾ آهي ته هر سياسي پارٽي جا ڪارڪن شهرن توڙي ڳوٺن ۾ موجود آهن ۽ ڪچهرين ۾ گهٽين ۾ اوطاقن ۽ هوٽلن تي پنهنجن ليڊرن ۽ پارٽي پروگرامن جي ساراهه ڪن ٿا پر ماڻهن جي عام ڏکن سورن ڏانهن بخار، بيماري، پوليس جي ڏاڍاين، پلاوتي ۽ واپاري جي لٽ مار، ٽرانسپورٽر جي زيادتين، ميونسپل، ٽائون ڪاميٽي ۽ يونين ڪائونسل جي پيدا ڪيل ڏکن ڏوجهرن، بيروزگاري جي تڪليفن کان ڇڏائڻ ۾ سنڌن ڪهڙي مدد ڪن ٿا. جڏهن ساڻن اها ڳالهه ٿي ڪجي ته چون ٿا ترسو انقلاب اچي يا پاڻ اقتدار ۾ اچن ته پوءِ سڀ ڪجهه ٿي ويندو.

پيارا عوام! توهان هي سڀ ڪجهه ڏسو ويٺا، ته اسٽيڊيم ۾ بيٺل هي ماڻهو توهان جو لحاظ نه ٿا ڪن ۽ توهان جا مقصد اڪٽي ڪٽي هلڻ بدران پنهنجي چنبڙ ڦوڪ ۾ پورا آهن. قومي سطح تي جيڪي هاڃا ٿي رهيا آهن، تن مان مکيه ۽ ٻرندڙ هن ريت آهن ۽ توهان ڏسو ته اهي مسئلا آخر وڏن اڳواڻن جي موجودگي ۾ حل ڇو نه ٿا ٿين.

١- سنڌ ستر سيڪڙو بڻ آهي ۽ سنڌو درياهه جو پاڻي مٿان قيد ڪيو ويو آهي. ٿر، نارو ڪوهستان ۽ ڪاڇو زبردست پسماندگي جو شڪار آهن ۽ اُتي جا ماڻهو معاشي بدحالي، ٻارڙن جي تعليم، پيئڻ جي پاڻي، علاج جي سهولتن، بجلي ۽ زندگي جي انهن آسائشن کان محروم آهن جيڪي شهرن کي مليل آهن.

٢- سنڌين، جن پاڪستان کي ٺاهڻ ۽ وري ان کي جمهوري نموني هلائڻ جو ٺيڪو کڻي رکيو آهي ۽ جنهن لاءِ هنن کي پنهنجو رت ست به ڏيڻو ٿو پوي، انهن جي ٻولي کي قومي حيثيت نه ٿي ڏني وڃي.

٣- سنڌ ۾ ڌارين ماڻهن جي يلغار جاري آهي.

۴- سنڌ تي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻهارين جي اچڻ جو خوف به ڇانيل آهي.

٥- سنڌ ۾ دهشتگردي، ڌاڙا ۽ اغوا عام جام آهن.

٦- ڪراچيءَ ڊيولپمينٽ اٿارٽي قديم سنڌين کي ڏکڻ آفريڪا جي ڪارن وانگر واڙي محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ هرڪا حڪومت اقتدار بچائڻ لاءِ پلاٽن جي بدعنواني جو ڪاروبار ڪري سنڌ کي ورهائڻ واري عمل ۾ هٿ وندائي رهي آهي.

هزار شڪايتون ۽ مسئلا آهن جن جي نتيجي ۾ اسان ڏکيا آهيون. اسان جي توهان عوام کي گذارش آهي ته هنن سيني ڳالهين جو نوٽيس وٺو ۽ هنن کان پڇائون ڪريو ته هي سڀ ڇو آهي ۽ عذاب ڪڏهن ۽ ڪيئن ختم ٿيندا ۽ هنن وٽ اهي ئي هاٺوڪا طريقا ۽ آسرا آهن يا ٻيو ڪجهه به مٿن نازل ٿيڻ وارو آهي.

*عوامي آواز، جمعو 19 جنوري 1990ع*

# — سنڌين جا تاريخي حق گهرجن —

وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو ٺٽي ۾ هارين ۾ زمينون ورهائڻ واري تقريب ۾ اعلان ڪيو تہ جمهوري حڪومت ضياءَ آمر جي ڏينهن ۾ سپر هاءِ وي سان لڳ ۽ ٺٽي جي پاسي مختلف اسڪيمن جي نالي ۾ جيڪا چار لک ايڪڙ زمين وڏن ماڻهن کي ڏني وئي هئي ان منجهان پوڻا ٽي لک ايڪڙ واپس ورتي آهي. گذريل آمريت ۾ سنڌ جي وسيلن تي جيڪا لٽ مار ٿي، اها جيتوڻيڪ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هلندڙ ڦرلٽ جو تسلسل هئي، جن چئن لکن ايڪڙن جي ڳالهہ ڪئي آهي سي وڏن سرمائيدارن، فوجي ڪامورن ۽ ٻنگ ماڻهن کي سياسي رشوت طور مختلف زرعي اسڪيمن جي نالي ۾ ڏنيون ويون هيون. اسان محترمہ وزيراعظم جي هن پڌرائي جي آجيان ڪندي سنڌ جي ماڻهن کي مبارڪون ڏيون ٿا.

پر ساڳئي وقت اهو بہ ٻڌائي ڇڏيون تہ اتي اسان جي ڏکن جو انت نہ ٿو ٿئي ۽ نہ انهن چئن لکن ايڪڙن جي مڪمل واپسي سان ۴۲ سالن جي عذابن جو ازالو ٿو ٿئي. خوشي جي ڳالهہ آهي تہ وزيراعظم وٽ نقصان جي ازالي جو تصور آهي ۽ جڏهن اهو آهي تہ پوءِ ان کي عمل ۾ اچا بہ اڳتي وٺي هلڻ گهرجي.

اسان وزيراعظم ۽ حڪومت ڪندڙ پارٽي کي ياد ڏياريون، تہ سنڌ ۾ ايم آر ڊي هلچل وقت فوج جيڪي عقوبتون ڪيون ۽ ان کي سنڌ جي ماڻهن طرفان جيڪا مزاحمت ملي ان سان خود پنجاب ۾ ڪن چڱن ماڻهن کي سنڌين جي صورتحال معلوم ڪرڻ جي ضرورت پئي ۽ پ پ سان تعلق رکندڙ لاهور جي ائڊوڪيٽ محمود مرزا سنڌ ۾ اچي ڪجهہ حقيقتون ۽ انگ اکر گڏ ڪري 'سنڌ جو مقدمو' جي صورت ۾ اخبارن ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو. محمود مرزا سنڌ ۾ ڪليمن ۽ ون يونٽ ۾ انعام طور فوجين کي زمينون ڏيڻ کان سنڌ سان ٿيندڙ ظلم جو جائزو ورتو ۽ ضياءَ جي دور ۾ ماڻهن جي سياسي حقن مارجڻ تائين پهتو هو.

بي انصافين کي جيڪڏهن تاريخ جو حصو بڻايو وڃي تہ ظلم جا ڦٽ بہ دير تائين چڪندا رهندا آهن ۽ ڦٽيل ماڻهو، ڦٽيل قومون مناسب علاج ٿيڻ کان اڳ ڪٿي خاموش ٿي سگهن ٿيون؟

اسان سمجهون ٿا تہ سنڌ جي ڏکن جو ازالو ڪرڻو آهي تہ ڪليمن ۽ ون يونٽ ۾ جيڪي بہ ظلم هن قوم کي گونگو ۽ غيرتاريخي سمجهي ڪيا ويا تن سڀني جو ازالو ڪيو وڃي، جو اسان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سنڌي گونگي

قوم ناهي ۽ اها تاريخي بہ آهي. سنڌين جي گهڻ طرفي ڏاهپ جي ڪنهن کي چندچاڻ ڪرڻي هجي، تہ ملڪ ۾ بہ پيرا ٿيل فضليت وارين عام چونڊن ۾ هنن جو فيصلو ڏسو. ١٩٧٠ع ۽ ١٩٨٨ع وارا يڪمشت فيصلا، احتجاج ڪرڻو آهي تہ ١٩٨٣ع ۽ ١٩٨٦ع واري هلچل ڏسو. هنن جي دانش ۽ ڏاهپ ڏسڻي آهي، تہ پاڪستان جي سيني ٻولين ڪان اڳڀرو هنن جو ادب آهي.

سنڌين ۾ اُهي سڀ گڻ آهن جيڪي ڪنهن حقن حاصل ڪرڻ جي لائق قوم وٽ هئڻ گهرجن ۽ گهڻ ۾ گهڻ پيپلز پارٽي کي تہ اهڙو ويساهہ ضرور اچڻ کپي. ان ڪري اسان چئون ٿا تہ قديم تاريخي زمانن کان وٺي سنڌين جي خلاف جيڪي دشمن رويا موجود آهن تن ڏانهن هينئر واري سرڪار عدالتي ذريعن سان صفائي ڪرائي. اهي دشمن رويا اسان سان هر حملي آور قوم وارا رکيا آهن. غزنوين خلجين، تغلقن، مغلن، ارغونن يا ترخانن جڏهن بہ سنڌ تي اچرايون ڪيون تڏهن هنن جي درٻاري مورخن سنڌين کي ڪافر چئي ماريو. ساڳي ڳالهہ لياقت علي خان ۽ سندس ٽولي جي ماتهن ڪئي، جماعت اسلامي ڪئي، مسلم ليگ ڪئي ۽ هينئر بہ ياد رهي تہ هو جڏهن سنڌين کي ڪافر چون ٿا تڏهن هنن جو مطلب بلڪل واضح آهي. ڪافر جا وسيلا، ملڪيتون، زمينون، پاڻي، تيل ۽ معدنيات هن لاءِ غنيمت جو مال آهن. ان ئي حوالي سان ضياءَ، آءِ جي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم اسان جي زندهہ رهڻ جو حق رڳو ايستائين مڃڻ لاءِ تيار آهن تہ اسين سندن مقصدن لاءِ ڪيڏا ڪارائتا ٿي سگهون ٿا. اسان جي جيئڻ جي هي ڪابہ صورت هنن کي قبول ڪانهي.

هاڻي اسان توهان جا ووٽر بتجي چڪا آهيون ۽ توهان خود اقرار ڪريو ٿا تہ سنڌين جي توهان سان محبت هڪ طرفي ناهي پر توهان بہ ساڻن محبت ڪريو ٿا.

محترم نياڻي! جڏهن ائين آهي تہ پوءِ سنڌين سان ٿيل ڏاڍاين جي ازالي جي شروعات ٿيڻ گهرجي ۽ ان ڪم جون حدون طئي ٿيڻ گهرجن. اسان توهان کي هدايون ٿا تہ هينئر پاڪستان ۾ آمريت جا جراثيم ۽ جمهوريت دشمن ٽولا مضبوط ئي ان ڪري آهن جو هنن سنڌ جو رت پيتو آهي. رت پيئاڪ جرين منجهان نپوڙي رت ڪڍبو تڏهن ئي انهن جو سازشي رت ختم ٿيندو.

سنڌ جو بلڪ پاڪستان جي سيني قومن جي قومي مسئلي ۽ قومي حقن کي تاريخي مدد رسي رهي آهي. جڏهن سوشلسٽ بلاڪ ۾ بہ قوميتون پنهنجا وڏيڪ حق گهري رهيون آهن توڙي جو اُتي آئيني طرح ڪين علحدگي جو حق بہ مليل آهي. اسان علحدگي جي ڳالهہ بہ نہ پيا ڪريون بلڪ چئون ٿا تہ پاڪستان سنڌو درياهہ جي ڪناري تي وسندڙ قومن جو ملڪ آهي ۽ انهن جي وچ ۾ سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي آزادين ذريعي جيڪو مثالي اتحاد ٿي سگهي ٿو سو موجوده طرح جي پاڪستان ۾ نہ ٿو ٿي سگهي، جتي سنڌي پاڻ کي نيم بيٺڪي صورتحال ۾

محسوس ڪن ٿا.

ان ڪري اسان چئون ٿا تہ سنڌ جون رڳو زرعي زمينون نہ کسيون ويون آهن پر صنعتي عمل ذريعي سنڌين کي ريڊانڊين بنائڻ جا پورا جتن ٿيا آهن. صنعتون سنڌ ۾ هجن ۽ انهن ۾ سنڌي نہ هجن، نہ مالڪ سنڌي هجن ۽ نہ مزدور سنڌي هجن، نہ سنڌين جي معاشي حالتن ۾ ڪو سڌارو اچي پر پنهنجي زمين تي بہ ماڻهن کي ڏهہ وڪون اڳتي ۽ پاڻ کي ويهہ وڪون پوئتي پوندو ڏسون تہ ان حالت کي پنهنجي خاتمي سان تعبير ڪيئن نہ ڪريون. غلامي جي ان حالت کان بچڻ لاءِ اسان ڪجهہ مطالبا هيٺين ريت ڪريون ٿا.

١- سنڌ ۾ فوجين کي انعام ۾ ڏنل زمينون واپس وٺي سنڌي هارين کي ڏيو.

٢- ون يونٽ واري دور ۾ مختلف اسڪيمن هيٺ سنڌ ۾ فوجي ۽ سول ڪامورن کي ڏنل زمينون واپس وٺو ۽ سنڌي هارين ۾ ورهايو.

٣- سنڌ ۾ ٻاهريان ماڻهو جيڪي بہ صنعتون قائم ڪري چڪا آهن تن جي سنڌ حڪومت کي رائلٽي ڏياري وڃي ۽ ڪارخانن ۾ مرحلن ۾ سنڌي مزدور رکيا وڃن ۽ ٽن سالن تائين سنڌي مزدورن جو تعداد انهن ڪارخانن ۾ اسي سيڪڙو ڪيو وڃي.

٤- سائيٽ ڪراچي، نوري آبادي ۽ ڪوٽڙي ۾ سنڌ جي زمين تي صنعتي پلاٽن جي نالي ۾ جيڪا لٽ مار ٿي آهي سا سڀ اٿلائي وڃي ۽ الاٽمينٽ ۽ هيٺ ٺيل وڪرن جي تفصيلي جاچ ڪرائي وڃي ۽ ان جا نتيجا عوام جي سامهون آندا وڃن.

٥- سنڌ جي تيل ۽ ٻين معدني وسيلن جي آمدني سنڌ جي حوالي ڪئي وڃي ۽ پرڏيهي ڪمپنين سان تيل جي کوٽائي ۽ صفائي جا جيڪي شرط طئي ڪيا ويا آهن سي سنڌ جي ماڻهن اڳيان رکو. اسان پاڻ سان ڪا بہ واجبي ڏئي تہ انهن شرطن تي نظر ثاني ڪرڻ، معاهدن کي ٽوڙڻ يا متبادل انتظام جو حق سنڌ جي عوام وٽ محفوظ سمجهون ٿا.

٦- ڪراچي جا ڳوٺ اجاڙڻ واري هلايل سلسلي کي شروعات کان اُٿلايو وڃي.

صوبائي خودمختياري ۽ قومين کي آئيني ضمانتون ڏيڻ ۽ سنڌن وسيلن تي سنڌن حق قائم ٿيڻ سان اسان پنهنجي ترقياتي رٿابندي نئين سر ڪنداسين. بس اهائي واٽ آهي "منهنجو ڪجاڙو پيئر هن پنيور سان" واري حالت منجهان نڪرڻ جي.

*عوامي آواز، 26 جنوري 1990ع.*

Gul Hayat Institute

# سنڌ يونيورسٽي بابت سڄي قوم آڏو ڪجهه سوال

سنڌ يونيورسٽي بابت خبر آئي آهي تہ هن وقت گهڻ طرفن مسئلن ۽ بدانتظامين جو شڪار ٿي وئي آهي. وائيس چانسلر ملڪ ۾ ڪونهي. مسئلا منجهي ويا آهن، جيئي سنڌ وارن چتاءُ ڏنو آهي تہ سنڌن هڪ ساٿي آزاد نہ ٿيو تہ امتحانن جو بائڪاٽ ڪرائيندا، ايس ايس ٽي وارن جو چوڻ آهي تہ ٢٧ فيبروري فاضل شهيد جي ورسي جو ڏينهن آهي، ان ڏينهن تي پيپر ٿيو تہ ڦاڙي ڦٽو ڪندا. ڪجهہ بيا عمدار پنهنجا فرض ڇڏي ڀڄي ويا آهن، ڪن استعفائون ڏنيون آهن ۽ استادن ۾ ڌڙي بندي جي سياست آهي.

شاگردن ڪان وٺي استادن تائين ڪو بہ اهڙو پختو خيال ظاهر نہ ٿيو آهي، تہ هي ڪو سنڌ جي ماڻهن جو ادارو آهي، ڪنهن جي امانت آهي، هن اداري جو ڪو مرتبو، ڪا حيثيت آهي ۽ هن اداري ۾ ڪم ڪندڙ هرهڪ ماڻهو تي ڪي قومي ۽ انساني فرض بہ آهن، خيرپور ۾ شاهہ لطيف يونيورسٽي ۾ بہ لڳ ڀڳ اهڙي قسم جي حالت آهي ۽ ڪراچي يونيورسٽي تي دهشتگردن جو قبضو آهي.

ڪيو آهي ڪنهن حساب؟ تہ سنڌ جي سياست، معيشت، سماجيات، زراعت، تعليم، سائنسي روين ۽ زندگي ڪي سمجهڻ وارين هزارين معقوليتن جي پينگ ڪنهن ڪئي آهي؟ سطحيت، چسائپ ۽ خوامخواهہ جي قومي ڦونڊبازي جو ذميوار ڪير آهي؟ سڪٽي جذباتيت ۽ هوا ۾ لٺيون ڦيرائي گڏو پهچائڻ جهڙو ڪنهن ڪيو آهي؟ پڙهيل ماڻهن جي روين ۾ چڙواڳي ۽ غيرذميداري، لاپرواهي ۽ ڌرتي تي اجايو فضول بار بنائڻ ۾ ڪنهن جو هٿ آهي؟ اڄ ڇو اسان سڀ مونجهہ ۽ نااهليت جي چوواٽي تي بيٺا آهيون؟ ڇامشوري جهڙو سنڌ جو جنت جو ٽڪر سُس پُسن، ڪلائن، غيبتن، اڻ سهپ جي 'عطر عنبيرن' لاءِ زرخيز خطو ڇو بڻجي ويو آهي؟

استادن جو احترام ڇو نہ ٿو ٿئي؟ شاگردن جي ذهني پالنا مناسب طرح سان ڇو نٿي ٿئي؟ ڇو سنڌ يونيورسٽي، سنڌ لاءِ بدنامي جو ٽڪر بنجي وئي آهي. ڇو ريل گاڏين ۽ بسن ۾ ويٺل پنهنجا سنڌي ماڻهو، سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن کان بيزاري ظاهر ڪن ٿا؟

اچو تہ پنهنجو پاڻ سان سچ ڳالهائڻ جهڙي ڪجهہ همت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. سڀ کان اڳ اهو تہ جيڪڏهن ڪي ٿورا گهڻا شاگرد اڳيرا ٿيا آهن، تہ

Gul Hayat Institute

اُهي پنهنجي انفرادي ڪوششن سان، ۽ جيڪڏهن ڪن شاگردن ۾ ڪم جو سياسي يا ادبي شعور آهي بہ ڪٿي تہ ان ۾ يونيورسٽي جو ڪو حصو ڪونهي. اهو علم سان ٿوري ٿڪي وابستگي رکندڙ سياسي يا سنڌي ادبي سنگت جهڙين تنظيمن جو ڪم آهي جيڪو هنن سرڪاري گرانٽن کان سواءِ ڪيو آهي.

اجوڪي بدانتظامي، ڇڙواڳي ۽ سازشي ماحول جي موجودگي جهڙن ڪُهن ڏوهن جون ذميداريون طئي ڪريون.

ٿوري تڪليف ڪري پنهنجي يونيورسٽي جي هڪ هڪ شعبي جو دروازو هلي کڙڪايون. سوشيالوجي ۾ ڪيترا پروفيسر، اسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرار آهن؟ گهڻن سالن کان موضوع تي ڪم ڪري رهيا آهن؟ ڪيتري بجيٽ هن مهل تائين مٿن خرچ ٿي چڪي آهي؟ سنڌ جي عمرانيات جا گهڻا اهم مطالعا هن وقت تائين سامهون آندا آهن. ڪهڙو سنڌ جي سماجيات جو هن مهل تائين ڪو ڪم جو مطالعو ٿيو آهي؟ پاڪستاني سماجيات، عالمي سماجيات جي ڪهڙين نين تحريڪن ۽ اثرن ڪي ڪٿي هن ملڪ جي ماڻهن جي موضوعن تي ڪهڙيون ڇرڪائيندڙ نيون ٿيسز سامهون آيون آهن؟ ساڳيا سوال سياست، تاريخ، فلسفي، زبان، مذهب، معيشت، جاگرافي، نفسيات، تعليم، صحافت ۽ طبي سائنسز پاڙهڻ وارن کان پڇيا وڃن. هنن قومي ذهن کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي، انساني ترقي لاءِ جنهن ذهني ڦڙتي، شعور، حساسيت ۽ تخليقي روين جي گهرج آهي، سا ڪيتري حد تائين پوري ڪئي وئي آهي؟ انهن سڀني علمن جا سنڌ جي معاشري کي ڪهڙا ڪارائتا عملي فائدا ٿيا آهن؟

اهو بہ سوال آهي تہ سنڌ جي مجموعي پستي، ذلت ۽ زوال جي داخلي يا اندروني سببن جو گهڻو سيڪڙو يونيورسٽي مان آيل آهي؟

سون جي تعداد ۾ ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون ورهايون ويون آهن. پر ڪن ٿورن کي ڇڏي باقي سڀ ڏينگهرن تي اٿو هاريو ويو آهي ۽ اهي سڀ شيون، عوام جو پئسو خرچ ڪري ڪيون ويون آهن. اها سڄي تباهي عوام جي قيمت، ملھ ۽ نالي تي ٿي آهي. ان تباهي جي وڏي حصي لاءِ اوزار طور اسان جي غلام ذهنيت ڪم ڪيو آهي. جيڪي بہ شعبا آهن تن ۾ انهن جي نالي وارن علمن جي روح کي ڇليو ۽ چيٿاڙيو ويو آهي.

ان هاڃي، ان زيان ۽ ان مرمت نہ ٿي سگهندڙ نقصان ۾ سرڪار بہ برابر جي ڀائيوار آهي. صحافت بہ ان ڏوھ ۾ شريڪ آهي ۽ ڪير بہ پاڻ کي ان ۾ بيڏوھ قرار نہ ٿو ڏئي سگهي. پر جڏهن زوال جي سمورن مرضن جي اسپتال تي يونيورسٽي پاڻ بيمار هجي تہ پوءِ باقي ڪنهن تي ڪهڙو ڏوھ!

اسان کي ان سوال تي سوچڻ جي ضرورت محسوس ڇو نہ ٿي ٿئي تہ يونيورسٽي شاگردن ۾ تخريبي ۽ فضول لاڙا ڇو ٿا پيدا ٿين. ڇو شاگردن ۾

Gul Hayat Institute

زندگي جي لکين پاسن کي پروڙڻ ۽ پرجهڻ واري يڪسوئي پيدا نہ ٿي ٿئي. اهي تعليم کان فارغ ٿي گهر ۽ معاشري تي بوجهہ ٿيو ٿا بنجي وڃن. يونيورسٽي ۾ استادن جي ڀرتي انهن ئي دانشوراڻي سطح جي سنڌ اداري جي پوزيشن هولڊرن ۽ فرسٽ ڪلاس ڪٽڻ وارن مان ٿئي ٿي. ڇا اهو معيار ڪو فائدو ڪٿي آيو آهي. آهي ڪو قومي اڏاوت جو اعليٰ شعور ۽ احساس. ڊاڪٽر پيدا ٿين ٿا صحت جي خدمت ڪاروبار بنجي وڃي! انجنيئر پيدا ٿين ٿا اريگيشن، هاءِ ويز ۽ واپڊا رشوتون کائين. ڇا اهي سڀ افعال پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو نه آهن. ڇا يونيورسٽي قوم کي مٽي ۾ لڳندڙ ڪهاڙن جي فئڪٽري جو نالو هوندو آهي؟ هزارين نعريباز سياستدان هزارين بدعنوان ڪامورا ڏهي ملڻ ۾ قوم جو ڪهڙو ٿو ڀلو ٿئي!

اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن بدانتظاميون ٿيون ٿين. استادن ۾ غلط سياست بازي ٿي پيدا ٿئي ۽ وائس چانسلر کي پنهنجا من پسند ٽولا ڏاهتا پون ٿا تہ ڪنهن جو ڪهڙو واسطو.

حڪومت جا هٿ بہ پاڻ کي لڳل آهن. ان وٽ ايترا وسيلا ڪٿان اچن جو شاگردن کي وڏيڪ ذهين، تخليقي، دردمند، وطن پرست ۽ انسان دوست بنائڻ وارو سامان مهيا ڪن. هن کي تہ جنگي سامان خريد ڪرڻو آهي. جيڪو آهي سو اٽپوريون شيون، اٽپورا ۽ ڪوڙا ماڻهو پيدا نہ ڪري ڏينديون تہ ٻيو ڇا ڪنديون؟

آمريڪا، برطانيا ۽ دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ ترقي آهي، تہ اها ترقي يونيورسٽين مان رٿابندي جي صورت وٺي نڪري ٿي، پاڻ وٽ زوال آهي تہ اهو بہ اسان جي يونيورسٽين مان رٿابندي جي شڪل وٺي نڪري ٿو.

اسان هرهڪ ماڻهو کان سوال ڪريون ٿا تہ هن جهنم جهڙي بيزار ڪندڙ صورتحال جو ڪو حل آهي؟؟؟؟

*عوامي آواز، 12 فيبروري 1990ع.*

Gul Hayat Institute

# سنڌ واسيو غلامين خلاف اٿو

هزارين ورهين جي قديم تهذيب جا وارثو! توهان پنهنجي روح جي بي انت شاهوڪاري، لامحدود ذهني صلاحيتن ۽ سمنڊ جيڏي دل وارا ماڻهو آهيو- توهان وٽ محبتن ۽ ويساه جا ڀنڊرا آهن. توهان جنهن تي راضي ٿيو، جنهن کي پنهنجي ٻاجهه بخشيو ٿا ته قسمتون به انهن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو ٿا. ايڏي سيڙپ، ايڏي سخاوت ۽ ايڏي قرباني ڏيڻ کان پوءِ به توهان هڏڙين جي مٺ بڻيا پيا گهمو! سڀ ڪجهه توهان وٽ آهي تڏهن به توهان محتاج بڻايا ويا آهيو. توهان جي درن تي ڪلنگين وارا اچي ڌڪا کائين ٿا تڏهن به توهان مست ملنگ ٿيو پيا هلو.

سچ پچ توهان پنهنجي سوين عظمتن جي هوندي ڏايا سادا، ۽ سڀاجها آهيو جو پنهنجي عظمتن کي ليڪيو ئي ڪونه ٿا. پنهنجيءَ تي ٿا اچو ته هزارين سر ترين تي رکي ميدان تي هليا اچو ٿا. سرن جي سئن هٿن وارن کي ڪڏهن به توهان هٿين خالي نه ڇڏيو آهي. توهان ته توڪل تي به پنهنجو سڀ ڪجهه قربائڻ لاءِ تيار ٿي وڃو ٿا ۽ قرڻ وارن کي قر جي ڏکهي سفر ۾ ٿڪائي وجهڻ وارا آهيو. ڪيئي توهان جا دشمن توهان جي صبر ۽ سهپ جي آويءَ ۾ هجي، تباه ۽ ناس ٿي ويا. توهان عجب ماڻهو آهيو! جو قاتل کي به رعايت ڏيو ٿا. ظالم ۽ غدار کي به سندس پنهنجي ظلم ۽ غداريءَ جي ترڪڻ ۾ ترڪي ترڪي ذليل ٿيڻ جو پورو موقعو ڏيو ٿا. سچ پچ توهان ڀهرئين درجي جا انسان دوست آهيو ۽ توهان جي ديڳ ڏاڍي دير سان تپي ٿي.

توهان جو ظلم سهڻ جو دم تمام ڏکهو آهي، ايترو جو توهان جو دشمن به اهو سمجهي بغل هڻندو هليو وڃي ته هن توهان کي ناس ڪري ڇڏيو! پر توهان پِٽ تان دنبوري تي لطيف جي بيتن جي گونجار ۾ پنهنجي وجود جي ڳالهه ڪريو ٿا. شاعري، موسيقي، ٻوليءَ جي مٺاڻ ۽ محبتن جا واس توهان جي وجود جا اظهار آهن.

توهان ڪنهن آڪڙيل سان آڪڙجو نه ٿا. ڪنهن ترڙي سان ترڙائپ نه ٿا ڪريو. بدمعاش سان بدمعاشيءَ کي مقابلي ۾ نه ٿا آڻيو. پر توهان شاه عنايت شهيد آهيو، مخدوم بلاول آهيو، هوشو، هيمون، ذوالفقار ڀٽو، نذير عباسي، فاضل راهو، ٨٣ واري هلچل جا شهيد ۽ اڄ ڏينهن تائين حيدرآباد ۽ ڪراچي جي رستن تي دهشتگردن جي هٿان بيگناه ٿيندڙ شهيد آهيو. تڏهن به توهان پنهنجي

Gul Hayat Institute

عوام ۾ اسان جي مزاج ۾ انسان دوستي کي غلط رنگ ڏيڻ واري آقائيت جي غلاميءَ ۾ اسان کي سوڙهو ڪيو ويو آهي- ۽ پاڻ وٽ اهائي توڪل آهي ته ”گهڙو ٻڳو منڊ مئي، وسيلا ويا، تهان پوءِ سئا سهٽي سڏ ميهار جا.“ اسان کان سڀ ڪجهه ڦرجي ويو آهي، هاڻي اڇو ته ميهار جا سڏ ٻڌون، ۽ سمجهون ته ميهار ڇا چوي ٿو:

ميهار چوي ٿو سيني غلامين جا طوق لاهيو. سڀ ڊينگهر پاڻ تان هٽايو جيڪي پنهنجن ۽ پراون پاڻ تي سٽي پٽيون رهڙي وڌيون آهن. جنهن پاڪستان کي ٺاهڻ، بچائڻ ۽ جتي جمهوريت آڻڻ جو ذمو توهان ڪٽي بيٺا آهيو اُتي اهو به ثابت ڪريو ته توهان حق تي آهيو. ڪاموراشاهي، اخباري مافيا، آءِ جي آءِ، سمورن مارشلائي ٽولن سان وڙهڻ لاءِ ۽ پنهنجي معاشي آزادين لاءِ پاڻ تي ڀاڙڻ شروع ڪريو. ٻين جا آسرا ڇڏيو. حڪومت کي پنهنجو حاڪم نه پر مطيع بڻايو اخباري مافيائن جو ٽوڙ ڪريو بيروزگاري خلاف پاڻ کي منظم ڪريو. جنهن حالت ۾ اڪيلا سرمائيندار، صنعتن جا مالڪ ٿين ٿا ته پوءِ عوام پاڻ پنهنجي لاءِ صنعتون ڇو نه هٽي. وڏيري جي ٽيليفون تي پوليس جو ڪامورو ٻڌ- ڇوڙ ڪري ٿو ته عوام جي اڳيان ڪيس آڪڙ ڪرڻ جو اختيار ڇو ڏنو وڃي. جيڪي قانون عوام جي خلاف استعمال ٿين ٿا انهن جي جاءِ اهڙا قانون ڇو نه وٺن جيڪي عوام جي دشمن جي خلاف ڪم اچن. قانون تي عمل ڪرائڻ وارا ادارا جيڪڏهن ناڪام ۽ نامراد ثابت ٿي چڪا آهن ته پوءِ پنهنجا ادارا ڇو نه ٺاهيون. جن لفظن جي ڪيڏ سان اسان کي ڏُتاريو وڃي ٿو، انهن جي جاءِ تي اهڙا لفظ ڇو نه اچن جيڪي دوکو نه ڪري سگهندا هجن. جيڪي امير وزير پنهنجون راتيون عوام تي اونده مڙهڻ جي مُلهه تي رنگين بڻائين ٿا تن لاءِ ٿامي ڌرتي ڇو نه ڪٽي اچجي.

*عوامي آواز، جمعو 16 فيبروري 1990ع.*

Gul Hayat Institute

# سمورا سياستدان ڏيان ڏين ۽ جواب به ڏين

محترم سياستدانو!

اڄ جڏهن نوي سيڪڙي ڏجهايل عوام جي طرفان ڪجهه سوال کڻي توهان جي حضور ۾ هٿ ادب جا ٻڌي حاضر ٿيا آهيون، تڏهن سڀ کان اڳ واضح ڪريون ٿا ته جيڪي فرق توهين هڪ ٻئي ۾ ڪريو ٿا سي سڀ ختم آهن. توهان مان اڪثريت جا هڪٻئي سان وڏا اختلاف آهن. پر اسان توهان جي اختلافن کي پنهنجي نظرن ۾ ختم ڪري سوالن ڪرڻ جي حجت ڪري رهيا آهيون. توهان جو تعلق ڪهڙين پارٽين سان هجي پر اسان توهان کي هڪ ئي پارٽي سمجهي مخاطب ٿي رهيا آهيون. توهان حيران ته ضرور ٿيندا ته هڪڙا پيپلز پارٽي ۾ آهيو، ٻيا مسلم ليگ ۾، ٽيان قومپرست، چوٿان ترقي پسند، پنجان مذهبي، ۽ الائي ڪير ڪير، پوءِ هي توهان کي هڪ ئي جنس ڇو ٿو ٻڌايو وڃي. ته ٻڌو! اسان جا سوال توهان سڀني تي هڪ جهڙا ۽ هڪ جيترا لاڳو ٿين ٿا. سوالن جي سلسلي ۾ توهان ڪنهن به رعايت جي لائق ناهيو- ڇو جو هي سوال توهان کان عوام ڪري رهيو آهي، جنهن جي قيادت جا دعويدار آهيو.

هي سوال جنهن صورتحال منجهان نڪري توهان تائين پهچي رهيا آهن، ان کان نه رڳو واقف آهيو، پر گهڻي ڀاڱي ان لاءِ ذميدار به آهيو. حڪومت ۾ هوندي، توڙي حڪومت کان ٻاهر- توهان جو هڪڙوئي ڳڻ- ڪهاڙو آهي- ته توهان ليڊر آهيو- توهان جي انڪلن ۽ شاهوڪارين، توهان کي ليڊر ضرور بڻايو آهي، جو اسان کي خبر آهي ته توهان اخبارن کي ڪيئن ڪم آڻيندا آهيو. ان ۾ شڪ ناهي، ته توهان قربانيون ڏنيون آهن- بلڪل ڏنيون آهن- جيلن ۾ به ويا آهيو، اقتدار جي عشق ۾ توهان ناڪاميون به ڏٺيون آهن، پر پوءِ به توهان جي عزمن ۾ تر جيترو فرق نه پيو آهي. ڪيڏو نه توهان جو شان آهي. پر پوءِ به سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهن:

١- توهان سڀ جا سڀ عوام کي مستقبل جا سونهري سپنا ڏيکاريو ٿا، آئيندي جون ضمانتون ڏيو ٿا، پر حال ماٺهو جنهن ظلم واري صورتحال ۾ آهن ان سان توهان جو ڪو واسطو ڪونهي- ڇو؟

ٿي سگهي ٿو، ته توهان سوال کي نه سمجهيا هجو. ان ڪري سوال کي

Gul Hayat Institute

وڌيڪ واضح ڪريون ٿا- عوام جو حال (موجود وقت) ڪٿي جي ڇڪ ۾ آهي ۽ ڪيس ان مان نڪرڻ کپي. پر توهان چئو ٿا، تہ توهان عوام جي آئيندي جي ضمانت آهيو. توهان پنهنجي حياتين اندر ماضي، حال ۽ مستقبل سڀ ماڻيو ٿا. پر عوام هڪ ئي حال ۾ آهي سندس پيرن ۾ پسماندگي جا ڏانوڻ وڌل آهن سندس مسئلا رڳو سياسي بہ ڪونهن جنهن تي توهان هٿ ٻڌيو ويٺا آهيو.

ڳوٺ ۽ ننڍا وڏا شهر گذريل پندرهن ويهن سالن اندر وڌيڪ گندا، وڌيڪ ڏڀارا ٿي ويا آهن. ڳوٺن ۽ شهرن جا ماحول توڙي فضا ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيو آهي. صفايون ڪونهن- شهرن جي ڪثافت ڳوٺن تائين پهچي وئي آهي. پر توهان کي احساس ئي ڪونهي، تہ جنهن عوام جا توهان پاڻ کي چڱا مڙس سمجهي رهيا آهيو سو روز نت. نين بيمارين ۾ گهيرجي رهيو آهي. سامراجي اداري پنهنجي نفعي خوري جي هوس ۾ توهان جي عوام کي مشق جو تختو بڻايو آهي. عالمي طبي ڪمپنين جي نالن سان هتي دوائون مهيا ڪندڙ اهڙيون سوين دوائون هلائي رهيا آهن، جن تي يورپ ۾ پابندي پيل آهي. هن حالت رڳو دڪاندار- ڊاڪٽر پيدا ڪيا آهن ۽ غريب ماڻهو جيڪو ڪمائين ٿا سو ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي ٻلي آهي.

توهان کي خبرناهي. تہ پرائمري کان يونيورسٽي تائين عوام جي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق سوين ڪراهتن جو شڪار ٿي ويو آهي. اسڪول ننڍڙن ٻارن لاءِ ٿاٽا بڻجي چڪا آهن، جتي جسماني تشدد سان گڏ گاريون ۽ بي عزتيون بہ ٻارڙن کي پلئہ پئجي رهيون آهن.

بيروزگاري جي راڪاس ماڻهن کي تباهہ ڪري زندگيءَ کان مايوس ڪري ڇڏيو آهي. ذهن، خلق کان بہ گهڙيون ننڍ ڪرڻ واريون بہ ڪسي ورتيون آهن.

توهان خلق کي مادي ۽ روحاني طرح ڇٽجندي ڏسو ٿا ۽ لطف ماڻي رهيا آهيو. توهان سمجهو ٿا تہ پنهنجن بنگلن ۾ اسپري ڪرائي مکيون ۽ مڇر مارائي پاڻ کي محفوظ ڪري رهيا آهيو. توهان کي غربت جي بيمارين مان ٿيندڙ چوٽ جو بہ اندازو ڪونهي- ۽ توهان بيمارين، بيروزگارين ۽ ذهن جي سٽيل ماڻهن کي جذباتي بڻائڻ تي پنهنجي سياست جو دارومدار رکي حالتن جي ٻرندڙ جهنم تان ڏيان هٽائي، معاشي غلامين کي قائم ۽ مضبوط ڪري رهيا آهيو.

پر اڃا بہ مڙي جي ڳالهہ ٻي آهي: توهان جن معاملن تي ماڻهن کي پاڻ سان گڏ وٺي ٿا هلو، انهن سان بہ سچا ناهيو. ڇو جو توهان پنهنجي پروگرامن تي ماڻهن کي متفق ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهيو. سبب هي آهي جو توهان پاڻ پنهنجي پروگرامن سان سچا ناهيو. توهان پنهنجي ذاتي پذيرائي جا وڏا شوقين آهيو ۽ چاهيو ٿا تہ ماڻهو شخصيت پرستين جي سحر ۾ رهن. ان ۾ توهان کي خاصي حد تائين ڪاميابي بہ ٿي رهي آهي، جنهن ڪري توهان جيئرا بہ آهيو.

*عوامي آواز، جمعہ ١٦- مارچ ١٩٩٠ ع*



Gul Hayat Institute

# سنڌ وڃائڻ جا اسين پاڻ ڪيترا ذميوار آهيون؟

سنڌ پاڻ وڃائڻ جي جنهن خوفناڪ عمل مان گذري رهي آهي، اُن جا سوين منظر آهن. سنڌي تهذيب ڏنڌلائجي پئي ۽ وقت تيزي سان گذري رهيو آهي. سنڌي تهذيب جي بچاءَ جي ذميوار نئين توڙي پراڻين قوتن جي هر ڪوشش، واريءَ جي مُٺ پرڻ ثابت ٿي رهي آهي. ماڻهو خوش ته مَٺ پريل آهي، پر واري ڪٿي ٿي بيهي؟

آخر ڏسجي ته هن لاڳيتي تباهي جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. وڏو ۽ بنيادي سبب سنڌي زبردست ذهين آهن. منجهن صلاحيتن جي ڪوٽ ڪانهي. سنڌ جا اديب ۽ دانشور عالمي مرتبي وارو ادب تخليق ڪن ٿا. سنڌ جا سياستدان پاڪستان جي سياست جا ڪليدي ڪردار آهن. سنڌ جي عام ماڻهوءَ وٽ ڏاهپ جا ڀنڊار آهن. سنڌ جو شاگرد جيڪو پڙهڻ سان چاهه رکي ٿو، سو مجبور حالتن ۾ به مقابلي ڪرڻ جهڙو آهي. سنڌ وٽ لامحدود قدرتي وسيلا آهن. ذهني ۽ جسماني طرح به سنڌ جا ماڻهو بي عيب آهن ۽ سنڌن سياسي شعور جو به پاڪستان ۾ مثال نٿو ملي، پر پوءِ به تباهي راڪيٽ جي رفتار اختيار ڪري چڪي آهي، ۽ پاڻ ۾ غلاميءَ جون سڀ وصفون نه رڳو موجود آهن، پر ترقي به ڪري رهيون آهن. آخر ڇو؟

پهرين ڳالهه ته اسان وٽ ڪوبه مضبوط اجتماعي تصور ڪونهي. جيڪي اجتماعي تصور آهن، سي اڌورا ۽ اڌوگابرا- پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ حڪمرانن چڱائي جو ڪو به هڪڙو ڪم به نه ڪيو، جنهن سان وطن جو ڀرپور اجتماعي تصور ملي سگهي. ورهاڱي جي نتيجي ۾ جيڪو پاڪستان ملڻ ڪپندو هو، سو پاڻ کي نه مليو. حڪومت، معاشري جو تمام اهم ادارو ٿئي ٿو، جنهن جي ذميواري خلق جي حوصلن، آزادين ۽ ترقين لاءِ دلي اُڌمن ۽ جذبن کي وڌائڻ هوندو آهي؛ پر هتي حڪومتن پنهنجي اهڙي ڪابه ذميواري پوري نه ڪئي. اُن جي اُبتڙ، حڪومتن عوام جي خلاف طاقتور ترين تخريبڪاريون ڪيون، جنهن سبب سون ورنيون دليون، روح ۽ ذهن ڇيٽارڇي بيزارين ۽ بيگانگين جي ڪُن ۾ گهيرجي ويا. اُتما، جذبا ۽ خوشيون سرڪاري تنگ نظرين جي بلدوزرن هيٺان چٿجي ويون.

سنڌ جي ماڻهن کي پاڪستان جي اندر روحاني اطمينان جو ڪوبه مرڪزي نقطو حاصل نه ٿيو. اڄ تائين سنڌ جا ٻائيتاليهه سال ڪاڄي ويا. ڪنهن قوم جا ٻائيتاليهه سال زيان ڪرڻ جو مطلب سمجهو ٿا؟ ان نقصان جي ڪٿ ڪرڻ

Gul Hayat Institute

ويهجي، تہ اهو قديم يونانين کان وٺي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي حملن ۽ قبضن ۾ ٿيل نقصان پٽيءَ ۾ بہ نہ ايندو! اڳي تہ سنڌين لاڳيتو مزاحمت ڪئي هئي، پر هاڻي هو کهڙي ويڙهہ ڪن. وڏي ڳالهہ تہ سنڌين جي خودداري روح جي پاتال تائين زخمي ٿي وئي آهي. انفراديت پرستيءَ جو سهڻو، دل لڀائيندڙ، تن آسان ۽ دلين ۽ ذهنن کي هوا سان ڀري ڪيئي ماڻهن کي عظيم، لافاني ۽ قدرت جو شاهڪار بنائي چڪو آهي.

پاڻ انفرادي طرح زبردست ماڻهو آهيون. شاعر چواڻي "هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو، هر ڪا دل هيرن جي کاڻ". پر 'هرڪو' جنهن جو گردان ۽ اندر توڙي ٻاهر، هڪ ٻئي جي واتان ورجاءَ ڪرائي، قومي جيئاپي لاءِ گهربل اجتماعيت جو اسان ڪنڌ ڀڃي ڇڏيو آهي. هاڻي اسان وٽ حقيقي معنيٰ ۾ اجتماعيت جو ڪوبہ مرڪزي نقطو ڪونهي. جنهن جمهوريت لاءِ پاڻ وڙهيا آهيون ۽ جيڪا جمهوريت اسان قائم ڪرائي آهي، اُن ۾ بہ پاڻ هڪ بہ واٽي تي بيٺل آهيون. هڪڙو اُن تباهي جو جنهن منجهان گذري رهيا آهيون، ۽ ٻيو آئيندي جي اڏاوت جو آهي، جنهن لاءِ پاڻ وٽ ڪوبہ ڪاٺ ڪلو ڪونهي. باقي جيڪڏهن وقت جي بي شعور وهڪرن ۾ وهي وڃڻو آهي، تہ پوءِ ڪوبہ مسئلو، ڪو اهنج ڪونهي. پوءِ تہ سڀ ڪجهہ گذري ويندو. پر پاڻ جمهوريت تي سوچيون ٿا، جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو متبادل ناهي تہ بہ ٿيندڙ هاڃي جي گهربل مرمت نظر نٿي اچي.

مثال طور: پاڻ جمهوريت جي پندرهن مهينن منجهان گذريا آهيون، تہ اسان جي وجود جا سڀ سوال پنهنجي جاءِ تي بيٺا ئي ڪونهن، پر مضبوط کان مضبوط ٿي رهيا آهن. اچو تہ ٻهريائين انهن سوالن کي ڏسون، پوءِ اڳتي وڌون:

١- اهو ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ سنڌ جي فقط ڪراچي شهر ۾ ورهاڱي کان اڳ وارا پنج سوَ سنڌي ميڊيم اسڪول بند ٿي چڪا آهن؟

٢- اهو ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ سنڌ اندر هندستان کان لڏي آيل ماڻهن کي ايترو پيار مليو، جيترو ڪين پنهنجي اصل وطن ۾ تڏهن بہ نہ مليو جڏهن هندستان تي ست سوَ سال مسلمانن بادشاهي ڪئي؟ ايترو پيار جيترو سنڌين پاڻ سان بہ نہ ڪيو. اسان جو ڏنل پيار اسان لاءِ تہ قهر بنجي ويو پر اردو ڳالهائيندڙ آبادي پنهنجي سياسي قيادت جي فسطائي ذهنيت جي ڪوڙهہ ۾ وڪوڙجي، سنڌين سان تڪرار وڌائي هتي سرطاني صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي.

٣- اهو ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ سنڌ جو پاڻي، زمينون، انتظام ۽ قدرتي وسيلن تي سنڌين جو نہ اختيار آهي ۽ نہ پنهنجي قدرتي دولت مان خيرات ملي ٿي؟

٤- اهو ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ سنڌ اندر ١٢-لکن کان وڌيڪ غير ملڪي

Gul Hayat Institute

داخل ٿي ڪارخانن ۽ ڪاروبارن تي ڇانئجي چڪا آهن؟

٥- اهو ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ سنڌ جي زرعي زمينن کي سم ۽ ڪلر کائي رهيو آهي ۽ زيرزمين ته پاڻي جي سطح وڏي وئي آهي، پر سنڌ جي زمين جي مَٿاڇري جو ستر سيڪڙو بڻ ۽ اريج آهي؟

٦- هي ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ هاڻي جڏهن زراعت سان لاڳاپيل صنعتي عمل وڏي رهيو آهي تڏهن ٻهراڙين تائين ڏاريا مفاد افغان پناهگيرن جي شڪل ۾ لکن جي تعداد ۾ سستا مزدور ٿي، سنڌي پورهيت جي روزي تي لت ڏئي رهيا آهن پر افغانن جو نالو وٺڻ وارو ڪوبه ناهي.

٧- ۽ هي ڪهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ جمهوري طريقن سان چونڊيل وزيراعظم کي ملڪ کي ناهڻ جي سزا طور ڦاسي ڏني وڃي ۽ جڏهن وري عوام پنهنجي حق ذريعي تاريخي ڌماڪو ڪري هڪ نياڻي کي وزيراعظم چونڊي، ته پاڪستان جا روايتي حڪمران ملڪ سان دشمني ڪري، اُن جي خلاف ٻه سوين سازشون ڪن ۽ سندس حڪومت ڪرڻ جي حق کي قبول نه ڪن.

پر انهن سيني عذابن جا ذميوار رڳو پاڪستاني حاڪم ناهن. انهن عذابن جي اڌ ذميداري اسان تي ئي اچي ٿي. اسان وٽ اجتماعيت جو معقول تصور ڪونهي. هڪڙن اسلام ۽ نظريه ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ڦريو آهي ۽ ٻيا وري سنڌ جي نالي ۾ دڪان کولي ويٺا آهن.

سنڌ جي حقن ۽ جمهوريت جي وچ ۾ ڪوبه تضاد ڪونهي. پر جن کي اقتدار کپي، تن کان انتظار نٿو ٿئي. هو اقتدار کان ٻاهر ويهي سنڌ جي خاڪي ۾ جمهوريت جا رنگ ڀرڻ جي لائق ڪونهن ۽ ان ڪري سنڌ، توڙي جمهوريت ٻنهي کي اجتماعيت جا مرڪزي نقطا نه بڻائي سگهيا آهن. اها عظيم ناڪامي انهن ٻنهي ڌرين تي هڪ جيتري لاڳو ٿئي ٿي، جيڪي اقتدار جي گادين تي توڙي اقتدار کان ٻاهر جيئرا جاڳندا ويٺا آهن.

مزي جي ڳالهه ته مٿيان سڀ ڏوجهرا فقط سنڌ جي عام ماڻهو لاءِ آهن. وڏيري، جاگيردار، ڪاموري يا سرمائيدار لاءِ ناهن. سنڌ ۾ پنجاهه لک ڌاريا ماڻهو اچي وڃن، پر جنهن زميندار کي ويهه هزار ايڪڙ آهي، اُن جي زمين ۾ گهٽتائي نه ايندي. بلڪ شگر ملز جي موجوده صورتحال ته ثابت ڪيو آهي، ته سستي پورهيت جي لالچ ۾ اهي سنڌي مل مالڪ مڪاني پورهيت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هنن کي اهو به نظر نٿو اچي، ته سياڻي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جون سيٽون به هنن کان هليو وينديون.

وطن جو تصور هڪ ضابطي جي گهر ڪري ٿو. وطن جي، ڌرتي جي حرمت خالي پاڪ تصور ناهي، پر ان جا مادي ۽ تاريخي اثر ٿين ٿا.

آخر ۾ اسان چونداسين، ته پنهنجي انفراديت پرستين سان وڏي ويڙهه جي

Gul Hayat Institute

تياري ڪريو ۽ قومي وجود جي اجتماعي جيئاپي جو نصاب وضع ڪريو. ڪيئي عذاب ايڏا وڏي ويا آهن جو جمهوري اڏاوت جي ويهن چاليهن سالن جو انتظار نٿو ڪري سگهجي.

هن وقت پوائنٽي صورتحال غيرملڪي ماڻهن جي جاري يلغار جي آهي. سنڌ حڪومت به ڳالهيون ته ڪري ٿي پر اجا تائين عملي طرح ان جو ڪو نتيجو سامهون نظر نٿو اچي. هينئر سنڌ جي ٽيڪسٽائل صنعت ۾ چاليهه ڪان سٺ سيڪڙي تائين بنگالي، برمي ۽ بهاري مزدور پهچي چڪا آهن. سنڌ جي ١٣ شگر ملن لاءِ ڪمند جي ڏوئائي لاءِ هزارين افغان پناهگير پهچي چڪا آهن. اٺويهه هيون ملون قائم ٿيڻيون آهن، جنهن سان اهو انگ لکن کي پهچي ويندو. سنڌ جي هيلن جي ڪٽائي جي ٺيڪيداري جي بهاني ۾ ڌاڙيلن کي هٿيارن جي سپلاءِ جو پڪو بندوبست ٿيل آهي. بهه سان پيريل ترڪن ۾ هيروئن ۽ هٿيارن جي سپلاءِ جا اطلاع ملي رهيا آهن. خود سنڌي ۽ پ پ پ جا ڪي ماڻهو اپر سنڌ ۾ پنهنجي ايراضين ۾ 'غير علائقو' قائم ڪري هي سڀ ڌنڌا ڪري رهيا آهن.

ڏسو ته اسين وڃون ڪيڏانهن پيا؟

*عوامي آواز، 27- مارچ 1990ع*

Gul Hayat Institute

حڪومت کي بحث هيٺ آڻبو- پوءِ حڪومت هلائڻ جو ڪاروبار ڪندڙ سياسي پارٽين تي بحث ٿيندو ۽ نيٺ ڪيترا اڳواڻ بہ بحث ۾ ايندا، ۽ پوءِ اها احتسابي طاقت بہ بحث جو موضوع بڻبي، جيڪا اڳواڻن، پارٽين ۽ حڪومت کي هڪ ذميدار ضابطو مهيا ڪندي آهي. اهڙو ضابطو جنهن جي پڪڙي ڪرڻ وارو اڳواڻ، اڳواڻ نہ رهي.

اڄ جي سنڌ کي ڏسڻ لاءِ شروعات ١٩٤٧واري ورهاڱي کان ڪرڻي پوندي- پر ڇا ان لاءِ ڪو تيار ٿيندو. جنهن صورتحال، جنهن اسٽيٽسڪو سنڌ کي تباهي تي آڻي بيهاريو آهي، ان جا ڪردار حڪومت جي اندر توڙي ٻاهر، دلي ۽ جسماني طرح، شعوري ۽ غيرشعوري طرح جنهن تباهي جا ذميدار آهن، ڇا اُهي پاڻ تي ۽ پنهنجي ڪيل ۽ ٿيندڙ حرڪتن تي آڱر کڻڻ جي اجازت ڏيندا؟

ڊاڪٽر سائين! توهان جي خدمت ۾ عرض رکڻو آهي، تہ 'عوامي آواز' پنهنجي مختصر ترين عرصي ۾ حالتن جي 'جيئن آهي جتي آهي' واري سطح کي رڳو ٽوڙڻو کوٽڻ لاءِ هلڪيون رهڙون هنيون آهن، تہ سڄي سنڌ ۾ يا پاڪستان ۾ ڀونچال اچي ويو آهي. عام ۽ اڪثريتي ماڻهو يا سياسي تنظيمن جو مخلص ڪيڊر خوش ٿيو آهي، پر قيادتون، ڪاموريشاهي ۽ حاڪم طبقا سخت ناراض ٿي ويا آهن. وڏو مڻ مچي ويو آهي، جنهن معاشري جي قيادت سهي جي کل وانگر نازڪ هجي، اُن جو توهان ڪهڙو علاج ڪندا. قومن ۽ تهذيبن کي بچائڻ لاءِ جيڪو شعور، جيڪا سهپ ۽ جيڪا تمام وڏي دل کپي، اُن جي اڻهوند اسان جي اڄ جي گهوٽالي جو سڀ کان وڏو ڪارڻ آهي.

ڊاڪٽر سائين!

سنڌ جي هاڻوڪي حالت جي بنيادي ذميداري ١٩٤٧ع واري ورهاڱي تي پوي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ قائم ٿيل حڪومت، سنڌ جي تهذيبي، تاريخي ۽ قومي حيثيت کي ايترو مان بہ نہ ڏنو جيترو برطانوي سامراج جي حڪومت ڏنو هو. اهي برطانوي حڪومت جون ئي پاليسيون هيون جنهن سان سندس اقتدار جي هڪ سؤ پنج سالن ۾ سنڌ جو وچولو طبقو ٺهيو، سنڌي ٻولي ترقي ڪئي، سکر بئراج ٺهيو، ريلوي لائين وڇائي وئي، عورتن کي قتل ڪرڻ خلاف قانون ٺهيا. ادب، ڪلچر، تعمير جي فن، موسيقي ۽ امن امان جي حالت ترقي ڪئي. اڄ، جو وڏڙا انگريز جي حڪومت کي ياد ڪري ٿڌا ساهہ ڀرين ٿا سا غلط ڳالهہ ناهي.

ان عرصي ۾ جيڪو وچولو طبقو ٺهيو، اُن پنهنجي آمدني منجهان فلاحي ڪمن تي خرچ ڪري پنهنجي مفادن لاءِ هڪ اخلاقي دفاعي لائين قائم ڪري ورتي ۽ سماج ۾ نيون قوتون پيدا ٿيڻ لڳيون. ورهاڱي جي نتيجي ۾ اهو عمل رڪجي ويو. سنڌ جي جاگيردار پنهنجي زوال کي بچائڻ لاءِ، اُن وچولي طبقي کان جند ڇڏائڻ لاءِ فرقيوار سياست ڪئي ۽ نتيجي ۾ سنڌ جو وچولو طبقو تہ ويو، پر

Gul Hayat Institute

ان جون قائم ڪيل اخلاقي دفاعي لائينون بہ تباھہ ٿي ويون.

پاڪستان جي نئين حڪومت ۱۹۴۰ع واري پاڪستان ٺهراءَ سان غداري ڪري سمورا اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکيا. جنهن جو منطقي نتيجو اڳتي هلي ون يونٽ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو- ۽ اڄ تائين پاڻ مضبوط مرڪز جي چنبي ۾ آهيون. پاڪستان ۾ طاقت جي توازن جو اهڙو ٺڪندو ٺهي پيو جنهن ۾ سنڌ سميت ننڍن صوبن لاءِ ڪا جاءِ ئي نہ هئي. ائين حڪومت جو ڪردار سنڌ لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيو.

جڏهن پاڪستان جي حڪمران طبقن جي پاليسين جي نتيجي ۾ ملڪ ورهائجي ويو ۽ فوجي شڪست ڪاڌي وئي، تڏهن ٿوري عرصي لاءِ جمهوريت نصيب ٿي- ۽ جيئن اُها نصيب ٿي، تہ سنڌ ۾ وچولي طبقي جي نفري ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. توڙي جو سنڌ ۾ وچولي طبقي کي ٺاهڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ڪا جامع رٿابندي نہ هئي، تڏهن بہ نوڪرين ذريعي ۽ ننڍن آبادگارن جي همت افزائي ٿيڻ ڪري اُن ئي عرصي ۾ زراعت ۾ مشينن جو استعمال وڌيو. ۽ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌي نظر اچڻ لڳا.

پيپلزپارٽي ۾ توڙي جو جاگيردار ڪلاس حاوي هو، پر توهان ڏٺو تہ جيئن ئي ڀٽي شهيد جي حڪومت جو خاتمو ڪري، پاڪستان جي مسيحا کي ڦاهي چاڙهيو ويو تہ اهو ڪلاس وچي آمريت جو اتحادي ٿيو ۽ پ پ پ جي سچي جدوجهد کي وچولي ۽ هيٺين طبقن جي ماڻهن اچي مٿو ڏنو. اهو ڇا هو؟ اصل ۾ جن طبقن کي ڪجهہ جائز معاشي فائدا پهتا هئا ۽ جن هڪ واضح معاشرتي قوت جي شڪل پئي ورتي تن جدوجهد ڪئي، ۽ اهو سڄو عرصو بہ سياسي ۽ معاشي سطح تي جاگيردار، وڏي زميندار ۽ وچولن طبقن جي تضاد ۽ تڪرار جو زمانو هو- ساڳيو تڪرار جيڪو ورهاڱي کان اڳ هو، پر هاڻي اُن ۾ هڪ ڪيفيتي فرق هيو.

ڪمال تہ ڏسو: سنڌ ۾ قومپرستي جي جنهن جذبي کي جناب جي ايم سيد بنياد ڏنا، سو پنهنجي معاشي وجود لاءِ پاڪستان جي جمهوري جدوجهد سان ڳنڍجي ويو ۽ هاڻي بہ جيڪڏهن جمهوريت کي هلڻ ڏنو وڃي ۽ صنعتي ڪلاس بہ ٺاهيو وڃي، ۽ سنڌي فقط سنڌي هجڻ جي 'ڏوهہ' کان آجا ڪيا وڃن، تہ پاڪستان لاءِ هڪ بهتر آئيندو اڏڻ ۾ سنڌي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. پر ان ۾ وڏيون رنڊڪون آهن. هڪ اُهي ڏاريا مفاد جيڪي سنڌ جي وسيلن تي پلجن ٿا ۽ مختلف رياستي ادارن جي پاليسي سازي ۾ ڪين اهم حصو مليل آهي، ٻيو سنڌ جو اهو روايتي وڏو زميندار جنهن وٽ پاڻ کي نئين حالت ۾ سڌارڻ ۽ نئين معاشي شڪل اختيار ڪرڻ جو ڪو فهم ڪونهي. دلچسپ ڳالهہ آهي تہ هنن ٻنهي قوتن جو نشانو: سنڌ جو وچولو طبقو آهي ۽ ڏاڙيل هنن جي ئي مقصد کي مڪمل ڪرڻ ۾ لڳل آهن.

Gul Hayat Institute

پر هن وچولي طبقي جون ڪجهه وڏيون ڪمزوريون بہ آهن. توهان کي خبر هوندي تہ پاڪستان ۾ ورهاڱي وقت صنعتون ڪونہ هيون ۽ نہ ئي ڪلاسيڪي مفهوم ۾ سرمائيدار هتي هو. پاڪستان ٺهڻ سان ئي جيئن تہ ان جي فيصلن ڪرڻ واري قوت تي ان ڪاموريشاهي جو قبضو ٿي ويو، جيڪا ٻاهران لڏي آيل هئي، تنهنڪري ان وٽ وطن جو ڪو بہ تصور نہ هو. جنهن لاءِ ان جي دل ۾ ڪنهن وطني ترقي يا وطني اڏاوت جو تصور نہ هي. هتي هن وقت جيڪو سرمائيدار موجود آهي– سو ڪاموريشاهي جو ڄاهيل آهي. سرڪاري قرضن، سفارشن ۽ رشوتن تي هن ملڪ جي معاشي عمارت بيٺل آهي.

ڊاڪٽر سائين! ملڪ جي ان مجموعي بگاڙ، بدعنواني، نفعي ۽ رشوت پرستي جي ٻوڙ جو هڪ وڏو عڪس ملڪي سياست آهي. توهان ڏسو تہ ڪابہ پارٽي اهڙي ڪانهي، جيڪا آئين جو مطالبو ڪري، اهڙو آئين جيڪو پارٽي جي اندر هجي. هيٺئر ڏسو تہ ڪيتريون پارٽيون آهن جيڪي اختيارن جي مرڪزيت جي خلاف آهن، پر خود انهن پارٽين جي پنهنجي قيادت، پنهنجي پارٽي اندر مضبوط مرڪز لڳي ويٺي آهي. پارٽين اندر متبادل قيادت ڪانهي. پيپلزپارٽي کي ڏسو، ڀٽو ڪٽنب نہ هجي تہ پارٽي ڇا آهي! قومپرست قيادت کي ڏسو، جناب جي ايم سيد نہ هجي تہ ڪجهہ بہ ڪونهي– ڪنفيڊريشن جو نعرو هڻڻ واري قيادت خود پنهنجي پارٽي ۾ مضبوط مرڪز آهي. سنڌي اتحاد ۾ پليجي صاحب کي نہ ليکيو تہ باقي ڇا آهي. اهڙي نموني سان پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي سڏائيندڙن جي قيادت کي ڏسو: جڏهن تي چار سال اڳ اُتي متبادل قيادت پيدا ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو تہ پارٽي ڪيئي حصن ۾ ورهائجي وئي.

سائين! اُنهن سيني پنهنجي ڌيکي جاوا ڪندڙن لاءِ معاشري جي اندر احتساب ڪٿي آهي؟ جيڪي پارٽيون عوام تائين پهتل آهن، سي ان کي پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ ڪم آڻي رهيون آهن، ۽ جيڪي عوام وٽ پهتل ڪونهن، انهن کي تہ مسلسل ٽوڙ ڦوڙ جي عياشي ڪرڻ جي آزادي آهي.

سنڌي معاشري جي ٻي وڏي بدقسمتي سنڌس وطن پرست ۽ انسان دوست صحافت جي اڻ هوند آهي. جيڪا صحافت سڄي ملڪ تي اثر انداز ٿئي ٿي ۽ ملڪي پاليسين ٺاهڻ تي اثر انداز ٿي رهي آهي سا وري بہ ڌارين مفادن جي رکوالي ڪري ٿي. سنڌ جي پنهنجي سنڌي صحافت، سنڌ اندر بدعنوانين جو هڪ مهاڄار آهي. هڪ اهڙو خوفناڪ دائرو آهي، جتي عوام دوستي يا قومپرستي بہ هيٺئر داخل ٿي آهي، تہ ان ڪري جو ان جا هڪڙا واپاري مفاد آهن. جيڪا بہ صحافت ٿورو بہ عوام جي حق ۾ وڃي ٿي، تہ 'اسٽيٽسڪو' وارا سندس چئن ئي پاسن مٽاڻ ۽ چسڪي جون ڏيٿيون قائم ڪري ٿا ڇڏين. جيڪڏهن اُتي نٽي ڦاسي تہ پوءِ اُن لاءِ موت آهي.

Gul Hayat Institute

هنن سيني ڳالهين گڏجي زندهه رهڻ جو ڪوبه باعزت تصور سلامت نه ڇڏيو آهي. جيڪو ماڻهو عزت جي زندگي گذارڻ لاءِ سوچي ٿو، سو مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. معاشري جي اندر اهڙي ڪا تربيت ئي ڪانهي، جيڪا ٿوري اختيار ملڻ جي حالت ۾ ماڻهو جي آدرشن ۽ اُصولن کي بچائڻ جو ڪم ڏئي.

دلچسپ ڳالهه آهي ته پاڪستان جي ننڍين قوميتن سان به سنڌين جي لهه–وچڙ، رابطي يا ڳانڍاپي لاءِ مضبوط بنياد ڪونهن ۽ پاڪستان ۽ بيوروڪريسي جي پيدا ڪيل سيني بيمارين جي چوٽ انهن کي به لڳي آهي. سرحد ۾ پٺاڻ ايترو سرمائيدار ٿي ويو آهي، جو هاڻ جو هاڻ هن جو پنجاب جي حڪمران طبقن سان ڪوبه تضاد ناهي، بلڪ هو ان سان ڀاڱي ڀائيوار آهي. باچاخان واري قومپرستي اُتان به لڏي وئي آهي. بلوچستان سردارن جي اقتدار ۾ قائل آهي، البت اُتي پڙهيل ڳڙهيل قيادت ضرور پيدا ٿي آهي، پر اها به اڃا تائين سردارن جي سياست کان ٻاهر نه نڪري سگهي آهي.

ٻئي پاسي سنڌ پاڪستان جي ٻين صوبن ۽ ٻين ملڪن مان ايندڙ آبادي جي سخت دٻاءَ هيٺ آهي. غيرملڪي ۽ ملڪي ناجائز مفادن هتي اهڙو اڇي ديرو دمايو آهي جو پاڻ وڃون ٿا سوڙها ٿيندا.

توهان کي ٿوائن بي جي تاريخ ۾ چئلينج ۽ موٽ واري اصول جي ڄاڻ هوندي. اهو چئلينج فطرت ۾ موجود آهي ته انساني معاشري ۾ به. ڳالهه مختصر ڪجي ته سنڌ تي ڪيئي چئلينج آهن. پنهنجا اندر جا چئلينج، ڌاريا ۽ مڙهيل چئلينج– موٽ پاڻ وٽ موجود ڪانهي.

هينئر اسان هڪ حڪومت چونڊي آهي، سا ڏسو پنهنجي وراثتي ڪمزورين ۽ ملڪ جي اصل حاڪمن جي تعاون نه هجڻ، بلڪ ان جي ختم ٿيڻ جي انتظار جي موجودگي ۾ ڪيڏي نه ويچاري ۽ بي اثر آهي. ڇا اسان جي ووٽ سان چونڊيل حڪومت جي اها حالت اسان جي ووٽ جي توهين ناهي؟ ۽ ڇا اها حڪومت اسان جي همدردي جي لائق ناهي؟ هي صحيح آهي ته خود حڪومتي پارٽي اسان جي مجوعي مصيبتن پيدا ڪرڻ يا مصيبتن کي ٽارڻ ۾ ناڪام رهڻ جي ذميدار ضرور آهي– پر اُن جي هيءَ حالت، ته اسان جي ووٽ جي بي عزتي آهي!

ڊاڪٽر سائين!

دهشت گردين ۽ بدعنوانين جي انسان دشمن صورتحال جي ترقي ثابت ڪري ٿي، ته انهن جي مزاحمت لاءِ پاڻ وٽ ڪو سامان نه هو، يا جيڪڏهن هو، ته ان کي ڪم آڻڻ جو عقل ۽ ڏاڻ ڪونهي. هاڻي جڏهن هڪ انسان دشمن حالت ۾ پاڻ ڦاٿا آهيون، تڏهن ان مان نڪرڻ جي ضرورت کي به محسوس ڪيو ويو آهي ۽ اها ئي هڪ اميد آهي. توهان جو موڪليل خط ان آس جو هڪ تر ورق آهي، پر ان جي موٽ ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي ۽ جيڪي هدف مقرر ڪيا وڃن تن کي حاصل

Gul Hayat Institute

ڪرڻ يقيني بنايو وڃي.

هن سلسلي ۾ ٻه حڪمت عمليون ٺاهيون پونديون. هڪ مٿان آيل ترت خطرن کي منهن ڏيڻ واري ۽ ٻي ڊگهي مدي واري معاشري تي اڏاوت جي حڪمت عملي.

پهرين حڪمت عملي ۾ حڪومت ۽ سيني سنڌ دوست سياسي پارٽين کي گڏجي ذميداري کڻڻي پوندي- پر وڏو مسئلو هن جو گڏجڻ آهي. هو پاڻ گڏ ٿيئيون ئي ڪونهن. پر اهو ڪم، ڪرڻو هر صورت ۾ آهي. هن وقت سنڌ جي شهرن ۾ دهشتگردي، ڳوٺن ۾ ڌاڙا ۽ اغوا ۽ تعليمي ادارن ۾ تعليم جو نقصان سڀ کان گهڻو ڌيان ۽ ڪوششون گهرن ٿا. سڀ سياسي پارٽيون انهن حقيقتن کي مڃن ٿيون ۽ متفق آهن ته اهي ڏچا ختم ٿيڻ گهرجن. پر ان لاءِ سموري ذميواري حڪومت تي وڌي وڃي ٿي ۽ دل ۾ اها آس به رکجي ٿي، ته حڪومت ناڪام ٿئي، ته اسان پاڻ کي عوام وٽ متبادل ڪري پيش ڪريون ۽ حڪومت تائين پهچون. سياسي مقصد حاصل ضرور ڪيا وڃن، پر اهو طريقو درست ڪونهي.

ان ڪري اسان تجويز ڏينداسين ته سگا هڪ اهڙو ادارو ٺاهي، جيڪو وڌ ۾ وڌ ٻن هفتن جي لاڳيتي، ڏينهن رات جي جاڪوڙ سان هڪ پلان تيار ڪري، جنهن ۾ فقط مٿين ٽن مسئلن تي حڪومت ۽ سيني پارٽين ۽ سنڌي اخبارن کي ملوث ڪيو وڃي ۽ انهن جو حل تجويز ڪري. اهو ادارو يا ڪميٽي پنهنجي رٿا کي عوام جي آڏو رکي، ۽ حڪومت يا ڪنهن سياسي پارٽي کي جيڪڏهن ان رٿا جي ڪنهن ڳالھ سان اختلاف هجي، ته اهو طئي ڪري اڳتي وڌجي. ان کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو عملي طرح هن مقصد ۾ گڏ هلڻ کان انڪار ڪري، ته پوءِ ان جي عوام جي ستياناس ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي. سنڌي اخبارون انهن ماڻهن جو بائيڪاٽ ڪن ۽ انهن جي خلاف چارج شيٽ تيار ڪري ماڻهن ۾ ڦهلائي وڃي. ان رٿا کي ڪنهن به مصلحت جو شڪار ٿيڻ نه ڏنو وڃي.

١- سنڌ ۾ غيرملڪين جي گڏ ٿيل ۽ ٿيندڙ ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي تيار ڪرڻ جو ڪم به مذڪوره ادارو پاڻ کڻي ۽ حڪومت ۽ مڙني سياسي پارٽين جو ڪم متعين ڪري.

٢- سنڌ اندر رهندڙ مختلف لساني آبادين جي وچ ۾ لاڳاپن جو هڪ بنيادي دستاويز تيار ڪيو وڃي.

٣- سنڌ ۽ سنڌين خلاف ملڪي اخبارن ۽ ميڊيا جي ٻين وسيلن ۾ جيڪا گمراهه ڪندڙ پروپئگنڊا ٿي آهي، ان جي گهٽ ۾ گهٽ ١٩٨٣ع کانپوءِ واري رپورٽنگ جي تفصيلي جاچ ڪري سنڌين خلاف لڳل سمورا ڪوڙ ۽ انهن جي نتيجي ۾ ٺهيل رياستي ادارن جي پاليسين تي هڪ جامع رپورٽ تيار ڪئي وڃي، ۽ ان جي روشني ۾ هيٺيان قدم کنيا وڃن:

Gul Hayat Institute

(الف) قانوني قدم کڻي عدالتن سان رجوع ڪيو وڃي.
(ب) ملڪ جي ٻين صوبن ڏانهن هڪ ٽيم رواني ڪئي وڃي، جيڪا سيني وڏن شهرن ۽ ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ وڃي سنڌ جو ڪيس پيش ڪري ۽ ماڻهن کي ٻڌائي، ته سنڌ جو نقصان پاڪستان جو نقصان آهي. هن ڪم جي انتظامن جي سلسلي ۾ ثقافتي تنظيمن، ٽريڊ يونينن يا سياسي پارٽين جي مدد حاصل ڪئي وڃي.

ياد رهي ته مٿيان سڀ ڪم ايمرجنسي بنيادن تي هٿ ۾ کڻڻا آهن. انهن معاملن تي هڪ مختصر بريفنگ تيار ڪري صدر ۽ وزيراعظم سان ملاقات ڪري کين آگاهه ڪرڻو پوندو ۽ بريفنگ چيف آف آرمي اسٽاف کي به موڪلي ويندي، ۽ مختلف سرڪاري ايجنسين جي هن مهل تائين مڪمل ناڪام رهڻ ۽ سندن ساک ۾ شڪ بابت به پنهنجو موقف واضح ڪرڻو پوندو.

ڊگهي مدي واري حڪمت عملي ۾ هيٺين مقصدن جي حاصلات کي يقيني بنائڻ جو پروگرام تيار ڪرڻو پوندو.

١- جمهوريت ۽ انساني حقن جي بحالي ۽ معلومات جي غربت ختم ڪرڻ جي مقصدن سان سنڌي، انگريزي ۽ اردو اخبارون جاري ڪرڻ جو بندوبست. هي اخبارون ڪن خانگي مفادن لاءِ نه پر قومي مقصدن لاءِ ڪم ڪن، ۽ مٿن مالڪي به ٿورن هٿن ۾ نه هجي.

٢- هڪ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج لک اڻ پڙهيل ماڻهن کي اخبارن پڙهڻ جي لائق بنائڻ جو بندوبست ڪرڻ، ۽ اهو ڪم سيني ماڻهن کي پڙهيل بنائڻ تائين جاري رکڻ.

٣- سمورن پڙهيل ماڻهن کي، جن کي انگريزي ٻولي پوري ريت نه ٿي اچي تن کي انگريزي پڙهائڻ جو بندوبست ڪرڻ ۽ ڪمپيوٽر کي عام ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ.

٤- بيروزگاري جي خاتمي لاءِ اسڪيمون تيار ڪيون وڃن، جن کي ”پنهنجي مدد پاڻ“ جي آڌار تي، مالي ادارن کان سهڪار وٺي هلائڻ گهرجي.

٥- سنڌ جي تعليمي ادارن جي ڪارڪرت جو جائزو وٺڻ ۽ سندن احتساب ڪرڻ جو ڪم.

٦- سنڌ جي ماحولياتي مسئلن جو مطالعو هٿ ۾ کڻڻ ۽ تيزي سان تباهه ٿيندڙ زمين، ٻيلن، جانورن ۽ پکين کي بچائڻ لاءِ اپاءَ تجويز ڪرڻ ۽ ان ڪم جي ذميدارن ۽ ڪاتن جي ڪوتاهين تي احتساب ڪرڻ.

٧- ڪلچر، ٻوليءَ ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي ذميدار ادارن جي مسئلن جو جائزو وٺڻ ۽ سندن ڪوتاهين تي احتساب ڪرڻ.

٨- سنڌي صنعتڪار پيدا ڪرڻ جي رٿا ناهڻ.

مٿين ۽ ٻين سيني معاملن ۽ مسئلن تي عالمي ادارن جهڙوڪ: يونيسيف،

Gul Hayat Institute

يونيسڪو ۽ عالمي صحت تنظيم ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل سان لهہ وچڙ ڪي باقاعده بنائڻو پوندو.

هنن ڳالهين ۽ ڪمن لاءِ خلق کي تيار ڪرڻ واسطي هڪ بنيادي نصاب ٺاهڻ جي بہ ضرورت آهي، جنهن سان نئين نسل جي ذهني ترقي جي سگهہ تيار ڪئي وڃي.

Gul Hayat Institute

# موجود سياسي پارٽيون ۽ متبادل جي گهرج

سياسي پارٽين جي ڪردار تي خاصي عرصي کان هلندڙ بحث جي نتيجي ۾ هڪ احساس عام ٿي رهيو آهي ته سنڌ کي موجود سياسي قوتن جي بدران هڪ اهڙي متبادل تنظيم جي ضرورت آهي، جيڪا موجوده معاملن، عصبيتن ۽ موقفن ڏانهن واضح عملي روش رکڻ سان گڏ سماج جي سيني ڳالهين تي به عملي رويا رکندي هجي. هن وقت ڪم ڪندڙ سياسي پارٽيون جڻ ته هڪڙا خانگي ڪاروبار آهن. چار وڏيرا، سندن ڪجهه ڪمدار، ڪجهه دوست ۽ واقفڪار گڏجي پاڻ کي پارٽي سڏين ٿا. هيءَ ڳالهه به ڪيئي ڀيرا بحث ۾ آئي آهي، ته هن وقت ڪم ڪندڙ سياسي پارٽيون فقط پنهنجي هڪ هڪ مکيه ليڊر جي محور تي بيٺل آهن، ۽ ان جي پسند ۽ ناپسند، شخصي گهرجن ۽ خواهشن جي دائري ۾ انهن جو سڄو عمل محدود آهي. هر پارٽي جو پنهنجو موقف لفظن جي هڪ مخصوص ذخيري تي ٻڌل آهي، جنهن ڪري تقريرن، بيانن، پريس رليزن، پمفليٽن، وال پوسٽرن ۽ پٽين تي لکجندڙ نعرن جي لفاظي خلق کي بيزار ڪري ڇڏيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کي ٻائيتاليهه سال ٿي ويا آهن. ڪن کي اسلامي نظام رائج ڪرڻ جو شوق، ڪن کي پورهيت راڄ آڻڻ جو فڪر، ڪن کي جمهوريت جو پيٽ ۾ سور، ٻين ون يونٽ جي خلاف جدوجهد ڪري ان کي 'ٽوڙائي ڇڏيو' ۽ وري وڌيڪ صوبائي خودمختياري جو مطالبو، ٽين کي وري پاڪستان جي سلامتي جو فڪر، عمريون ڳري ويون آهن. پر ٿيو اهو آهي جو ڪي ماڻهو پنهنجي لاءِ ذاتي فائدا وٺي، قوم ۽ ماڻهن جا سڀ ڪم ڪاريون اڌ ۾ رلايو هليا ويا آهن، ٻيا جن کي ڪجهه نه مليو آهي، سي مرّس ماڻهو ٿيا ويٺا آهن ۽ سندن مرّسي به ايستائين سلامت آهي، جيستائين وٽن ڪين ڪجهه ملي.

اسان وٽ موجود سياسي پارٽيون اهڙي ڪا به ڳالهه نه ٿيون ڪن، جنهن ۾ نئون ڪو روح ۽ پيغام هجي. سندن وٽ ۾ وڏو ڪارنامو اهو آهي ته حڪومت يا سنڌ جي دشمنن تي اکيون ڪڍيو ويٺا آهن. حڪومت جي ڪا به ڪمزوري ملي ٿي، يا سنڌ جا دشمن ڪا به حرڪت ڪن ٿا ته هنن کي جهڙو سياسي حياتيءَ لاءِ آڪسيجن ملي ٿي وڃي. سندن سمورو عمل ڪن معاملن جي ردعمل تي دارومدار

Gul Hayat Institute

سوبہ ايم ڪيو ايم کان ٿا سکن. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم نہ هجي ها، تہ پوءِ هي ڪيڏانهن وڃن ها، پر دلچسپ ڳالھ هيءَ آهي، تہ اسان جون هي معزز پارٽيون ايم ڪيو ايم وانگر دهشتگرد مافيا جيتري سگھ بہ حاصل ڪري نہ سگھيون آهن، جو ان لاءِ تہ ايجنسين جي سرپرستي گھرجي، هڪ وڏي آبادي جو اُهو تاريخي پس منظر گھرجي، جيڪو ايم ڪيو ايم جي حامي آبادي کي ميسر آهي.

نتيجي ۾ سياست ۽ سياسي نفاست جو نالو نشان ڪونهي. سڌي سنئين جٽڪي وڏيرپ آهي. جڏهن تہ سياست ڪندڙ سنڌي ماڻهو اُهي آهن جيڪي وچولن طبقن سان واسطو رکن ٿا. هي وري ٻيو تضاد آهي. يعني قيادت وڏيرن جي ۽ نفري وچولن طبقن جي. قصو اچي اتي بيٺو آهي جو نہ مرن ٿا ۽ نہ منجو ٿا ڇڏين. ماڻهو ويچارا سرگردان، وڏا مامرا، وڏا چئلينج اچي مٿان پيا آهن، پر پاڻ وٽ ايتري معقوليت ڪانهي جو ڪٿي منهن ڏيون. وري دانهون تہ پاڻ ۾ اتحاد ڪونہ پيو ٿئي. وڏيرا ڪڏهن اتحاد جا عادي ٿيا آهن. جيڪي وري وڏيرا ناهن تن جا وري نمونا ۽ انائون وڏيرن واريون آهن.

هاڻي پاڻ وڃون تہ ڪيڏانهن!!

*عوامي آواز 4- مئي 1990ع*

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي روھہ رَلايل قومي وحدت

سنڌ، قومي وحدت آھي، سنڌي، ھڪ قوم آھن ۽ ھن قوم جي تاريخ عظيم آھي، تنھنڪري ھيءَ قوم پاڻ بہ عظيم آھي. ھي سياسي مفروضو، سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ واري ھلچل وقت پنھنجي ابتدائي شڪل ۾ ھو ۽ پوءِ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، سائين محمد ابراھيم جويي ۽ جناب جي ايم سيد ان جي شڪل کي وڌيڪ ٺاھي سڌاري، دانشوراڻا رنگ روپ ڏئي پيش ڪيو.

ھن سياسي مفروضي جو تاريخي پاسو ھي ھو، جو سنڌ جي تاريخ کي بہ سياسي مقصدن لاءِ قومي تاريخ سڏيو ويو، جيڪا سنڌ جي تاريخ تہ ھئي پر قومي تاريخ نہ ھئي. خود سنڌي دانشور ان خودفريبي ۾ پوري طرح گھيرجي چڪا آھن تہ سنڌ جي تاريخ، قومي تاريخ آھي. ھن طرح ھنن سياسي تقاضائن جو پورائو ڪرڻ خاطر، اُن جي نتيجي ۾ آئندہ پيش ايندڙ پريشانين جو اندازو ئي نہ ڪيو، جن منجھان پاڻ اڄ گذري رھيا آھيون.

جنھن معنيٰ ۾ سنڌ جي تاريخ کي قومي تاريخ سڏي رھيا آھيون، ان معنيٰ ۾ سنڌ جي تاريخ قومي تاريخ رھي ئي نہ آھي. نائون مل جڏھن انگريزن جي مدد ڪئي ھئي، تڏھن ھن جي اڳيان ٽالپر حاڪمن کان سندس ڪٽنب سان ڪيل ڏاڍاين جو بدلو ھو ۽ نائون مل جي اڳيان سنڌ ھڪ قومي وحدت جي شڪل ۾ ڪونہ ھئي. سنڌي وڏيرن سياستدانن جڏھن الھ بخش سومري کي شھيد ڪيو ھو، تڏھن ھنن جي اڳيان سنڌ ھڪ قومي وحدت جي صورت ۾ ڪانہ ھئي. جڏھن ذوالفقار علي ڀٽي جي شھادت کان پوءِ سندس ڪيئي ساٿي، سنڌي اخبارن جي مالڪن سميت جنرل ضيا جي شورائن ۾ ويٺا ھئا، اڄ جڏھن ڄام صادق علي بينظير جو ساٿ ڇڏي، نوازشريف جي ڪئمپ ۾ شامل ٿيو آھي، محمد خان جوڻيجو جڏھن پريس ڪانفرنس ڪوٺائي بھارين کي ھيڏانھن آڻڻ جي ڳالھ ڪري ٿو، قومپرستيءَ جي ويس ۾ ايجنسين جا ماڻھو ڪم ڪري رھيا آھن، سنڌ قومي اتحاد جي چيئرمين جو پٽ سنڌي ووٽ سان کيڏ ڪري حڪومت ۾ شامل ٿئي ٿو، توھان ۽ اسان منجھان ھرھڪ ماڻھو ۽ ھڪ ٻئي لاءِ سھپ، رواداري ۽ پنھنجائپ جي بدران ابنبر، معصوم شاھ جي مناري کان بہ اوچو بيٺو آھي، ڏاڙيل سنڌي وچولي طبقي کي ناس ڪرڻ لاءِ، سنڌين کي تباھ ڪندڙ قوتن جا اتحادي ٿي بيٺا آھن، قبائلي ۽ ذات پات جي بنياد تي جھيڙا عروج تي موجود آھن، تڏھن ڪو ھڏائي تہ

Gul Hayat Institute

ڪئي آهي سنڌ جي قومي وحدت ۽ قومي تاريخ جو تصور!

هي ۽ ٻيون اهڙيون اڪيچار ڳالهيون ۽ عمل آهن جيڪي ثابت ڪري رهيون آهن ته سنڌ، قومي وحدت ڪانهي. بمبئي کان سنڌ جو ڌار ٿيڻ اسان جو قومي ڪارنامو نه پر ملسم ليگي وڏيرن جو ڪارنامو هو. ان ڪارنامي جي تاريخي اثرن کي اڄ جناب جي ايم سيد به محسوس ڪري رهيو آهي.

هن جو مطلب هي بلڪل ناهي ته، سنڌ قومي وحدت نٿي بڻجي سگهي. سنڌ هڪ جاگرافيائي ايڪو ضرور آهي پر قبائلي ۽ نيم قبائلي معاشرتي رشتن کي سنڌ کي قومي وحدت بڻجڻ کان هميشه روڪيو آهي. اديبن ۽ دانشورن جي ون يونٽ مخالف هلچل يا ڪامريڊ جتوئي جي هاري تحريڪ، ١٩٨٣ع ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ سنڌ مان اُٿندڙ لهر، ١٩٧٠، ١٩٧٧ ۽ ١٩٨٨ جي چونڊن ۾ سنڌي عوام جي يڪمشت فيصلن ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ڪارڪردگي ۽ وجود سنڌ کي قومي وحدت جي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي، پر هن عمل جي واٽ ۾ منافقيون، عياريون ۽ مڪاريون بيٺل آهن. هينئر سنڌ جي سياسي فيصلي جي سچائي کي هرڪو ڄاڻي ٿو، پر ان فيصلي سان ٿيل ڏاڍ ۽ دولاب کي به هرڪو محسوس ڪري رهيو آهي. اڪثريت محسوس ڪرڻ واري آهي، پر هڪ ٿڳ اقليت کي جيڪو ڪجهه ڪرڻ ۾ اچي ٿو سو ڪري رهي آهي ۽ سنڌي قوم ٽوڙي ان جي وحدت هنن جي اڳيان لاچار آهي.

جيڪي قوتون سنڌ کي قومي وحدت جي شڪل ۾ ڏسڻ گهرن ٿيون، تن جي رٿابندي اڻپوري آهي. هنن سياسي تقاضائون پوريون ڪرڻ لاءِ اسان کي ڦوڪڻن وانگر هوا سان ڀري ته ڇڏيو، پر ڌرتي تان پير ڪڇي وڃڻ، هوائن ۾ گهلجي وڃڻ جي ڪا روڪ، ضابطو يا سماجي تنظيم پيدا نه ڪئي. اڄ ساڄي ٽوڙي کاٻي ڌر جا قومپرست ۽ ترقي پسند سڏائيندڙ سمورا ماڻهو سنڌ جي قومي وحدت واري، مفروضي کي حقيقت مڃي رهيا آهن. مفروضا صحيح ثابت ٿي قانون جو درجو ماڻيندا آهن ۽ غلط ٿيڻ تي صدين جو زيان بڻجي ويندا آهن. پر هي ڪنهن هڪ سائنسدان جي مفروضي غلط ثابت ٿيڻ جي ڳالهه ناهي. هي ته پوري قوم جي ڪيميائي جزن کي ڌول ۾ وجهي ڇڏڻ جو مسئلو آهي، جنهن جي زيان جي تلافي ممڪن ناهي.

دليل جي سطح تي سنڌين جي قوم هئڻ واري مفروضي جي حق ۾ موهن جو دڙو، سنڌو ماٿري جي قديم تهذيب ۽ سنڌ جي مڪاني اقتدار جو بچاءُ ڪندڙ سورمن جي ڊگهي فهرست آهي. سنڌي ٻولي به سنڌين جي قوم هئڻ واري مفروضي جي پٺڀرائي ڪري ٿي. سنڌيءَ جا شاعر، اديب، دانشور، صوفي، ڪامريڊ ۽ قومپرست به پنهنجي وجود سان مفروضي يا ان مڙئي ڳالهه ته سنڌي قوم آهن جي ثابتي ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر اهي سڀ ڳالهيون سنڌ کي هڪ قومي وحدت ۽

Gul Hayat Institute

سنڌين کي قوم ثابت ڪرڻ جو ذمو پورو نہ ڪري سگهيون آهن!
ايئن ڇو آهي؟

محڪومي ۽ غلاميءَ جو احساس، سنڌين جي قوم هئڻ واري دعويٰ سان پهرئين ڏينهن کان گڏ آهي. اسان جي سياسي دانشورن جي خيال ۾ غلامي، محڪومي، مسلسل تباهي ۽ فنا جي شعور اُڀارڻ سان مزاحمت ۽ ويڙهہ جي تياري ڪري سگهجي ٿي. هنن جي خيال ۾ پنهنجي ئي گيتن جي باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويندڙ پکي جي، سارنگ ۾ ٻيهر پيدا ٿيڻ جي ڏند ڪٿا وانگر، سنڌي، پنهنجي تباهي جا آلاپ اورايي خاڪ ٿين ڪانپوءِ، پنهنجي دل، ذهن ۽ شعور منجهان ٻيهر جنم وٺندا.

چيڪوسلاويڪيا جي جلاوطن اديب ميلان ڪنديرا پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ "انگريز ڪڏهن بہ پنهنجي قوم جي لافاني هئڻ ۾ شڪ نہ ٿا ڪن. انگلينڊ جي سياست تي شڪ ڪري سگهن ٿا پر اُن جي وجود تي نہ!... ڪوبہ جرمن، فرينچ، يا آمريڪي سوچي ئي نٿو سگهي تہ سندس ملڪ ختم ٿيڻو آهي. وڏيون قومون سمجهن ٿيون تہ هو تاريخ جوڙي رهيون آهن. جڏهن توهان تاريخ ٺاهي رهيا هجو، تڏهن توهان پنهنجي باري ۾ سنجيدا ٿي وڃو ٿا... پر جيڪڏهن توهان ننڍي قوم آهيو تہ پوءِ توهان تاريخ ڪونہ ٿا ٺاهيو. اجا بہ توهان تاريخ لاءِ هڪ شيءِ جو درجو رکو ٿا. تاريخ هڪ بي رحم قوت آهي، جنهن سان توهان کي جهيڙڻو آهي. توهان پاڻ ئي محسوس ڪندا تہ تاريخ بي انصاف ۽ احمق بہ ٿئي ٿي. ان ڪري تاريخ ڏانهن سنجيده رويو نٿو رهي."

۽ اسان بہ تاريخ ڏانهن سنجيده نہ رهيا آهيون. تاريخ اسان سان ايامن ۽ صدين کان ڪريائتا پوڳ ڪري رهي آهي. جڳن کان سنڌ تي حملا ٿي رهيا آهن پر پاڻ وٽ تباهي جو انتظار ئي رهجي ويو آهي.

اسان جنهن شيءِ کي هٿ لايون ٿا، اُها جامد، ساڪت ۽ پنڊپاهڻ ٿي وڃي ٿي. اسان سنڌ جي قومي وحدت واري تصور کي اُڀاريو تہ ضرور آهي، پر گڏوگڏ اُن تصور کي عوام کان ڇنڻ ۾ بہ خاصي ڪاميابي حاصل ڪئي اٿئون. عوام جي ڪنهن بہ ميراث يا ملڪيت کي عوام کان کسيو تہ اُها لاش ٿين ۽ ڏپ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڇا رهندي؟ قومي وحدت جو تصور يا قوم هئڻ جون حقيقتون، اُن وقت ڪابہ معنيٰ نہ ٿيون رکن جڏهن توهان اسان قومي وحدت جي تصور منجهان سياسي دڪانداري هلائڻ لاءِ قومي ترقي جا سڀ امڪان ڪيي ڇڏيون ۽ سنڌي عوام کان سنڌي قوم هئڻ جو حق کسي وٺون.

قومي وحدت جو پاڻ ڦرايل تصور، اسان جي پسماندگي ۽ ذلتن جي ڍيرن جو مڪمل شڪار ٿيڻ ڪري بيٺل پاڻيءَ جو ڇپو ٿي رهيو آهي ۽ اُن تي پنهنجي موج مچائيندڙ ٽولا گندي پاڻي جي سُڪندڙ تلاءَ جي جيتن ۽ جراثيمن وانگر آهن. ڇپو

Gul Hayat Institute

ٿيون. جڏهن اسان جي تاريخ دشمن ۽ عوام دشمن قومپرستي عالمو چولياٽي جهڙي سفاڪ ڌاڙيل کي شهيد سڏڻ تي سندرو ٻڌي بيهي تڏهن، ان قسم جي قومي سياست اسان کي ڪهڙي آزادي ڏانهن وٺي ويندي! آدمشماري جي بهاني سان سنڌ يونيورسٽي جا امتحان اڪثر شاگردن جي مرضي خلاف وي سي کان ملتوي ڪرائڻ کي اسان قبولڻ لاءِ تيار ناهيون.

جيڪڏهن جهالت، ظلم ۽ اڻ سهائپ جو اهو سڄو طوفان سنڌ جي قومي آجپي جي دعويٰ ڪري ٿو، ته اسان به اعلان ڪريون ٿا ته اسان کي اهو آجپو ڪونه گهرجي. آجپو اُهو گهرجي جيڪو سمورن انساني معيارن تي پورو لهندو هجي. سهپ، غلط توڙي صحيح ٻنهي ڳالهين لاءِ پيدا ڪرڻي پوندي. سهپ پيدا نه ڪرڻ جي ڪري سنڌي معاشرو بلڊپريشر جو شڪار ٿي چڪو آهي، جنهن جا شڪار اسان سڀني جي گهر جا ڀاتي ٿي رهيا آهن.

هن بحث کان هي سوال به ضرور پيدا ٿيندو ته آخر قومي وحدت جي حقيقي، متحرڪ ۽ زنده تصور ۾ رنگ ڀرڻ لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي؟

ڏسو! سنڌ سان ٿيندڙ ويڌن جا لازمي طرح سان ٻه حصا آهن. هڪ سنڌي معاشري تي ٻاهران ٿيندڙ حملا، سازشون، استحصال ۽ پرماريت ۽ ٻيو سنڌي معاشري جي مزاج يا قومي روح کي لڳل اندروني روڳ. بيمار ماڻهوءَ تي مرض جا جراثيم ترت قبضو ڪري وٺندا آهن، پر صحتمند جسم مرض جي جراثيمن سان مقابلي ڪرڻ جي بهتر حيثيت ۾ هوندو آهي. اسان جو مسئلو هي آهي ته اسان پنهنجو پاڻ کي لڳايل روڳن جي ڪري مرض جي پڪڙيل جراثيمن جو سولائي سان ڪاچ ٿيڻ لاءِ پوري طرح تيار آهيون. هن جو سڌو اکين ڏٺو ۽ ترت سمجهه ۾ ايندڙ مثال هي آهي ته اسين، اسين نه آهيون پر اسان مان هرڪو "آءٌ" يا "مان" آهي.

هي ان ڪري آهي، جو اسان جي سياستڪارن ۽ سياسي دانشورن وٽ سواءِ سياست ڪرڻ جي ٻيو ڪجهه به ڪونهي. جيڪا سياست، انساني ۽ معاشرتي تقاضائن کان وانجهيل هوندي، عوام جي ترت ۽ روزاني زندگيءَ جي مسئلن کان پري هوندي، سا ظاهري آهي ته نعريبازي کان اڳتي وڌي نٿي سگهي ۽ سنڌين جي هڪ زنده قوم هئڻ جي ثابتين تي ليڪا پائي ٿي.

ضرورت رڳو هن ڳالهه جي آهي ته عوام جي عام مسئلن تي سياسي غيرت ۽ دليل پيدا ڪيو وڃي. پر ان لاءِ سڀني کي پهريائين عوام جي اطاعت قبول ڪرڻي پوندي. سڀني آزادين جو پهريون شرط عوام جي اطاعت ڪرڻ ۾ آهي، جيڪو سنڌ ۾ سنڌين جي قومي وحدت جي زنده تصور جو ضامن بڻجي سگهي ٿي.

سنڌين جو قوم هئڻ سنڌو درياءَ جي وهڪري وانگر آهي. اڄ سنڌوءَ جو وهڪرو به مختلف بندشن هيٺ آهي. سنڌي قوم جي حياتي جو وهڪرو به اهڙن ئي ڏول ۾ آهي. قومن جو جيئاپو سڪتن دلاسن سان نه هلي سگهندو آهي.

وڏيرن جي مخالفت پاڻ ان ڪري ڪريون ٿا جو سنڌي قوم جي معتبري جون واڳون هنن جي هٿن ۾ آهن ۽ هنن سياست کي بہ پنهنجي زرعي ملڪيت وانگر ڪري ھلايو آھي. ٽپيدارن، مختيارڪارن ۽ پوليس جي مدد سان هارين جي ھڏچوڙ، ٻٽايون، ذاتي انتقام، فقط خانداني ۽ ذاتي مصلحتن تي هنن گذارو ڪيو آهي. ان طرح هنن جو گذارو تہ ٿئي ٿو پر عوام جا ڏجھا ڏينهن ڏينهون وڌن ٿا. سنڌ جي قومي قيادت، سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي مسئلن ۽ اُن جي شعور جي تفصيلن کان نہ واقف آهي ۽ نہ واقف ٿيڻ جي خواهش رکي ٿي.

اهي ئي ماڻهو جيڪي سياسي قيادت ٻٽيا گھمندا ٿا وتن، جيڪڏهن پاڻ، سندن اولاد يا مٽن مائٽن کي صنعتڪاري ڏانهن وٺي اچن، ڌنڌن ۽ ڪاروبار ڏي ڌيان ڏين، تہ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي نقشي ۾ هڪدم تبديلي محسوس ٿيندي. جنهن بہ سياسي پليٽفام تان سياست ڪن، سا اعتراض جي ڳالهہ ناهي، پر سنڌ جي معاشي انشورنس جيستائين نٿي ٿئي، تيسين پاڻ جيئن پوءِ تيئن عجوبا ٿيندا ويندا سين. پنجن سالن جي عرصي ۾ جيڪڏهن سنڌي وڏيرا يا ٻيا مڃي مانيءَ وارا ماڻهو سنڌ ۾ هڪ هزار صنعتي يونٽ لڳائي وجهن تہ اسان جو قومي آئيندو بچي پوندو، ۽ هو پاڻ بہ سڌري ويندا. ڪمال تہ اهو آهي جو وڏيرن جا ٻار آميريڪا ۽ يورپ ۾ تعليم وٺي واپس اچڻ کانپوءِ بہ ساڳيا وڏيري جا وڏيرا آهن.

جيڪڏهن ورلڊ سنڌي ڪانگريس، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن يا سنڌي ادبي سنگت گڏجي يا هنن منجهان ڪوبہ هن ڳالهہ کي سنجيدگي سان محسوس ڪري سگھي تہ ان جا وڌيڪ تفصيل تيار ڪري سگھجن ٿا.

*1- جنوري 1991ع.*

Gul Hayat Institute

# اختلافن جو قاتل طلسم

سنڌ جا لڳ ڀڳ سمورا ماڻهو هڪ ٻئي سان اختلاف رکڻ جي عياشي، وڏي پيماني تي ڪري رهيا آهن. سياسي ماڻهن جا پاڻ ۾ شديد اختلاف آهن. سياسي ڪارڪنن جا اختلاف ايڏا آهن جو دليل ۾ هڪ ٻئي کي گولي هڻندي به دير نٿا ڪن. عام مسڪين ڳوٺاڻا، عورتون ۽ هاري ناري، پاڻي جي واري تي، گهٽي مان گذرڻ تي، ٻارن جي جهيڙي تي، ٻه ٽي رپيا ڏنل اوڌر تي، ايستائين جو مٽيون مائٽيون ۽ سڱ ڳنڍڻ جو ڪم به ان ڪري پيو ٿئي ته جيئن هڪ ٻئي سان اختلاف پيدا ڪرڻ جو ڪو بهانو ٺاهجي.

نظرين ۽ مقصدن جي نالن ۾ دوستيون پيا وڌايون ته جيئن سياڻي هڪ ٻئي جا پٽڪا پوري دل جي سچائي سان لاهجن. ۽ ايڏي ترنم ۽ رواني سان هڪٻئي خلاف گار گند ڪريون جو راڳ ڏسن. گلائون ڪرڻ ۽ پرپٺ هڪٻئي کي لوئڻ اسان جي اضافي لياقت آهي. ڪوشش ڪري هڪ ٻئي جا ڪٽنب، ويڙها، پيڙهيون، شجرا، ذاتيون، شهر، ڳوٺ، اتر سنڌ، وچولي ۽ لاڙ کي به شامل ڪري ڇڏيون ٿا. فلاڻو ان ڪري خراب آهي جو فلاڻي ذات، ڳوٺ ۽ ضلعي جو آهي. رڳو ايترو ناهي ته گلائن جا اسان جا ميزائيل فقط ڏور مار ڪندڙ آهن. ويجهو، گهر-گهر سان گڏ وارا ميزائيل به هميشه تيار آهن.

ان طرح اسان سنڌين جي هڪ ٻئي ڏانهن شخصي توڙي ذات، ڳوٺ شهر ۽ علائقي تائين 'پرڏيهي پاليسي' خراب آهي. قوم هڪڙي ۽ ٻولي به هڪڙي، تاريخ ۽ جاگرافي به هڪ، مرڻ ۽ جيئڻ به اتي، پر پنهنجو پاڻ ۾ ٺهون ڪونه. جيڪڏهن پڙهيل لکيل آهيون ته ان جو عڪس اسان جي دشمنين ۾ موجود هوندو. ذهين ۽ هوشيار آهيون، ته اها صلاحيت به اتي ئي خرچ ڪرڻي آهي. اتي جو اتي ته ٺهيو، پر جي ولايت جي ڪنهن ملڪ ۾ آهيون ۽ اتي به پاڻ ۾ گڏ نه هجون. رب پاڪ جا عجيب مخلوق ناهيو آهي اسان ڪي؟ اختلاف جو ايڏو مقدار ڪهڙي قوم ۾ موجود آهي. دوربينيون کڻو، هوائي جهازن ۾ چڙهي چڪر هڻي دنيا گهمي اچو- دنيا جي ڪا قوم نه ڇڏيو. ريل گاڏين ۾ چڙهي پنجاب، ڪشمير، سرحد ۽ بلوچستان به گهمي اچو. پر سنڌين جهڙي قوم ڳولي ڏيکاريو، جنهن وٽ ايڏو ججهو اختلاف، ايڏي پنهنجي پاڻ ۾ دشمني موجود هجي. ٻيون قومون اسان کان هوشيار

Gul Hayat Institute

هجي تہ اڳٺ وجهڻ واري جاءِ نہ هجي. پاڻ اختلاف، نبيري ۽ نتيجي لاءِ ڪونہ ٿا ڪريون. هڪ ٻئي کان ڳوءِ کٽڻي آهي. ٻئي کي مات آڻي جڻ زمين جا سؤ ايڪڙ ملي ويا. ٽوپي نرڙ تي ڪري هلبي.

ايئن اسان جا ٻيا سڀ ڪم ڪاريون اڌ ۾ رهيا پيا آهن- پر اسان پنهنجي ان عظمت تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ناهيون. اها هڪڙي ئي تہ خوبي آهي، جنهن اسان کي ٻين کان نرالو ڪري بيهاريو آهي.

لڳي ٿو پاڻ ڪنهن هندستاني فلم ڊائريڪٽر جي فلم جا ڪردار آهيون، ۽ مارڌاڙ واري فلم جا سورما. فلم ڏسو تہ، نہ ڪو ٻيو ٽنڊو نہ ڏاڙي. رڳو ٻين جا ۽ ڳڙوڳڙ پنهنجا ڪم ڦٽايو ويٺا آهيون.

اسان جي قومي وجود جو جڻ بنياد ئي، ان نہ نبرڻ واري اختلاف تي آهي. باقي جيڪي ڳالهيون آهن، جيئن ترقي، ايڪويهين صدي جون تقاضائون، قومي سلامتي، معاشي ترقي، سياسي آزاديون، پنهنجي قومي وسيلن تي اسان جي پنهنجي مالڪي، سنڌي تهذيب ۽ تمدن ۾ جدت، نواڻ ۽ عالمي برادري سان گڏجي هلڻ، سڀ ڳالهيون جيڪڏهن اسان جي ايجنڊا تي آهن بہ، تہ اسان واري روايتي اختلاف جون شڪار ٿيل آهن- اٿسهائپ جي ور چڙهيل آهن.

نتيجو هي آهي تہ سياسي نظام اهڙو جيڪو اسان ناهي ٺاهيو، معاشي سرشتو بہ اهڙو جنهن جي بنياد ۾ اسان هڪ سر بہ نہ رکي آهي. اسان ان ۾ پورا تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ ماڻهو لاءِ ڪو رايو قائم ڪيوسين تہ جڻ نئين ڪنهن مذهب ۽ عقيدي کي ايجاد ڪيوسين- ۽ جڏهن اهو رايو بدليو تہ اسان جي ڪعبي ۾ رکيل، سجايل ۽ سينگاريل بت پيڻ ۾ دير بہ نہ ڪبي. وري نوان نوان بت- وري ٻيون عبادتون.

اسان ڪڏهن بہ منظم نموني توڙي ذاتي طرح هڪٻئي جون چڱايون ڳولڻ کان اپاهج ٿي چڪا آهيون. آخر اسان بہ ٻين وانگر انسان ئي آهيون- اسان ۾ بہ ڪجھ تہ، ڪي نہ ڪي چڱايون ضرور هونديون- پر جي انهن جي ڳولا ئي نہ ڪبي، تہ اهي رکئي رکئي خراب ٿي وينديون. تاريخ ۽ ادب ۾ ڪيئي سال اڳ هٿ ڪيل ڪي بہ ٿي چڱايون، ڪي ماڻهو سنئون ماڻهو بنائڻ جهڙا بہ ٿي قدر ۽ آدرش ڪنهن سياڻي ڳنڍ ٻڌائي ڇڏيا تہ هريڙ ليڊرڙ ڪوئي وانگر پساري ٿيا ويٺا آهيون ۽ دنيا کي مرضن ۽ بيمارين جا ڏس پيا ڏيون.

ڇا ايئن نٿو ٿي سگهي تہ اختلاف ڪرڻ جو اهڙو نظام ٺاهيون جنهن جون سڀ واٽون اهڙي هنڌ تي اچي گڏ ٿين، جيڪو اسان کي عزت ۽ احترام سيکاري ۽ گڏيل عمل لاءِ تيار ڪري- ۽ جيڪو ان سماج جو حصو نہ ٿئي، سو سنڌ جو حصو ٿيڻ کان بہ رهجي وڃي.

*جمع 1- فيبروري 1991ع، جاڳو*

Gul Hayat Institute

# لبيڪ يا وزارت!

جناب سنڌي وزيرو!

جڏهن کان توهان پنهنجي محبوب- اقتدار جون واڳون سنڀاليون آهن، تڏهن کان سنڌ جي بيگناهه ماڻهن کان ڏور ٿيندا رهيا آهيو. توهان شايد سمجهندا هجو، ته توهان جون گهنگاريون وڏي وزير جي ڪلهن تي اينديون- ته ان ۾ توهان جيئن جو تيئن صحيح ناهيو. هرڪا ٻڪري پنهنجي ٽنگ کان ٽنگبي آهي. سياڻي وڏو وزير چوندو ته 'سنڌ ڪابينا پرائيوٽ لميٽڊ' ۾ هيا ٻه شيئر هولڊر (حصيدار) هئا.' توهان جا عوام کان فاصلا ايترا ڏورانهان ٿي رهيا آهن، جو ڪنهن ٻه سنڌي جي دل ۾ دوربيني سان ٻه ڳوليا نه ليندا. ۽ ماڻهو توهان تي مفت ۾ ڪون پيا ڪاوڙجن.

توهان جي حڪومت جي حياتي چار مهينا آهي. ان عرصي ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون آهن تن ۾: ڪراچي ۾ ڪجهه ڳوٺن کي مسمار ڪرڻ، پوليس ۽ رينجرس هٿان عزتن جون نيلاميون، امن امان جي نالي ۾ ڳوٺن تي چڙهايون، مخالف ڌر جي چوندبل عيوضين جون ڌاڙتڙ گرفتاريون، ننڍين چوندن ۾ ڌانڌليون، ٻن بسن جي مسافرن سميت اغوا جون وارداتون، ڌاڙيلن جو وڏيڪ سفاڪ ۽ ظالم ٿيڻ، ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن کي ڌمڪائي ڀڄائڻ جو معمول، آدمشماري جي پهرين گهرشماري واري مرحلي ۾ سنڌين جا ڪيئي ڳوٺ ڳڻپ کان راهي جڏهن ۽ توهان جي وفاقي حڪمراني طرفان عراقي عوام جي قتلام ۾ شراڪت ۽ هيون ٻه تمام گهٽيون ڳالهيون ٿيون آهن. توهان جيئن ته حڪومت ۾ شريڪ آهيو تنهن ڪري، انهن جي سيني گناهن ۾ پاڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهيو. ان جي عوام دشمن پاليسين جو حصو پتي توهان جي ڪاتي ۾ ٻه لکجي رهيو آهي. دعوا ٿا ڪريو ته ماڻهن کان ووٽ وٺي اچي اقتدار سنڀاليو اٿوَ ۽ ان ناتي سان توهان ماڻهن جي ملڪيت هئڻ کپو- پر ماڻهو توهان کي متروڪ ڪري رهيا آهن. توهان نه نصيرآباد پرسان نچراڻي ڳوٺ جي ٻن هارين جي بيگناهه قتل تي ڪڇيا آهيو. نه توهان کي ٻنوري جي مريم جي لڄ تي ٿيل وحشي حملي تي کهڪاءُ آيو آهي، ۽ نه وري دنيا جي ان بيمثال جنگي ڪاهه تي ڪو اکر ڳالهايو اٿوَ، جيڪا هيڪلي ملڪ عراق خلاف اوڻتيهه شيطاني قوت رکندڙ ملڪن ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

توهان جي دلين، رت ۽ دماغ ۾ تہ ان ڳالھ تي بہ جنبش ۽ گردش پيدا نہ ٿي آهي تہ سنڌ جي تعليم جي وزارت غيرسنڌين جي حوالي ٿي وئي آهي ۽ هنن ان تي لٽ مار جي اهڙي بازار گرم ڪئي آهي، جو سنڌ جو تعليمي مستقبل هاڃي ۾ اچي چڪو آهي. تعليم واري اڳوڻي سيڪريٽري امدادالله انڙ جي بدلي ٿيڻ جا ڪارڻ توهان کي معلوم آهن ۽ ان بدلي کان پوءِ جيڪي ٿڻ ٿيا آهن سا بہ توهان کي خبر آهي. تعليم کاتي جي رٽابندي واري ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي تي بہ سنڌي عملدار هٽائجي چڪو آهي. سنڌي عملدار توهان جي وزارتي ياءُ کي ڏئي نٿا وڻن. وزير، سنڌي عملدار کي گهرائي ساٿن گارين جي دهشتگردي ڪئي آهي.

توهان ڇا ٿا سمجهو تہ، انهن ڳالهين جي توهان تي ڪا ذميواري ڪانهي. توهان رڳو پنهنجي ڪم سان ڪم رکو ٿا- ۽ ڪم بہ ڪهڙو! جُهنڊو ڦڙڪائي، گارڊ جي پهري جي سهولت وٺي، خوشامدڙين ۽ چاپلوسن جون صلاتون ٻڌي، لبيڪ يا وزارت، لبيڪ يا وزارات ڪري، ڪرسين جو معراج ماڻيو ٿا. توهان تہ فقط عام شهري هئڻ جي ناتي سان پنهنجي ماحول ۽ معاشري ۾ ٿيندڙ خرابين لاءِ ذميوار آهيو- هتي تہ توهان اقتدار جي اوچن ايوانن تي ويٺا آهيو. واقعي ماڻهن توهان کي ووٽ ڏنا هئا، يا ووٽ ڪسي هليا ويا آهيو؟

توهان محسوس ڇو نٿا ڪيو تہ اقتدار جي جنهن چوپڙ تي توهان کي ويهاريو ويو آهي، ان تي توهان جي حيثيت پيادن واري آهي. نہ هي چوپڙ توهان جو آهي نہ هي راند. توهان پاڪستاني اقتدار جي ستطرنج کان ايڏا اڻڄاڻ تہ ڪونہ هوندا، جيترا معصوم ۽ ٻالا ۽ ڀولا بڻجي رهيا آهيو. توهان تاريخ کان ايڏا اڻڄاڻ بہ نہ هوندا، جيڏي بيخبري جو مظاهرو ڪري رهيا آهيو، جنهن جا نت ٻولٽ ٻين جي هٿن ۾ آهن. توهان جي هٿان سنڌ اسيمبلي جهڙي معزز ايوان جي حالت ڇا بڻائي وئي آهي؟ ڇو نٿا ڏکها اجلاس ٿين ۽ جڏهن بہ اجلاس سڏائجي، سو بہ مخالف ڌر جي چوڻ تي- ان جي بہ هنن کي سزا ڏني وڃي. اجلاس ٿو ويجهو ٿئي تہ مخالفن جي ٻڌ ٻڌان شروع.

توهان کي خبر ناهي تہ مخلص ماڻهو جڏهن ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندا آهن تہ ان کي سچائي سان توڙ پڄائيندا آهن- نہ پهچائي سگهندا آهن تہ هٿ ڪڍي ڇڏيندا آهن. توهان تہ چنبڙيا پيا آهيو. ماڻهن جي پرواه ان ڪري ڪانهيوَ جو سمجهو ٿا تہ کٽائڻ وارا وري بہ کٽائيندا. ٻيو آسرو اٿو تہ ڏوڪڙ پئسي جي توهان کي کوٽ ڪانهي ۽ هتي پئسي واري ڳالھ کي وزن ٿيندو آهي، تنهن ڪري ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ موقعي تي ماڻهن کي بي وقوف بنائڻ واري فنڪاري جي چاٻي توهان وٽ آهي. ڏسي وائسي نہ پلجو. مڪلي جو قبرستان توهان جي اڳيان مثال آهي. سنڌين جا سچڻ ۽ سنڌين جا ويري ٻئي ڌريون اتي دفن ٿيل آهن. وطن

Gul Hayat Institute

۾ ماڻهن جي خدمت حياتي جي هوندي ٿيندي آهي. مرڻ کان پوءِ دشمن به ڇئن فوٽن جي فاصلي تي دفنائجي سگهجي ٿو. جيڪو هونئو هارٽو آهي، سو حياتي ۾.

حياتي ماڻهن جو وڏو اختيار آهي. ان ۾ هوا کائڻ، پاڻي پيئڻ، جاڳڻ، سمهڻ، کلڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ جون سهولتون موجود آهن. اهي سهولتون قدرت جون ڏنل آهن پر الله جي ماڻهن کان اهي قدرت جو سڀ سهولتون کسجڻ جو لاڳيتو عمل هلي رهيو آهي. پر ذاتي طور تي توهان انهن سهولتن کان محروم ٿيا آهيو. ڪنهن ماڻهو جي اقتدار ۾ هئڻ هڪ کان وڌيڪ حياتيون ماڻڻ جي برابر آهي. پر اقتدار جو انساني استعمال هي آهي ته ان طاقت کي ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪم آڻجي، خوشين جون بازارون کولي ڇڏجن، عوام جي مرڪن ۽ ٽهڪن جي حفاظت ڪئي. ان سلسلي ۾ ڪو هڪ سوال به توهان پاڻ کان پڇيو آهي؟ اسان به اهو ئي ٿا چئون ته توهان پنهنجي ذميوارين کان آگاهه ناهيو. هت ۾ ڪنيون ته ذميواريون اٿو، پر سمجهو انهن کي ذاتي سهولتون ٿا.

توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته توهان پاڻ شطرنج جي چوپڙ تي رکيا ويا آهيو ۽ مهرا بي جان ٿين ٿا انهن کي پاڻ هلڻ چلڻ جو شعور نه هوندو آهي. اُهي مات کائي ميدان تان هليا ويندا آهن. هتي ايئن ٿيندو رهيو آهي. توهان ته خدا جي فضل سان جيئرا جاڳندا انسان آهيو- پاڻ کي پاڻ بي جان بڻائي ٻئي جي حوالي ٿيڻ جو ڪهڙو فائدو. ايمانداريءَ سان ٻڌايو ته توهان پاڻ، سنڌ سان ٿيندڙ ظلمن کان انڪاري هئا. يا توهان پاڻ اهو ڪونه پيا سمجهو ته توهان وارو طلسم عارضي ۽ توهان جو راڄ الف ليلوي ڪردار ابوالحسن وارو ناهي؟

اسين هرگز نٿا چئون ته توهان کي وزارتون نه هجن. بلڪل هجن، پر توهان انهن کي جائز ته بڻايو، ماڻهن جي ڀلائي وارو ته بڻايو. ماڻهن جا ڏک وڃن وڌندا ۽ توهان به اتي ويٺا هجو- ته پوءِ سمجهو پاڻ به ٿا...

*ڇنڇر 9- فيبروري 1991ع، جاڳو*

Gul Hayat Institute

# سنڌ لاءِ ڪوڙ آزاديون

جناب جي ايم سيد، آمريڪا کان گهر ڪئي آهي ته سنڌ کي آزادي وٺي ڏني وڃي. ڪاله هتي هڪ هوٽل ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ گل محمد جکراڻي پاران بلوچ قومپرست اڳواڻ عطاءالله مينگل جي مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ سيد، تازو آمريڪا کان آيل يوسف هارون کي مخاطب ٿيندي چيو هو ته هو آمريڪا کي عرض ڪري ته سنڌ کي آزادي وٺي ڏي. گل محمد جکراڻي به پنهنجي تقرير ۾ چيو ته وڏي جدوجهد کان پوءِ آمريڪا ڪويت کي آزادي وٺي ڏني آهي. سيد پنهنجي تقرير ۾ هي ڳاله به ڪئي ته جام صادق علي طرفان، عطاءالله مينگل جي مان ۾ دعوت ڏيڻ سان، سنڌ جي آزادي واري مقصد کي تقويت ملي آهي. مطلب ٿيو ته سنڌ جي آزادي لاءِ تقويتون ڏاڍيون آهن، رڳو آمريڪا آخري قرب ڪري!

سيد جنهن شخص يوسف هارون کي اهو عرض ڪيو آهي سو واقعي وڏي پائي جو ماڻهو آهي. جڏهن به پاڪستاني اقتدار جي شطرنج جا مهرا بدليا آهن، تڏهن يوسف هارون پاڪستان کي پنهنجو جلوو بخشيندو آهي. آمريڪا ۾ هن ماڻهو جي ايڏي ڌاڪ آهي جو، هي پهريون پاڪستاني شهري آهي جيڪو گذريل سال آگسٽ ۾ جڏهن هتي بينظير جي حڪومت جو انت آندو ويو، تڏهن جارج بش جي ماني تي وائيٽ هائوس ۾ ويٺو هو. چون ٿا ته يوسف هارون جا پان-آمريڪن ايئر لائينس ۾ حصا آهن. اهو ماڻهو ايڏو وت بلڪل رکي ٿو، جو سيد کي، سندس خواب جي تعبير ڪنهن ڏينهن هٿن ۾ ڪٽي آڻي ڏي!

سيد سنڌ جي جنهن قسم جي آزادي جي خواهش رکي ٿو، سا سندس سياست بلڪل ڪانهي، اهو سيد جو عشق آهي ۽ ”عشق نه پڇي ذات.“ ڪاله راجيو گانڌي ۾ سنڌ جي آزادي جو آسرو، ان کان اڳ اندرا گانڌي ۾، وري خد جنرل ضياءُ ۾، پوءِ وري الطاف حسين، وري نواز شريف ۽ جام صادق علي ۾، جارج بش ۽ يوسف هارون ۾. باقي رهن رڳو غلام اسحاق خان، جنرل اسلم بيگ ۽ جماعت اسلامي وارا ٿا. هنن جي ڪنن تي به اهڙي درخواستڙي هئڻ گهرجي- ڪو هرج ناهي. انهن ڀلا ڪو آمريڪا کان ورهايو آهي ڇا. ڪهڙي خبر، هوءَ اڳ ئي سنڌ جي آزادي لاءِ ڪم ڪري رهيا هجن. پاڻ کي ڪپي آزادي- پوءِ ڪٽي ڪاري چور هٿان ملي! مڙوئي آهي پنهنجي عشق جي جنون جو پورائو ڪرڻو!

Gul Hayat Institute

سندس پنهنجي ذميواري آهي ۽ ماڻهن جو ساڻس تعلق ڪونهي ته سائين ڪاوڙجو ٿو پئي. ان حالت ۾ لازمي طرح هي سوال ٿو پيدا ٿئي ته سيد کي ماڻهن کان سواءِ سنڌ ائين ٿي گهرجي جيئن ٽڪا خان کي بنگلاديش گهربو هو، پر بنگالي نه- ان جي باوجود ته سيد، سنڌ جي ماڻهن کان ڪاوڙيل آهي ۽ هڪ پيرو پنهنجي تحرير ۾ پڻائي جي جيڪا سٽ ورجائي هئائين: "جيها ڪي تيها- مون مارو مچيا"- ان سان هاڻي سندس تعلق ڪونهي، جو ته جيڪو به گهرجي، انهن ۾ جيهن تيهن ماڻهن جو راضپو پهريون شرط آهي.

سوچڻ جي ڳالهه رڳو هيءَ به آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ذريعي آزادي وٺڻي آهي ته پوءِ سيد کي ايڏا پيسا هٿ ڪرڻا پوندا، جيڏا شاهه فهد ۽ شيخ صباح خرچ ڪيا آهن! پوءِ سيد واريون سنڌ جون آزاديون ڪوڙ!

*اڱارو 12- مارچ 1991ع، جاڳو*

Gul Hayat Institute

# سرڪار توتي دانهن

پاڻي وارو ٿاهه سنڌ جي ماڻهن جي عقل جو ’پئمانو‘ بنجي ويو آهي. سنڌ سرڪار پاڻي جي ٿاهه نالي هڪڙو دڪان کوليو آهي. جيڪو بہ ماڻهو بنا ملهہ پڇڻ جي هن دڪان تي اچي ٿو، ان جهڙو ’ڏاهو‘ روءِ زمين تي موجود ڪونهي ۽ جيڪو ماڻهو هن ٿاهه تي سوال اٿاري ٿو، ان جهڙو ’نادان‘ وري زمين ۽ آسمانن تي نہ ليندو!

حيدرآباد ۾ سنڌي اخبار ’ڪاوش‘ طرفان پاڻي واري ٿاهه تي ڪرايل سيمينار ۾ سرڪاري اهلڪار ۽ ٿاهه تي بحث ڪرڻ وارا سياسي توڙي غيرسياسي ماڻهو گڏ ٿيا. سنڌ حڪومت طرفان قانون وارو وزير سيد مظفر علي شاهہ، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري عالم بلوچ ۽ سنڌن طرفدار هڪ اڌ ايم اين اي، پي ڊي اي جا اڳواڻ نثار احمد کهڙو، پير مظهر الحق، ڊاڪٽر اسماعيل ايڇجو، عوامي تحريڪ جو اڳواڻ رسول بخش پليجو، پروفيسر عمر ميمڻ، پي اين پي جا عبدالحفيظ پيرزادو، اعجاز جتوئي، سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ جو يوسف لغاري، جيئي سنڌ جو حسين بخش ٿيبو ۽ گل محمد جکراڻي، پاڻي جي مسئلي تي انگريزي ۾ گهڻو لکندڙ صحافي غلام نبي مغل ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿيا. سڀ جا سڀ ماڻهو، سنڌ ۽ ان جي قومي حقن جا خيرخواه هئا. اسٽيج جو صوبائي وزير سيد مظفر حسين شاهہ، جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ جام صادق علي جي متبادل طور نواز شريف جي نظر ۾ سنڌ جو وڏو وزير اهو ئي ٿيندو، تنهن بہ چيو تہ سنڌ کي نقصان ٿيڻ نہ ڏبو ۽ جهڙو ٻيا سنڌ جا فرزند آهن، تهڙو هو بہ آهي ۽ ڪيس ڪرسي سنڌ جي مفادن کان وڌيڪ عزيز ڪانهي.

ٿاهه تي فني لحاظ کان اعتراض اٿاريندڙن ۾ عبدالحفيظ پيرزادي، ڊاڪٽر اسماعيل ايڇجي، يوسف لغاري ۽ تاج جويي انگن اکرن سان سرڪاري ٿاهه کي سنڌ جي مفادن ۽ تاريخي حقن جي خلاف قرار ڏنو، جڏهن تہ ٿاهه متعلق سنڌ حڪومت جي ٿيندڙ سياست جي لاک رسول بخش پليجي زور سان لاٿي.

ٿاهه جو بنيادي طرح ذميدار عملدار عالم بلوچ پنهنجي لهجي ۽ انداز جي حساب سان لٺ کڻي اسٽيج تي بيهي رهيو. نہ رڳو هن جي تقرير ۾ جارحيت هئي، پر جيڪي بہ اعتراض اٿاريا ويا، جيڪي بہ انگ اکر پيش ڪيا ويا تن کي غلط

Gul Hayat Institute

ويو تہ اهو ڪٿان ايندو، ڇو تہ اڳ ۾ ڪميشن وٽ ۾ وٽ موجودگي 104 ايم اي ايف ڏيکاري آهي، تڏهن سيڪريٽري ڪاموري ڇيو تہ 104 موجود هو، باقي ڏهہ ايم اي ايف ڪوٽڙي ڪان هيٺ وهي ويهندو هو. هن جو مطلب هو تہ اهو هيٺ وهي ويندڙ پاڻي اڳي ليکي ۾ نہ آندو ويندو هو. سيڪريٽري جو دليل هو تہ پاڻي جي هجڻ واري مقدار ۽ استعمال ٿيندڙ مقدار ۾ فرق آهي ۽ ٻئي ساڳي ڳالھ ناهن. ماڻهن سوال ڪيا تہ آخر سنڌ سان اها مهرباني ڇو ٿيندي هئي، جو بنا ليکي ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي وڃڻ پئي ڏنو ويو. پر حڪومت جي لهجي جي دٻڙ ڏؤنس ۽ سيمينار ۾ ٿيندڙ بي آرامين ۾ اهو سوال اتي رهجي ويو.

سيمينار ۾ مجموعي طور حڪومتي ڌر، ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ کان سواءِ، اهي مٿيان ۽ ٻيا ڪيئي سوال ڇڏي پنهنجي اڪابري ۽ ڪاميابي سان جان ڇڏائڻ جي ڳالھ ڪري نڪري وئي ۽ ٻيا سڀ ماڻهو اهو تاثر کٽي نڪتا تہ، سنڌ جي پاڻي جي حقن جي پينگ ڪري آيا آهن!

*سومر 15- اپريل 1991ع، جاڳو*

Gul Hayat Institute

# سنڌي احتجاج جي نفسيات

سنڌ جا ماڻهو احتجاج ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ٻين ماڻهن کان اڳڀرا ڇو آهن؟ ٻڪ هڙتالن کان وٺي رستن تي نڪري اچڻ ۽ پوءِ جيڪي ڪجھ ٿئي، اُن کي منهن ڏيڻ تائين هليا وڃن ٿا. رت وهي، گوليون هلن، گرفتاريون ٿين، ڪجھ به ٿئي پر سنڌ جو احتجاج هر وقت تيار آهي. جڏهن سياسي قوتن ۾ دم ٿئي!

ايم- آر- ڊي واري هلچل سنڌين جي احتجاج جو وڏو اظهار هو. پر ان کان اڳ ۽ پوءِ سنڌي، احتجاج جي هر سرحد اورانگهڻ لاءِ تيار آهن. ون يونٽ خلاف شاگرد ۽ ٻين وچولن طبقن جو احتجاج، هاري تحريڪ جي احتجاج جي وڌيل شڪل هو. سنڌ ٽيننسي ائڪٽ، جنهن ۾ هارين لاءِ اڌو اڌ ٻٽئي جو حق مڃرايو ويو، سو پاڪستان کان پوءِ احتجاج جمهوريت کي مجبور ڪري آڻي وڌو، جو محمد خان جوڻيجي واري جمهوريت کي آڻي وڌائين. جيڪا هاٿوڪي جمهوريت جي پيٽ ۾ وڌيڪ قابل قبول هئي. باوجود ان جي ته ان وقت لساني حقن جو هينئون چيريندڙ ڊراڪولا پنهنجي سر پاڻ موجود هو. ڪالاباغ ڊئم جو ترت خطرو، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، ڪشمور کان ڪراچي تائين ٿيل احتجاج جي لهر ڪٿي في الحال ئي سهي پر ٽاري وڌو. حڪمرانن هميشه سنڌين جي احتجاجن جا ڪارائتا اثر وڃائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي، پر حقيقت کان ڪوبه انڪار نه ڪري سگهندو ته سنڌين، جو ڪجھ به حاصل ڪيو آهي، سو پنهنجي ئي ٻل سان، ڪنهن جو ڪوبه ٿڌو ٿورو ڪونهي.

ڪيئي ننڍا وڏا احتجاج اهڙا به آهن، جن سڌي ڪاميابي جي صورت ۾ نتيجا ڪونهن آندا. پر نه سنڌين جي احتجاجن کي موضوع بنائي، انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي ۽ نه انهن جي اوڻاين ۽ اثرائتن پاسن تي بحث ڪيو ويو آهي، جو اسان جو احتجاج، هڪ سائنس جي شڪل وٺي سگهي ۽ ان جي اثر ۽ سگهه ۾ واڌ ٿئي، اهو سياسي پارٽين ۽ سماجي عملن جي ماهرن جو ڪم آهي. جنهن ڌانهن ڌيان نه ڏنو ويو آهي.

سوال هي آهي ته سنڌي ماڻهو احتجاج ڪرڻ جي واٽ تي ايڏو اڳڀرو ڇو آهي؟ اهائي مارشل لا سنڌ کان سواءِ ٻين صوبن تي به ته لاڳو ٿيندي رهي آهي. عام ماڻهوءَ جي ڏکن جون به لڳ ڀڳ هڪ جيتريون سطحون آهن. سنڌ جي شهرن ۾ ٿيندڙ احتجاج، تخريب جي شڪل آهي. خاص ڪري ڪراچي ۾ ٿيندڙ

احتجاج بلڪل ان نوعيت جو آهي، جيئن ڪي غيرملڪي هجن، جيڪي ملڪ دشمن احتجاج ڪري رهيا آهن. سنڌين جو احتجاج وطن پرستي جو هڪ مثال آهي. سؤ سؤ ٻه ٻه سؤ ميلن تان قافلا ٺاهي پنڌ نڪري پوندا. فاضل راهو جي شهادت کان پوءِ عوامي تحريڪ پنڌ قافلن جو احتجاجي نمونو اختيار ڪيو، جنهن کان پوءِ پيپلز پارٽي ٻه ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جي مزار تي قافلا ٺاهي روانا ڪرڻ جي ريت تي عمل ڪيو.

هي صحيح آهي ته سنڌين رياستي تشدد ۽ بي انصافين جي خلاف احتجاج جي هڪ لاڳيتي واٽ تيار ڪري رکي آهي، پر سنڌي احتجاج جا انفرادي ۽ اجتماعي نفسياتي پاسا آهن. هن جي احتجاج واري نفسيات جي اندر اهڙي تاريخ لڪل آهي، جنهن سان وڙهڻ ۽ جنهن کي بدلائڻ هن جي باعزت ۽ باوقار بنجڻ لاءِ اٽل آهي. سنڌين جي مزاج خلاف ٻه مسلسل عمل ٿيندا رهيا آهن. هڪڙو سنڌ تي ڌارين جون مختلف نموني جون هلائون ۽ ڦرلٽ ۽ ٻيو شان مان تي صدين کان قائم هڪ هٽيون. جڏهن ڪنهن ٻه ڳوٺ ۾ وڏيري جي اوطاق تي ويهي، وڏيري جو ڪو چمچو، وڏيري جي ڪنهن ٻٽاڪي ڪم جي ساراهه ڪندي جڏهن چوي ٿو: "نيڻ ته خانداني ماڻهو آهي." تڏهن باقي ويٺل هارين نارين جي اندر ۾ محسوس يا غيرمحسوس طريقي سان سوال پيدا ٿئي ٿو ته، جنهن وڏيرڪي خوشامدي ڪلچر صدين تائين سنڌين جي روح کي رانيوٽيو آهي ۽ اهو مرندو مري ويندو، عام سنڌي ماڻهوءَ جي انساني مرتبي کي تسليم نه ڪندو.

ايم- آر- ڊي واري هلچل ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي جيل منجهان جڏهن احتجاج ختم ڪرڻ جون اپيلون ڪيون، تڏهن انهن ۾ سياسي مصلحتون کهڙيون ٻه هجن، پر هڪ نفسياتي پاسو هي ٻه هيو، ته سندس پنهنجا هاري ناري متان احتجاج جي عمل منجهان گذري، پنهنجي عزت پاڻ وڌائي وجڻ جو ڪم نه ڪري وجن. توڙي جو انهن منجهان ڪيترا رئيس جي حڪم تي نڪتا هئا. هر ڪنهن ڏٺو آهي ته ايم- آر- ڊي هلچل جي سموري عمل (احتجاج کان وٺي جيل ۽ ڦٽڪن کائي اچڻ تائين) منجهان جيڪي ماڻهو گذريا، ان کان پوءِ سنڌ ۾ بااعتماد سياسي ڪارڪن لڳ ڀڳ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ آهن.

ان طرح سنڌين جو احتجاج ٻه طرفو آهي: رياستي تشدد جي خلاف ۽ پنهنجي بي عزت حالتن جي خلاف. احتجاج جي قيادت ڀلي وڏيرن جي هٿ ۾ هجي، پر ان جي باوجود اهو عام ڪارڪن جي اندروني آزادي جو طريقو ٻه آهي. هو احتجاج جي راهه ۾ پنهنجي نين نين صلاحيتن ۽ قوتن کان آگاهه ٿئي ٿو. هو پاڻ متعلق حيران ٻه ٿئي ٿو ۽ ڪيس خوشي ٻه ٿئي ٿي. اهائي هن جي خوشي ۽ هن جو وڌندڙ اعتماد، احتجاج ذريعي مجايل، هن جو بنيادي مطالبو آهي. ۽ ان ئي عام ماڻهوءَ جو پنهنجو پاڻ کي ڳولي لهڻ کان هن جا دشمن ٻنل آهن!

*جاڳو، 7- آگسٽ 1991ع*

# ــــ ٻچن ڪاٺو - گُرڙ پکي سماج ــــ

"مان زنده آهيان، ڇاڪاڻ ته مان نفرت ڪريان ٿو." انگريزي اخبار 'فرنٽيئر پوسٽ' پنهنجي هفتيوار ايڊيشن ۾ نفرت جي 'اهميت' تي سڄو هڪ صفحو شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ نفرت کي زنده رهڻ جو خاص محرڪ ۽ ڪارڻ ڄاڻائڻ تي روشني وڌي وئي آهي ۽ پنج مضمون شايع ڪيا ويا آهن. بنيادي طرح هي سمورو مواد، نفرت تي هڪ چٽر آهي، پر گڏوگڏ ان حقيقت کي به ظاهر ڪيو ويو آهي، ته محبت جو دعويدار ماڻهو، جيترو نفرت جو دوست بڻيل آهي، اوترو محبت جو ناهي. مثال طور 'نظريءِ نفرت' جي عنوان سان لکيل مضمون ۾ پاڪستان ۾ سماجي نفسيات جو اعليٰ ۽ برتر پاسو نفرت کي ڄاڻايو ويو آهي، جڏهن ته 'نظريءِ پاڪستان' جي مبهم ۽ ڪڏهن به بيان ۽ وصف ۾ نه اچي سگهندڙ مونجهاري کي زبان ملي وئي آهي ۽ هاڻي ان کي سولائي سان نفرت جو نظريو سڏي، ان جو مطلب ٻڌائي سگهجي ٿو. ۽ دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته اها، نظريءِ پاڪستان جي فقط سياسي معنيٰ نه، پر نفسياتي، سماجي ۽ روحاني معنيٰ آهي.

مضمون ۾ نفرت جو نظريو بيان ڪندڙ شخص جڏهن پنهنجي خيالن جي آتم ڪٿا بيان ڪري ٿو ۽ انهن جون وضاحتون به ڏئي ٿو. چوي ٿو: "پاڪستان ۾ سڀ کان برتر احساس نفرت جو آهي. پنهنجي آسپاس ۾ نظر ڦيرايو، ڇا توهان پنهنجي ڪم ڪرڻ واري هنڌ تي ٻين ماڻهن کان اوپرا نه آهيو. توهان ساڻن پيار ڪريو ٿا يا نفرت؟ ان کان اڳ جو توهان ڪوڙ ڳالهايو، مان توهان جي ڳالهه ڪٽيان ٿو: توهان پنهنجي آسپاس موجود ماڻهن منجهان گهڻن کان نفرت ڪريو ٿا. حقيقت ۾ مان به ان جوئي حامي آهيان. نفرت اهڙي هڪ شيءِ آهي، جيڪا توهان کي ٻين ماڻهن سان ڳنڍي ٿي. پيار، هڪ هوائي توائي شيءِ آهي ۽ ان ۾ نظرئي بنجڻ جي سگهه ڪانهي. ڇا توهان پيار ڪرڻ وارن ماڻهن جي چهرن تي احمق نهار نه ڏٺي آهي. پيار، توهان جي ذهن کي يڪجا ٿيڻ نه ٿو ڏئي ۽ اهو توهان ۾ ڪنهن اهم ڪارنامي ڪرڻ جو اتساهه نٿو پيري ۽ نه ئي ڪنهن عظمت سان همڪنار ڪري ٿو."

اڳتي هو چوي ٿو: "نفرت جي عقيدي جا ايماني جزا تمام سٺاوا آهن، جن تي سڌو عمل ڪرڻو آهي: مذهبي ڪٽرپڻو، نسل پرستي، اڻ سهائپ، فرقيواريت،

Gul Hayat Institute

خيالن ۾ سختي ۽ وڏي ڳالهه تہ انهن سيني احساسن سان ڪيڏڻ جي پوري پوري آزادي آهي. مان نظريہ پاڪستان کي قبول ڪريان ٿو، ڇو تہ اها اهڙي شيءِ آهي جنهن لاءِ آءٌ مرڻ لاءِ بہ تيار آهيان."

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ حڪمرانن جي منڊيل مانڊاڻ، پاڪستاني سماج جي نفسيات ۽ روح ۾ جيڪو زهر پريو آهي، ان ماڻهوءَ کي قدرتي ماڻهو رهڻ ئي نہ ڏنو آهي. قدرت کان زوري رُسايل پاڪستان جا ماڻهو نفرت جي آويءَ ۾ پوساڻجي رهيا آهن. ۽ اها سوين رخن واري نفرت آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو مذهب يا فرقو آهي، تہ ان جون پنهنجون چڱايون اسان جي اهڙين گهرجن هيٺان قيمو ٿي رهيون آهن، جن جو مذهب يا فرقي جي عقيدي سان واسطو ڪونهي. سني، ايستائين 'سچو' سني ناهي، جيستائين شيعي سان نفرت نٿو ڪري. ساڳي ڳالهہ شيعي تي لاڳو ٿئي، تہ ديوبنديءَ ۽ بريلوي تي بہ. سمورن موجود عقيدن جي مهار نفرت جي هٿ ۾ ڏني وئي آهي. جيڪڏهن ڪو سيني مذهبن ۽ فرقن کي برابر، چڱو، نيڪي ۽ ڀلائي جون مختلف شڪليون چوڻ جي همت ڪري تہ سيني عقيدن جا ٺيڪيدار ڏنبا کڻي سندس پٺيان ڪاهي پوندا. حالانڪ ڪنهن جي بہ خلاف نہ ڳالهايو ويو آهي ۽ سيني کي حق جا مختلف پهلو ۽ پاسا سڏيو ٿو وڃي. ڏهن مختلف عقيدن وارن هڪ هنڌ تي ويٺل ماڻهن جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو چوي تہ: "ميان وڙهو نہ سيني جا عقيدا هڪ جيترا بهتر آهن." تہ اهو ماڻهو هڪ ئي وقت ڏهن ماڻهن جي اکين ۽ زبان مان نڪتل شعلن جي باهہ ۾ سڙڻ لڳندو. اها ئي حالت عالمي سطح تي ٿياسافيڪل سوسائٽي جي باني خاتون مئڊم بلاوتسڪي سان ٿي، جو جڏهن ان سيني مذهبن جي برابري جي ڳالهہ ڪئي ۽ چيو تہ مذهبن کي گروهي ويڙهہ جو بهانو نہ بڻايو ۽ انسان ساڳئي عالمي ڪٽنب جو ڀاتي آهي، تہ سمورن مذهبن جي ٺيڪيدارن سندس خلاف گڏجي ڏنبا کنيا.

پاڪستان ۾ نفرت هر هنڌ حاضر ناظر آهي، تنهن ڪري جيڪا شڪل ان مذهبن ۽ عقيدن جي ڏنڊي باز اختلافن ۾ ورتي آهي، ساڳئي نڪ - نقشي سان سياست ۾ بہ اها اچي ٿي. سياسي پارٽيون وطن پرستي جون ايئن ئي اڪيليون ٺيڪيدار، پاڻ کي بنائي ويٺيون آهن، جيئن فرقن ۽ عقيدن وارا.

دليون، نفرت جا لاوا اوڳاڇيندڙ جبل بڻيل آهن ۽ نفرت مذهب ۽ سياست جي بهانن منجهان جنم وٺي ڊاڙن، اغوائن ۽ قتل جي معراج تي پهچي ويون آهن. ڏهہ لک رپين جو ڌاڙو هڻڻ اک ڇنڀ جي ڳالهہ آهي. خبر ٻڌڻ يا اخبار ۾ پڙهڻ سان ئي اڪثر دليون، اٿي ٿيون وڃن. هڪ لحظي ۾ ڏهہ لک! واهہ! مزو ٿي وين! ايئن ڪٿي ڪجي؟ ڪيئي اکيون، شرير مرڪن جي مٿان چمڪي هڪ ٻئي سان ملنديون. ايڏي وڏي ترغيب! ڇو ٿي ماڻهن کي لکن جي ضرورت پوي. ڪهڙي شيءِ اُڀاري

Gul Hayat Institute

# ـــ ڪميونسٽ تهذيب جو زوال ـــ

روس جي اندر ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي لڳڻ، ماسڪو مان ڏاٽي ۽ هٿوڙي واري جهنڊي جو لهڻ ۽ لينن ۽ ڪارل مارڪس جي مجسمن کي بي عزت ڪرڻ سان ڪميونسٽ تهذيب جي زوال جو وڏو حصو مڪمل ٿي ويو. اڳ ۾ هيئن ڪڏهن نہ ٿيو آهي تہ ڪنهن نظرئي جا پوئلڳ پاڻ ائين بيهي پنهنجي نظرئي کي دفن ڪن، جيئن ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ميخائل گورباچوف ڪيو آهي. گڏوگڏ هڪ ضابطي ۽ نظام کي باضابطہ طور ٽوڙڻ سان گڏ ئي ڪجھ رياستن ماسڪو کان پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. يوڪرين، ايسٽونيا، لٿوئينيا ۽ بائلو رشيا وارن اڳ ئي ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي وجهي ڇڏي هئي ۽ آزاد ہ پاڻ کي پاڻ ڪيو اٿن.

هڪڙي ئي هفتي اندر تبديليون طوفاني رفتار وٺي هلي پيون آهن. گورباچوف جو اقتدار ويو. وري ٻاهتر ڪلاڪن ۾ بحال ٿي ويو ۽ جڏهن واپس آيو تہ اڳ کان اڳرو ۽ گهڻو مضبوط ڏسڻ ۾ آيو پر اجا ٻيا ٻاهتر ڪلاڪ نہ ٿيا تہ هو ٻڙيءَ جي پد کي وڃي پهتو ۽ روس جي پنجاب صوبي رشيا جو اڳواڻ يلتسن اصل معنيٰ ۽ مفهوم ۾ طاقتور ترين ماڻهو ٿي اُڀري آيو ۽ آمريڪا جڻ تہ ان سموري ناٽڪ ذريعي ڪميونزم کي هرويرو جو ۽ جمهوريت دشمن ڪٽراڳ ثابت ڪري ختم ڪري ڇڏيو!

اهو سڀ ڪجھ جيڪو ٻہ ڏينهن اڳ تائين ٿيو ان لاءِ آمريڪي صدر جارج بش بنا ڪنهن لڪ لڪاءَ جي چيو آهي تہ اهو سڀ جو سڀ آمريڪي مفادن مطابق ٿيو آهي. هاڻي جارج بش کي تڪليف ڪرڻ جي ٻہ ضرورت نہ رهي، جو ڪٿي چوي تہ ڪميونزم جو خاتمو دنيا جي امن ۽ عالمي جمهوريت جي مفاد وٽان ٿيو آهي. بلڪل نہ! عين آمريڪي مفادن وٽان ۽ آمريڪي مفادن جي اها خدمت ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ايڏي حد تائين ڪئي جو پاڻ تان ان عهدي جو ڳنڍ ٻہ لاهي ڇڏيائين.

لطيف سائين چيو هو:

"ڪريان هوند ائين، جيئن ڪميٽي ڪانڌ ڪري،
پر نالو سندو نينهن وري ڳنهندي ڪا نہ ڪا."

Gul Hayat Institute

پر گورباچوف، ”ڪريان هوند ايئن!“ واري اُدمي تي عمل ڪري ڇڏيو. هاڻ ڪميونزم، ڪنهن نينهن جو نالو ناهي، پر لامحدود سامراج جي هٿان زخم کائي، ڇُڙي ساهه ڏيندڙ شيءِ تي هليو ويو. باقي بچيو آهي چين، جنهن سان اڳ ئي هٿ ڳنڍيل هئا، پر هاڻي نُهي سنبري ڪيس مت ڏني ويندي ۽ تيستائين ان حالت ۾ به ڪيس سيدن جي پاڙي ۾ پنگي وانگر ڪري رکيو ويندو.

ڪميونزم، 1848ع ۾ ڪارل مارڪس جي لکيل مختصر تحرير ’ڪميونسٽ پڌرنامو‘ کان وٺي 24- آگسٽ 1991ع تائين هڪ نظريئي، رومانس ۽ نينهن جو نالو هو. هڪ باضابطا نظريئي هجڻ ۽ وري ان جي رياستي اقتدار واري شڪل اختيار ڪرڻ جا جيڪي به اگهڻ تي پئي سگهيا، سي منجهس هئا. مهاپرش ليڪڪ ليوتالستائي، ڪميونسٽ نظريئي جي موجودگي ۾ ئي ڪتاب لکيو هو ته، ’نيٺ ڇا ڪجي؟‘ جنهن تي ڪميونسٽن کيس ٺوڪيو به هو. ته جڏهن ڪميونز جهڙو نظريو موجود آهي، تڏهن نيٺ ڇا ڪرڻ جهڙي مونجهاري ۾ پوڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. روسي انقلاب جي شروعاتي ڏينهن تي لکيل ناول ’ڊاڪٽر زواگو‘ ۾ ڳاڙهي انقلاب کي قائم ڪرڻ جي مرحلي تي احساسن جي مٿان گهوڙا گهمائي ڇڏڻ جي نئين شڪل سڌيو ويو. پر تڏهن به نظريئي جي نواڻ جو رنگ ختم نه ٿي سگهيو، جو ته شولوخوف جي تحريرن ’ڊان وهندو رهيو‘ ۽ ’ڪنواري ڌرتي اُٿلي پئي‘ ۽ ٻيون اڪيچار تحريرون دنيا جي اڳيان نوان احساس ۽ اُمنگن جا سيٽ ڪٿي آيون. وجودي ليڪڪ نڪاس ڪارنتاڪيس جي ناول ’زوربا دي گريڪ‘ جو هيرو، 1917ع واري انقلاب جي عرصي ۾ ماسڪو گهمڻ ٿو وڃي ۽ اتي جي ٻولي، توڙي اشارا نٿو سمجهي ته هڪ ريبگارڊ جو بالشويڪ سپاهي، رائيفل پاسي تي رکي، رقص ڪري کيس سڄي انقلاب جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. ڇا اهو سڀ ڪجهه هڪ نئون نينهن نه هو، جنهن لاءِ اڳتي هلي چلي کان وٺي ڄپان تائين لکين ڪميونسٽن پنهنجون جانيون ڏنيون؟

پر هيءَ حقيقت آهي ته اهو نينهن هاڻي ٽُٽي پيو آهي. ٽُٽل کي ٽاڪو نٿو لڳي. شيون، ڳالهيون، نظريا ۽ عقيدا پراڻا ٿيندا آهن. پاڻ کي قائم ڪندا آهن، ڄمائيندا آهن ۽ رياستي اقتدار دنيا جي هر نينهن، هر عشق ۽ عقيدي جو دشمن ٿئي ٿو، پر گڏوگڏ اُهو جنهن نظريئي جي گهوڙي تي چڙهي ٿو هلي هڪ ڏينهن ان کي به منڌو ڪري، ٿڪائي ماري ٿو ڇڏي.

ٻي عالمي لڙائي وقت مارشل اسٽالن، ڪميونزم ۾ ويساهه رکندڙ، پر ان جي اندر جي آزادي ساڻ جي خواهشمند مارشل ٽيٽو کي يوگوسلاويا ۾ ڏڪ پٽايا ۽ ڪوڙن آسرن تي رکيو، جنهن ڪري ’سڄي دنيا جا مزدور متحد ٿيو.‘ واري نعري جي رومانس کي ڌڪ لڳو. پر ٽيٽو خود اقتدار جي مسند تي ويٺو ۽ غيرجانبدار عالمي تحريڪ جهڙي ’ٽريڊ يونين‘ جي باني مان ٿيو، تڏهن به سندس ساٿي ۽ نائب

Gul Hayat Institute

صدر ملاوِن جلاس کانئس پڇي وڃي آمريڪا ۾ پناهه ورتي ۽ ڪميونزم جي غيرطبقاتي سماج اڏڻ واري دعويٰ خلاف ڪتاب لکيائين: ’نئون طبقو‘. اهو نئون طبقو ٽيڪنوڪريٽس، ڪاموراشاهي يا رياستي مشنري ئي هو ۽ اها آهي به حقيقت. هن نظرئي جي جمار لڳ ڀڳ ڏيڍ سؤ سال ۽ اقتداري تجربي کي اُوڻاسي سال ٿيا. ڪتابي نظرئي، فلسفي ۽ منطق جي حساب سان ان جو موت نه ٿيو آهي. پر ان جي عمل ۾ اچڻ واري عرصي کي سندس ڪاميابي يا ناڪامي جو پئمانو ضرور بڻايو ويندو. ۽ ان جي ناڪامي ۾ ان شعور جو وڏيڪ حصو آهي، جيڪو خود ڪميونزم جي گاڏي تي چڙهي آيو. هن نظرئي هڪڙا آدرش ڏنا، جيڪي عمل ۾ پورا نه ٿيا. دنياءَ کٽي ٻاهريون ۽ سامراج جو هو، جنهن پهرئين ڏينهن کان کيس هٿيارن جي ڊوڙن ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ باقي آدرشن کي نظرئي جي قائم رکڻ لاءِ هڪ ڊگهي عرصي تائين قربان ڪيو ويو، جنهن جي ڪري ماڻهو ٿڪجي پيا ۽ ان ٿڪاوٽ کي سامراج پنهنجي ڪم آندو.

پر ياد رکجي ته روس ۾ ڪميونزم جو زوال، مارڪسي جدليات جي هن بنيادي اصول جو ثبوت آهي ته تبديلي کي بقا آهي. هن وقت سرمائيداري کي ٻي ڪا للڪار ڪانهي، پر جتي سرمائيداري عروج ڪري چڪي آهي، اتي جا ماڻهو ان گهوٽالي جو شڪار آهن، ته زندگيءَ جون سڀ لذتون ته حاصل ٿي ويون، هاڻي ڪيڏانهن وڃجي. ان سوال جي جواب ۾ آمريڪا جا ڇهه هزار ماڻهو هر مهيني خودڪشي ڪري رهيا آهن ۽ ان مسئلي جو ڪوبه حل قطعي طور تي ممڪن ڪونهي. هتي هتي اهو ڪيو اٿن جو خودڪشيءَ جي عمل کي سؤلو بڻائڻ لاءِ ڪتاب پيا لکجن!

عالمي لاڳاپن جي ڏس ۾ جڏهن ڪميونزم ڪانهي تڏهن ڪميونزم خلاف صف بندي ڪري گڏجي وڙهندڙ قوتون هڪ ٻئي جي تڪرارن ڏانهن موٽ ڪائينديون. ڇو ته هاڻي لازمي طور تي ڪميونزم منجهان جيڪو خطرو هو لهي ويو، ان ڪري بيخوف نفعي خوري اڳتي وڌندي ۽ هن وقت هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيندڙ ملڪ تمام جلد، ٿورن ئي سالن ۾ آمريڪا جي معتبري تي اعتراض ڪرڻ لڳندا.

*جاڳو 27- آگسٽ 1991ع*

Gul Hayat Institute

# امداد، قرض ۽ ٽين دنيا

گذريل ڪيترن سالن کان اولھ جا ڪيئي ماهر ۽ اڻ ڳڻيا ادارا مختلف ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ٻين بين الاقوامي اجتماعن ۾ اهو الزام لڳائيندا رهيا آهن تہ ٽين دنيا جي غربت، جهالت ۽ بک جي اصل ذميواري خود ٽين دنيا جي انهن ملڪن تي عائد ٿئي ٿي. ان ڏس ۾ چيو ويندو آهي تہ ٽين دنيا جي تيزي سان وڌندڙ آبادي جي ڪري انهن ملڪن کي ملندڙ امداد سندن مسئلا حل نٿي ڪري سگهي ۽ ان لاءِ ٺاهيل بهترين رٿائون بيڪار ثابت ٿين ٿيون. سو انهن ملڪن جا ماڻهو غريب کان غريب تر ٿي رهيا آهن ۽ سڄي دنيا جي مسئلن ۾ واڌ جو سبب پڻ بڻجي رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ ماحوليات جي محاذ تي بگڙجندڙ صورتحال جي ذميواري بہ انهن ئي ملڪن مٿان مڙهي ويندي آهي.

انهن مبينہ الزامن ۾ ڪيتري حد تائين سچائي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي انهن ۾ ڪوڙ جي آميزش آهي، اهو ڄاڻڻ لاءِ پوري صورتحال جو تاريخي، سماجي، سياسي ۽ معاشي تناظر ۾ جائزو وٺڻ اوس ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي جائزي جي نتيجن مان ئي ٽين دنيا جا ملڪ پنهنجي لاءِ ڪا راه عمل اختيار ڪري سگهن ٿا.

ٽين دنيا جي گهڻن ملڪن جي ويجهي تاريخ تي نظر وجهبي تہ چئي سگهجي ٿو تہ انهن ملڪن کي آزادي حاصل ڪئي اڃا چند ڏهاڪا مس گذريا آهن. ان کان اڳ اهي ملڪ اڻ سڌي طرح مغربي طاقتن جي بيٺڪيتي نظام جو حصو هئا ۽ انهن جي بدترين اقتصادي استحصال جو شڪار هئا. غور ڪجي تہ ٽين دنيا جي اجوڪي غربت ۽ انهي غربت جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ جهالت ۽ پسماندگي جو اصل رشتو بيٺڪي دور سان ڳنڍجي ٿو، جنهن جي شروعات اڄ کان پنج سؤ ورهيہ اڳ ٿي هئي. اڄ ٽين دنيا جا گهڻا ملڪ جنهن بدحالي جو شڪار آهن، ان جي شروعات 1492ع ۾ انهي ڏينهن ٿي هئي، جڏهن اسپين جا فاتح شاه فرڊيننڊ ۽ راڻي ازابلا هڪ اٽلين، ڪرسٽوفر ڪولمبس کي هندستان جو هڪ نئون ۽ مختصر واپاري رستو دريافت ڪرڻ جي عزم سان بحري سفر تي روانو ڪيو ۽ هو هندستان پهچڻ بدران 'نئين دنيا' ۾ وڃي نڪتو، جنهن کي اڄ اسين سڀ آمريڪا جي نالي سان ياد ڪريون ٿا.

اسپين جي پهرين بيٺڪيت اتي قائم ٿي، جنهن کان پوءِ يورپ جي مختلف

Gul Hayat Institute

سلطنتن اوير سان واپار ڪرڻ ۾ مختلف علائقن ۾ پنهنجون بيٺڪيتون قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ملاحن کي نوان نوان واپاري گس دريافت ڪرڻ تي راضي ڪيو. اهو ڪو اتفاق ناهي تہ 1492ع کان فقط چار سال پوءِ جان ڪيبٽ ۽ سبستائن ايشيا جو نئون واپاري رستو دريافت ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ رڳو ڇهن سالن کان پوءِ يعني 1498ع ۾ واسڪوڊي گاما هندستان ۾ مالابار جي ساحل تي لٿو. اها مغربي ملڪن جي ملڪ گيري جي هوس هئي، جنهن اوچتو چند سالن اندر نوان بحري رستا دريافت ڪرايا ۽ پوءِ ٿورين صدين اندر انهن ملڪن جي بيٺڪيتن ۾ اضافو ٿيندو هليو ويو ۽ ساڳي رفتار سان سندن خزانا پرجندا ويا ۽ انهن جي اقتصادي صورتحال ايتري مستحڪم ٿي وئي جو علم ۽ هنر، سائنس ۽ نين نين ايجادن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو انهن ملڪن ۾ شروع ٿي ويو، جنهن جون بهارون اڄ اسين ويهين صديءَ جي پڇاڙي تي ڏسي رهيا آهيون. ۽ اهو اسان جي ئي دولت مان حاصل ٿيل سياسي، سائنسي، اقتصادي ۽ ٽيڪنيڪي اقتدار آهي، جنهن جي نشي سان سرشار ٿي پهرين دنيا جا ڪيئي ماهر اسان جي غربت ۽ مفلسي جو ذميوار اسان کي ئي ٺهرائين ٿا. انهي رويي تي فارسي جي اها سٽ ياد ٿي اچي تہ:

چہ دلاور است دزدي کہ بہ کف چراغ دارد

تازن انگن اکرن موجب هر سال ٽين دنيا ۾ وڌيڪ سٺ لک هيڪٽر زمين پوک لائق نٿي رهي. پيئڻ ۽ پوک لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻي جا ذخيرا شديد آلودگي جو شڪار ٿي چڪا آهن. دريائي ۽ سامونڊي مڇين جون سوين جنسون آلودگي جي ڪري، نيست ۽ نابود ٿي چڪيون آهن. زميني ۽ فضائي آلودگي جانورن جي ڪيترين ئي جنسن کي ڇهي چڪي آهي ۽ خود انسان جي زندگي ۽ صحت داءُ تي لڳل آهي.

هڪ رپورٽ موجب ٽين دنيا جا چاليہ ڪروڙ ماڻهو ناقص غذا ۽ طبي سهولتن جي اڻهوند سبب قسمين قسمين بيمارين ۾ ورتل آهن ۽ موت جي اوسيڙي ۾ آهن. جڏهن تہ هر سال اسان جي ملڪ جا هڪ ڪروڙ چاليہ لک ٻار پنجن سالن جي عمر کان اڳ ئي مريو وڃن. مطلب تہ ٽين دنيا جي هلاڪتن ۽ عذابناڪ زندگي جي المناڪ ڪهاڻين سان پهرين دنيا جي ماهرن جون رپورٽون مرتب ٿينديون آهن ۽ انهن ئي ماهرن جي رپورٽن جي روشني ۾ مغربي ملڪ ۽ ادارا ٽين دنيا جي مختلف ملڪن کي امداد ڏيندا آهن.

انهي امداد جي حقيقت بہ ڏاڍي منجهيل ۽ فريب سان پريل آهي. حقيقت هي آهي تہ ڪروڙين ڊالرن جي امداد سان گڏ جيڪي شرط هوندا آهن، اهي امداد وصول ڪندڙ ملڪ کي اڳ جيترو ئي غريب ۽ خالي هٿين رکن ٿا. گهڻا امدادي پروگرام انهي شرط سان شروع ٿيندا آهن تہ انهي امداد ۾ استعمال ٿيندڙ سامان

Gul Hayat Institute

۽ خدمتون ان ملڪ کان ئي حاصل ڪيون وينديون.

اهڙي ريت سٺ کان ستر سيڪڙو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اسي سيڪڙو رقم امداد ڏيندڙ ملڪ جي ڪمپنين کي سامان جي خريداري جي مد ۽ سندن ماهرن جي پگهارن جي شڪل ۾ واپس موٽي ملندي آهي. ساڳي طرح هڪ معمول جي ڳالهه اها به آهي ته اوله ۾ جيڪڏهن ڪا ٽيڪنالاجي بيڪار يا خطرناڪ ثابت ٿئي ٿي ۽ ان جي جاءِ ٻي محفوظ ٽيڪنالاجي وٺي ٿي ته خطرناڪ ٽيڪنالاجي تحت ڪم ڪندڙ پلانٽ تلف نٿا ڪيا وڃن، بلڪ اهي وري ٽين دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ لڳايا وڃن ٿا، جيئن پنهنجا ماڻهو ۽ پنهنجي فضا محفوظ رهي. مثال طور: اوله کي جيئن ئي خبر پئي ته ڪلوروفلورو ڪاربن (سي ايف سي) جيڪا ريفريجريشن انڊسٽري ۾ استعمال ٿيندي آهي، سا اوزون جي غلاف لاءِ خطرناڪ آهي ته هنن پنهنجي ملڪن ۾ سي ايف سي تيار ڪندڙ سمورا پلانٽ بند ڪري، اهي چين ۽ هندستان کي وڪرو ڪري ڇڏيا ته جيڪڏهن اوزون جا غلاف برباد ٿين ته پهرين ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ٿين، اوله وارا پاڻ محفوظ رهن.

مسئلو ٽين دنيا کي ملندڙ ڪنهن به قسم جي امداد جو هجي يا ڊگهي مدي وارن قرضن جو، ان کي وڪرو ڪيل ڪنهن ٽيڪنالاجي جو هجي، فصلن لاءِ ڏنل جيت مار تورڙي انسانن جي استعمال ۾ ايندڙ دوائن جو يا ان کي مهيا ڪيل وڏين پگهارن وارن ماهرن جو، انهن سڀني جي پويان اوله جا پنهنجا مفاد ۽ ان جي پنهنجي رٿابندي هوندي آهي.

اهوئي سبب آهي ته ٽين دنيا جا ملڪ ڏينهون ڏينهن پهرين دنيا جي ٿورن ۽ ان جي قرضن جي بار هيٺان دٻجندا ٿا وڃن. اوله کان خريد ڪيل بيڪار ۽ خطرناڪ ٽيڪنالاجي سندس مسئلن کي وڌيڪ منجهائي رهي آهي. ڪير اهو دلاسو ڏيڻ بدران ته سڀاڻي اڄ کان بهتر ٿيندي، ويتر اهي ٿورڪون ڪيون ٿيون وڃن ته ٽين دنيا وارن جا مسئلا هنن جا پنهنجا پيدا ڪيل آهن.

ڊگهي بيٺڪي نظام کان ڇوٽڪاري کان پوءِ ٽين دنيا ان منجهيل ۽ پريشان ڪندڙ صورتحال ۾ مبتلا آهي، ان مان ٽين دنيا جا سياستدان ۽ رٿابندي ڪندڙ جيترو جلد اها ڳالهه سمجهي وٺن، اوترو جلد هو پنهنجن مسئلن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ راهون تلاش ڪري سگهن ٿا.

*جاڳو، 2– سيپٽمبر 1991ع*

Gul Hayat Institute

# -اچو ته سماجي معاهدو ناهيون!-

اچو تہ سماجي معاهدي جو دستاويز تيار ڪريون. اهو سڏ سنڌيڪا اڪيڊمي طرفان ڏنو ويو آهي، هن اڪيڊمي ادائي ٽن مهينن جي اندر پنج ڪتاب شايع ڪيا آهن، تنهن ڪري سنڌس سڏ کي گنڀير ٿي وٺڻو پوندو.

پنهنجي حساب سان نئون سماجي معاهدو ڇا هئڻ گهرجي، جنهن تي حال ۾ پروسو ڪري سگهجي ۽ آئيندي جي ضمانت بہ ملي سگهي، اهڙي ڪنهن ضابطي نہ هئڻ ڪري حال بڇڙا ٿيا آهن. 1940ع ۾ جڏهن پاڪستان جو ٺهراءُ تيار ڪيو ويو، تڏهن ان کي هڪ نئون ملڪ ٺاهڻ لاءِ سماجي معاهدي وارو دستاويز ئي سمجهيو ويو. پوءِ ان جا پنهجا ٺاهيندڙ ڦري ويا ۽ بنا ڪنهن بااختيار منظوري جي هن هڪ فرمان مڙهيو ۽ ان کي نظريہ پاڪستان سڏيائون، جنهن جي ڇئن پنجن جملن جيتري وصف بہ اڄ تائين نہ ٺاهي سگهيا آهن. پر ڪو سوال ٿو ڪري تہ ڇا آهي، اهو نظريہ پاڪستان؟، تہ هو پاڻ ۾ صلاحون ڪن ٿا تہ سوال ڪرڻ واري کي سزا ڪهڙي ڏجي! پر خير اها حاڪمن جي پنهنجي سوچ آهي، تنهن ڪري هڪڙا ڪي جواز ۽ بنياد ٺاهيون جن تحت پنهنجي حال ۽ آئيندي جي خبر هئڻ گهرجي ۽ عوام جي هٿ ۾ هڪڙو ٽائم ٽيبل اچي پئي ۽ ڪيس خبر هجي تہ سندس اڳيان ڪا منزل ۽ مراد آهي ۽ ڪن حاوي ۽ طاقتور ٽولن جي مرضي ۽ منشا مطابق زندگيون زيان نہ ٿيڻ گهرجن.

فرانس جي انقلاب کان پهريائين اتي جي هڪ ڏاهي روسو، سماجي معاهدي جي وصف بيان ڪئي هئي، ۽ اها وصف فرانس جي ماڻهن کي هڪ نتيجي تي وٺي آئي ۽ لڳ ڀڳ ان ئي سماجي معاهدي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اتان جي ماڻهن انقلاب آندو، جنهن جي روشني يورپ کي منور ڪيو ۽ جتان حاڪميت متعلق سڄي فيصلي کي آخري ۽ قطعي فيصلي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو ڏس مليو. اهو ڏس ملندي ئي دنيا ديواني ٿي، پنهنجي خوابن جي تعبير هٿ ڪرڻ جي پٺيان ڪاهي پئي، اهو سڄي دنيا جو ڪڏيل خواب بڻجي ويو ۽ هر قوم جي اڳيان نوان آدرش، نوان لفظ، نوان محاورا ۽ اصطلاح اچي ويا. پراڻن لفظن ۽ انهن سان ڳنڍيل خيالن جي دنيا جو انت اچي ويو.

انگريز، هندستان جو حاڪم ٿيو ۽ ڏيهي ماڻهن وٽان، پاڻ ۽ پنهنجي ملڪ متعلق فيصلي ڪرڻ جو اختيار ختم ٿي ويو، هي سچ آهي تہ اسان واري ننڍي

Gul Hayat Institute

ڪنڌ جي ماڻهن يعني عوام وٽ ان ڪان اڳ ۾ پنهنجي فيصلي ڪرڻ جو اختيار نہ هو ۽ اهائي اسان جي ڪمزوري هئي، انگريز پنهنجي ايسٽ انڊيا ڪمپني هڪ اهڙي قانون هيٺ ناهي، هتي اچي قابض ٿيو هو، جنهن کي پنهنجي سماجي معاهدي جي پشت پناهي حاصل هئي، انگلينڊ جي ماڻهن هڪ ڊگهي جدوجهد ڪان پوءِ پاڻ لاءِ سماجي معاهدو تيار ڪيو هو، جنهن جي ٻل تي هو غوراب ڪاهي هتي آيا ۽ ڏٺائون تہ هندستان جي قومن وٽ ڪو ۾ سماجي معاهدو ڪونهي، بس اهو ڏسڻ جي دير هئي ۽ هنن کي هتي اهڙي ڪا ۾ مزاحمت نظر نہ آئي جيڪا ڪنهن سماجي معاهدي جي سگهہ رکندڙ هجي، ۽ ايئن تمام سولائي سان سڄي هندستان تي قبضو ڪري ويا.

۽ تاريخ شاهد آهي تہ جن ۾ قومن وٽ سماجي معاهدو ڪونہ هو، سي سڀ ڏسندي ڏسندي غلام ٿي ويون، ان طرح بيٺڪيت منجهان جند ڇڏائڻ لاءِ ننڍين وڏين قومن جڏهن آزادي کي پنهنجي سماجي معاهدي جو پهريون اصول بڻايو، تڏهن ئي سمورين بيٺڪي قوتن کي نيٺ پنهنجي حاڪميت جو سامان ويڙهڻو پيو. روسين سوشلزم کي پنهنجو معاهدو بڻائي راز شاهي ڪان نجات حاصل ڪئي، جنهن ڪان پوءِ دنيا جي اڳيان سرمائيداري جو متبادل ۾ اچي ويو، ۽ هر ڪو پاڻ متعلق فيصلو ڪري پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ لڳو. پر مُني صديءَ جي ٻوڙ ۾ سوشلزم کي سرمائيداري سياسي طور سهڪائي وڌو ۽ سوشلزم جي اڳواڻ ملڪ روس، ٻوڙ ۾ پويان پير ڪيا. سوشلزم جي سياسي زوال ڪان پوءِ ان جي ناڪاميءَ متعلق جيڪو اهم ترين سوال ابريو آهي، سو انساني نفسيات سان ڳانڍاپيل آهي. ماڻهو آخر ايڏي ڇتي شيءِ ڇو آهي؟ صدين جي تجربن ڪان پوءِ سوچي، جن اهم ترين نتيجن تي پهچي ٿو ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ وڏيون قربانيون ۾ ڏئي ٿو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن پنهنجي ناڪاميءَ جو اعتراف ڪري ٿو. مذهب تہ سٺو آهي، نظريو تہ عاليشان آهي، فڪر تہ زبردست آهي، پر ان کي هلائڻ وارا صحيح نہ آهن! هڪڙيون چڱايون هٿ ڪري، انهن کي ماڻي ۽ نيٺ خراب ڪري ڪٿي ٿا هٿ ڪيجن. ڇا اها ماڻهوءَ جي پنهنجي هٿان پاڻ شڪست ڪائڻ جي ڪا تاريخي مواليائي آهي؟ هر نشو جڏهن لهي ٿو تہ جوابدار ماڻهو پاڻ ٿيو بيٺو آهي!

سنڌ، عالمي وايومنڊل جي انهن اثرن جي گهيري ۾ آهي ۽ مڪاني طرح پاڪستان، جنهن جي جوڙجڪ ۾ اها شامل آهي، معقوليتن جو قبرستان ثابت ٿيو آهي، ۽ ان جي حڪمرانن ڪڏهن ۾ سندس احترام نہ ڪيو آهي، اهڙو ملڪ جنهن جو پنهنجي حڪمرانن وٽ احترام ناهي ۽ اهڙي دنيا جنهن ۾ سرمائيداري جي متبادل طور سوشلزم پوئتي موٽ ڪاڏي آهي ۽ هڪ ئي وڏي طاقت مرضيءَ جي مالڪ ٿي وئي آهي، يقيناً سنڌ کي پنهنجي هڪ ضابطي جي ضرورت آهي

Gul Hayat Institute

جيڪو بقا ۽ ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ اسان جي آئيندي جي رٿا رڪندڙ هجي ۽ جنهن ڪي ٽائيم ٽيبل ٺاهي سگهجي.

*جاڳو، 1 ڊسمبر 1991ع*

سنڌ ۾ سماجي معاهدي جو ڇڙوڇڙ مواد ججهو موجود آهي، پر هن کان اڳ ۾ فقط سياست جي حوالي سان، ان جي ڪن حصن ۽ ٽڪرن تي تڪرار ذريعي ڳالهيون ڪيون ويون آهن. عوامي سطح تي وحدت الوجودي تصوف هڪ لحاظ کان ۽ هڪ عرصي جي گهرجن پٽاندر سنڌ جو اهڙو سماجي معاهدو هو، جنهن کي شعوري ۽ منظم فڪر جي درجي تي پهچڻ ئي نہ ڏنو ويو، اهو اڄ بہ اسان جي مضبوط دليلن جو سرچشمو آهي ۽ انساني حقن جي عالمي پڌرنامي جو روح ۽ جوهر مهيا ڪري ٿو، پر ڪو بہ جوهر، جيڪڏهن جوهر هئڻ کان اڳتي نٿو وڌي سگهي تہ اهو سماجي زندگي جي گهرجن کي پورو نٿو ڪري. شاهہ عنايت شهيد جهوڪ وارو، لطيف سائين، خواجا محمدزمان ۽ سچل سرمست وحدت الوجودي فڪر ذريعي سنڌ جي عوامي مزاج کي سهپ ۽ رواداري وارو ٺاهڻ ۾ خاصو ڪردار نباهيو، پر عوام جي اڳيان جيڪي ترت خطرا هئا ۽ اڄ تائين بہ موجود آهن تن کي پنٽي هٽائڻ ۾ ڪو بہ عملي ڪردار ثابت نہ ڪيو. جديد دور ۾ جناب جي ايم سيد اهو ماڻهو آهي جنهن پنهنجي سرگرم سياست جا بنياد ان وحدت الوجودي تصوف تي رکيا ۽ سنڌ جي نئين ٽهي جي سياسي ڪارڪنن ان هٿيار سان هٿياربند ٿي ملان جي تنگ نظري ۽ وڏيري جي جبريت پرستي خلاف سوچيو ۽ ڪنهن حد تائين ڳالهايو بہ، پر سيد جي عملي سياست بہ نيٺ سنڌس ئي صوفي آدرش کان پرانهين رهڻ سبب ساڳي دوئي جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن جي گنجائش وجود جي وحدت ۽ ايڪائي واري مفهوم ۾ ناهي، تنهن ڪري جي ايم سيد بہ تصوف کي سنڌ جي آئيندي واري نئين سماجي معاهدي لاءِ ڪچو مواد هئڻ جو ورجاءُ ڪيو.

جڏهن انتهاپسندي پنهنجي منطقي انجام تي پهتي تڏهن ممتاز علي ڀٽي سنڌ جي ٿورن حقن واري مطالبي کي آئيني محاوري ’ڪنفيڊريشن‘ جو نالو ڏنو ۽ ڦري ڪٽي اهن جي ڳچي ورتي جن پاڪستان ٺهراءُ بحال ڪيو هو، پر اهو ڪنفيڊريشن وارو نعرو سماجي معاهدي جي فقط هڪڙي شق آهي، ڇو تہ سياست، سڀ ڪجهہ ناهي ۽ اها سماج جي رڳو هڪ سرگرمي آهي، ان ڪري باوجود ان جي تہ سنڌ جي ماڻهن هن مطالبي کي صحيح سمجهڻ جي باوجود، سنڌ نيشنل فرنٽ کي اڃا پنهنجي ووٽ سان نہ نوازيو آهي.

ٽئين طرف سنڌ، دانشوراڻي سطح تي سوشلزم جي فڪري سگهہ مان لاڀ حاصل ڪرڻ تان هٿ نہ ڪنيو آهي، بلڪ دليل ڏيڻ ۽ پنهنجي حقن ۽ نظام بابت راءِ

Gul Hayat Institute

جوڙڻ ۾ ان کان گهڻي مدد حاصل ڪئي آهي. ’پورهيتن جي آمريت‘ ’سڄي دنيا جا پورهيت هڪ ٿيو.‘ يا اهڙا هڪ ٻه سوشلسٽ نعرا جيڪڏهن هاٿي پنهنجو مدو ڪائي چڪا آهن ته يلي ڪائن، پر سوشلزم پنهنجي فڪري سگهه سان ماڻهوءَ جي تخليقي عمل لاءِ ڪمڪ پهچائيندي رهندي- تنهن ڪري سماجي معاهدي لاءِ تصوف وانگر ڪچي مواد طور اها به موجود آهي.

جمهوريت، پاڻ هڪڙو آدرش آهي ۽ اها ايڏو وٽ ۾ ڦهلاءَ رکي ٿي جنهن ڪان پاڪستان جي توهين ڪندڙ حڪمران ٽولا بيحد ۽ بي انتها ڏنل آهن ۽ هنن واٽ اها ورتي آهي ته زماني سازي لاءِ نالو جمهوريت جو وٺجي پر ڪجي سڀ ڪجهه اهو جنهن سان جمهوريت جو روح رانيوتجي ۽ ماڻهن کي خود پنهنجي جائز طاقت کان نفرت ٿئي ۽ هو پنهنجي جمهوري حق واري دعويٰ متعلق نااميد ٿي مايوس ٿين ۽ حڪمرانن کان به وڌيڪ خوفناڪ لاقانونيت واري واٽ تي هليا وڃن. تنهن هوندي به پاڪستان جو سياسي تڪرار جمهوريت دوستن ۽ جمهوريت دشمنن جي وچ ۾ جيئن جو تيئن موجود آهي. هڪڙو مضبوط رايو هي اڀريو آهي ته پيپلز پارٽي کي جيڪڏهن عوام جي ووٽ سان حڪومت ۾ هلڻ ڏنو وڃي ته ان جي جمهوري روين ۾ پسماندگي، کيس به ختم ڪري ڇڏيندي. اهو ڪم جيڪو نه مارشلائون ڪري سگهيون ۽ نه غلام اسحاق خان ۽ جام صادق علي ڪري سگهيا، سو اها پاڻ ڪندي- جو ته ان وٽ به جمهوري ادارا ڪونهن. ان جي فضيلت هڪڙي اها آهي ته عوام جي بي پناهه حمايت کيس حاصل آهي ۽ ٻيو ته کيس برداشت نه ٿو ڪيو وڃي. ان ڪري هي خود عوام لاءِ وقار جو مسئلو بڻجي پيو آهي. نه ته پيپلز پارٽي جيڪڏهن عوام جي ٽريبيونين وارو ڪردار ادا ڪري ته حڪومت ڪهڙي ڏاڍي آهي! پر ڇا ڪاڻ ته خيال هي آهي ته ٿوري گهڻي جيڪا به چڱائي ٿي سگهي، سا حڪومت ملڻ کان پوءِ، تنهن ڪري زور سڄو اقتداري سياست تي ڏيڻ گهرجي- تنهن ڪري خود اها پيپلز پارٽي واري جمهوريت به سماجي معاهدي واري گهرج کي پورو نه ٿي ڪري ۽ عوام جي ذهنيت، اتي اچي مختصر ٿي آهي ته ڪڏهن ٿو وارو ملي. هوندي سوندي، حاڪمن جي مختصر ٽولي ڏانهن ويٺا ڏسون ته ڪڏهن ٿا پنهنجو پاڻ بچڙا ٿين ۽ اسان کي رستو ملي!

هي مختصر بحث ظاهر ڪري ٿو ته نئين سماجي معاهدي جو سامان مڪاني سطح تي ٽڙيل پکڙيل نموني يا اڃا ڪچي مواد طور پاڻ وٽ موجود آهي، جڏهن ته عالمي سطح تي تمام گهڻو اهڙو سامان موجود آهي- پر اسان وارا هٿ اهڙا آهن جو جيڪا ٺهيل ٺڪيل شيءِ ٿي هٿ اچي، سا ڪچي ٿيو ٿي پوي- ان ڪري بنيادي مسئلو آهي، سماجي معاهدي ڏانهن روين جو، جن تي وڌيڪ بحث سياڻي.

Gul Hayat Institute

واري حيرت انگيز رفتار سان وڌندڙ دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ نہ ملايو تہ قوم جو حال ڏيرين ۽ بيمار رڍن وارو ٿيندو، جيڪي ڏڻ ڪان پٺيان، پري، پاڻ کي گهلي هلنديون آهن. ان ڪري سماجي معاهدي جو هڪ حصو تاجي پيٽي (-Infra structure) تي بدل هوندو ۽ ٻيو مٿيون ڍانچو (Super Structure). پهرئين حصي جي ترتيب جن جزن تي هجي تن جي فهرست هن طرح تجويز ڪجي ٿي:

1- **سماجي رٿابندي:** (سرڪاري ۽ عوامي ذميدارين تي ٻن حصن تي ٻدل) هن ۾ معاشي (زرعي، صنعتي ۽ سروسز شعبن تي ٻدل). تعليمي ۽ صحت جا اسم ايجنڊا تي آڻا پوندا، ۽ سموري عوام کي معاشي تند ذريعي هڪبئي سان ڳنڍڻ جو بندوبست ٿئي.

2- **ثقافتي رٿابندي:** هن ۾ قومي ۽ مڪاني ثقافت جو ڦهلاءُ ۽ عالمي ثقافت يا سائنس جي ترقي سان لاڳاپيل ثقافت سان پاڻ کي ڳنڍڻ، ثقافتي آزادين جي حاصلات.

3- **سياسي رٿابندي:** جنهن ۾ سياست ڪرڻ جو نئون يا بنيادي عهدنامو تيار ٿئي. جيڪو سياسي قوتن کي اهڙو ضابطو مهيا ڪري، جنهن جي پيڪڙي ڪرڻ جي اجازت نہ هجي، ان بنيادي دستاويز نہ هئڻ جي ڪري لاتعداد غيرسياسي پرڪار بہ سياست جي نالي ۾ جاري آهن. مثال طور: عوام سان غداري ڪرڻ، عوام تي سچوپچو ويساهہ نہ ڪرڻ، ۽ عوام کي فقط ووٽ ڏيڻ وقت خوشامدن جا گهيرا ٻڌڻ وارو ڪلچر نہ هجي. عوام جي صلاحيتن تي ويساهہ ڪري اختيارن جي مرڪزيت جو مڪمل خاتمو آڻي سگهجي ۽ ائين بہ نہ ٿئي تہ سياست فقط اهي ماڻهو ڪري سگهن جن وٽ پئسو هجي، ڇو تہ سياست، سرمائيڪاري نہ آهي.

پاڪستان جي سياسي انتظام جا بنياد بہ سماجي معاهدي ۾ مهيا ڪيا وڃن، اسان وٽ عليحدگي ۽ آزادي جون ڳالهيون بہ ٿيون آهن تہ ڪنفيڊريشن ۽ جمهوريت جي رشتي ۾ ڳنڍجڻ جون بہ، قومي آزادي جو حق حاصل ڪرڻ بہ انتهائي جائز ۽ عالمي طرح مڃيل آهي، تہ قومن جي وچ ۾ يگانگت، ڀائپي ۽ اتحاد بہ سٺا آدرش آهن. هن وقت غيرنمائنده قوتن جي حاوي هئڻ ڪري انهن ٻنهي ڳالهين منجهان ڪجهہ بہ حاصل ٿيل ڪونهي. هڪڙو ڇڙواڳ قسم جو سياسي انتظام آهي جنهن جي پيڙهہ سازش تي رکيل آهي.

سماجي معاهدي جو سرچشمو يا حوال انساني حقن جي علمي پڌرنامي کي بنائڻ گهرجي. سنڌيڪا اڪيڊمي جي هن سڏ کي بہ موٽ ملڻ گهرجي.

*جاڳو، 2- ڊسمبر 1991ع*

Gul Hayat Institute

# ڏونگر ڏوري سگهجن ٿا

سنڌ، بيقرارين جو اهڙو ٻرندڙ جبل ٿي وئي آهي، جنهن جو لاوا ڦاٽي، وهي پيو آهي. گرم خاڪ سيني کي ڀيوت ڪري ڇڏيو آهي. چهرا خاڪ سان ڍڪجي ويا آهن. مٿن مان ڏوڙ پئي اُڏامي ۽ سڀ ماڻهو هڪجهڙي ڏي ڏسي، سوچي رهيا آهن ته فلاڻي کي ڇا ٿيو ۽ فلاڻو ڪيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي! فقط حڪومت ۽ ان ۾ ويٺل ماڻهو، خودفريبيءَ ۾ سمجهن ٿا ته سنڌ چنڊڦوڪ ٿيل آهي!

سر جي هن گدلي سينور ۾ جيڪڏهن ڪي لال ڪنول آهن، ته اهي ڪردار، پارٽيون ۽ ڌريون جيڪي سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن. جن هڙتالون ڪرايون، جيڪي لانگ مارچ ڪري رهيا آهن ۽ جن سنڌ- پنجاب سرحد تي ڌرڻو هڻي ويهڻ جا اعلان ڪيا آهن. لڳي ائين ٿو ته سنڌ، پنهنجي احتجاج جا سمورا پرامن طريقا آزمائيندي ۽ قرب، محبت جا، امن ۽ ڀائيچاري جا جيڪي به تير سندس ترڪش ۾ آهن، سي استعمال ڪندي، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته اڳيان هٺ ۽ تڪبر جا جيڪي اوچا پهاڙ کڙا ڪيا ويا آهن، تن جي مٿان ٻيو جهڙو سائو گاهه ڦٽڻ جو به آسرو ڪونهي.

ڪالاباغ ڊئم رٿا ۽ بهارين جي اچڻ جا خوني بلڊوزر، هر قسم جي ساڃهه ۽ سنڌ جي قومي احساسن کي چيپاڻڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا آهن. ڳڙوڳڙ هي به صاف ظاهر آهي ته حڪومتي اختيار، سڀ جا سڀ ڏاين مڙسن جي اڳيان هٿ ٻڌيون گولا غلام ٿيا بيٺا آهن. اقتداري فيصلا ڪندي عوامي، قومي، انساني يا سياسي تقاضائن کي ڪنگهڻ جي حد تائين به نٿو ڏنو وڃي. حالانڪ حڪومت کي سازشي انداز ۾ هلڻ جي ضرورت ئي نه هوندي آهي ۽ ان ۾ شامل ماڻهن کي طوفان کان سامان اندر ڪرڻ واري روش اختيار نه ڪرڻ کپي. پر لڳي ائين ٿو ته 'آئيندي' ۽ 'سياسي ڏاهپ' جا اکر همراهن جي ڊڪشنري ۾ ئي ڪونهن جو 'جو ڀي هئي، بس يه هي ايڪ پل هي' واري مٽي تي ٻنهه غلط انداز ۾ عمل ٿي رهيو آهي. پيار ۽ محبتن جون گهڙيون ۽ پل برابر اهم آهن، پر حڪومت هلائڻ ڪو ذاتي شوق، شڪار نه هوندو آهي. ان شڪار ۾ احتياط کان ڪم نه ورتو ويو ته الائي ڪيترين دلين جا هرڻ، چڪور ۽ مور قتل ۽ گهائل ٿي وڃن!

سنڌ- واسي هڪ اٽل ويساهه تي محڪم آهن ته ساڻن دشمنيون ڪندڙ، اصل ۾ پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رهيا آهن. سنڌ پنهنجي مٿان آيل

سمورين مصيبتون اُڪلايون آهن ۽ هي صحيح آهي تہ هن وقت جيڪا لٽ مار ٿي رهي آهي، سا ارغونن، ترخانن، نادرشاهہ ۽ احمد شاهہ ابدالي جي لٽ مار کان گهٽ مهانگي ۽ هزارين ڀيرا وڌيڪ منظم ۽ لشڪري تباهي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بندوبست واري آهي. پر اُنهن زمانن ۾ سنڌ تي آيل ڪُمهرين ۾ سنڌي خون شامل نہ هو! ٻيون سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي ۽ هاڻي اضافي عنصر رڳو هي آهي تہ سنڌ کي گهران لڳي آهي. سنڌ سان اٿاهہ بي انصافيون ڪندڙن پنهنجي ڦرمار منجهان هڪ حصو چنگيءَ طور، گهر جي چور کي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو آهي. هي قطعي طور تي ذاتي نہ پر قومي رايو آهي ۽ ڪوشش هيءَ ٿيڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ماڻهن غلط فيصلو ڪري اهو رايو قائم ڪيو آهي تہ پوءِ صاحبن کي پنهنجون 'چڱايون' جيڪڏهن هجن تہ انهن جا گهوڙا ڀوڙائي، غلط چوڻ وارن کي غلط ثابت ڪري ڏيکارڻ گهرجي.

سو سنڌ هڪڙو تہ اسلام آباد وارن کان اڙجي وئي آهي، جن کان انصاف تہ ٺهيو پر ڪهل بہ نٿي پڄي! دانهون ٿا ڪريون، ڳلا ڦاڙي رڙيون ٿا ڪريون، احتجاج ٿئي ٿو، مسئلا ٻڌائي ٻڌائي آسمان مٿي تي کنيو ويو آهي، تڏهن بہ جواب ۾ آسري ۽ آٿت جا ٻہ ٻول بہ نہ ٿا ٻڌائين! الٽو ان سڄي قومي سانحي تي ٿيندڙ واويلا کي ذاتي دشمنين جو رنگ ڏيڻ لڳن ٿا. رنگ ڏيڻ لاءِ هنن جون ايجنسيون ڪوسي پاڻي جا ڍبا ڀاهہ تي رکيون ويٺيون آهن. هر اچي اُجري ڳالهہ کي غلط رنگ ڏيڻ جا غلط ڪَتِي، پاڻ آئيندي جي اهڙي اوڙاهہ ڏانهن پيا وڃن، جيڪو هنن جي پنهنجي نيتن جي سڪل ڪاٺ سان ئي ٻرندو.

اسان رڳو ايترو عرض ڪنداسين تہ سنڌ سان گونگائپ ۽ ٻوڙائپ وارو رويو درست ناهي ۽ سنڌ جي دوستن کي صلاح ڏينداسين تہ انهن 'چنگين' جو بندوبست ڪرڻ تي ڌيان ڏين، جن تان سنڌ جي پرماريت مان محصول ڏيو، اصل جوابدار نڪتا ٿا وڃن. علاج هڪڙو ئي آهي تہ سنڌ جون سياسي قوتون هڪٻئي جو احترام ڪن.

هڪٻئي جو احترام معنيٰ قوم جو احترام ۽ هي هيڏا ذهين ۽ جاکوڙي ماڻهو قوم جو احترام ڪن، تہ سنڌ جي لڄ محفوظ رهي سگهي ٿي ۽ هاڻوڪا ڏونگر بہ ڏوري سگهجن ٿا.

*جاڳو، 12- ڊسمبر 1991ع*

Gul Hayat Institute

# ـــــ ڪڙڪي پوندڙ سنڌي ماڻهو ـــــ

بحث هلي رهيو آهي تہ ڪجي ڇا؟

هن ڏس ۾ نتيجن تي پهچڻ لاءِ ڪم کي ٻن حصن ۾ ورهائڻو پوندو: هڪڙو تہ ڪجي ڇا؟ ۽ ٻيو تہ ڇا نہ ڪجي؟

ضابطو سياسي تنظيمن کان وٺي فرد جي سطح تائين لاڳو ٿئي ٿو. ڳڏيل، قومي يا تاريخي فرض جي حساب سان بہ، تہ ذاتي طور تي بہ ضابطي جي پوئواري ڪرڻي پوندي. هر ڪنهن جي ڪم جو دائرو آهي ۽ هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي دائري ۾ رهي پنهنجي ڪم تي ڌيان ڏي ۽ اُن ڪم سان ايترو نيبھ ڪري، جو پاڻ مطمئن ٿئي. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي اندر ۾ قاضي ويهارڻو پوندو، ۽ اهو قاضي لازمي سماجي ۽ قومي ذميدارين کان آگاهہ هجي. ان قاضي کي تربيت ڏيڻ جو ڪم گهر، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، اخبارن، شاعرن، اديبن ۽ عالمي تبديلين کي سمجهڻ ذريعي ٿيڻ گهرجي. هر ماڻهو پاڻ کان پڇي تہ گهرو لاڳاپن کان وٺي مٿين هنن سڀني شين کان ڪيتري حد تائين تربيت، هن حاصل ڪئي آهي. ڪيترين ڪاميابين ۽ ناڪامين ڪيس حاصل ٿيون آهن ۽ ٻنهي جي حاصلات منجهان ڪهڙو تجربو ڪيس مليو آهي.

پاڪستان ۾ رياست ۽ ان جي ادارن جي عارضي پرستي وارن رويّن، پاڪستاني معاشري جي هر ماڻهوءَ جي ذاتي توڙي اجتماعي ڪردارن کي سخت نقصان پهچايو آهي. سياسي حقن کان وٺي، انساني حقن تائين جنهن منظم غيرذميداري کان ڪم ورتو ويو آهي، ان هڪڙي اقليت مفادن پرستن جي پيدا ڪئي آهي ۽ ٻي اڪثريت انهن مفاد پرستن سان ريس ڪرڻ واري يا ڪانئس نفرت ڪرڻ واري آهي. ان ڪري انساني حقن يا سياسي ۽ معاشي حقن لاءِ جيڪو بہ آواز اُڀريو آهي، سو پنهنجي تہ ۾ عارضي پرستي، ترت ۽ تڪڙي اُڪلاءَ وارو آهي ۽ حڪومتي توڙي غيرحڪومتي حلقا گهڻتري بازي ۾ بنيادي يقين رکن ٿا ۽ اُهي هڪٻئي جا ضد بڻجي ويا آهن. انهن ٻن ضدن کان سواءِ ٽين ڪا شيءِ عمل ۾ هلندي نٿي ڏسڻ ۾ اچي.

ان پسمنظر جي ڇيد ڪرڻ کان پوءِ ئي ڏسڻو پوندو تہ سنڌ سان حڪمرانن ڪهڙو حشر ڪيو آهي ۽ جواب ۾ سنڌ دوستي، جمهوريت يا ترقي جي دعويدارن جو مزاحمتي ڪردار ڪيترو اثر ڏيکاري سگهيو آهي.



Gul Hayat Institute

اسان هن بحث جي پهرئين حصي (24 ڊسمبر تي جاڳو جو 'حاڪمن جي رحم جوڳي بيرحمي' جي عنوان سان لکيل ايڊيٽوريل) ۾ ڄاڻايو هو تہ سنڌ کي توائي ڪيو ويو آهي ۽ هن مهل تائين وارا مزاحمتي ۽ احتجاجي طريقا حڪمرانن کي متاثر نہ ڪري سگهيا آهن. جنهن ڪري سنڌ جو ماڻهو ڇتو ٿيڻ جي حد تائين پهتو آهي. بي انصافين جي شڪار هر سنڌي جي اندر ۾ جذباتيت جا ڪارونڀار اُڀري آيل آهن. ذهن ۽ دليون ڪاري گهٽا جي ماحول ۾ وڪوڙجي ويون آهن. ان ڪري هرڪو ماڻهو ٿوري ڳالھ تي، ٻئي هر ڪنهن سان ۽ پنهنجو پاڻ تي ڪڙڪي ٿو پئي. هيءَ پريشاني ۽ ڇتڪتائي پرماريت ۽ داداگيري جي رياستي ڪلچر جو جواب آهي. پر اهو جواب هيجاني ۽ جنوني آهي. هنن عوام سان جڻ ڪئي ۽ اسان ان جڻ تي ڪاوڙجي ۽ مچرجي پيا آهيون. ان وچ ۾ فرار فقط هي آهي تہ يا ڪلاشنڪوف وجي ڪنجي يا حڪمرانن سان ڪڏجي وڃجي!

اها ساڳي حاڪمن جي دام ۾ ڦاسي وڃڻ جي ڳالھ آهي. هو تہ ائين چاهن ٿا. پر انهن ٻنهي حرڪتن کان بالاتر ٿي، پنهنجو پاڻ کي هڪ تاريخي ڪيس طور پاڻ کان ڇني ڏسڻو پوندو. ايتري ٿوري بيرحمي ضروري آهي. مسئلي کي غيرجذباتي انداز سان ڏسڻو پوندو. ٻين کي صلاحون ڏيڻ آسان ڪم آهي. ڇو تہ ٻئي کي صلاح ڏيڻ وقت جذباتي نہ هجبو آهي. ڪوشش ڪبي آهي تہ ٻئي کي صلاح اهڙي ڏجي جنهن سان هن کي فائدو ٿئي، ڇو تہ هن جي لائق سمجهي صلاح گهري آهي. ماڻهوءَ کي صلاح ڏيڻ وقت پنهنجي عزت جو خيال رکڻو پوي ٿو.

ان ڪري پاڻ کي ٻيو سمجهي صلاح ڏيڻ جي واٽ ٻہ وٺڻي پوندي. هن وقت تائين جي- ايم- سيد جي آزادي واري نعري کان وٺي بينظير واري جمهوريت تائين ۽ ان جي وچ واري خال ڀرجڻ جون سڀ ڪوششون جذباتي يا فراري روين تي وڌيڪ هليون آهن. تنهن ڪري پريشانين ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ حاصلات جي پنهنجي ڳنڍ کولي ڏسون ٿا تہ ان ۾ ٻہ ئي وڏا وکر رکيل آهن. هڪڙا ڌاڙيل ۽ ٻيا غدار. قومي يا انساني ڇڳايون، علمي سطح، گڏيل ذميداري جو احساس، هڪٻئي سان محبتن ۽ نوڙتن ۽ نهٺاين جو سامان، دليل ۽ سهپ سان نيازمندي جا وکر، اسان جي ان ڳنڍ ۾ تمام ٿورا ۽ ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ ۽ راھ جون رڪاوٽون وڌن پيون.

سڄي پنهنجي حالت کي ڇنڊڇاڻ ۽ تورتڪ ڪرڻ کان پوءِ ئي ايندڙ سياسي رٿابندي ڪرڻي پوندي، جنهن تي باقي بحث جاري رهندو.

*جاڳو 27- ڊسمبر 1991ع*

Gul Hayat Institute

# ٽيڻ ڇا گهرجي؟

ٽيڻ ڇا گهرجي واري جاري بحث ۾ هڪڙو نقطو، بنيادي حيثيت رکي ٿو. اهو هي ته پاڪستان ۾ اصل ٽڪراءُ سماج ۽ رياست جي وچ ۾ آهي. سماج، عوام آهي ۽ رياست جي نمائندگي حڪومتون ڪن ٿيون. اهي ٻئي مرڪز هڪ ٻئي کي پري ڌڪين ٿا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن ذميوار ڪونهن. سنڌ جا عذاب به ان تضاد جو حصو آهن، ان ڪري سنڌ جي حقن جي جدوجهد، ڪٿيل ۽ اڪيلي جدوجهد ناهي. ان جدوجهد جا مهندار ڀلي پاڻ کي اصل ٽڪراءُ جو حصو سڏڻ جي دعويٰ نه ڪن، پر انهن جي جدوجهد جو تناظر لازمي طور تي رياست ۽ سماج جي وچ موجود ڇڪتاڻ وارو آهي.

سنڌين جا احتجاج، هڙتالون، مظاهرا، لانگ مارچ، 1983ع جي جمهوري جدوجهد وارو اثر نه ڇڏي سگهيون آهن. رستا بلاڪ ٿيڻ ڪري پنجاب کي جيترو معاشي نقصان ٿيو هو، سو پوءِ واري ڪنهن به هلچل ۾ نه ٿيو آهي. سوديبازي جي پوزيشن هتي فقط ان صورت ۾ ٺهي ٿي، جڏهن ڪنهن ڌر وٽ ٻئي کي معاشي يا سياسي نقصان پهچائڻ جي سگهه هجي. هن مهل تائين جيڪي لانگ مارچ ٿي رهيا آهن، تن جو ڪارج هي ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي عوام هتان اڳتي هلي اچا ڪو وڏيڪ منظم قدم کڻايو وڃي ۽ هاڻي ان عمل جي الف بي ٿي رهي هجي، يا ريهرسل ته پوءِ ته ٺيڪ آهي، ٻي صورت ۾ حڪمران متاثر ڪو نه ٿا ٿين. اخلاقي ۽ انساني حقن وارا دهاءُ اسلام آباد يا لاهور جي اقتداري ايوانن ۾ ڪا ساڃهه پيدا ڪن، سو ٿي نٿو سگهي. سنڌ جي سياسي اهميت ايم آر ڊي هلچل ۾ ان ڪري ئي پاڻ مڃايو هو جو، ان ۾ سمنڊ يا صنعتي ايراضي جو رابطو پنجاب سان گڙٻڙ ٿيو. ان کان پوءِ سنڌ جي دشمنن ته پنهنجي مڪمل رٿابندي ڪئي، مالي ۽ صنعتي ادارا پنجاب منتقل ڪيا ويا ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل ۽ دهشتگرد پرتي ڪيا ويا ۽ گڏوگڏ سنڌ جي سياسي ڪلچر ۾ نفرت ۽ نفاق به ايترو ئي وڌيو، جيترا ڏوهه ۽ دهشتگردي جا واقعا وڌيا. اسان سياسي ڪلچر ۾ نفرتن ۽ اڻ سهپ جي هاڃن کي نه ڪنهن تارازي ۾ توريو ۽ نه وال ڪٽي ان جي ماپ ورتي. رڳو هڪڙو احساس پيدا ٿيو ته هائو برابر، اهو نقصان آهي.

بحث جي هن نڪتي جو هڪ ٻيو به پاسو آهي، جنهن ۾ پاڻ کي سنڌ جي دشمنن کان سکڻو آهي ته جيڪا ڳالهه ۽ ڪم هنن کي وڻي، سو سنڌ جي خلاف آهي ۽ جيڪو هنن کي نه وڻي، تنهن ۾ فائدي واري ڳالهه ڳولڻ گهرجي. سنڌي

Gul Hayat Institute

عوام جو گڏيل سياسي فيصلو اسلام آباد لاءِ خوفناڪ ۽ خطرناڪ آهي- پر اهو اسان لاءِ جيئاپي جي ضمانت آهي. اسان سياسي سطح اها پنهنجي ضمانت بچائي نہ سگهيا آهيون، پر هو پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ ۾ في الحال ڪامياب ٿيا آهن. سنڌ جي سياسي ڌرين کي پنهنجي عوام جي فيصلي جي عملي طرح احترام ڪرڻ گهربو هو، ڇو تہ سنڌ جي عوام جو فيصلو پيپلز پارٽي جي حق ۾ مڪمل طرح ٿيڻ جو هي مطلب آهي تہ، ماڻهن جو ڌيان يا نشانو يا حاصل مطلب اهو نہ ٿو ٿئي تہ جهيڙو رياست ۽ سماج جي وچ ۾ آهي، تنهن ڪري سماج دوست قوتن جو يڪجا ٿيڻ، ويجهو ٿيڻ، سهپ وارو ڪلچر پيدا ڪرڻ عوام، تاريخ ۽ تبديلي واري عمل لاءِ ضروري آهي. سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ جي قومي ۽ جمهوري قوتن جو پاڻ ۾ ڪڏجڻ وارو عمل رياست تي قبضيدار ڌرين لاءِ نهايت ڏڪائيندڙ ۽ ڏهڪائيندڙ آهي. ڇا هيءَ حقيقت پنهنجي سامهون ناهي تہ جڏهن سن شهر ۾ سنڌ قومي اتحاد پئي ٺهيو تڏهن جنرل ضياءَ بہ ان ۾ پنهنجو حصو يا پائيواري ڪرڻ جي گهرج محسوس ڪئي ۽ سندس نمائنده اتي پهچي ويا هئا. ان ڪان سواءِ مختلف ڇڙواڇين ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو آهي، تن کي روڪڻ لاءِ بہ اهو ويجهڙائي وارو عمل ڪارگر هٿيار ٿي سگهي ٿو- پر ڏسڻ ۾ اهو پيو اچي تہ ضد نہ سيني ڌرين جو ان تي آهي تہ، اهو ڪم ڪرڻو نہ ڪونهي. جيڪا شيءِ پنهنجي هٿ ۾ آهي، هڪ ٻئي جو احترام ڪرڻ واري، سا نہ ٿئي تہ پوءِ ٻين تي ۽ دشمنن تي ڪهڙي ميار. احترام جي اڻارتي قبول ڪرڻ ڪان سواءِ ڪابہ واٽ ڪانهي ۽ ان ڪان سواءِ جيڪو بہ سياستدان هلندو سو اوس فنا ٿيندو، تنهن ڪري خواهہ مخواهہ قوم جو وقت خراب ٿي رهيو آهي. اهو ڪم ٿيڻ جهڙو آهي ۽ ٿيڻ گهرجي ۽ ان لاءِ پلي سوچ ويچار ڪان ڪم وٺي ڪا ڪاريگري ڪئي وڃي ۽ هن مسئلي تي مختلف تجويزون ويچار هيٺ آڻي سگهجن ٿيون.

قومي بقا ۽ سنڌ جي جاگرافيائي سالميت ۽ ان جا سياسي ۽ معاشي حق جيئن تہ رياست ۽ سماج جي تضاد سان واڳيل آهن ۽ اڳو پوءِ حل ڏانهن پاڻ کي وڌڻو آهي تہ ان لاءِ ٻگهي عرصي جي رٿابندي ڪرڻي پوندي ۽ عوام کي سندس پنهنجي روزمره جي مسئلن ۽ سوشل ورڪ جي بنيادي نقطي ڪان وٺي هلي قومي حقن حاصل ڪرڻ جي منزل تائين پهچائڻو آهي ۽ تعليم، صحت، روزگار ۽ ٻين پاسن تي رياست جهڙي ريت سماج کي ستائي پريشان ڪري رهي آهي، ان کي بہ منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن ڏس ۾ گهربل وت، سنجيدگي جي سطح ۽ ڏچا اڪلائڻ وارين قوتون بہ موجود آهن، پر اهي گوڙ ۽ وڳوڙ واري سياسي ڪلچر ڪان پاسي تي رهي، بنا ڪنهن ناماءَ نمود جي لالچ جي، هوريان هوريان وڌي رهيا آهن- تنهنڪري مايوس ٿيڻ جو هرويرو ڪو سبب ناهي.

*جاڳو، 28- ڊسمبر 1991ع*

Gul Hayat Institute

# انساني حقن جو جنازو

ڏهين ڊسمبر انساني حقن جو عالمي ڏينهن آهي. دنيا هن ڏينهن کي ملهائيندي ۽ سڌريل ماڻهو انساني حقن ۽ انسان جي احترام جي اهميت تي زور ڏيندي چوندا تہ ”ترقيءَ واسطي انسان جو احترام بيحد ضروري آهي.“

پاڪستان جي مادي ۽ روحاني پسماندگي، انساني حقن کي نهوڙڻ سان ڳنڍيل آهي. ماڻهوءَ جي احترام جو هتي ڪوبہ تصور ڪونهي ۽ ان سان گڏ پنهنجي لئي ويهارڻ لاءِ ٻين جون عزتون برباد ڪرڻ جو شوق چوٽ تي چڙهيل آهي. انساني حقن جو عالمي پڌرنامو چوي ٿو تہ، ”سڀ ماڻهو، جنس، مذهب، ٻولي ۽ رنگ جي تفريق کان سواءِ برابر آهن.“ پر پاڪستان ۾ اهي سڀ تفريقون، مردودائپ جي حد تائين وڌيل آهن. اڄ جڏهن هي ڏينهن آهي تڏهن پاڪستان جون اخبارون وينا حيات جي لٽيل عزت تي ماتم سان ڀريل آهن ۽ سياستدانن، صحافين ۽ ايڊيٽوريل نوٽن ۾ فضيلتون هٿ ڪيون، آسرا لاهي ويهي رهيون آهن. تہ هاتي تہ ڪوبہ ماڻهو محفوظ ڪونهي. هڪڙي انگريزي اخبار جي ڪالم نويس تہ سردار شوڪت حيات جي نياڻيءَ سان پيش آيل واقعي کي، پنهنجي لاءِ سوال بڻائيندي پڇيو آهي: ”اهڙي حالت ۾ مان ڇا ڪريان، جڏهن ساڳيو واقعو منهنجي نياڻيءَ سان پيش اچي، جيڪا ايندڙ سال، ارڙهن ورهين جي ٿيندي؟“

پاڪستان، اجوڪي انساني حقن واري ڏينهن کي، دنيا لاءِ ڏسو تہ ڪهڙي سوکڙي ڏني آهي! هفتو ڏهہ ڏينهن اڳ ۾ لڳ ڀڳ ٽي هزار ماڻهو گرفتار ٿيا آهن ۽ مٿن دهشتگرديءَ جا الزام هڻندڙ حاڪمن جي پنهنجي انتظامي مشنريءَ هنن مان گهڻن کي قلم 107 ۽ 151 ۾ چالان ڪيو آهي ۽ سيشنس جي سطح تائين جون عدالتون ڊپٽي ڪمشنرن جي هدايتن تي، اهڙي معمولي قلم ۾ ضمانت ڪٽڻ کان بہ نابري واري ويٺيون آهن ۽ هڪڙي بار ايسوسيئيشن جي صدر، اسان کي ٻڌايو تہ ڪيئن هڪ جج ڪيس ڇيو تہ مٿس رحم ڪيو وڃي ۽ ضمانت لاءِ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪريو!

انسان تہ پنهنجي جاءِ تي، پر قومون هتي رياستي دهشتگردي جي هٿن ۾ ٻاندي بڻيل آهن. سنڌي قوم جي پريشانين عرش جي دروازن جا ڪڙا کڙڪايا آهن. پر هتي اکيوٽ ڪري ويٺل حاڪمن جي مٿن تي جونءَ نہ سري. پرامن هڙتالون، لانگ مارچ، ڌرڻا- احتجاج جو ڪوبہ طريقو هنن جي دلين ۽ ضميرن جي زنگ کي نٽو

Gul Hayat Institute

لاهي. ٻين لفظن ۾ هي پاڻ، جھڙو ڏس پيا ڏين، تہ وڃو بندوق کڻو، مار ڌاڙ ڪريو، هر فضيلت کي کُهي ڇڏيو، انسانيت جا ڌاڳا ڪپو ۽ پوءِ اسان سان برابري ۽ همسري ڪرڻ جي لائق ٿيو تہ پوءِ ويهي پاڻ ۾ ڳالهايون ۽ پاڻپي، برابري يا سياسي اتحادن کي قائم ڪريون.

عوام کي انسان سمجهيو وڃي تہ ان جو احترام بہ ٿئي. جڏهن انسان جو تصور ئي هنن جو نرالو ۽ انوکو هجي، تڏهن خدا جا پيدا ڪيل عام ماڻهو ۽ انهن جا احساس ۽ حق، هنن وٽ ڪهڙي قدرداني اختيار ڪندا. هي تہ چون ٿا تہ جنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو آهي، جيڪو چئن ماڻهن کيسائي سگهي ٿو، سو ئي حاڪمن جو دلبر يار آهي ۽ ان ڪري ئي پاڪستان ڌوهارين ۽ بدعنوانين جي جنت آهي. گڏيل قومن جي انساني حقن واري تنظيم، اناسي ملڪن جي فهرست ٺاهي آهي، جنهن ۾ گهٽ کان گهٽ انساني احترام واري ملڪ جو پهريون نمبر آهي ۽ نمبر وڌڻ سان انساني حقن جي احترام خراب ڪندڙ ملڪ جو وارو اچي ٿو. اُن فهرست ۾ چوٽ چڙهي ويل ملڪن ۾ پاڪستان اُٺاسي نمبر تي بيٺو آهي؛ يعني دنيا جو نائون نمبر بدترين ملڪ!

او عالمي برداري! اسان تنهنجي اڳيان ۽ قدرت جي ممتا ۽ مهربانين جي اڳيان پنهنجي حاڪمن جي ڪري شرمسار آهيون ۽ اها شرمساري خود اسان جو عوام ڀوڳي ٿو جتي قانون، انتظام ۽ حاڪميت جي پوش ۾ ٺهيل عمارتون ۽ رستا بہ ماڻهن کي چڪين ٿا. اسان جي ملڪ جي هوائن ۾ ڪوڪا گهلي رهيا آهن، جيڪي روحن ۽ جسمن ۾ هر وقت کُپندا رهيا آهن، پر او قدرت! اسان اڃا آسرو ناهي لاٿو ۽ سمجهون ٿا تہ حاڪم، عوام کان ٻنل آهن ۽ اهو هنن جو ٻپ هڪ خوفناڪ بيماري ٻنجي هنن کي ڏنگي ٿو ۽ بيماري جي ان دوري ۾ ئي هو، انساني حقن جو جنازو ڪڍن ٿا. پر دوري جو انت ۽ بيماريءَ جو ڪوبہ علاج نہ ڪرڻ جو جيڪو نتيجو ٿيندو، سوئي اسان لاءِ آسرو ۽ اُميد آهي.

جاڳو، 10 ڊسمبر 1991ع

Gul Hayat Institute

# قومي بقا ۾ محنت ۽ محبت جي اهميت

ايندڙ وقت ڪافي مزيداريون کڻي پيو اچي ۽ بجهي ان وقت کان، جڏهن پنهنجا پنهنجا موقف، پنهنجي خلاف استعمال ٿين ۽ پنهنجي موقفن منجهان اڙجي پئجي. تضادن جي هن مهل تائين جيڪا به صورتحال بيٺي آهي، ان ۾ سنڌ اهڙي حال ۾ بيٺل آهي جو، ان جا ڏٺي ڏوٺي هن وقت تائين جيڪا به جنگ ڪندا آيا آهن، ان سان قومي ڏکن ۾ گهٽتائي نه ٿي آهي. ون يونٽ جي خلاف وڏي ويڙهه ڪئي سين ۽ باڙ هٽي رهيا آهيون ته اها سنڌ جي هلچل جي نتيجي ۾ ختم ٿي، پر زمينون، ڪاروبار، سرڪاري ۽ خانگي شعبي جون نوڪريون ۽ ان حد تائين ته سياسي اختيار به جيئن ون يونٽ ذريعي سنڌ کان کسيا ويا، اهي جيئن جو تيئن کسيل رهيا ۽ اسان اهو سڀ ڏسندي خوش فهمي ۾ آهيون ته وڏو ڪو ڪارنامو ڪيوسيون.

سنڌ، لاڳيتو مضبوط مرڪز ۽ اختيارن جي مرڪزيت جي خلاف جدوجهد ۾ آهي، پر ڪيس جدوجهد جو ڦل حاصل ڪرڻ نٿو ڏنو وڃي. ڪيتريون شيون جدوجهد ڪرڻ سان نه ٿيون ملن ۽ ڪجهه شيون بنا جدوجهد سان ملن ٿيون، ڳالهه ساڳي. جنرل ضيا حادثي ۾ مري ويو ته جمهوريت ملي بنا جدوجهد ۽ رت وهائڻ جي پرائي ليکي، پنهنجو ڪم ٿيڻ تي بيحد خوش ٿياسين، بنا سمجهه سوچ جي ته ان ۾ اسان جي جدوجهد جو ڪو ڪردار ڪونهي. خوش ٿيڻ کان نه مڙياسين ۽ ان مليل جمهوريت کي بچائڻ جي ڪاريگري نه سوچي سين ته جمهوريت کسجي وئي ۽ پريشان ٿي وياسين. جڻ ننڍڙن ٻارڙن جي قوم هجون ۽ اسان جا آدرش ڪي رانديڪا هجن، جيڪي ملي وڃن ته وهه واهه ۽ نه ملن ته ڪاوڙيا بيٺا آهيون.

اڳتي جيڪو وقت اچي رهيو آهي سو سياسي ڦٽاڪيبازي تي نه هلندو. ان لاءِ گنڀير رٿابندي جي گهرج پوندي- جيو ته جن شين لاءِ وڙهندا رهيا آهيون، سي پڪل انب وانگر جهولي ۾ اچي پونديون. وري به بنا جدوجهد جي اهڙيون شيون ملنديون جن لاءِ سڪڻ ۽ سڏون ڪرڻ ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ لباڙ هٽڻ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ سڪيا ئي ڪونه آهيون. وقت اچي پيو جڏهن عالمي دٻاءُ جي نتيجي ۾ مضبوط مرڪز، مرحلن ۾ ڪمزور ٿيڻ شروع ٿيندو ۽ اختيار مڪاني

Gul Hayat Institute

سطح ڏانهن منتقل ٿيندا. آمريڪا ۽ يورپ ان لاءِ سياسي طرح دٻاءُ وڌائي رهيا آهن ۽ هنن جا معاشي، قرض ۽ امدادون ڏيڻ وارا ادارا اختيارن جي مرڪزيت ختم ڪرڻ لاءِ شرط وجهي رهيا آهن، جن کان گهٽي عرصي تائين ڪنڌ ڪيائڻ ممڪن نه رهندو.

سنڌ جي جدوجهد جي هڪ منزل اها آهي! وڌيڪ خودمختياري، برابري ۽ ڪنفيڊريشن جا پروگرام، جيئي جيئي ٿڪا آهيون ۽ مرڪز وارا ٻڌن ئي نه ٿا. پر اختيارن جي مرڪزيت جي خاتمي جا معاشي بنيادن وارا امڪان پيدا ٿيا آهن. پر ڏسڻو پوندو ته اهي ڪهڙي طرح اچي رهيا آهن. مثال طور: ڪراچي کي هانگ ڪانگ بنائڻ لاءِ سوچيندڙن/ ڪم ڪندڙن کي هن وقت سنڌ توڙي مرڪزي حڪومتن ۾ چڱو خاصو پاڳو مليل آهي، ۽ اهي پنهنجي ارادن جي گهٽي واءِ واءِ ڪرڻ بدران اصل ڪم کي لڳل آهن. ۽ ڪراچي جا محصول، سنڌ حڪومت کان وٺي پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ لاءِ زوردار ڪوششون ڪن ٿا. ڪين موٽر وهيڪل ٽيڪس مان حصو ڏيڻ تي اتفاق به ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن عالمي بئنڪ يا ٻيا قرض ڏيندڙ ادارا اختيارن جي ورهاستي زور پريندا آيا ته اسان وٽ ان جي مخالفت ڪرڻ جو ڪهڙو جواز ٿيندو؛ ۽ اهڙو ڪم جنهن لاءِ پاڻ مطالبو ڪندا ٿا اچون ان جي مخالفت ڪيئن ڪري سگهنداسين. مطلب اهو ته وري به جيئن شيءِ اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ نه ملندي ۽ هوندي ئي ملندي، ته پاڻ تماشابين هونداسين.

اسان جي ان ڏتڙيل حالت جي ذميواري ڪنهن تي اچي ٿي، جو هيئن قريل نموني ويٺا آهيون. ذميداري پيدائش واري گهر، اسڪول، يونيورسٽي، سياسي قيادت، حڪومت ۽ رياست تي اچي ٿي. اهي سڀ شيون بگڙي چڪيون آهن. ذهني ۽ جسماني پورهيو ئي اسان جي بقا ۽ سلامتي جي ضمانت آهي، جيڪو هٿان ڇڏائيندو ٿو وڃي. محنت ۽ محبت بدران تڳڙم بازي ۽ اَڪڙخاني جا ٽرڙا ڪڪر، چوٽ چڙهي گجگارون ڪندا رهيا آهن. سوچون سڀ جون سڀ ذاتي ۽ خانگي نوعيت جون آهن. قومي ڪمن لاءِ مزاج به قومي گهرجن، جن کي هتي ٺهڻ ئي نه ٿو ڏنو وڃي.

پر هڪڙي ڳالهه هن وقت بلڪل واضح آهي. تخريبي سوچون، انتهائي خانگي ۽ حرم سرا واريون سوچون، عوام کان ڪٽيل ۽ عوام تي ڪٽڪيون ڪائيندڙ رويا اڪيلا ٿي رهيا آهن. ذميدارين کي محسوس ڪرڻ جو هڪ نئون ڪلچر جنم وٺي رهيو آهي. محبتن ۽ پورهئي جي بنياد تي سماجي اڏاوت واريون قوتون هوريان هوريان، وارد ٿي چڪيون آهن. عرض فقط هي آهي ته جيڪو احساس ٻلي پير رفتار سان هلي رهيو آهي، ان کي ڪجهه تيز ڪجي ۽ حقيقتن کي منهن ڏيڻ جو شعور ۽ حوصلو پاڻ ۾ پيدا ڪجي. رڳو نه، نه ڪرڻ سان اتي ئي ويٺا هونداسون- جتي هن ڇڏيو.

*جاڳو 23- فيبروري 1992ع*

ڳالهين سان ڳوٺ ٻڌڻ وارا ماڻهو هينئر به عام ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ فرحت ۾ آهن، توڙي جو عام ماڻهو اڃا به هنن جي ڪاوڙ جو شڪار آهي، حالانڪ ان عام ماڻهو جو ڏوهه ئي ناهي- وڏيرو، ووٽ، يونين ڪائونسل، ٽائون ۽ ميونسپل ڪميٽي کان صوبائي يا قومي اسيمبلي جنهن کي نظرياتي بنيادن تي طلاق ڏنل هئي، تنهن ڏانهن چڪجي آياسون ۽ اها سڄي مشق ئي بي نتيجي رهي ته نيٺ ڇا ڪجي؟ ڇو ته اهو ڪم ته هنن ماڻهن اڳ ئي ڪيو پئي، نئين ڳالهه ڪهڙي ٿي؟؟

نئين ڳالهه هيءَ ٿي ته سنڌ جو جهان وڏيڪ بي مزو ٿي ويو. آفيم وڏي انقلابي بنجي هيروئن جو روپ وٺي آيو. پوليس ٿاڻي قلم 109 ۾ چالان لاءِ ڪم ايندڙ ڳوٺاٺي لوهر جو ٺاهيل پستول، ڪلاشنڪوف ۾ تبديل ٿي ويو. ڳوٺ جي سرڪاري اسپتال ۾ ڪنهن وقت مڪسچر يا اي پي سي جي گوري ملندي هئي ته ملڻ بند ٿي وئي. الائي به ڪهڙي خيال کان پر ماستر روز ٻار کي سبق ڏيندو هو ته اهو به دل ڪٽي ويو. اوچن خيالن ۽ آدرشن جي باوجود ائين ٿيو ۽ اوچا خيال عجوبا بنجي ويا.

پوءِ هڪڙي ڏينهن پتو پيو ته سموري حرامپائي رياستي ادارن جي آهي. مزي جي ڳالهه ته خبرون به سڀ پونديون رهيون ته ڪهڙي ڏک جو ڪهڙو ڪارڻ آهي. ڪهڙي بدمعاشي جون پاڙون ڪٿي آهن ۽ ڏس ڏيڻ ۾ به وسان نه گهٽايو ويو، پر فرض ادائي کي ڏس ڏيڻ تائين محدود ڪيو ويو. شاعريون ڪري واهه واهه وصول ڪرڻ کان پوءِ جلسو ختم ٿيو ته پاڻ کي ڏنوسين ته زبان تي هي لفظ اچي ويا: ”ساڳيا سڱ سڃاڻ ڏاتو پنهنجي ڏاند جا“. ڪيڏا جنم پتڪياسين، پر هڪڙي ڏينهن خبر پئي ته هڪڙو ڪو دائرو هو جنهن ۾ پئي ڦرياسين ۽ پنهنجي بيڪارين سبب بدمعاش قوتن کي وڏيڪ بدمعاش بنجڻ لاءِ آزاد فضا ميسر ٿي ۽ اهي ضرب جي حساب سان ترقي ڪري ويا.

مطلب هي ته نيٺ ڇا ڪجي جو جواب ڳولڻ لاءِ ايترو پرانهان نڪري وياسين جو سنڌ جي ماڻهوءَ جي تعليم جو سوال اسان جي سياسي ايجنڊا تي نه رهيو. هن جي صحت، هن جون روايتي ۽ تاريخي ڪمزوريون ۽ سستيون، هن سان روز جي ٿيندڙ جٺ ۽ ان سڄي چڪر مان نڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ جي پنهنجي سگهه جي سيڙپ جو هنر اسان جو موضوع نه رهيو ۽ اسان جي عاليشان ڳالهين جو چربو ڪندڙ سڄو ڪٽيو ڪائي ويا. ماڻهو ۽ اسان اڳي کان به چٽ ڪاتي ۾! ۽ هاڻي عالمي تبديلين تي پنهنجي چڱائي ٿيڻ لاءِ شرير نظرون ڪپائي ويٺا آهيون.

قوم جي قوم ته ايڏي جٺ جي لائق نه هوندي آهي يائو!؟

*جاڳو، 5- مئي 1992ع*

Gul Hayat Institute

# پاڪستان ۾ عوامي حقن جي بحاليءَ جا امڪان

جنرل ضيا جي مارشلا جو اڪيلو ۽ ڪافي مضبوط پيل پائو انٽر سروسز انٽيليجنس (آءِ- ايس- آءِ) هو ۽ ان ملڪ جي سياسي حاڪميت کي آمر جي قبضي ۾ رکڻ لاءِ جيڪا ڳجهي، پراسرار ۽ گهڻ- رخي رٿابندي ڪئي هئي، تنهن جو بنيادي فلسفو، ان جي اڳوڻي سربراهه جنرل حميد گل سياسي ۽ عالمي حالتن تي رايو ڏيندي ظاهر ڪيو آهي. حميد گل جي شهرت ۽ ڪارنامن تي ڪافي روشني پئجي چڪي آهي، پر آءِ- ايس- آءِ کي اڄ ڏينهن تائين پارليامينٽ جهڙو ادارو به ڇهڻ جي همت نه ڪري سگهيو آهي ۽ نه محترمه بينظير ڀٽو، جمهوريت جي بقا ۽ دفاع خاطر، پنهنجي وزيراعظمي جي دور ۾ ان جي ملڪي سياست اندر ڪردار کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي هئي، جنهنڪري فوج سنڌس حڪومت ختم ڪرڻ لاءِ جيڪو فيصلو ڪيو هو، ان جي پاندي ڦاٽڻ کان پوءِ صدر غلام اسحاق جا پيش ڪيل بهانا، ريفرنس ۽ گلائون سڀ پوڪ ٿي پيا آهن. رٽائرڊ جنرل محسود جڏهن ڪور ڪماندرن جي ان گڏجاڻي جو احوال کولي وڌو آهي، جنهن ۾ هنن فيصلو ڪيو ته بينظير جي حڪومت کي ختم ڪيو وڃي، تڏهن اڳوڻو چيف آف جنرل اسٽاف، اسلم بيگ "پاڻيءَ جي گابي وانگر" ڦاٽي پوڻ کانپوءِ به ترديد ۽ وضاحت ڏيڻ کان لاچار آهي ۽ چيو اٿس ته ان گڏجاڻي ۾ هو اڪيلو ڪو نه هو، ٻيا به هئا، تنهن ڪري هر ڪو پنهنجي صفائي ڏئي. پر هي بهرحال واضح ٿيو ته بينظير جي حڪومت کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪٿي ٿيو ۽ ڪنهن ڪيو، باقي چيڙتي تي ناچ جنهن ڪيو، سو ته اڄ به هڪيو تڪيو ويٺو آهي ۽ روزانو هڪ صوف ڪاڻ کي پنهنجي صحتمنديءَ جو راز جاڻائي رهيو آهي. حالانڪ هيءَ سچي نه ٿو ڪري ته سنڌس اقتدار جي صحت سلامت رهڻ جي پٺيان ڪهڙي ميوي جو ڪردار آهي!

جنهن نقطي تي بحث پيو ٿئي، ان جي مهاڙ ۾ هي ڳالهيون ڪرڻ جو مطلب، ان ذهنيت جي هڪ ظاهر ٿي پيل جهلڪ تي روشني وجهڻ آهي، جيڪا جنرل حميد گل جي انٽرويو مان ليئا پائي رهي آهي- ۽ جنهن سان هيڪر وري تصديق ٿي ٿئي ته هتي جي جمهوريت، سواءِ هڪ ڍونگ جي ٻيو ڪجهه به ناهي ۽

Gul Hayat Institute

## ٻيو مقصد

جنرل حميد گل جيئن پاڪستورائيڪا کي سمجهيو آهي تہ ان جو ٻيو مقصد پاڪستان کي سينٽرل ايشيا جي رياستن کان ٽوڙڻ آهي. وزيراعظم نواز شريف سينٽرل ايشيا جي رياستن سان لاڳاپن جي آسري تي خودڪفالت جو نعرو هنيو هو. افغانستان جي جنگ جي خاتمي کي حميد گل کان وٺي جماعت اسلامي تائين، ان آسروند نگاهن سان ڏسن ٿا تہ هڪ تہ هو اوڏانهن پنهنجي برانڊ جو اسلام پکيڙيندا. جيڪو هتي پاڪستان ۾ اجا تائين پکيڙي نہ سگهيا آهن ۽ ٻيو تہ معاشي ۽ واپاري ميدانن ۾ انهن رياستن سان اهڙيون دوستيون رکندا جو ڪير سڏائي! چون ٿا تہ توانائي بہ اتان وٺندا ۽ جواب ۾ ڪمزوري هنن کي ڏيندا. اهڙي تہ متاسنا ٿيندي جو وچي ٿيا ست خير! وچ ايشيا جي انهن رياستن سان لاڳاپن بابت هنن پنهنجي ذهنن ۾ مبالغا پري رکيا آهن. توڙي جو نيون رياستون هن وقت اڪيچار مسئلن ۾ اڙيل آهن، تڏهن بہ هنن جي معيشت، پاڪستاني معيشت کان سگهاري آهي. اڳوڻي سوويت يونين جون سموريون ڌار ٿيل رياستون هڪ ٻئي لاءِ قدرتي مارڪيٽ بڻيل آهن. ترڪي سندن مٿان آهي. ايران جون اکيون بہ مٿن کتل آهن ۽ افغانستان ۾ عدم استحڪام وچ واري رستي جي رڪاوٽ آهي. هي ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ ڏي وٺ انهن سان طئي ٿئي، پر ان طرح آمريڪا کي پٺ ڏئي، هي قري ٻيهي رهن، سو ممڪن ڪونهي. آمريڪا، صدام سان جيڪا ڪئي آهي، يا هينئر بہ جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، سو نيوڪليائي پاڪستان ۽ معاشي ميدان ۾ ٽڙ ڦٽڙ ڪندڙ پاڪستان ۽ ٻين مسلمان ملڪن لاءِ چتاءُ آهي. هينئر مغربي ذريعن ايران بابت خبرون ڏيڻ شروع ڪيون آهن تہ ان وٽ بہ ائٽمي هٿيار تياري جي شروعاتي مرحلي ۾ آهي. حڪمران جنهن متحده اسلامي دنيا جي خام خيالي ۾ آهن ان جي هڪڙن ملڪن، هٿ وٺي غيراسلامي دنيا ذريعي عراق کي پادر ڇڪرايا. آهي ڪو شاهہ فهد کان پڇڻ وارو تہ ڇا جارج بش اجا تائين صدام سان سعودي عرب ۽ ڪويت جي ويڙهہ وڙهي رهيو آهي؟ پاڪستان جا حڪمران ۽ ان جا سياسي جنرل جڏهن پاڪستان جي اقتدار اعليٰ ۽ ملڪي وقار جي ڳالهہ ڪن ٿا، اها ايستائين هوا ۾ لٺ آهي جيستائين عراق ۽ لبيا جي وقار ۽ آزادي نهوڙڻ تي آمريڪا کان سوال پڇڻ جي همت پيدا نہ ٿا ڪن. بوسنيا جي مسلمانن لاءِ هنن جو هڏ ان ڪري ٿو ڪرڪي جو هڪ تہ اتي جي خونريزي ۾ آمريڪا ملوث ناهي ۽ ٻيو تہ پنهنجي پروپئگنڊا کي جاري رکڻ بہ ضروري آهي.

هي صحيح آهي تہ وچ ايشيا جي مسلمان ملڪن ۾ جماعت اسلامي قسم جون تحريڪون موجود آهن، پر اُتي اجا الجزائر جهڙيون حالتون نہ ٿيون آهن. جيڪڏهن ٿيون تڏهن بہ جمهوري سرشتي ۾ مذهبي توڙي سيڪيولر پارٽين جي مٿ ستّ عوام جو حق آهي. هاڻي جنرل حميد گل هتان ويهي افغانستان جي واٽ

Gul Hayat Institute

ذريعي اتي مذهبي هلچل ايڪسپورٽ ڪرڻ گهري ٿو تہ اهو سندس اختيار آهي، پر فوجي ذهنيت واري اسلام جنهن ۾ خدا ۽ ان جي عوام جي حاڪميت جي ڪا گنجائش ڪانهي، اهو جڏهن پاڪستان جو عوام ئي جنرل ضيا جي ڏنڊي سان قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري بيٺو، تہ هو ملڪ تہ اچا پري آهن.

## ٽيون مقصد:

جنرل حميد گل جو بيان ڪيل ۽ پاڪستوراڻيڪا ۾ رٿيل ٽيون مقصد پاڪستان کي هندستان جو ڏيجهو بڻائڻ آهي. هي بلڪل صحيح ڳالهہ آهي تہ حاوي عالمي قوتون ڪيترن سببن کان پاڪستان کي هندستان جي ماتحت رياست بڻائڻ گهرن ٿيون- پر ان ارادي کي سجاٽپ مهيا ڪرڻ ۽ عالمي رٿابندي جي خواهش بڻائڻ جو ڪم بہ اسان وارن حڪمرانن ڪيو آهي. پاڪستان جي اندروني استحڪام کي خراب ڪرڻ جي سموري ذميواري آمريت ۽ ان جي ٽٽڻ مان چڱريندڙ پوڌن تي اچي ٿي. اندروني طرح مستحڪم ملڪ ۽ ان جي مضبوط معاشرتي ۽ ثقافتي ٻڌڻ ۽ عوامي نمائندگي جي آزاد حق جي موجودگي ۾ ڪا بہ ٻاهرين قوت ان ملڪ جي علائقائي يا عالمي ڪردار ۽ قسمت جو فيصلو نہ ٿي ڪري. ان حالت ۽ ضرورت کي سمجهڻ بدران هڪ ڏينهن اڳ ڪراچي جي هڪ تقريب ۾ ساڳيو حميد گل چوي ٿو تہ افغانستان جي فتح جو سهرو جنرل ضيا جي سر تي آهي. خدا نہ ڪري پر جيڪڏهن پاڪستان کي هندستان جو ڏيجهو بڻائڻ ۾ آمريڪا جي ڪامياب ٿي وڃي، تہ ڇا ان کي ڪاميابي چئبو تہ افغانستان جي ڏاڙهي پٽ قسم جي آزادي جو ملهہ پاڪستان کي ڏيجهو بڻجي ڀرڻو پوندو. جنهن جنرل ضيا جي  اقتدار جو، هر ڏينهن ڪوڙ ۽ دغابازي جي ٿنڀن تي بيٺل هو ۽ جنهن پاڪستان کي ڪوڪو ڪري، عالمي قوتن جو چارو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، ان جي سر تي ڪو بہ سهرو ڪيئن  بيهندو؟ هي ڪهڙو اسلام هو جنهن ۾ اسرائيلي ايجنٽ بہ افغان جهاد ۾ شامل ٿيا ۽ الله‌اڪبر جا نعرا هڻندڙن کي ٻالر ڏنائون ۽ جن ٻالرن بند ٿيڻ تي وٺي گوڙ متو آهي، جو ٻالرن، هيروئن ۽ ڪلاشنڪوف جي روزگار تي پلجندڙ الائي ڪيترن گهرن ۾ تڏا وڇايو پار ڪيو آمريڪا کي گاريون ڏئي رهيا آهن.

هندستان کي ڏکڻ ايشيا ۾ اهميت ڏيڻ ۽ ان جي اسر رسوخ کي وڌائڻ جا آمريڪا وٽ سبب بڻيا آهن. ان ڪري سوويت يونين جي سگهاري اتحادي هئڻ واري عرصي ۾ بہ آمريڪا ڪڏهن هندستان سان لاڳاپا ڦٽائڻ جي همت نہ ڪئي. هڪ تہ هندستان دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت آهي. ٻيو تہ هندستان، چين کي مهاڏو ڏئي بيهڻ وارو ملڪ آهي، ٽيون تہ هندستان ۾ بي انداز مغربي سرمايو، سرمائيڪاري ۾ ڪتب  اچي چڪو آهي ۽ چوٿون تہ هندستان جا عالمي يهودي لابي سان جٽادار واپاري رشتا آهن، جن تي ريس ڪرڻ کان آمريڪا ۾

پاڪستاني سفير عابده حسين بہ پاڻ کي روڪي نہ سگھي ۽ اسرائيل سان پاڪستان جي سفارتي لاڳاپن جو شوشو ڇڏيائين. جنهن سان خبر ٿي پوي ٿہ حڪمران لڏي کي هڪ ئي وقت ڪيئي بيڙين ۾ پير رکڻ جو شوق ڪنن تائين ڦاٿي رهيو آهي. وري سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ، هندستان بنا دير جي آمريڪي لاريءَ ۾ ٽپ ڏيئي چڙهي ويٺو، تنهن ڪري آمريڪا کي بيو ڇا گھرجي؟ انڌو الله کان هڪ اک گھري، جيڪڏهن ڪيس ٻئي ملي پون تہ باقي ڇا گھرجيس.

*جاڳو، 3- آگسٽ 1992ع*

پاڪستورائيڪا جو چوٿون مقصد بيان ڪرڻ کان اڳ حميد گل چوي ٿو تہ ڪن ماڻهن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ آهي تہ پاڪستاني معاشري کي اسلام ذريعي گھٽو 'ڏنيبو' ويو آهي، تنهن ڪري چوٿون نقطو هي آهي تہ آزادخيالي جي نالي ۾ پاڪستاني سماج کي سيڪيولر بنايو وڃي.

ان کان اڳ وارا ٽي نقطا يا ٽي مقصد بنيادي طرح سان پرڏيهي پاليسيءَ سان لاڳاپيل هئا. جڏهن تہ هن چوٿين نقطي جو سڌو تعلق پاڪستاني معاشري جي روح سان آهي. عالمي قوتون، پلي ڇا بہ سوچينديون هجن، پر هي نقطو پاڪستان جو ماڻهن لاءِ سوچڻ جو آهي. ۽ نہ رڳو بين رخن ۽ پاسن کان سوچڻ جو آهي، پر جنرل حميد گل جي آءِ ايس آءِ- سوچ جي حوالي سان وڌيڪ سوچڻ جو آهي. هو جمهوري آزادخيالي جي نالي ۾ سيڪيولرزم کي موجوده پاڪستاني معاشري لاءِ گار سمجھي ٿو، جڏهن تہ آءِ- ايس- آءِ ۽ جنرل ضيا ٻنهي ، پنهنجي اقتداري مقصدن لاءِ عملي طرح ڪيترن موقعن تي اسلام کي سيڪيولر بنائڻ ۾ بہ ڪا هٻڪ محسوس نہ ڪئي. هنن جڏهن آمريڪي ڊالر سان سنگت ڪئي تڏهن بہ نالو اسلام جو ورتائون. جڏهن جنرل ضياءَ اسلام لاڳو ڪيو، تڏهن اهو بين ماڻهن تي رياست جي طرفان تہ لاڳو ڪيو ويو، پر خود جنرل ضياءَ اسلامي قانون کان پاڻ کي لاتر رکيو، جنرل ضيا يا هاڻي غلام اسحاق خان ڪنهن بہ شرعي عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان آجا آهن ۽ ان جي پيٺ ۾ خدا جي خلق، جنهن پارليامينٽ کي چونڊيو، شرعي ڪورٽ ان کان اختيار ڦرڻ جا پورا جتن ڪري رهي آهي. جنرل ضيا وارو ريفرينڊم انصاف جي سمورن پيمانن تي پرکڻ سان اسلام سان هڪ پوائنٽو مذاق ۽ مذهب ذريعي سيڪيولر مقصدن ماڻڻ جي ڪرياڻي ڪوشش هئي. فقط حڪمرانن، اسلام کي اقتداري مصلحتن جو ٻانهو بنائڻ جون گستاخيون ڪيون آهن. جڏهن تہ عوام پنهنجو ايمان رکيو ٿو اچي- ۽ ڪنهن کي بہ اجازت نہ ٿو ڏئي تہ مذهب جي نالي ۾ ڪيس ٺڳيو وڃي. پر هيءَ آءِ ايس آءِ- ذهنيت عوام لاءِ اسلام بہ اهو گھرڻ چاهي ٿي جيڪو پاڪستان ۾ اقتدار

Gul Hayat Institute

# پاڪستان لاءِ دعا جو در ڳوليو

چوڏهين آگسٽ 1947ع جو سج شاهد آهي تہ ان ڏينهن تي دنيا جي نقشي مٿان ڪجھ لڪيرن ۾ ڦيرڦار ٿي ۽ هڪ نئون ملڪ، پاڪستان وجود ۾ آيو. پاڪستان قائم ڪرائڻ واري ڪيس جو وڪيل قائد اعظم محمد علي جناح هو. جناح صاحب، شروع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سياست ڪئي ۽ دادا ڀائي نوروزجي جو سيڪريٽري رهيو. هن جي شادي بہ هڪ پارسي خاتون سان ٿي، ان ڪري هي بلڪل طئي آهي تہ هو بنياد پرست، ڪٽر ۽ تنگ نظر مسلمان نہ هو، بلڪ جديد خيالن جو مالڪ هو ۽ جيڪڏهن جديد خيالن، عالمي قانونن ۽ قانوني فلسفي جو ڄاڻو نہ هجي ها تہ پاڪستان ٺاهڻ جي ڪيس ۾ ڪاميابي حاصل نہ ڪري سگهي ها.

هن جي ذهن ۾ پاڪستان، هڪ جديد رياست جي خاڪي يا نقشي وانگر موجود هو ۽ سندس ان نواڻ خيالي جي ڪري، هر قسم جا سياسي مولوي سندس خلاف هئا. ايستائين جو هن وقت جي جماعت اسلامي جيڪا هاڻوڪي مسلم ليگ جي ڪنڌ تان پنهنجون ٻانهون ڪڍي ئي نٿي، سا پنهنجي سالياني اجتماعن ۾ جواهر لال نهرو کي تہ وٺي ايندي هئي، پر جناح صاحب کي هن ڪافر اعظم سڏيو ۽ اڄ مسلم ليگ پنهنجي ملڪ جي باني ۽ پارٽي اڳواڻ تي اُن فتويٰ جي موجودگي ۾ اتحاد ڪري حڪومت ماڻي رهي آهي. حالانڪ مسلم ليگ، جماعت اسلامي کي اڄ بہ ان فتويٰ تي نظرثاني ڪرڻ جي درخواست ڪري سگهي ٿي يا ڪيس ضرور ڪرڻ گهرجي.

هي فقط هڪڙو ننڍڙو مثال آهي، قائد اعظم جي پنهنجي پارٽي جي هاڻوڪي منافقت جو ۽ جنهن سان ثابت ٿو ٿئي تہ ملڪ جي باني جي اصولن ۽ سندس جديد رياستي نظرئي سان ويساهہ گهاتي ٿي آهي. ملڪ سڄو ان دوکي ۽ لاڳيتي دوکي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل عقلي ڏيوالي ۽ ٻين سوين پسماندگين جو شڪار آهي.

جناح صاحب، ان ڪري آل انڊيا ڪانگريس کي ڇڏيو، جو اها پاڻ هندستاني سماج جي گهڻن طرفن جو اظهار هئي ۽ هڪ حاوي اظهار مذهبي تنگ نظري ۽ ڪٽرپڻي جو هو، جنهن سان سڄي ننڍي کنڊ جو اڄ تائين ڪو چڱو نہ ٿيو، بلڪ خوفناڪ قسم جو ٻڙڏاڪ متل آهي. اهوئي ڪٽرپڻو آهي، جنهن مسلمان مولوين طرفان جناح کي ڪافر اعظم سڏايو ۽ گانڌيءَ کي تنگ نظر تنظيم راشٽريہ سيوڪ سنگھ (آر ايس ايس) جي هٿان گوليون کارايون.

هندستان ۾ اڄ بہ مذهبي ڪٽرپڻو ماڻهن جو رت پيئي ٿو ۽ هتي جناح جي پاڪستان تي قابض ٿيندڙ ٽولا نفرتن جا دڪان کولي، پاڪستان جا ٽاڪ وڃائي چڪا آهن. معاملن جا اهي بي اصول ۽ منافق پاسا سياست جي ذريعي، معيشت ۽ انساني آزادين تي گهات ثابت ٿيا ۽ انگريزن جي قائم ڪيل هڪڙي هندستان مان ورهائجي ہہ ٽيل ملڪ ڀارت ۽ پاڪستان گانڌي ۽ جناح جي آدرشن کان هٽي پنهنجي اندر ۾ بہ ہائٽال ۾ رهيا ۽ هڪٻئي سان وڙهڻ جي سانباهَن ۾ هٿيار ٽڪا ڪري ڪروڙين ماڻهن جون حياتيون وهہ ڪري چڪا آهن. هُتي هو ڪشميرين کي پيا مارين ۽ هتِي پاڪستان کي، سندس اصل نُهراءُ جي بنياد تي هلائڻ جي جيڪو ٿو ڳالہ ڪري، سو ملڪ دشمنيءَ جي عتاب هيٺ آهي.

پاڪستان جنهن ارادي ۽ نيت سان ٺهيو، اڄ اهڙو ڪوبہ ارادو ۽ نيت گهٽ ۾ گهٽ ملڪ جي حاڪم ۽ بالادست طبقن جي اندر ۾ ڪونهي. ان ارادي سان نہ مليا، پٽڪي ويا، گمراهي جا پيچرا ورتائون ۽ ملڪ جو وجود بہ جيئن پهرئين ڏينهن تي پيو هو، ائين رهي نہ سگهيو. پر نيت ۾ فتور رکندڙ پوءِ بہ، ته‌ڏهن بہ پنهنجي مڙني خباثتن ۾ ملڪ کي وچڙائي وينا آهن ۽ هي سچ ان ڳالہ جو بہ شاهد آهي! پاڪستان جي عوام جي اڪثريت جيڪا ملڪ جي سچي خيرخواه آهي، سا دل سان سمجهيو ويٺي آهي تہ عوام سان دشمنيون ڪندڙ حاڪم طبقا جڏهن پاڪستان سان پيا ونڊڻ جي ڳالہ ڪن ٿا، سراسر فريب ڪن ٿا ۽ ان فريب، پاڪستان جي معاشري کي ايڏي پستي ۾ آڻي وڌو آهي، جتي ہہ اکر دعا جا چوڻ کان سواءِ ہيو ڪو چارو ڪونهي!

پر بہ هي ملڪ، چڱن ارادن سان قائم ٿيو ۽ اُهي ارادا ڪٿي اغوا ڪيا ويا هجن، پر ملڪ جا ڪروڙين ماڻهو ئي هن جي سڀ کان وڏي حقيقت آهن ۽ اُهي ئي ملڪ جا عوام هجڻ جي جهڙوڪر سزا پيا ڀوڳين. اسان هن ڏينهن تي دعا جا هٿ کڻي خدا کان ڪجهہ گهرون ٿا:

”اي سڀاجها ڏڻي! تون هن ملڪ جي عوام جي واهر ڪر. عوام کي، سندن يرغمال ڪيل ٽولن کان ڇڏاءِ. اي خدا! هن ملڪ جا ڪروڙين ماڻهو ئي تنهنجا سچا ٻانها آهن ۽ انهن کي پنهنجي ٽورن ڪوڙن ٻانهن جي هٿان وڌيڪ نہ آزماءِ، جيڪي تنهنجي هن ڌرتيءَ تي قائم ڪيل ملڪ پاڪستان جي بئنڪن جا قرض بہ کٽي کائي ويا ۽ ملڪ جي نالي تي سوين ارب رپين ۽ ڊالرن جا قرض ٻين ملڪن کان وٺي الائي ڪهڙن پنهنجن ڌنڌن ۾ وڃي لاتائون!

اي ستار! تون هن ملڪ جي ماڻهن سان ستاري ڪر. حاڪمن جي ڪرتوتن جو ٻوجهہ مسڪين ماڻهن تان تون ئي لاهہ، جن ملڪ کي بي انصافين جو بحر بيڪران بڻائي ڇڏيو آهي.

اي خدا! ملڪ کي بي انصافين جي پنجوڙن کان آزاد ڪر تہ اهو ترقي، ڀلائي، خوشحالي ۽ دلي سڪون سان اڳتي وڌي سگهي ۽ اُهي چڱا ارادا بہ آزاد ٿين جن سان هي ٺهيو.“

*جاڳو، 14- آگسٽ 1992ع*

Gul Hayat Institute

# شاهه لطيف، پاڪستان ۽ آزادي

اڄ جڏهن سهڻي لطيف جو ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون، تڏهن ڪئلينڊر جي اتفاق سان هي، پاڪستان قائم ٿيڻ جو ڏينهن بہ آهي. شاهہ سائين جو وطن سنڌ، 14- آگسٽ 1947ع تي پاڪستان سان گڏ ٿيو. ان وقت کان پوءِ جي سفر ۾ پيٽائي جي وطن واسين ۾ لالچ ۽ اقتدار جي ڏٽين وچ ۾ تڪرار جو هڪ اڻکٽ سلسلو هلي پيو آهي. لطيف جي سنڌ محبتن جي لطيفي نظام حيات سان پاڻ کي اڙپي چڪي هئي ۽ اهو ناتو خود لطيف چواڻي "ڪن فڪيون" ۽ 'قالو بليٰ' جي عرصي کان 'ويڙهيچن جي وچن' طور موجود هيو. هڪڙيون شيون ۽ عمل هوندا آهن، جن کي ڏاها ۽ ڏات ڏٽي اچي نالو ڏيندا آهن ۽ لطيف اهو ڪم ڪيو. جنهن سان سنڌ کي انساني حقن، جمهوريت، اڳتي وڌڻ جي لوچ ۽ لوچ جي تصورن جا خاڪا، دستاويزي صورت ۾ مليا ۽ سنڌ جي تاريخي شعور جو تسلسل بہ هڪ دنيا آهي، جنهن کي ماضي، حال ۽ آئيندو آهن ۽ اهي ڪنهن فطري قوم جي جياپي جو سامان بنجن ٿا.

پاڪستان انساني شعور ۽ مطالبن جي آڌار تي قائم ٿيو، جڏهن تہ سنڌ قدرتي طور قائم ٿيل جاگرافيائي، تهذيبي، لساني، ثقافتي ۽ معاشي وحدت هئي ۽ آهي. سنڌين پاڪستان کي ان ڪري قبول ڪيو تہ هنن جو فطري سفر جاري رهندو ۽ هو پنهنجي تخليقي سگهہ ذريعي، پاڪستان اندر، شاهہ لطيف جي خاڪن ۾ عمل جا رنگ ڀري سگهندا ۽ ان طرح پاڪستان کي عالمي برادريءَ ۾ بہ برابري ۽ اوچائي جي حيثيت، سندس اهليت ۽ قابليت ۽ لائقي جي بنياد تي ملندي، پر ائين نہ ٿيڻ ڏنو ويو. تمام وڏو ويساهہ گهات ٿيو، جيڪو اڃا بہ جاري آهي ۽ لطيف جا وطن واسي بتال ٿيا وينا آهن تہ هي، ٿي ڇا ويو؟ پر جن سنڌين کي ڏڪ پيٽايو، تن پاڪستان جا بہ راڳا لاهي ڇڏيا. ان سان فرق هي ٿيو آهي تہ اڄ جڏهن هڪ ئي ڏينهن تي پيٽائي جو عرس ۽ چوڏهين آگسٽ گڏجي بيٺا آهن، تہ پيٽائي جي آدرشن ۽ پاڪستان جي مقصدن جي وچ تي وڏيون ڪوتيل ڪاهيون آهن.

پاڪستان 23 مارچ ١٩٤٠ع واري نهراءَ جي ابتڙ هلي زهيو آهي. ڪارائتن مطالبن تي قائم ٿيل ملڪ کي پٽڙي تان لاهڻ ۾ رڳو، جناح صاحب جي اک بوٽڻ جي دير لڳي. ان کان پوءِ جيڪو نقصان ٿيو، ان جو ڪاٿو ئي نہ ٿو ڪري سگجهي. سنڌ تي انگريز جي حاڪميت قائم ٿيڻ کان اڳ، انگريزن سنڌ جو

Gul Hayat Institute

سمورو حال احوال معلوم ڪيو هو. انگريز، سنڌ جي تاريخي تسلسل کي مڪمل طرح سان جاري رکيو. فقط انتظامي بنياد تي، ڪيس بمبئي پريزيڊنسي سان ڳنڍڻ واري معاملي کي ڇڏي ٻولي، ڪلچر، تاريخ ۽ سمورين، ڪارائتين سماجي روايتن کي رهڻ ڏنو ويو. ان حد تائين ته شاهه لطيف کي جديد بنيادن تي پرکڻ جو ڪم به هنن ڪيو. ان طرح غلامي ۽ استحصال جي حالت ۾ رهڻ جي باوجود سنڌ جو اڳتي وڌندڙ سفر جاري رهيو. پر لياقت علي خان، جيڪو مسلماني جي نالي ۾ پاڪستان جو پهريون وزيراعظم ٿيو، ان شاهه لطيف جي وارثن کي 'ڳڏهه ۽ گهوڙا هڪلڻ واري قوم' سڏي هڪ ئي ڌڪ سان سندس خواب ٽوڙي ڇڏيا. ڇا لياقت علي انگريزن کان وڌيڪ معتبر ۽ سيبتو هو؟ هن جو اهو ويڻ سنڌي وجود کي قتل ڪرڻ جي برابر هو. ڇو ته متارا، موڪيءَ جي ويڻ کان مئا هئا. لطيف سائين چوي ٿو "سري ڪين ڪيون، ويڻ موڪيءَ جي ماريا". متارن کي نانگ جي زهر واري شراب نه ماريو هو، پر موڪي هنن سان جيڪا ڳالهه ڪئي، سا هڏڻ کان پوءِ مري ويا. سنڌي مزاج کان جهالت ۾ گذاريندڙ شخص ۽ ان جي شامگيري، سنڌ جا ڏک وڌائڻ ۾ ان ڪري نانگ بڻجي ويئي، جو هي نئون ٽولو انگريز سامراج کان نه رڳو مختلف هو، پر ان جي پيٽ ۾ بنه جڻ ۽ خود غلام هو. غلامن جي هن ٽولي کي سنڌ جي ساڃهه نه هئي ۽ نه ان جي لائق هئا ته پاڪستان جي واڳ سندن هٿ ۾ ڏئي ڇڏجي. اهو ڏينهن هي ڏينهن پاڪستان اهڙي خرافات ۾ ڦاسي ويو، جو نذرالسلام، لطيف، سچل، بلهي، بابا فريد، خواجه فريد ۽ خوشحال خان خٽڪ جن سان پاڪستان بنگال، سنڌ، پنجاب، بوچستان پشتون خواهه جو فطري ۽ تاريخي تسلسل ٿي هلي، سو نه ٿيو. ائين ڪو ٿيندو آهي ڇا، ته انهن تاريخي خطن ۽ قومن جي ماٿهن جي هزارن سالن جي ليکي چوکي کي ليڪ ڏئي، ڪاغذ ڦاڙي ڦٽا ڪري ڇڏجن ۽ چئجي ته "تاريخ اتان کان شروع ٿيندي، جتان اسان چاهينداسين". تاريخ ۽ قومن جي روايتن جي اڳيان طرم خاني نه هلندي آهي- پر هنن ضد هڏو ۽ بنگال ويو. آزاديءَ جي مفهوم کي غلامين ۾ بدلائي ڇڏيو ويو. هاتي پاڪستان مارشلائي باقيات، سامراجي مفادن جي وڪيلن، معاشي ۽ سياسي بدحالين جو مطيع آهي. جڏهن اهي آزار لهندا تڏهن وڃي وري ڪو ملڪ پٽڙي تي چڙهي اڳتي وڌندو ۽ اسان چئون ٿا ته آزاديءَ جي واٽ جا سمورا رستا محبتن جي ان چوواٽي کان هلن ٿا، جتي پٽائي، امن ۽ خوشحالي جا سر ڇيڙي ويٺو آهي.

*جاڳو، 14- آگسٽ 1992ع*

Gul Hayat Institute

# زوال- بي انصافي، بي ايماني ۽ بي ڌياني

ڪاله واري 'ڊان' اخبار ۾ زوال متعلق هڪ خط شايع ٿيو آهي ۽ ساڳئي اخبار ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي جو هڪ مضمون شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ زوال واري عرصي جي وڌيڪ زوال ڏانهن وڌڻ يا ان کان بچي سگهڻ جي امڪانن تي بحث ڪيو ويو آهي. خط لکندڙ همراهه گبن جي مشهور تصنيف 'رومن سلطنت جو زوال ۽ ڦهڪو ڪرڻ' منجهان زوالجڻ جا پنج سبب ڏنا آهن، جيڪي پاڪستاني معاشري ۽ رياست لاءِ آئيني جو ڪم ڏين ٿا. پر شرط رڳو هي آهي ته رياستي ادارن تي قابض يا عام ذميدار شهري ان آئيني کان ڊڄن نه، ۽ پنهنجا چهرا آئيني اڳيان آڻ جي همٿ ڪري سگهن. گبن جا ڄاڻايل سبب هي آهن:

١- طلاقن جي رفتار وڌڻ ۽ گهر جو تقدس ٽٽڻ- گهر انساني سماج جو بنيادي ايڪو آهي.

٢- محصولن ۾ واڌارو ۽ عوامي دولت جو بيجا خرچ.

٣- لست وٺڻ لاءِ چتو ٿي پوڻ ۽ عام راندروند ۾ به اڳرائپٽي جو وڌي وڃڻ.

٤- هٿيارن گڏ ڪرڻ جو جنون، سو به اهڙي حالت ۾ جڏهن دشمن ٻاهر نه، پر عوامي همت ۽ اخلاق جو زوال، صحيح معنيٰ ۾ پنهنجو دشمن پاڻ بڻجي وڃي.

٥- مذهب جو زوال، جڏهن اهو فقط نموني خاطر يا رسم طور رهجي وڃي، زندگي جي حقيقت کان اکيوٽ ڪري ۽ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ يا اخلاقي دٻاءُ واري پنهنجي سگهه وڃائي ويهي.

ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي مضمون ۾ بحث ڪري ٿو ته سياسي ۽ سماجي ماناڻن ۽ چڙواڳي، ادارن ۽ آدرشن جو ٽٽي پوڻ، ويڳوڙ ۽ تشدد، ۽ حڪمران طبقن جي شديد بدعنواني سماجي زوال ۽ ڦهڪي ٿيڻ جا سامان آهن. پر ان هوندي به ان فضا ۾ سڄاڳي ۽ نئين زمين جي اڏاوت ڪرڻ جا آثار هجن ٿا، پر شرط هي آهي ته عقل ۽ ڏاهپ جون تحريڪون سگهاري نموني اڳتي وڌن ۽ معاشرو انهن کي موٽ ڏئي. ٻي حالت ۾ چڙواڳي جو دٻاءُ هٽي ڊاهي رکندو.

پاڪستاني معاشرو ڏينهون ڏينهن جانور معاشرو ٿيندو ٿو وڃي، مخصوص ٽولا ۽ مخصوص ماڻهو جيڪي ٿورا آهن، سي گروهي يا ذاتي طور ترقيون ڪري رهيا آهن ۽ رياستي ادارن وٽ جيڪي اختيار آهن، تن جو ڪليل نموني غلط

Gul Hayat Institute

استعمال ٿي رهيو آهي ۽ جيئڻ ۽ مادي طور خوش رهڻ جو دارومدار ان تي آهي، ته ماڻهو ڪامياب قسم جو ڪميڻو ٿئي ٿو يا نه! هلڪي ۽ جٽ قسم جي ڪميڻپائي جي جاءِ هتي آهي ئي ڪانه.

ٿُـتي ۽ ڍهي پوڻ جو هي آثار ڪافي آهي ته سراج جهڙو دانشور، ان مفروضي کي مڃڻ ڏانهن لاڙو ڪائڻ جو چٽاءُ ڏئي ٿو ته انسان بنيادي طرح ڪميڻو، خبيس، ظالم ۽ حيوان آهي ۽ سڀ شيون سندس جينز ۾ موجود آهن. سراج صاحب جو هي چٽاءُ يا ان طرح اُبڙڪي پوڻ، فقط ڏڙي شهر ۾ اجتمائي زناڪاري جي هڪ واقعي جو نتيجو نه، پر اهڙن واقعن لاءِ معاشرتي ماحول جڏهن سرچشمو بنجي وڃي، تڏهن انسان جي چڱاين تان ارواح ڪڇي وڃڻ جهڙيون ڪيفيتون پيدا ٿيون ٿين ۽ ڪروڌ اڇيو ٿو وڃي.

هن صورتحال کان بچڻ جي هڪڙي صورت آهي. ڳبن، زوال جا جيڪي سبب ڄاڻايا آهن، تن تي ڌيان ڏجي ۽ انهن کي موٽائي وجهجي. هنن سيني ڪارڻن جو وري هڪ ئي ڪارڻ آهي ۽ ان هڪ ڪارڻ کي ختم ڪجي ته، ماڻهو ۽ ملڪ بحال ٿي اڳتي وڌي سگهن ٿا. ٻي حالت ۾ ڪيئي نسل پنهنجي وطن ۾ پناهگير زندگيون گذارڻ تي مجبور رهندا. انصاف جي بحالي ئي هڪ بنيادي ذميداري آهي، جنهن کي نباهڻ کان سواءِ ڇوٽڪاري جي ٻي ڪا به واٽ ڪانهي.

اسان کي خبر آهي ته اسان انصاف جي ڳالھ اهڙي ملڪ ۾ ڪري رهيا آهيون، جنهن جي ڪنهن به عدالت مان پنجاھ يا سؤ رپيا ڏئي ڪيس جي تاريخ وڌرائي سگهجي ٿي. هتي هيٺين ۽ عام سطح کان وٺي سياسي مقصدن تائين عدالتن جي استعمال واري ملڪ ۾ هي ڳالھ ڪرڻ نهايت اوکو ڪم آهي. پر وحشي، ظالم، بي ايمان ۽ جنوني سماج ۾ عدالت هٿان انصاف ٿيڻ هڪ ته ممڪن به ڪونهي ۽ ٻيو ته عدالتن جي حوالي سان انصاف جو تصور، بنھ محدود تصور ۽ سماجي ضرورتن لاءِ اڻپورو آهي.

انصاف تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن ماڻهن جي اڪثريت انصاف ڏانهن ذميدار رهندي ۽ سماجي بندوبست انصاف ڪندڙ هٿن ۾ هجي. بي انصافي هڪ طرح جو شارٽ- ڪٽ (Short-cut) آهي، جتي حڪومتون ۽ رياستي ادارا بي ايمانين جا اڏا هجن، اتي 'ڏاچي هٿي ڏھ، ته توڏي تيرهن هتندي'. ماڻهو ۾ ڪميڻپائي ضرور موجود هجي ٿي، پر ڪميڻپائي ان ڪري ناڪاري عمل، جذبو يا خواهش آهي ته ان سان انصاف کي ڇيهو رسي ٿو ۽ ماڻهو خواهشن جي بي لغام گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ آتو ٿيو پوي. انصاف، دليل ۽ معقوليت ۽ شعور تي دارومدار رکندڙ ٿئي ٿو، ۽ بي انصافيون جوابي بي انصافين کي جنم ڏئي، سڄو ماحول خراب ڪري ٿيون ڇڏين....

پاڪستان ۾ بي انصافين جو سرچشمو حڪمرانن يا انهن جي ادارن ۾ هن

Gul Hayat Institute

سوچ جو هڻڻ آهي ته اهي جيڪو ڪجھ ڪن ٿا، سو صحيح آهي ۽ عوام غلط آهي ۽ ان جي بدران سوچڻ ۽ فيصلا ڪرڻ هنن جو ڪم آهي. اها بنيادي بي ايماني آهي ۽ بي انصافين جا فصل پوکي ۽ وڌائي ٿي ۽ بدعنوانيون انهن فصلن لاءِ ڪيميائي ڀاڻ جو ڪم ڪن ٿيون.

هيءُ بي ڌياني به وڏي بدقسمتي آهي ته، زوال جي موضوع تي ڪوبه سڌو دستاويزي مطالعو يا نصاب موجود ڪونهي، دانشور خود ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ اچي بي انصافين کان توائي ٿي جوش ۾ اچن ٿا. ان ڪري ضرورت هي آهي ته زوال جي عمل کي انساني تاريخ ۽ پاڪستاني رياست جي سياسي ۽ سماجي تجربن جي روشنيءَ ۾ هڪ دستاويز جي شڪل ڏني وڃي.

جاڳو، ٢١- آگسٽ ١٩٩٢ع

Gul Hayat Institute

# -صحافت کي شهيد ٿيڻ جو شوق-

ڪير ڪنهنجي وڪالت پيو ڪري، يا ڪير ڪنهنجي جنگ پيو وڙهي، اها ڳالهه فقط ڪجهه آدرشي ماڻهو يا حلقا ئي سمجهي سگهندا. هي صورت ۾ واٽ، هر ڪنهن يا هر ڪنهن نہ، تہ بہ گهڻن اهڙي ورتي آهي، جنهن سان ڪلف لڳل ڪپڙا، انهن جي مٿان ڪا بہ وچولي يا اوچي سينٽ ۽ جهڙي تهڙي گاڏي هٿ ٿي سگهي، ان ڪري گهٽيون بنيادي سيڙپون سياست، صحافت، دانشوري ۽ ڪجهه ٻين ليڪن سان اهي مقصد حاصل ڪرڻ تي لڳل آهن ۽ گنهگار اکيون شاهد آهن تہ اهڙي خلق جو هڪڙو خاصو تعداد پيدا بہ ٿيو ۽ اُن ۾ روزبروز واڌارو بہ ٿي رهيو آهي، ان ۾ ڪنهن حڪومت کي بہ اعتراض ڪونهي، ڇو تہ ان جي حلقي ۾ ڀرتي جو اهو هڪ بهتر طريقو بہ آهي. اها حلقو ٿاهڻ جي جمعو بازار آهي، جنهن ۾ ماڻهو وڪرو ٿين ٿا. جيڪي ان طرح وڪامجڻ نٿا گهرن، تن سان حڪومتي ڪلچر ۾ شامل ڪجهه سابق نيڪ نيت ماڻهن ۽ حلقن کي ترس ۽ همدردي بہ پيدا ٿئي ٿي ۽ هو دلين ۾ سوچين ٿا تہ 'يار ڏسو تہ سهي، هي ڏسٽا وائسٽا ماڻهو جن کي سندن مله بہ خاصو ملي سگهي ٿو، هنن لاءِ موقعو ۽ مهل هئي آهن، تڏهن بہ بيوقوفيون پيا ڪن'

هنن جي همدردي جائز ۽ هنن جو ڏک بہ سندن دلين جي حساسيت ۽ خيرخواهي جو عظيم نمونو آهي. ڇو تہ پرتيءَ جو سلسلو بهرحال جاري آهي، ۽ ٻڌي جي اگهه تي مال، ايڏي مقدار ۾ دستياب آهي، جو معيار کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جي گهٽي گهرج بہ ڪانهي. پر هڪڙا ماڻهو، جيڪي حڪومتي ڪلچر ۾ آهن ۽ آهن بہ سابق نيڪ نيت، ۽ هنن جون موجوده نيتون بہ وڏي ڪنهن قرمار تي نہ پر پيشيور تحفظات جي نالي ۾ ڏنڊن سان لڳل آهن، سي پنهنجي لڏي ۾ معيار ۽ ميرٽ پيدا ڪرڻ جا خواهشمند آهن. خدا هنن جون خواهشون پوريون ڪري ۽ هو جتي آهن، اُتي اڪيلا نہ رهن.

پر خدا انهن کي بہ توفيق ڏئي جن ۾ عزت نفس جو ذرو پرزو اڃا ڪجهه رهيل آهي ۽ اُهي پنهنجو مله مهانگو ڪرڻ لاءِ پاڻ کي بچائي رکيو ٿا اچن، يا پنهنجي ذخيرا اندوزي ڪري رهيا آهن. ڪٿي نہ ڪٿي هنن کي بہ هلي وڪامجڻو آهي، پر جڏهن هنن جي وڪامجڻ جو زمانو ايندو، تہ اڳ ۾ وڪامجڻ جا هيراڪ، هنن کان بہ قطارن ۾، اڳ ڪيو بيٺا هوندا ۽ پاڻ لاءِ نيون حاصل ڪيل سندون ۽ انهن جا واڪ، وڏن واڪن سان ٻڌڻ ۾ ايندا، تنهن ڪري پنهنجي

Gul Hayat Institute

ذخيرا اندوزي ڪندڙن مان هڪ اڪثريت وري بہ رهجي ويندي، جو تہ حڪومتي ڪلچر هڪ دائمي شيءِ آهي ۽ ان جون ضرورتون بہ ساڳئي قسم جون ۽ دائمي هونديون. تنهن ڪري ذخيرا اندوزن لاءِ وري بہ ساڳيو ماحول هوندو ۽ پڇي نہ سگهڻ جي صورت ۾، 'ٿو ڪتا' ڪري وري موٽ ڪائيندا ۽ چوندا "اسان نان ڪنفرمسٽ (Non-Confirmist) آهيون. ها ۾ ها ملائڻ وارا ناهيون، خوددار آهيون ۽ سماج ۽ قوم جا قيمتي اثاثا آهيون. تنهن ڪري اسان لاءِ قوم خاطر پاڻ کي بچائي هلڻ ضروري تاريخي فرض آهي، ڇا ياد ڪندؤ- هجيو ٿورو!"

هي ايستائين هڪڙو اٽٽر سلسلو آهي، جيستائين موجوده نظام کي بقا آهي، نظام بدلائڻ عوام جو ڪم آهي، جيڪو اتفاق سان گڏيل ۽ اجتماعي طور تي نهايت شريف نفس آهي ۽ جڏهن بہ مهل هٿ اچيس ٿي، تڏهن حق جو هوڪو ڏئي ٿو. پر انفرادي طور تي هو لالچن، نڳين، بدعنواين ۽ خرابين جو اهڙو سولو شڪار آهي، جهڙو سچي جو سچو حڪومتي ڪلچر، ڏهن، ويهن، ڪجھ سون يا ڪجھ هزارن حاصل ٿيڻ جو ڪوبہ موقعو پيدا ٿئي، ماٺهو لئوٺو بہ نہ هٽندا تہ ڪو واقف ۽ سڃاڻڻ وارو ڏسي تہ ڪونہ ٿو. جنهن اڳيان ڪوڙ ظاهر ٿي پوي.

حڪومت توڙي سماج جا اهي روپا سڀ ڪجھ تباھ ڪندڙ آهن، تڏهن بہ سنڌي سماج کي ڪجھ سالن کان هڪڙي، نيون روايتون ڪٿي ايندڙ سنڌي صحافت دستياب ٿي آهي ۽ هن اُن کي وصوليءَ جي رسيد بہ ڏني آهي، اها صحافت يا تہ پنهنجي تاريخي فرض کان، يا مليل شعور کان يا شايد پنهنجو اڳھ وڏائڻ ڪاڻ يا داخليت پرستي هٿان مجبور ٿي پنهنجي لاءِ ميرٽ گهري ٿي. ديواني جو خواب ڪٿي هلي آهي! ان صحافت وٽ تبديل لاءِ وڏا آئيڊياز آهن، پر 'جيئن آهي، جتي آهي' جي بنيادن تي هلندڙ سماج جون قوتون جڏهن هن جون ڳالهيون ٻڌن ٿيون، تڏهن هنن جا عقل چرخ ٿي ٿا وڃن، وات ڦاٽيو وڃن ۽ سنگت بيهوش- ڏيو منهن! ايڏن ڪفن ۾ ڪير پوي ۽ ڇو پوي؟

ائين بہ ناهي تہ موجوده نظام جي اندر رهي راند ڪڏڻ، هن صحافت کي نٿي اچي. بلڪل اچي ٿي. آخر نڳين جا عروج ڪن مقرر حدن جي اندر ڪونہ ٿا محدود ٿين. ڪوڙ ڳالهائي، منافقتون ڪري، قلابازيون ڏئي، صبح جو وڙهي شام جو گيسي ڪرڻ ۾ ڪهڙي وڏي هنڌ جاڻڻ جي ضرورت آهي؟ هندو کي رام ۽ مسلمان کي الله چئي خوش ڪري بہ وقت گذاري سگهجي ٿو. پر هڪڙو دماغي خلل اچي چڙهيو آهي ۽ ۽ اهو هي آهي تہ سنڌين وٽ هر ميدان ۾ 'شهيد' پيدا ڪرڻ جون ڏاڍيون زوردار روايتون آهن ۽ اسين صبح شام انهن روايتن کي پنهنجي ضميرن لاءِ آڪسيجن بنائي پيا هلون. تنهن ڪري جيئرو رهبو تہ عزت سان، آزادي سان ۽ برابري ۽ ڀائپي جي بنياد تي نہ تہ پوءِ شهيد چڱا آهيون ۽ پنهنجن جي هٿان گهاو رسندا تہ شايد سهي بہ وڃبا ۽ ڳائبا بہ.

*جاڳو 10- سيپٽمبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# هڪ ظلم کي ٻئي ظلم تي ترجيح نٿي ڏئي سگهجي

چيو ويو ته پهرين آڪٽوبر جي شهيدن جي ياد ۾ 'جاڳو'، ايڊيٽوريل ڇو ڪونه لکيو. ڳالهه بلڪل واجبي آهي ۽ ان حجت جو پڙهندڙن توڙي ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ کي حق پهچي ٿو.

اردوءَ وارن ٽيهين سيپٽمبر تي حيدرآباد ۾ مارجي ويلن جو ڏينهن ملهايو، الطاف لنڊن مان پيغام موڪليو ۽ ٽيهين سيپٽمبر جي شهيدن کي خراج پيش ڪيائين. اسان واري سنگت به پهرين آڪٽوبر جي شهيدن جو ڏينهن ملهايو. الطاف حسين ٽيهين سيپٽمبر وارن کي ياد ڪري ۽ پهرين وارن کي وساري ته ڀلي وساري، ڇو ته اُهي ته شهيد ئي سندس هٿان ٿيل هئا. اهڙي مڪمل شاهدي پهرين آڪٽوبر جي هڪ جهليل قاتل طرفان قانون لاڳو ڪندڙن جي معرفت اچي به وئي آهي، ته ڪيئن رات جو طئي ڪيو ويو ته سنڌين تي حملا شروع ڪري ڏيتا آهن. هو قاتل آهن ۽ سنڌي شهيدن تي هن کي ڪهڪاءُ اچڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پر جڏهن اسان منجهان ڪير به ٽيهين سيپٽمبر جي مارجي ويلن کي نظرانداز ڪري، ڪين چورن جي صف ۾ وڃي شامل ڪري ۽ فقط پهرين آڪٽوبر جي شهيدن کي ياد ڪري، تڏهن اسان کان اسان جو ماڻهپو کي سوال ڪرڻ لاءِ اُٿامرو ٿي وڃي ٿو.

يقين سان نٿو چئي سگهجي ته جهيڙيل ۽ ڇنل معاشري ۾ انسان دوستيءَ جي اظهار کي ڪهڙي معنيٰ ۾ ورتو ويندو، ڇو ته پاڪستان ۾ جيڪڏهن ڪمزور ۽ پسمانده ترين ڪا شيءِ آهي ته اها انسان دوستي آهي، جڏهن ته اُن جي اٿهوند ۽ وڌندڙ ڪوٽ، ذلتن ۽ پستين جي نين سرحدن ڏانهن وڌيو پئي وڃي. اسان سنڌ ۾ اردو ۽ سنڌي آبادين کي مفادن ۽ نفسيات ۾ موجود تضادن ۽ ويڇن کي ذهن ۾ رکندي واضح ڳالهه ڪريون ٿا، ته انهن تڪرارن سان غيرانساني رويا رکڻ جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ انسان دوستيءَ سان اُها ڪربلا ٿي آهي، يا اجا شايد (خدا نه ڪري) اهڙي ڪربلا انتظار ۾ آهي، جيڪا اڄ بوسنيا جي ماڻهن سان ٿي رهي آهي. اردو ۽ سنڌي آبادين جي تضاد جي بنيادي ذميداري پاڪستان کي ٺاهڻ ۽ هلائڻ وارن تي اچي ٿي، جيڪي تاريخ کان ڪافر ٿي بيٺا ۽ رڳو پنهنجي

Gul Hayat Institute

اقتدار ۽ مفادن جي مٿان ڪلمان ۽ صلواتون پڙهيائون.

بي انصافين، نفرتن کي جاءِ ڏني ۽ بي انصافين ڪرڻ جو اختيار فقط حڪمرانن کي هوندو آهي، تنهن ڪري هنن جي اختيار جي نتيجن جي ذميواري به هنن تي اچي ٿي ۽ رڳو ’ترڳءَ تي بهشت‘ واري سوچ کان هٽي، سنڌ کي هڪ جٽادار بهشت بڻائڻ جو ارادو ڪجي ها ته هي ڏينهن نه اچن ها، جيڪي ڏاڍا ڪريائتا ۽ گندا ڏينهن آهن. اسان سمجهون ٿا ته اها بنيادي انسان دشمني، جيڪا رياستي ادارن تي پاڪستان جي پهرين ڏينهن ئي کان قابض ماڻهن جي رڳ رڳ ۾ انجيڪشنون هڻي ڀري وئي هئي، اُن ٽيهين سيپٽمبر 1988ع تي سڄ لٿي کان پوءِ حيدرآباد ۾ بارودي راڪاس جون رسيون کوليون ۽ ان جي ئي تسلسل ۾ پهرين آڪٽوبر جي سڄ اڀرڻ کان اڳ سوين سنڌين جون حياتيون چٽ ڪري ڇڏيون. ان کان اڳ ۽ ان کان پوءِ به اهي سلسلا هليا ۽ هاڻي به جيڪو فوجي آپريشن ٿي رهيو آهي، ان جي ايجنڊا تي نفرتن جو علاج ڪونهي. نفرتن جي ڪاٻ ڳنڍ نه کولي وئي آهي. هو به پنهنجا اسڪور سڌا ڪرڻ آيا آهن. حڪومت نالي ۾ ته سياسي آهي، پر سنڌ ۾ پڇنڊڙ لاوائڻ تي چندو وجهڻ لاءِ، هنن وٽ هڪڙو پاڻيءَ جو هڪ به ڪونهي.

ڪاله بينظير جي حڪومت ختم ڪئي وئي ته اردو آبادين ۾ مٺايون ورهايون ويون ۽ سنڌين جا منهن ڪوماڻل هئا ۽ اڄ حڪمران لڏا پاڻ ۾ وڙهيا آهن ۽ ايم- ڪيو- ايم کي نئين سر ٺاهيو (Readjust) پيو وڃي، ته سنڌي وري به نرڙن تي گهنج وجهي اهو تماشو ڏسي رهيا آهن. ان کان اڳ ۾ ڀٽو صاحب شهيد ٿيو ته ڪيئي ڏينهن سنڌين جي گهرن مان رت جي ڏپ پئي آئي، پر اردو آبادي جي اڪثريت خوش هئي. وري جڏهن جنرل ضيا مئو، ته سنڌين خوش ٿيڻ ۾ وري به احتياط کان ڪم ورتو، ته خدا الائي کهڙين ڳالهين ۾ راضي. هينئر به جڏهن ٽيهين سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر مان وڏيڪ ڏک ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن جي چونڊ جو سوال سامهون اچي ٿو، ته اسان ئي چئون ٿا ته بيگناه جيڪي به ماريا ويا، سو ظلم ٿيو. هڪ ظلم کي ٻئي ظلم تي ترجيح ڏيڻ لاءِ اسان ڪڏهن به تيار نه ٿيا آهيون، باوجود ان جي ته اسان کي مهاڀدمعاش بڻائڻ، ايجنسين جو ڪل وقتي مقصد آهي. حالانڪ اسان جڏهن ٽيهين سيپٽمبر کي ياد ڪندڙن جا پيغام پڙهيا ۽ هنن جي تقريبن جون اخبارن ۾ تصويرون ڏٺيون، ته هنياءَ کي ٻرڇيون لڳيون ته هي ڪهڙي ٻيائي آهي ۽ هي جيڪي ماڻهو پاڪستان لاءِ گهر گهاٽ ڇڏي اچڻ جون قربانيون ڏيڻ واريون دعوائون ڪن ٿا، انهن کي اسان، ڇو پاڪستاني نظر نٿا اچون؟ پر جهڙي طرح اسان هڪڙي فسطائيت کي رد ڪريون ٿا، بلڪل ساڳئي نموني ٻي فطسائيت کي به رد ڪريون ٿا. ڇو ته نفرت ۽ انسان دشمنيءَ جو انت، پيڙهين ۽ نسلن تائين نه ٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

گڏوگڏ هتي اسان ان ويساهه کي بہ ورجايون ٿا تہ نفرت ۽ محبت ماڻهن جي پنهنجي هٿ ۾ آهي. نفرت ڪبي تہ اها وڌندي ۽ نہ ڪبي تہ نہ وڌندي. محبت بہ ڪبي تہ اها وڌندي، جيڪڏهن مفادپرست ۽ تنگ رياستي ادارن جي گرفت مان بچي پاڻ کي خون خرابي کان آجو ڪرائڻو آهي، تہ نهڪاري تعصبن جي ڪيئي قسمن کان جند ڇڏائي وڃي ۽ جن جي راند رٿيل آهي، تن جا پيچي ٽيڻ کان هٿ ڪڍڻا پوندا. اسان جي پنهنجي وجود جي بقا جو دارومدار ان تي آهي، تہ هئي کي، پنهنجي وجود متعلق اسان کان ڪيترو خدشو آهي. خدشن جون ديوارون تڏهن ختم ٿينديون، جڏهن اهڙي رٿابندي سامهون آڻجي، جنهن سان ڌرين کي انصاف مِڻو بہ پوي ۽ اُهو مهيا بہ ٿئي.

*جاڳو، 3- آڪٽوبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# ظلم کي ٽُڪ اُجهلائڻ وانگر ختم ڪرڻ جو نسخو ڳوليو

سوويت يونين جو زوال ۽ ڪميونزم جي ٻڪهي تجربي جي اُتي ناڪامي اجا تائين هڪ بين الاقوامي پرولي آهي، جنهن کي پڇڻ ۽ سمجهڻ جون ڪوششون هلي رهيون آهن. تازا احوال هي آهن ته يلتسن جي روس ۾ ڏوهارين جون خوفناڪ مافيائون قائم ٿي ويون آهن ۽ خبر پئي آهي ته ستر سيڪڙو پوليس عملو بدعنوان ۽ راشي آهي، جنهن ڪري مافيائن مختلف ناجائز ڪاروبار قائم ڪيا آهن ۽ غنده ٽيڪسون وصول ڪري رهيا آهن ۽ سماجي توڙي سرڪاري ضابطن نالي ڪا شيءِ ڪانهي، جيڪا ان حالت کي منهن ڏئي. ڪاڏي پيتي جي شين جي اٿاٿ جي حالت هيءَ آهي جو رات جو ماڻيءَ لاءِ گهربل شين واسطي نيرن ڪري وڃي دڪانن اڳيان قطار ۾ شام تائين بيهڻو پوي ٿو. بجلي ۽ گئس جي سپلائي ماسڪو جهڙي شهر لاءِ به مسئلو ٿي وئي آهي، جڏهن ته ماڻهن ۾ خريداري جي سگهه ايتري نه رهي آهي ته بليڪ مارڪيٽنگ جو خرچ پري سگهن. اڳوڻي سوويت يونين جي ٻين رياستن ۾ به اهائي چڙواڳي آهي، پر روس ۾ ان جي شدت وڌيڪ آهي. جنهن ڪري ڪوه قاف جون پريون چڪلي جون ڪسبياڻيون بنجي ويون آهن.

سپرپاور جي ٻهڻ سان ئي سلطنت جا ماڻهو پستيءَ جي ٻوڏ ۾ ٻڏي رهيا آهن. اڳي 1917ع ۾ بالشويڪ انقلاب اچڻ کان پوءِ به لٽيرن جا ٽولا، جنسي بي راهه روي ۽ معاشي چڙواڳي ڪاهي پيا هئا ۽ اها حالت جيڪا سالن تائين ڪميونسٽ حڪومت لاءِ چئلينج بڻيل هئي ۽ نيٺ ان تي ضابطو قائم ڪيو ويو. هاڻي وحشت ۽ جنون جون رسيون ڇوڙجي ويون آهن ۽ هوريان ڏاڍيان، شايد وڃي ان تي ڪنٽرول ٿئي، پر هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته بازاري معيشت ۽ خانگي شعبي واري سياست کي ان جنون تي ضابطي آڻڻ ۾ وڌيڪ ڏکيائي ٿيندي، ڇو ته ان حالت ۾ ذاتي نفعي خوري، هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو محرڪ آهي. ڪميونزم کان اڳ وارين سماجي روايتون ۽ مذهب جي اخلاقيات يا روحاني ضابطي واري حيثيت ختم آهي. مذهب جي ضابطي واري حالت ته زار جي روس ۾ ئي ڏيوالي کي پهچي وئي هئي ۽ هاڻي جڏهن ڪميونسٽ ضابطو ختم ٿي ويو آهي ته خلق

Gul Hayat Institute

اچي، اڄ تي بيٺي آهي.

هيءَ پرولي ڇا ٿي هڏائي ۽ ذلتون ڇو ايتريون اڳتي وڌي آيون آهن؟

ڪميونزم جي زوال جا ٻاهريان سبب پنهنجي جاءِ تي، پر مضبوط مرڪزيت، پوءِ اها ڪميونزم جي نالي ۾ هجي، مرڪزي رٿابندي جي نالي ۾ هجي، ون يونٽ جي شڪل ۾ هجي يا نظريئہ پاڪستان ۽ اسلام جو پوش پاڻ تي چاڙهي اچي، اُن جو نيٺ اهو حشر ٿئي ٿو، جيڪو اڄ اڳوڻي سوويت يونين جي رياستن جو آهي. مضبوط مرڪز وارو نظام عوام تي مجموعي طور ۽ فرد تي انفرادي طور ڀروسو نٿو ڪري ۽ نہ عوام ۽ فرد پنهنجي حقن جو احترام ڪري ٿو. مضبوط مرڪز پاڻ کي مشغول، برسرروزگار ۽ ڪم سان لڳائي ٿو ۽ ماڻهن کي بيڪار ۽ محتاج ڪري ٿو ڇڏي. ڪاموريشاهي مضبوط مرڪز لاءِ ويساڪي جو ڪم ڪري ٿي ۽ اُها ساهواري ويساڪي آهي، جيڪا جڏهن بہ چاهي حڪومتي مهانڊا بدلائي ٿي، پر ڪيفيتي طرح ان جو اثر هي ٿو ٿئي تہ فقط چهرن جا نقاب بدلجن ٿا ۽ نظام پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

تنهن ڪري جيڪو بہ مهانڊو ايندو، ان جي بغل ۾ ويساڪي ساڳي ڪاموريشاهي جي هوندي. سوويت يونين ۾ پورهيتن جي آمريت جي نالي ۾ جيڪو سياسي ڍانچو قائم ٿيو، سو اڳتي هلي رياستي مشنري تي ويٺل ماڻهن جي حاڪميت ۾ بدلجي ويو ۽ سامراجيت جو خوف، عوام جي اظهار جي آزادين ۽ ٻين حقن خلاف هڪ نفسياتي هٿيار طور قائم ٿيو. جيئن پاڪستان ۾ هندستاني غلبي جو خوف پيدا ڪري وسيلن جي گهڻائي مضبوط مرڪز جي حوالي ڪئي وئي. جنهن وري پنهنجي وجود جي مضبوطي لاءِ وسيلن جو وڏو حصو فوج تي خرچ ڪري پنهنجي حفاظت کي انشورنس جي زره ڍڪائي ڇڏي. جيڪو بہ ان نظام جي خلاف ڳالهائي تہ ان کي ملڪ دشمن سڏي ٽڪا ڪٽي مٽي واري لٽ ڪڍائجي. هي نسورو ظالم ۽ انسان دشمن نظام آهي ۽ فرد پاڻ تي رياست جو اعتماد نہ ٿيندو ڏسي، زندگيءَ کي اهڙا مقصد بخشڻ جي پوئتان لڳي ويندو آهي، جيڪي رياستي قرلٽ ۾ بدعنوان ڪاموريشاهي جو نقل هوندا آهن. سوويت يونين تان مضبوط مرڪز واري نظام جو ستر لهي پيو آهي تہ رياست جا ڏڪاريل ماڻهو قرلٽ کي لڳي ويا آهن ۽ مزي جي ڳالھ تہ ان قرلٽ ۾ اڳوڻا ڪميونسٽ شامل هجڻ جون خبرون بہ اچي رهيون آهن.

ان جي ڀيٽ ۾ جمهوري نظام جو روح هي آهي تہ اختيارن جي ورهاست ٿئي ۽ زندگيءَ جا ترت توڙي دوررس فيصلا ماڻهن جي شرڪت سان ٿين ۽ عمل ۾ بہ اچن. ڪميونزم هجي يا سرمائيداري جنهن کي بہ زنده رهڻو آهي تہ ان کي اختيار، عوام ۽ فردن ۾ ورهائڻا پوندا ۽ عوام جي اڪثريت کي يقين ڏيارڻو پوندو، تہ فيصلي جو اصل ڌڻي اهو پاڻ آهي. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو، تہ صورتحال

Gul Hayat Institute

سامهون آهي، جيڪا هڏائي ٿي تہ مضبوط مرڪز جي موجودگي سماج کي، اخلاقيات کي، وسيلن کي سُري وانگر کائي ٿي ۽ وحشتن ۽ ڇڙواڳين جا جراثيم مضبوط ٿين ٿا.

پاڪستان جي تناظر ۾ اهي پيچيدگيون نہ رڳو جاري آهن، پر اوج تي پهچي ويون آهن. ون يونٽ جي صورت ۾ مضبوط مرڪز هن ملڪ کي جيڪي ڏنيِ ڏنا، تن جي ايم آر ڊي واري هلچل کان پوءِ سنڌ جي حوالي سان ڳٽپ ٿي. خود پنجاب مان روشن خيال ماڻهو هتي آيا ۽ بئراج جي زمينن جي ورهاست جو باب کوليو ويو، سرڪاري ملازمتن تي پنجاب ۽ اردو حاڪم ٽولي جي ڳڏيل هڪ هٿي، سنڌين جي سياسي شعور جي شدت جا مکيہ ڪارڻ ڄاڻايا ويا. هاڻي هاڻي بهارين جي مسئلي تي سنڌين کي چيو ويو تہ اوهان پاڪستاني ناهيو، ماٺ ڪري ويهو ۽ توهان جي.راءِ کي وزن نہ ڏنو ويندو.

هيءَ دنيا ۾ هر ملڪ جو پنهنجو ماحول عبرت ۽ سکڻ جو ماڳ آهي. جيڪو بہ طاقت جي انڌ ۾ سکڻ، پرائڻ، سمجهڻ ۽ انساني تجربي جو فائدو وٺڻ کان ڪفر ڪري ٿو، اهوئي ملڪ دشمن ۽ سماج عناصر آهي ۽ اهو هر ڏينهن ۾ ڪيئي ڌانڌليون، ڪيئي ناانصافيون ۽ کهپلا (جن ۾ پير صاحب وارو کهپلو بہ شامل آهي) ڪريٰ ٿو.

هڪ بي ڳالھ بہ واضح ٿيندي هلي ۽ اها هيءَ آهي تہ معاشرا فقط رياستن جي ذريعي جمهوري نہ ٿيندا آهن، رياستي ادارن جي ذريعي نيڪيون بہ عمل ۾ نہ اچي سگهنديون آهن. اسان جي مختلف حڪمرانن طرفان يقيني طور تي ڪيئي فيصلا نيڪ نيتي ۽ ڀلائي جي جذبي سان بہ ٿيا هوندا، پر رياستي ادارا عوام کي پنهنجي چڱي هئڻ متعلق قائل ڪرڻ بدران بيزار ڪري چڪا آهن.

ان ڪري بنيادي ذميواري سياسي پارٽين تي بہ اچي ٿي، جن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن رخن ۾ جمهوريت قائم ڪرڻي پوندي: هڪ پنهنجي تنظيمن اندر ۽ ٻيو هنن جي فعال سماجي ڪمن ذريعي عوام تي ڀروسي جي مسلسل مشق سان اهو ڪم ممڪن ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن معاشري کي اندروني طور تي جمهوري بنايو وڃي ۽ جيڪو بلڪل بہ بنائي سگهجي ٿو، تہ پوءِ ڌانڌلين ۽ آمريتن کي عوام ايڏي سولائيءَ سان اُجلي سگهندو، جيئن ’ٿُڪ اڇلائبي آهي.‘

*جاڳو، 5– آڪٽوبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# تعليمي تباهي خلاف ويڙهه اوس وڙهڻي پوندي

امتحانن ۾ نقل جو لاڙو سنڌي قوم جو وجود جو ايڏو ويري آهي، جو تاريخ جون ماضيءَ واريون اڳرايون ۽ ماضيءَ کان وٺي حال تائين جون غداريون به اُن سان مقابلي لاءِ اچن، ته ڪاپي سيني تي هٿ هڻي چئي سگهي ٿي، ”توهان جي مون سان ڪهڙي ڀيٽ.“ ڪاپيءَ جي اها دعويٰ سچ به آهي، ڇو ته اڳرايون ۽ غداريون سنڌ جو ايڏو نقصان نه ڪري سگهيون آهن. جيڏو پندرهن ويهن سالن کان ڪاپيءَ جي لاڙي ڪيو آهي. ڪو حساب ڪرڻ اچي ته جبل جي چوٽيءَ تي ويهي، شرط هڻي به حساب ڏئي سگهجي ٿو.

شايد، نقصان جي ان لهس کي محسوس ڪري لاڙڪاڻي جي هڪ خانگي اداري، جيڪو پنهنجو تعارف ناليج سينٽر (Knowledge Centre) جي نالي سان ڪري ٿو، سو اڄ اٺين آڪٽوبر تي ڪاپي خلاف ڏينهن ملهائي رهيو آهي ۽ خط وسيلي سنڌيءَ جي سجارين اخبارن کي ڪم ڪيو اٿس ته هن ڏينهن جي مناسبت سان سنڌي نيوز پيپرز ايڊيٽرس ڪائونسل (سنيڪ) جون ميمبر اخبارون ڪاپي خلاف گڏيل ايڊيٽوريل لکن ۽ سنڌ جي عام راءِ کي ڪاپي خلاف، اُپاءَ وٺڻ لاءِ تيار ڪن. اسان هر چڱي سڏ کي وراڻي ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهون ٿا. پر گڏوگڏ هي به ٻڌائي ڇڏيون ته ظاهري طرح ڪاپي ڪرڻ کي ڪوبه چڱو نه ٿو سمجهي، پر ان ڏانڊليءَ کي هڪ لحاظ کان سنڌي معاشري جي منظوري ملي چڪي آهي، تنهن ڪري ڪاپي خلاف رسمي ڳالهه ڪرڻ کان وڌي ان مسئلي تي ڇهندڙ پائڻ يا ڇهڪ وجهڻ تي گهڻن کان ڪيڪاٽ نڪري ويندا ۽ ناراضگيون وڌنديون، ڇو ته سنڌي معاشري جو اڪثر ماڻهو پنهنجي ٻڍران هئي خلاف سچي ڳالهه ڪرڻ ۽ ٻڌڻ ۾ وڏي عياشيءَ ۾ اڙجي ويو آهي. پر زنده ضمير هر حال ۾ ڳالهه ڪندا. ”ڪنهن کي وڻي نه وڻي، ڪوڙي دوستيءَ جو دم ڀڻي نه ڀڻي.“

هن موقعي تي اسان ڪاپيءَ جي نقصان جي اوجهڙ ۾ نٿا وڃون، ڇو ته ان تي تڏهن کان لکجي ۽ ڳالهائجي رهيو آهي، جڏهن ڪاپي شروع ٿي آهي. ان ڪري اسان سڌي طرح ڪاپي جي سببن ۽ انهن جي خاتمي تي اينداسين: هڪڙا ڪاپيءَ جا سبب شعوري آهن ۽ ٻيا سماجي پسماندگي ۽ حڪومتي شعبن جي عوام جي حقن کان لاپرواهي ۽ اوپرائپ ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ دشمني جي صورت

۾. شعوري سببن ۾ هڪ مرحلي تي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري ۾ اهو قومپرست احساس اڀريو هو، تہ ڪراچي ۽ پنجاب جي ادارن مان وڏي تعداد ۾ غيرسنڌي انجنيئر پيدا ٿي رهيا آهن ۽ هنن سان ڇتاڀيٽي جو ترت طريقو اهو آهي تہ اسان بہ ڀڌي جي اگهہ سان انجنيئر پيدا ڪريون.

قومپرستيءَ جي جذبي وچان نقل يا مهرباني سان جيڪي بہ انجنيئر پاس ٿيا، تن مان مشڪل ڪو هجي جنهن سنڌي قوم کان رشوت وٺندي پرهيز ڪئي هجي، يا سنڌي قوم جي انجنيئرنگ جي ضرورت وارن ڪمن مان رشوت نہ ڪاڌي هجي. ٻئي ڪارڻ ۾ سنڌي معاشري جون پسماندگيون ۽ پرائمري کان وٺي يونيورسٽي سطح تائين نہ پڙهائڻ ۽ نہ پڙهڻ جي مختلف بهانن جو نہ هي پورو آهي. پرائمري سطح تي بيٺ آفيسر شروع کان ماستر جي خرچ جي ڪٽڙ ڪائي ٿو ۽ ٻيو نہ. تہ پارٽي جي بهاني سان ڏوڪڙ وٺي ٿو، جنهن ۾ وري ڪذريل ڏهن کان پندرهن سالن ۾ استاد جي صفن ۾ نالائق ماڻهن جي ڀرتي، نہ پڙهائڻ کان وٺي، استادن جون ٽريڊ يونينون ٺاهڻ تائين ۽ وري پئسن تي وڏيرڪين سفارشن تي نالائقن جي ڀرتي- پرائمي کان ٻار جي اخلاقي ۽ علمي پيڙهہ پختي نہ ٿيڻ سان سيڪنڊري ۾ نقل کان سواءِ پاس نہ ٿي سگهڻ ۽ انت اچي نائين ڪلاس کان اڳتي ڪاپي مٿان يقيني دارومدار رکڻ تي ٿئي ٿو.

وري ڪاپيءَ جي هڪ ٻي ترقي اها ٿي آهي تہ ڪاليجي ليڪچرر مافيا ٺاهي، ان کي ليڪچرارن جي تنظيم جو نالو ڏئي ڏوڪڙ ڪمائي، سنڌي سماج کي ڪوڙي اهليت وارا ڊاڪٽر ۽ انجنيئر سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪي يونيورسٽي ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ نعرو هڻي ويهي رهن ٿا تہ پاس تہ لئي تي ٿيڻو آهي.

هڪ يڪمشت راءِ پيدا ٿي آهي تہ تعليم جي پٺتي پوڻ ۽ ذليل خوار ٿيڻ ۾ ٻيا بہ ڪارڻ آهن، پر پستيءَ جو مرڪز استاد آهي ۽ اهڙو استاد ٺاهڻ ۽ اُٿڻ ۾ حڪومت جو مکيہ ڪردار آهي. حڪومتي يا مٿين طبقن جي ٻار جا مسئلا عوام- ٻار کان مختلف آهن، تنهن ڪري مٿين طبقن لاءِ ٿوري پريشاني تڏهن پيدا ٿي آهي، جڏهن نالائقي هڪ لهر ۽ سماجي ڇڙواڳي جي صورت اختيار ڪئي آهي.

مسئلي جو نبيرو سؤلو ناهي، تنهن ڪري هي جنگ بہ سؤلي ڪانهي، جيڪا سچائي، ذلت جي هن ڌٻڻ مان نڪرڻ لاءِ گهرجي، اها ڪٿان اچي. سچائي کي رياستي ادارن گهوٽي ڇڏيو آهي، ان کان وڌيڪ هاڃو ٻيو ڪهڙو ٿئي تہ سچائي جي، هن موجود سرشتي ۾ جاءِ ئي ڪانهي ۽ ايمانداري، بيوقوفي جو درجو وٺي بيٺي آهي. ان ڪري هيءَ جدوجهد ۽ ويڙهہ جتي پنهنجو هڪ محاذ جو درجو رکي ٿي، اُتي عوام جي حقن جي مجموعي حاصلات واري جدوجهد جو بہ حصو آهي.



Gul Hayat Institute

هن مهل تائين جدوجهد جو اڻپورو رهجي وڃڻ جي اندروني ناڪامي يا اڻپورائپ به ان ئي مجموعي نالائقي جو حصو آهي. پر هي سمورو بحث اتي ختم نه ٿو ٿئي ته معاملا خراب ترين ٿي ويا آهن، تنهن ڪري نهيو پلا. اسان سمجهون ٿا ته سچائي دوست قوتون سنڌ ۾ اڃا به موجود آهن، تنهن ڪري حڪومت توڙي تعليمي نظام جي مٿان گهٽي ڪان گهٽي دباءَ وڌائڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو دباءُ اوس وڌندو.

*ڄامڪو، 8- آڪٽوبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# پاڪستان جي شهرين جي عزت نفس جو سوال

پاڪستان تي هڪ ڳجهي، پراسرار ۽ ڏسڻ ۾ نه ايندڙ قوت جي حڪومت آهي ۽ ظاهري حڪومت ان جي آلئه ڪار آهي، جنهن جي ميمبرن، وزيرن ۽ عملدارن جي پٺيان پاڇولا لامارا هڻندڙ آهن. جڏهن به اهڙو تاثر يا ان بابت ڪا رپورٽ اچي ٿي، تڏهن آزاد شهري نه هئڻ جو ڏک ۽ شرمساري دل ۽ ذهن تي ڪاري ڪارونڀار وانگر ڇانئجي وڃن ٿا.

'نيوز لائين' رسالي جي تازي پرچي ۾ اهڙي هڪ تفصيلي رپورٽ آئي آهي، جنهن جي تفصيلن جي هڪ هڪ اکر ۾ پاڪستان جي عوام جي آزادي جا مقبرا ٺهيل آهن. عوام، شهري، انهن جي انساني مرتبي ۽ آزاد شهري هئڻ واري حق جي مٿان ڳجهيون ايجنسيون نانگ بڻيل آهن. حڪومتي سربراه يا سياسي عهديدار فقط ان ۾ خوش آهن، ته سطحي، ڇسي، بي فيض ۽ عوام دشمن اقتدار جو هڏو هنن جي وات ۾ آهي، جڏهن ته پاليسيون، فيصلا، انهن تي عمل ڪرڻ، سياستدان، صحافيُ ۽ دانشور خريد ڪري، ملڪ جي ضمير کي گهائي، گهر ويهاري ڇڏڻ جا ڪم ڊائريڪٽوريٽ آف انٽيليجنس بيورو (ڊي- آءِ- بي)، ملٽري انٽيليجنس (ايم- آءِ) ۽ انٽر سروسز انٽيليجنس (آءِ- ايس- آءِ) پاڻ ۾ ورهائي، ڪري رهيون آهن، ۽ ڪن حالتن ۾ هنن جا پنهنجا تڪرار، عام ماڻهن جي مرڻ، لساني، مذهبي ۽ قبائلي فرقيورايت جي خون خرابي جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. ماڻهن جو وجود هنن لاءِ رڳو ايتري اهميت رکي ٿو، ته ڪجھ آهي، جنهن جي مٿان ايجنسين جي حاڪميت آهي.

ظاهري طرح انهن ايجنسين جي سربراهن جي مقرريءَ جا اختيار وزير اعظم ۽ فوج جي سربراه کي آهن، پر اها هڪ بي معنيٰ رسم آهي، ڇو ته اهي ايجنسيون حڪومتون ڊاهڻ ۽ وري نيون ٺاهڻ جون ذميواريون به عوام کان کسي پنهنجي قبضي ۾ ڪري چڪيون آهن. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت، محمد خان جوڻيجي جي حڪومت، جنرل ضيا جو موت، بينظير حڪومت جو خاتمو ۽ آءِ- جي- آءِ قائم ڪري نوازشريف کي ڀڃ ڀڏي مهري بنائڻ جي سمورن ڪمن ۾ عوام بلڪل پاسيرو، غيراهم ۽ اڻ لاڳاپيل رهيو.

Gul Hayat Institute

هو 1977ع ۽ هي 1992ع- پريا پندرهن سال. عوام جو اختيار پيپلز پارٽي جي حڪومت جي صورت ۾ فقط ويه مهينا جالي سگهيو، سي به سڪرات ۾. وري 'ساڳيو ڳن ساڳيو کھاڙو.' سياست ڪير ڪندو، ايجنسيون طئي ڪنديون. اردو ۽ سنڌي آبادي ۾ جهيڙو ڪيتري شدت اختيار ڪندو، ريگيوليٽر هنن جي هٿ ۾ هوندو. شيعا سني پاڻ ۾ ڪيترو ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڙهن ۽ ڇو وڙهن، اهو ڪم به ايجنسيون ڪنديون. اسلام جي رياستي شڪل ۽ ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي، اينجنسين جي ذميداري آهي. افغانسان جي جنگ، هيروئن جو ملڪ اندر ڪاروبار ۽ روانگي واپار ايجنسين جي سر تي آهي. يارهن ٻارهن ڪروڙ ماڻهو رڳو ان ڪم جا آهن ته هنن جي پينگ ٽيندي رهي. هنن پاڪستان جي قائم ٿيڻ واري مقصد کي جناح صاحب واري مقصد کان ڦيرائي ڇڏيو آهي ۽ پاڪستان ان ڪري قائم ٿيو ته ان تي ڳجهيون ايجنسيون حڪومت ڪن.

سڄي دنيا ۾ رياست جي ڪمن جي ورڇ ٿي رهي آهي ۽ رياستي ڪم ڪاريون سماجي شعبي جي حوالي ڪيون پيون وڃن، پر هتي رياست جي اندر رياست قائم ڪئي وئي آهي ۽ آڌيءَ رات جو، گدڙن جا نياڳا بدروح، پاڪستان ۾ اوناڙون ڪري، ملڪ کي نحوست ۽ نياڳ ۾ ڦاسائي رهيا آهن. هي ملڪ جي معصوميت جا دشمن پنهنجي ذهن کي رياستي لاقانونيت جا گدام بڻائي گهمن ٿا، جن ۾ پليگ جا جراثيم ڪتي هلندڙ ڪوئا ڊوڙي رهيا آهن ۽ ملڪ کي روڳ وٺي چڪو آهي.

نواز شريف حڪومت طرفان ايجنسين کي ايڏي زور وٺائڻ جو مطلب هي آهي ته آءِ- جي- آءِ کي پنهنجي انهن ووٽن تي اعتماد ڪونهي، جيڪي اعلاني اها حڪومت تي ويهاري وئي هئي. عوام جي اها حمايت، ٺله تي هئس. حڪومت هلائڻ لاءِ عوام تي اعتماد تڏهن ڪجي جڏهن عوام واقعي حمايت ڪئي هجي. عوام سان هن ويساه گهاتي جو هي هڪ ثبوت آهي ته مٿس اعتماد نه ٿو ڪيو وڃي، تنهن ڪري ايجنسين ْکي ايڏو سگهارو بنايو ويو آهي. بقول محترمه بينظير ڀٽو جي ته جنرل حميد گل آءِ- جي- آءِ کي ٺاهڻ واري خبر جي ترديد به نه ٿو ڪري ۽ جڏهن بينظير هن کان سوال ڪيو ته آءِ- جي- آءِ ٺاهڻ جي خواري هن پنهنجي سر تي ڇو کنئي، ته حميد گل وراڻيو ته ڪيس مٿان جو حڪم هو ۽ هو پيشيور حڪم مڃيندڙ آهي، تنهن ڪري هن حڪم جي پوئواري ڪئي. ڇا اهو غيرقانوني حڪم ۽ ان تي لاقانوني عمل نه هيو؟ ڇا ان تي غداريءَ جو ڪيس نه ٿو ٺهي. سڄو ملڪ يرغمال ڪرڻ به جيڪڏهن غداري ناهي ۽ ايڏي غداري هضم ڪيو هڪ ٽولو ملڪ جو حاڪم بڻيو وتي ته باعزت عام شهري ۽ عزت نفس جو حشر ڇا ٿيندو؟ هڪڙن ماڻهن کي ته حڪومت ملڻ جي شوق ۾ عزت نفس جي ضرورت ئي ڪانهي، پر هي عام ماڻهوءَ کي پاڪستان جو شهري هئڻ

Gul Hayat Institute

جي سزا ڇو ٿي ڏني وڃي؟

ملڪ جي سياسي قوتن کي بي عزتي واري هن حالت ختم ڪرائڻ لاءِ اڳتي وڌڻ گهرجي ۽ ايجنسين جي پگهاردار سياستدانن، صحافين ۽ دانشورن کي ظاهر ڪرڻ واري مطالبي کي سياسي جدوجهد جي ايجنڊا تي رکيو وڃي.

*ڄاڄو، 18- آڪٽوبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# ڇا پاڪستان پناهگير لاقانونيت جي ڪوتا تي ٺهيل ملڪ آهي؟

جناح پور وارو معاملو حڪومت، فوجي اختيارين ۽ ميڊيا، سڀ گڏجي ڪائي ويون. جنهن ڏينهن تي قومي اسيمبليءَ ۾ بحث ٿيڻو هو، ان ڏينهن تي فوجي اختيارين به پنهنجي ڪيل ڳالهه تان ڦري ويون. جن وٽ طاقت آهي، تن کي پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڦري وڃڻ جو پورو حق آهي. پر جن وٽ طاقت، ظاهري طرح ڪانهي، سي ڪونه ڦرندا. اردو ڳالهائيندڙ ميڊيا به نيٺ اتي اچي بيٺ هنيو ۽ ٻاهرئين نموني ان مامري جي هوا ڪڍي وئي.

هي ڪو اهڙو سوال نه هو، جنهن کي سياسي تڳڙم بازي سان ٽاري ڇڏڻ کي ڪاميابي سمجهيو وڃي. ميان نوازشريف ۽ چوڌري شجاعت کي ايم ڪيو ايم جي ضرورت آهي. چوڌري نثار ته مهاجرن جي دور ۾ ماني به نٿو کائي ۽ فوجي اختيارين کي به بنيادي طرح ايم ڪيو ايم جي قائم رهڻ ۾ دلچسپي آهي، جنهن ڪري ڪنهن نه ڪنهن ريت ايم ڪيو ايم کي ٺاهي رکڻ هو ضروري سمجهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پنجاب سڄو، اصولي طور تي متفق آهي ته ايم ڪيو ايم جو جيئاپو ضروري آهي. فقط ڪجهه ماڻهن جو مسئلو آهي، جن تي ڏرين ۾ اختلاف آهن. سنڌ ۾ جمهوري حقن واري جدوجهد کي ايم ڪيو ايم جو ڪاٽ لڳل رهڻ هنن جي خيال ۾ ضروري ۽ هڪ اٽل گهرج آهي- پنجاب لاءِ.

پاڪستان ۾ قوميتن کي آئيني طرح سان تسليم نه ڪيو ويو آهي. نه پٺاڻ، نه پنجابي، نه بلوچ ۽ سنڌي، قوميت جو سرڪاري ۽ آئيني درجو ماڻي سگهيا آهن، پر چوڌري نثار، مهاجر.... مهاجر ڪري ڳالهائي ٿو. ٻين لفظن ۾ پاڪستان جي قدرتي ماڻهن جي تاريخي حيثيت کي تسليم ڪري ٿو، ايم ڪيو ايم جي پروگرام کي تسليم ڪري ٿو، ان جي دهشتگردي واري ڏنڊ ٽيل پڇ تي لت اچي ٿي ته سندس روح تڙپي ٿو ۽ سندس دل، ضمير ۽ ذهن جي هر هڪ رڳ جو آواز آهي ته ايم ڪيو ايم کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ چوي ٿو ته ان جي قيادت نڪري اچي. 'مدعي سست آهي، پر گواهه چست آهي.' فقط ان ڪري ته متان سنڌين کي ساهه کڻڻ ۽ دل ڪري وڃڻ جي مهلت ملي وڃي. هو سنڌين جي شعور کان پوري طرح ٻنل آهي، تنهن ڪري ايم ڪيو ايم جي منٿ جي

Gul Hayat Institute

غيرحاضري کي بہ پنهنجي مفادن لاءِ نقصانڪار سمجهي ٿو.

طاقت، ڏاڍ، ڪوڙ ۽ 'هئو هئو' جي آوازن ۾ هو سنڌ جو ڪيس ڀلي خراب ڪن ۽ ڀلي پاڪستان جي سلامتي سان بہ کيڏن، پر محترمہ بينظير ڀٽو جي قومي اسيمبليءَ ۾، ان مسئلي تي ڏنل دليل جا جواب، هو نہ ڏئي سگهيا آهن. انهن دليلن لاءِ هنن وٽ يخي ڀلي هجي، پر ليڪو جيسين صاف نٿو ٿئي، تيسين ڪوڙ، ڀلي پٽڪا ٻڌي، طرا هٽي اَڪڙجي اچي، قبول ڪونہ پوندو. آءِ- جي- آءِ حڪومت پاڻ مڃي ٿي، تہ هندستان کان ايندڙ ماڻهن ۾ 'را' جا ايجنٽ آهن. سمجهو تہ ايڪسپريس ذريعي ايندڙ غيرقانوني ۽ مشڪوڪ ماڻهن جي شاهدي، سپريم ڪورٽ جي ان مسئلي تي ويهاريل ڪميشن ڏئي ٿي.

چوڌري شجاعت تہ ان حد تائين بہ وڃي بيٺو آهي، تہ جيڪي پاڪستاني، غيرملڪي عورتن يا مردن سان شاديون ڪري ايندا يا ايندين تن غيرملڪي مردن ۽ عورتن کي پاڪستاني شهرت نہ ڏبي. هاڻي تہ خود، اردو ۾ نڪرندڙ پنجابي اخبارون بہ خبرون ڏئي رهيون آهن تہ ڪشميري پناهگيرن ۾ ڪيئي هندستاني ايجنٽ، پاڪستان ۾ هليا آيا آهن. هندستاني ايجنٽن جي اچڻ جو سلسلو، ايڏي دير سان محسوس ڪرڻ جي نالائقي حڪمران ڀلي ڪن، پر هندستان جو بندوبست اسان وارن حاڪمن جي شعور کان وڌيڪ گهرو، ڳوڙهو ۽ پيچيدو آهي. هنن ئي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهرين پناهگيرن سان گڏ پنهنجا ايجنٽ موڪلڻ شروع ڪيا هئا، جن ماڻهن پاڪستان جي وسيلن تي اچي قبضا ڪيا ۽ناانصافين جا ٻج پوکيا، تن کي ڪهڙي کاتي ۾ وجهبو.

پاڪستان ٺهڻ جو هڪ صحيح، واجبي ۽ معقول ڪارڻ هي هيو تہ انهن بي انصافين کان بچجي، جيڪي غلام هندستان ۾ انگريز جي پرماريت ۽ هندن جي اڳيرائپ جي نتيجي ۾ ٿي رهيون هيون. پاڪستان کي بنگال، سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ پنجاب جي مسلمان جي اڪثريتي ۽ جاگرافيائي ڪوٽا موجب حق هجڻ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو نالو ڏئي ٿو سگهجي؟ جيڪڏهن پاڪستان ناانصافي ۽ آمريتن جي بنياد تي ٻيهاريل رياستي ادارا پهرئين ڏينهن کان لاقانونيت جي راند ۾ ڦاسي پيا هئا، تہ ان ۾ بي انصافين جي شڪار ٿيندڙ ماڻهن جو ڪهڙو ڏوهہ هو. سڄي دنيا جي ملڪن جون غيرت مند حڪومتون، غيرملڪين کان ملڪ کي پناهہ ۾ رکڻ لاءِ آتيون ۽ سربستيون تيار رهن ٿيون. پاسپورٽ، ويزائون، قومي سرحدون، غيرملڪي واپاري يلغار کان بچاءَ، اسمگلنگ مخالف قانون، جاگرافيائي سرحدن ۽ ملڪي مفادن جي حدن جي حفاظت لاءِ ٺاهيا آهن.

هتي جيڪڏهن هنن پاڪستان کي پهرئين ڏينهن کان ننڍڙڪو بنائڻ لاءِ رٿابندي ڪئي هئي، ۽ اها هنن جي رهزني، هنن کي 1992ع تائين ڦٻندي رهي تہ ان ۾ سنڌين جو ڪهڙو قصور؟ ۽ محترمہ بينظير ڀٽو چيو تہ، ايم ڪيو ايم جي

Gul Hayat Institute

قيادتي ٽولي جي اڪثريت سنڌ ۾ اسي وارن ڏهاڪن ۾ هيڏانهن آئي هئي، ته قومي اسيمبليءَ ۾ نه چوڌري شجاعت کي همت هئي نه نثار چوڌري کي ته ان جي خلاف ثبوت ڏئي سگهن. جڏهن بينظير چيو ته، ايم ڪيو ايم پنهنجو حفاظتي نظام، پنهنجي مواصلات، پنهنجي خانگي فوج ۽ هٿيارن جا ذخيرا گڏ ڪيا ۽ سنڌ ۾ رهندڙ پاڪستان جي مڙني ماڻهن کي مارڻ شروع ڪيو ته ان جو ڪنهن وٽ جواب هيو؟

اسان ڄاڻون ٿا ته پنجاب ۾ به پناهگير پنجابين جو غلبو آهي ۽ هو پاڪستان جي نالي ۾ پاڪستان کي باهه ۽ رت جي راند ۾ الجهائڻ گهرندا هجن ۽ روز نوان پناهگير، ڪڏهن هندستاني، ڪڏهن بهاري، ڪڏهن برمي، ڪڏهن افغاني ۽ ڪڏهن ڪشميري وٺي اچي، پاڪستان تي قبضي جا خواب ڏسندا هجن ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد روپ ۾ هو پنهنجي رت جا رشتا ڳوليندا هجن ته ڪهڙو شڪ! پاڪستان ڏانهن غيرملڪين جي بنا روڪ ٽوڪ ٿيندڙ يلغار هن جي روپ جي شاهد آهي ۽ ملڪ سان دشمني لاءِ، ملڪ دشمنيءَ جا راز کٽي اچي ثبوت ڏيڻ جي ضرورت نه هوندي آهي، پر دشمن کي سندس روپ مان پري کان ئي تاڙي ۽ سڃاڻي وٺبو آهي. ان ڪري سنڌ دشمني ۽ پاڪستان دشمني جو ڪيس جيئن جو تيئن قائم آهي. ايجنسين جا ڇاڙتا حڪمران ڪابه ڳالهه ڪن، سا اعتبار جوڳي ناهي.

*جاڳو، 21- آڪٽوبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# سنڌي ماڻهوءَ جي جيئاپي تي هڪ بحث جو سوال آهي

سنڌي ماڻهو جيئڻ ڪي معنيٰ ڏئي: قومي جيئاپي جو هي مطالبو هر وقت ۽ همہ وقت واجڻ وڄائيندو، تاريخ جو گهنڊ ٻڌيو، وڄي رهيو آهي. سمجهہ وارن ماڻهن جي دلين تائين هي آواز پهتو آهي. هن ڪان اڳ عظيم ۽ ذليل هئڻ جا دورا پيا هئا ۽ ٻنهي دورن جي چڪر مان لڇي ڦٽڪي اچي نڪتا آهيون، پر هينئر ماضيءَ جي عظمتن ۽ حال جي ذلتن جي احساس جي پڇاڙڪي پيڙا (Hangover) ۾ ونجي ويا آهيون. هٿ پير هڻڻ، تحرڪ ۾ اچڻ ۽ ڪارائتي واٽ تي چڙهي پوڻ کان لاچار آهيون. بلڪل اهو حال آهي، جيئن ساهہ ست ختم ٿي ويل باڪسر جو هوندو آهي، جيڪو مُڪون ڪائي ڪائي هيٺو ٿي پيو هجي، پوءِ بہ مُڪن جو وسڪارو مٿس جاري هجي ۽ هو سوچيندو هجي، تہ رڳو رنگ مان ٻاهر نڪرڻ جي مهلت ملي، وري توبہ! تمام گهٽي ۽ سهپ کان مٿانهين مارَ ملڻ واري حالت ۾ ماڻهو، ڪيڙي واري زندگي گذارڻ تي بہ راضي ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي. اسان بہ چئون ٿا تہ رڳو هٿ ڪين تہ هوا جو ڪو جهوٽو تہ لڳي. پر هٿ نہ ٿا نڪرن، پگهر ۾ شل آهيون ۽ پنهنجي پگهر ۾ پاڻ ٻڏون پيا محشر وارو ڏينهن، پنهنجي لاءِ جاري آهي. سج نيزي پاند تي ۽ ڏرتي تپي ٽامون ٿي وئي آهي.

هڪڙو وقت هو جڏهن دشمن ٻولائي، سڌا وار ڪيا، اسان کي ايتري سمجهہ بہ نہ هئي تہ وار ٿي رهيا آهن. پر ٻڌائڻ وارا تڏهن بہ هئا، تہ وار ٿي رهيا آهن. دشمن تيزيءَ سان دشمنيءَ وارين حرفتن جي صنعت ۾ ترقي ڪري ويو ۽ پنهنجي بندوبست ۾ نئين هڪڙي نفاست آندي. قوم کي اندران اندران کوکلو ڪيئن ڪبو آهي، اهو اسان جو دشمن رڳو ڄاڻي ئي نہ ٿو، پر مهارت بہ حاصل ڪري ويو آهي. ان جو سڌو نتيجو هي نڪتو آهي تہ اسان پنهنجو پاڻ تي، هڪٻئي تي تارا ڳاڙها ڪري نهاريون ٿا، پر دشمن سان هٿ بہ ملايون ٿا، جلي بہ ڳالهايون ٿا ۽ چئون ٿا تہ اها ڊپلوميسي آهي. ڊپلوميسي حڪومتون، قومون ۽ طاقتون ڪنديون آهن. فرد ڊپلوميسي ڪري پنهنجو پاڻ کي ڀلي خوش ڪن، پر اهو آهي ٻن گهڙين جو اطمينان. ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ.

هڪڙي بنيادي ڪمزوري: نظرئي، اصول، انسانيت ۾ ويساهہ ۽ تاريخ تي

ايمان جي آسري تي هڪڙا ماڻهو وڏي ويا، پر وڏي وڃي لڳا. سبب هي هيو ته نظرئي، اصول، انسانيت ۽ تاريخ کي عقيدي جي جاءِ ڏني وئي. انهن سڀني قدرن جي عملي پاسن ڏي ڌيان ئي نه ويو. هڪڙن ماڻهون کي مٽي ۾ ڳاله ويهي وئي، ته نعري، جيل، اذيت ۽ سزا کان ڦاسين ۽ عذاب وکهي موت جي سرحدن تائين پهچي ويا. پوءِ افسوس جا هٿ مهٽيا ويا، پر اهي هٿ به ٿورا هئا. قربانين جا نفسياتي اثر وڏي ويا. پر اهي عارضي سيڙپون ناهن ۽ انهن تي راه هلندڙ ڪيترن ماڻهن پاڻ تي نظرثاني ڪئي. هنن ظاهر ۾ واٽ ڪانه هٽائي، پر اندر ۾ ڦري ويا. ٺله تي نڪري پوڻ واري کي جڏهن پنهنجي غلطي جو احساس ٿيندو آهي، تڏهن هو واپس وڃي پنهنجو سفر وري شروع ڪرڻ بدران سفر تي هلندي هلندي هٽ، پير، ذهن ۽ جيڪو ڪجه به هلندو، هلائيندو ويندو. قافلي جو قافلو ۽ ڏنڏي جو ڏنڏو. هڪڙي ٽڪيٽ ۾ ٻه مزا، قوم جي قوم، ذات جي ذات. پوءِ ماڻهن جا نوان جڙندڙ ۽ اُجڙندڙ ايمان ڏڏي ويا. قوم سان چڱائي کي دڪانداري جي شڪل جنهن به ڏني ۽ جنهن به ان جو افتتاح ڪيو، ان تي ميار آهي يا نه، سو سوال هاڻي ايترو لاڳاپيل به نه رهيو. پوءِ چيو ويو ته هي قلندرن ۽ مهاتمائن جو دور ناهي. تڏهن هرڪا ڳاله رسمي بنجي وئي. گهٽ ۾ گهٽ جيل وڃڻ اهڙي هڪ رسم ٿي ويو آهي.

ان وچ ۾ ٻيا به ڪوڙ سارا، پٺتي پيل ۽ پسمانده رويا ترقيون ڪري ويا. طاقت جو معيار مرشد ۽ وڏيري کان بدلجي، سياستدانن تي مرڪوز ٿي ويو. فقط هڪ نقطي تي نظر رکي ڀولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هڪڙي اک بند ڪري ٻيءَ کي ٽپي مٿان هاريل مس تي کپائي، چور ڀولڻ لڳاسين. نظر ۽ مس جي ڇٽي جي ميلاپ سان دماغ ۾ ترورا پيدا ٿيا، جن کي شڪل ڏيڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر هڙ حاصل هڪڙي مونجهاري ۽ تجريد جي شڪل ۾ سامهون آئي. ان وچ ۾ طاقت جا سمورا سرچشما، جيڪي فقط مڃتا ۽ احترام جي آڌار تي بيٺل هئا، سي ختم ٿي ويا.

هاڻي سنڌي معاشري جو حاوي ۽ مڃڻ جوڳو ۽ سمورين عزتن جو مالڪ سرچشمو هڪڙو ئي آهي: پئسو. سمورا عشق، انقلابن جا شفق ۽ افق پئسي تي اُيرن ۽ لهن ٿا. سياست ڪرڻ لاءِ به پئسو اول ۽ آخر ضرورت بنجي ويو آهي. دنياداري حاوي ٿي وئي آهي ۽ نظرياتي عزتون سڀ پئسي تان قربان آهن. وري پئسو به بنا محنت جي. ائين به ڪونهي ته، وڏيرو نه رهيو آهي، نه مرشد رهيو آهي ۽ نه سياستدان. سڀ آهن، پر پئسي جي پوڄا انهن سڀني کي ٻئي درجي تي پهچائي ڇڏيو آهي ۽ هو خود پئسي تائين پهچڻ لاءِ، هٿوراڙين ڏيڻ واسطي پٽيون ٻتيل آهن. سياست، دانشوري ۽ عملداري سڀ پئسي ڪمائڻ واريون ريل گاڏيون آهن، جنهن کي انهن تي چڙهڻ جي ٽڪيٽ ملي، ان جو سفر سڃايو ٿيندو.

۽ اها مڪمل چڙواڳي سياسي، معاشي، سماجي ۽ تاريخي اخلاقيات جا بندڻ ٽوڙي وئي آهي. هاڻي اسان پنهنجو پاڻ کي گارين ڏيڻ جي دور مان گذاري رهيا آهيون. جاگيرداري سوچ ۾ نوان عالمي ٽيڪنيڪي، ڪميونيڪيشنل ۽ مختلف قسمن جا شعور نه، پر خيال گڏ مڏ ٿي ويا آهن ۽ پاڻ اهڙي مسڪيني حال تي پهتا آهيون، جو سوچيون ٿا ته پئسي ڪمائڻ واري شوق سان ٽڪراءَ کائون، بدعنوانين جي مخالفت ڪريون، يا مات ڪريون ۽ چئون ته موجوده نظام پنهنجي اندر منجهان جيڪي به ڪاريگريون ۽ حرفتون ڪڍي ۽ پيدا ڪري ٿو، تن کي هلڻ ڏيو. جيڪڏهن هائو ٿا ڪريون ته انفرادي طرح پئسي ڪمائڻ جي ڊوڙ کي آزاد ڪريون ٿا ۽ جيڪڏهن ائين ٿا ڪريون ته پوءِ غدارين ۽ دشمنين کي قبول ڪرتو پوندو، جو ته پئسو معنيٰ، مڪمل خانگي شعبو ۽ جڏهن مڪمل خانگي شعبو، تڏهن ڇاجي قوم، ڇاجي تاريخ ۽ ڇاجو قومي خواب ۽ اُمنگون؟

حال جيڪي آهن، سي سامهون آهن، پوءِ به قومي جيئاپي کي معنيٰ ڏيڻ جو سوال وات ڦاڙي اسان جي بتال مهاندن کي چتائي رهيو آهي. سبب هي آهي ته جن به طريقن سان، جيترو ۽ جيڪو پئسو حاصل ڪيو ويو آهي، سو گڏجي پوي ته شايد ڪجھ مدد ڪري، پر اهو مدد ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي. پئسي جي ڊوڙ جي دائري کان ٻاهر جيڪي به ماڻهو آهن، تن تي ان دائري جا دروازا بند آهن. اسان شرابن جي غسلن ۽ رنڊين جي ناچن جي خلاف نه به ٿيون ۽ ايتري اجازت ڏيڻ جي ڪٿي ڪا غيررسمي شريعت ئي ناهيون، تڏهن به ڪهربل مدد نه ٿي ٿئي. پر سوال، ۽ تاريخ جو مطالبو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. آهي ڪنهن کي به همت، هن بحث کي نتيجي تائين پهچائڻ جي!؟

*جاڳو، 26– آڪٽوبر 1992ع*



Gul Hayat Institute

# ٽنڊو بهاول ڪيس ۽ اڃا رهيل وڏو ڪيس

ٽنڊو بهاول جي 9- بيگناه ڳوٺاڻن جي قتل جو ڏوهه، ٽري آيو آهي. مکيه جوابدار ميجر ارشد کي موت جي ۽ 13- ٻين ملوث اهلڪارن کي عمر قيد جون سزائون ٻڌايون ويون آهن، جن جي چيف آف آرمي اسٽاف تصديق به ڪري ڇڏي آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو هي پهريون ڪيس آهي، جنهن ۾ عوام کي مارڻ تان فوجي عملدارن کي سزا ڏني وئي آهي. انصاف ملڻ پوڻ هر ماڻهو جو قدرتي ۽ قانوني حق آهي، پر ان جي ضرورت محسوس ڪرائڻ ۾ جن سنڌي اخبارن، پنهنجي ڌرتي، انسانذات ۽ انصاف جي اصولن جو حق ادا ڪندي، بي انصافي خلاف ڏيان ڇڪائڻ ۾ پهرين وک کنئي، تن جي ويساهه وڌڻ لاءِ هي فيصلو هڪ اهم واقعو آهي، سچ جيڪڏهن مصلحتن جا چارا ٽوڙي وجهي ته يقيناً اهو انسان جي باعزت جيئاپي جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو ۽ هن واقعي جي حوالي سان فوجي قيادت جي ترت موٽ پنجن مهينن اندر فيصلو سامهون آڻي، پهريون ڀيرو اُميد پيدا ڪئي آهي ته پاڪستان اهڙو ملڪ ٿي سگهي ٿو، جتي سنڌي به آزاد شهرين طور رهي سگهن ٿا. رياست، رياستي سياست، معاشي آزادين ۽ سماجي ترقيءَ جي ميدانن ۾ اڃا اهڙيون خاطريون هڙيءَ تي ٻڌل آهن. پر موجوده فوجي قيادت جو ٽنڊي بهاول جي بيگناه ڳوٺاڻن جو ڪيس تارڻ اميد جو ترورو آهي. باوجود ان حقيقت جي، ته ڪجهه ٻيا ليکا اڃا رهيل آهن، جيڪي اڃا سوڌو نه مڃيا ويا آهن، پر هن کان اڳ ته هڪ لکيو به نه ملندو هو. گهٽ ۾ گهٽ عوام کي ملندڙ ليکي جي شروعات ٿي آهي ۽ اسان اميد پرست ماڻهو، هن ليکي جي آجيان ڪريون ٿا.

حيدرآباد جي فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل جي هن فيصلي جا اثر مختلف رخن ۾ ٿيندي نظر اچن ٿا، جن جو جائزو وٺڻ گهرجي. فوج جي اندر ٻيو ڪو اهلڪار ميجر ارشد ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪندو ۽ ائين آئيندي ڪيترا منو ٻڙن مسڪين هاري ۽ ڳوٺاڻا مارجي وڃڻ کان بچي ويا. وري ڪنهن نوازشريف کي اهڙو موقعو نه ملندو ته بيگناه ڳوٺاڻن کي دهشتگرد ۽ هندستان جا ايجنٽ سڏي. فوج جي عملدار، بيگناهن کي جسماني موت ماريو هو ۽ فوج جي اداري اهو حساب ڏنو آهي.

نواز شريف هنن کي دهشتگرد سڏي، سندن روحاني قتلام ڪيو هو، ان

Gul Hayat Institute

پنهنجن انهن لفظن جي تلافي نہ ڪئي آهي. هن جو لڳايل گهاءُ روحن ۽ دلين تي قائم آهي. هڪڙو اڃا بہ ٻيو اثر، جنهن کان هاڻي ٻيا گنهگار، جيڪي فوج ۾ ناهن، تن کي بہ بچڻ گهرجي. جڏهن فوج، پنهنجي زيادتي ڪندڙ ماڻهن تي بہ قدم کڻي ٿي، تہ ٻيا ڪهڙي باغ جي موري آهن، جي بچي سگهن.

ان رخ کان سنڌ ۾ هلندڙ آپريشن ڪلين اپ جو 'وڏين مڇين' ڏانهن نئون رويو جڙندي نظر اچي رهيو آهي. ڌاڙيل ۽ بدعنوان ٽولا، اڪيلا ناهن. هنن جو سڄو سارو هڪڙو تاڃي پيٽو آهي، جيئن شهري دهشتگردن جو بہ هڪ انتظام آهي. ڌوهاري انتظامن پنهنجي بقاءَ لاءِ اٽڪل اها ڪئي آهي، تہ اهي سياسي وفاداريون حڪومتن جي حوالي ڪن ٿا ۽ پنهنجا ڌوهاري ڌنڌا ڪفا بہ جاري رکيو اچن ٿا. جيسين ڌوهارين جي سموري نيٽ ورڪ ۽ سندن لاءِ ٻٽيل ڇپر ۽ ڇانوَ جو خاتمو نٿو ٿئي، تيسين، حيدرآباد جي ڪورٽ مارشل واري هن فيصلي جو انصاف اڳتي نہ وڌي سگهندو.

سنڌ، ٺٺ بهاول جو هڪ وڏيل روپ آهي، جنهن کي مارڻ هڪڙي ميجر ارشد جي وس ۾ نہ هو، تنهن ڪري، ان لاءِ وڏيڪ پئماني تي بندوبست ٿيا. وڏيڪ اٽڪل ۽ گهڻ رخي بندوبست سان سنڌ کي مارڻ لاءِ مٿس هر طرف کان يلغار ٿي ۽ ان يلغار جو مهندار جنرل ضيا هو ۽ جنرل ضيا جي باقيات اهو ڌنڌو چالو رکيو پئي اچي.

پاڪستان جي سياسي حڪومت ۽ فوجي قيادت ۾ مختلف معاملن جي حوالي سان جيڪي اختلافي پڙلاءَ اُٿن ٿا، تن جي ٻُر ۽ تہ ۾ ضيا جي باقيات هئڻ ۽ ضيا جي باقيات نہ هئڻ وارو تضاد آهي. ايم ڪيو ايم ان ڪري فوج لاءِ ناقابل برداشت ٿي وئي، جو ضيا جي باقيات جو اهو لقاءُ پاڪستان جي ساموندي شهر تي دهشتگردي ذريعي قابض ٿيو ۽ ڪراچيءَ جو شهر 'مقبوضہ' ٿي ويو. فوج ڏٺو تہ پ پ پ جي مخالفت ۾ ايترو پري وڃڻ صحيح ناهي، جو جهڳي جي مٿان ايم ڪيو ايم جو ٻرندڙ ٿانڀو، پنيت ٿيڻ لاءِ رکي ڇڏيو وڃي. ان ٿانڀي کي وسائڻ لاءِ آپريشن ۾ 'فائربرگيڊ' جون گاڏيون آنديون ويون ۽ چيو ويو تہ ايم ڪيو ايم دهشتگردي کان پاسو ڪري، فضيلت سان جيئڻ لاءِ جاکوڙي تہ ڪنهن کي بہ اعتراض نہ ٿيندو. ضيا جي ٻي باقيات جو روح ڇلجي پيو ۽ سنڌ تي سياسي قبضو ۽ گهيرو ٿڌي ٺائون تہ دانهن ڪيائون. پر ايم ڪيو ايم جي قيادت تي هاڻي انعام رکجي ويا آهن ۽ هو اشتهاري ڌوهاري آهي.

جڏهن ڇنجي ٿو تہ پاڪستان آزاد ملڪ بڻجي ۽ ان جو عوام بہ آزاد ٿئي، تڏهن مطلب ئي اهو آهي تہ جنرل ضيا ۽ سندس سنگت سياست، معيشت، انساني حقن ۽ جمهوريت سان جيڪا واردات ڪئي، سا ختم تہ ٿئي ٿي، پر ان جو بہ تاريخ جي اڳيان ڪورٽ مارشل ٿئي. بس اهو هڪڙو وڏو فيصلو اڃا رهيل آهي.

جاڳو، 2– نومبر 1992ع

# ـ عشق، شرع کيا لڳي: او قاضيا! ـ

عيسائي دنيا جي وڏي ۾ وڏي ملان، پوپ جان پال ٻئي، ڪليسا جي سايا تي سؤ سال کان ٻه اڳ ڏنل هڪ فتويٰ تي معافي ورتي آهي. 359 سال اڳ رومن ڪئٿولڪ ڪليسا جي پنڊتن ۽ پروهتن سائنسدان، حسابي علم جي ماهر ۽ مفڪر، استاد گليلو کي جيڪا سزا ڏني هئي، تنهن تي هاڻي اچي معافي ورتي وئي آهي. گليلو چيو هو ته ڌرتي، سج جي چوڌير ڦري ٿي. هن جو اهو چوڻ ۽ مٿس خدا کان بغاوت ڪرڻ جي فتويٰ لڳي. انجيل مقدس ۾ ان ڏس ۾ ٻيو ڪجھ چيل هو، تنهن ڪري عيسائي ملان مچرجي پيا، انجيل جي آيت کڻي آيا، جنهن ۾ هدايل هو: "خدا، ڌرتيءَ کي سندس پيرڙه ۾ کوڙي ۽ کپائي ڇڏيو آهي، جيئن اها هميشہ واسطي ڪڏهن به چرپر نہ ڪري سگهي." گليلو دوربيني ٺاهي فلڪ ۾ ڳولائون ڪندو رهيو ۽ پوءِ مشتري گرھ تي سندس نظر پئجي وئي ته رڙ ڪري پنهنجي شاگرد کي چيائين "روءِ زمين تي آءٌ پهريون ماڻهو آهيان، جنهن سڀ کان اڳ مشتري کي ڏٺو آهي ۽ جڏهن تون هن کي ڏسندين ته اهڙو ٻيو ماڻهو هئڻ جي اعزاز توکي ملندو." يقيناً گليلو جي اها سوچ انهن فاتحن کان به وڏي هئي، جيڪي ڌرتيءَ مٿان تلوارون ۽ ڀالا کڻي گهوڙا ڊوڙائيندا ٿي وتيا. ملن جو مٿو ڦري ويو، هنن جي اکين ۾ رت لهي آيو. ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون ۽ چيائون ته اهو ڪفر آهي. مذهبي عدالت ۾ ڪيس هليو ۽ ڪيس چيو ويو ته هو پنهنجي ڪم تي نفرت ۽ ملامت ڪري. ملن جو رياستي ڌهڪاءُ ڏسي گليلو ائين ئي چيو، جيئن ملن کانئس چوايو، پر اهو هن ان ڪري ڪيو، جو ڪيس پنهنجي دريافتن متعلق ڪتاب لکڻا هئا، جيڪي پوءِ هن لکي، سزا واري عرصي ۾ لکيا ۽ ملڪ کان ٻاهر موڪلي، سائنس ۽ علم جا درياھ وهائي ڇڏيا.

۽ هاڻي ساڳئي ويٽيڪن جي پوپ جو چوڻ آهي ته، "ڌرتي سج جي چوگرد ڦري ٿي ۽ ويٽيڪن لاءِ به ڦري ٿي." انجيل جي مٿين آيت تي ڪوبہ تبصرو نہ ڪيو ويو، البت هي چيو ويو ته گليلو خلاف فيصلو غلط هو، پر فيصلو ڪرڻ وارن جي نيت خراب نہ هئي. ويٽيڪن جي سرڪاري پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته ان فيصلي سان سائنس ۽ عقيدي جي وچ ۾ ٽڪراءَ واري صورتحال پيدا ٿي ۽ ڪليسا جي مٿان گلا اچي وئي ته اها سائنسي ترقي جي خلاف آهي.

هن کان ڪافي سال اڳ اٽليءَ ۾ عدالتي طرح گليلو جو ڪيس اٿلايو ويو هو

Gul Hayat Institute

۽ ڪيس مليل سزا کي انصاف جي خلاف سڏيو ويو. يونان ۾ سقراط جو ڪيس بہ وري هلائي، ڪيس سزا ڏيندڙن کي ڏوهاري سڏيو ويو. فرانس جي هارياڻي نينگري جون آف آرڪ، جنهن قابض انگريزن خلاف هٿياربند ويڙهاند ڪئي هئي ۽ جنهن کي بہ ملن، ڏائڻ سڏي ماريو هو، سو فيصلو بہ واپس ورتي ڪيس قومي ۽ انساني سورمن جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو هو. هاڻي خود، فيصلي ڏٺي بہ پنهنجن فيصلن تان ڦري ويا آهن ۽ اها ٿيندي آهي تاريخ. گليلو واقعي اهو ڪجھ ڏٺو هو، جيڪو ٻيا نہ ڏسي سگهيا هئا. پر اهو هن جو ڏوھ تہ ڪونہ هو. هن تہ پاڻ، ملن جي دقيانوسي روايتن جي خلاف پنهنجي ڪارنامي ۾ خلق کي شريڪ ٿي ڪيو.

سائنس دشمني مذهب جي تہ ۾ آهي يا نہ، سو هڪ ڌار موضوع آهي، پر سائنس مذهب تان ٺيڪيداري نظام کي ختم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردارا ادا ڪيو آهي. پندرهين صديءَ جي شروعات ۾ ڇاپي خاني جي ايجاد کان اڳ، انجيل جا قلمي نسخا رڳو پادرين وٽ هوندا هئا ۽ خدائي ڪلام هنن جي قبضي ۾ هو. هنن پنهنجي دنياوي طاقت وڌائڻ لاءِ ان جو استحصال ڪيو، پر جڏهن ڇپائي جو سرشتو ايجاد ٿيو ۽ سڀ کان اڳ انجيل شايع ٿيو ۽ هر ڪنهن پاڻ پڙهڻ شروع ڪيو، تڏهن اهو قبضو ختم ٿيو ۽ هڪ تخليقي شاهڪار طور، ان ذهنن ۾ هلچل پيدا ڪئي ۽ طاقت، پادرين جي هٿن مان ائين نڪرڻ لڳي جيئن مٺ مان واري نڪري ويندي آهي.

سائنس، ماڻهوءَ کي سندس صلاحيتن کان آگاھ ڪيو، جنهن کان پوءِ هو پنهنجي چڱاين ۽ خرابين متعلق ملان جي پيٽ ۾ وڌيڪ تفصيل سان سوچڻ لڳو. اڄ اها ڪليسا، پنهنجي الائي ڪيترين دعوائن تان هٿ کڻي سماجي اُٿلن پٿلن مان پيدا ٿيندڙ حقيقتن جي پوئلڳي ڪري رهي آهي. ان ڪري اهو وقت بہ پري ناهي، جڏهن ويٽيڪن جا مجاور ئي هڪ ڏينهن سوچين، تہ ”هرويرو جاءِ سيڙائي ويٺا آهيون، هلو تہ هلون!“

سنڌ ۾ مختلف وقتن تي ڳالھ ٿيندي رهي آهي تہ اسان جي اڪابرن تي ماضيءَ ۾ لڳل فتوائن ۽ تعذيرن تي، گهٽ ۾ گهٽ رڪارڊ جي درستيءَ لاءِ نظرثاني ڪئي وڃي، ڇو تہ عوام، مخدوم بلاول، شاھ عنايت، لطيف، سچل ۽ ٻين اهڙين هستين تي آيل فتوائن کي پاڻ وٽ رجسٽر ئي نہ ڪيو آهي. ان جي باوجود، پاڻ رياستي رخ کان، اهڙي قانوني نظام ۾ گذاري رهيا آهيون، جيڪو اڃا بہ فتوائن جاري ڪرڻ جي فيڪٽري بڻيل آهي ۽ رياستي دٻاءَ ۽ قاضي توڙي عدالتي نظام، انساني حقن جي پيڪڙي ۾ همہ وقت مصروف آهي.

اسان کي پنهنجي صوفين ۽ استاد گُليلو ۾ گهٽي ويجهڙائي نظر اچي ٿي. گليلو، ’ڪائناتي دلبر‘ جا جلوا ٻئي ڳوليا، تہ شريعتي نظام جي ٺيڪيدارن ڪيس سزا ڏني ۽ اسان وارن صوفين ان ئي دلبر سان دوستي رکي تہ هتي جو ملان بہ

Gul Hayat Institute

هن تي بگڙي پيو ۽ صوفين کي بہ چوڻو پيو تہ ”قاضيا ڪهڙي مسئلي ڏسيندين- عشق، شرع ڪيا لڳي.“!؟ ملان، خدا ۽ انسان کي محدود دائري جي اندر لاڳاپيل هئڻ تي صدين کان زور ڏيندو آيو آهي ۽ صوفي خدا ۽ انسان جي ڳانڍاپي جون حدون قبول نہ ٿو ڪري ۽ هر نئين لقاءَ کي دلبر جو مظهر سڏي ٿو.

اسان سمجهون ٿا تہ پوپ جي هيءَ نئين راءِ هڪ واقعو آهي، ان ڪري اسان کي بہ حق پهچي ٿو تہ اسان پنهنجي سنگت خلاف ڏنل فتوائون واپس ٿيڻ جي ڳالهہ ڪريون ۽ پوءِ ان جي تسلسل ۾ چئون تہ اسان کي ملڪي آئين بہ اهڙو گهرجي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي خدا جي جلوي جو درجو هجي ۽ گمان سمورا غرق ٿين.

*جاڳو، 7- نومبر 1992ع*

Gul Hayat Institute

# قومپرست پارٽين جو ڪارج هڪ بحث

سنڌ ۾ آپريشن ڪلين اپ جي نتيجي ۾، سنڌي قومپرست پارٽين جي ايرائپ نروار ٿي آئي آهي، جو هنن جون سرگرميون فقط بيانن تائين محدود رهجي ويون آهن ۽ سنڌي اخبارون هنن جا بيان ان ڪري شايع ڪري رهيون آهن ته هنن جو سياسي وجود بهرحال سنڌ جي ضرورت آهي. هي سوال پنهنجي جاءِ تي آهي، ته قومپرست پارٽين جو سنڌ ۾ ڪهڙو ۽ ڇا جو ڪارج آهي؟ هي صحيح آهي ته هنن کي عوام ۾ حمايت حاصل ڪانهي ۽ اليڪشن ۾ قومپرست رد ڪيا ويا، جن مکيه ۽ اهم نالن ۾ ممتاز علي ڀٽو، رسول بخش پليجو، ترقي پسند پارٽي جو ڊاڪٽر همايون قاضي، عبدالحميد خان جتوئي ۽ ٻين جا نالا شامل آهن.

پر هيءَ به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جو جيڪڏهن ڪو متبادل آهي، ته اُهي قومپرست آهن، ڇو ته سنڌ جو دانشور ۽ عام ووٽر ان ڳالهه تي متفق آهي، ته سنڌي قومپرستن جو جيڪو به پروگرام آهي، سو پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. پيپلز پارٽي وفاقي سياست ڪري ٿي ۽ هن جي حجت جمهوريت آهي، پر ڪيس سنڌ ۾ وڏي حمايت جي باوجود، حڪومت ڪرڻ ۽ ووٽ وصول ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم رکيو ويو آهي. نه رڳو ايترو پر ان جا چونڊيل ميمبر به ڦرجي ويا. پيپلزپارٽي جي حالت ڪٽي، مرڪزي ڏاڍ جي ڪري ڏتڙيل آهي.

پر سنڌ قومي اتحاد جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيل ميمبر لياقت جتوئي، سنڌي قومپرستن جي سياست جي مٿان وڏو سوال آهي. سنڌي قومپرستن جو بنيادي الميو هي آهي ته، سنڌ جو عوام هنن جي پروگرام سان ته متفق آهي، پر هنن جي جند ۽ ذاتي شخصي وجود سان متفق ڪونهي. ياتي جي ورهاست واري نوازشريف جي ٺاهه تي سنڌ قومي اتحاد جي ٽڪيٽ تي چونڊجي اچڻ جو دعويدار ميمبر لياقت جتوئي، به متفق ٿيو، جڏهن ته پيپلز پارٽي، جنهن کي وفاقي سياست جو ترجمان سڏيو وڃي ٿو، سا متفق نه ٿي. پيپلز پارٽي هينئر به ٻهارين جي مسئلي تي جذباتي آهي، پر ان کي عملي سياست جي معنيٰ ۾ ان ڪري اهميت آهي، جو سرڪاري شعبي جي صنعتن کي خانگائڻ ۽ ٻين رياستي فيصلن تي ان جو هڪ واضح موقف آهي، پر قومپرست پارٽين کي اهڙن سوالن تي ڳالهائڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته قومپرستي بنيادي طرح سان سنڌ ۾ آئين، انساني

Gul Hayat Institute

حقن، قانون ۾ خود قومپرستي متعلق ٽيڪنيڪل اصطلاحن ۾ ڪونہ ٿي ڳالهائي. فقط ممتاز علي ڀٽو ڀهريون ڀيرو، قومپرستي لاءِ آئيني اصطلاح ڪٽي آيو، جنهن جي سڃاڻ ڪنفيڊريشن آهي.

محترمہ بينظير ڀٽو بعد ۾ نئين سماجي معاهدي جو اصطلاح ڏنو، جيڪو بہ اختيارن جي مرڪزيت جي خاتمي جو اصول بيان ڪري ٿو، ۽ ڪنفيڊريشن جي آئيني شڪل ڪي ويجهو آهي، پر بينظير صاحبہ جي اڳيان ڪنفيڊريشن جو نالو وٺجي، تہ ڪيس ڳالہ نٿي وڻي، باوجود ان جي تہ هوءَ ان اصطلاح جو نالو وٺڻ ۾ ٻڏڻ ڪان سواءِ ان جي باقي تفصيل سان لڳ ڀڳ متفق آهي ۽ فرق رڳو ايترو آهي تہ هوءَ ان کي صحيح معنيٰ ۾ وفاقيت جو نالو ڏئي ٿي. ان جي باوجود هڪ ڳالہ واضح آهي تہ ممتاز علي ڀٽو، سياست سنڌ جي ڪري ٿو ۽ مسئلي جو حل پاڪستان جي تناظر ۾ پيش ڪري ٿو. اها هڪ نئين ۽ عجيب صورتحال آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ سياسي ڌر، سنڌ جي طرفان، پاڪستان لاءِ ڪنفيڊريشن کي تجويز ڪري ٿي، جڏهن تہ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي طرفان ان سان ملندڙ جلندڙ مطالبا تہ ٿين ٿا، پر ان اصطلاح ۾ ڪونہ ٿا ٿين.

ٻي پارٽي اوائلي قومپرست ڌر جي- ايم- سيد جي آهي، جيڪا سيد جي ذات جي چوگرد ڦري ٿي، ۽ سيد جي ذات، ڳالہ ڪهڙي بہ سياست جي ڪري، پر پنهنجي روين ۾ اها خاصي حد تائين سيد پرستي جي محور جي اندر گهمي ٿي. سيد پرستي سنڌ جو هڪ بگهو الميو آهي، جنهن ۾ روايتي حڪمران سيد خاندان سڀ هڪبئي سان ٺهيل آهن. پوءِ اهي ظاهر ڪهڙين بہ پارٽين ۾ ٿيندا هجن. ان جو هڪڙو تازو مثال هي آهي تہ سنڌ جي وزارتي قلمدانن جي ورهاست وقت ڄام صادق علي جي پٽ ڄام عاشق علي کان ايڪسائيز جي وزارت وٺي، پي- ڊي- اي کي کان وٺي آيل هڪ سيد ميمبر بشير احمد شاهہ کي وزير بنائي ڏني وئي. ان ۾ هڪڙي ڳڻ ڳوت بهرحال آهي، تہ ڄام جا پٽ هاٿي پلا ڪيڏانهن ويندا ۽ اهي واءَ مينهن کان سوڳها آهن. تنهن ڪري هڪڙي ناماري وزارت جيڪڏهن وڌو وزير، پنهنجي هڪڙي سيد ڀاءَ کي ڏئي ٿو تہ ان ۾ هرج ڪهڙو آهي!

ان طرح ثابت ۽ ظاهر هي ٿو ٿئي تہ روايتي سيد خاندانن جا همراهہ ڪهڙي بہ سياسي پارٽي ۾ هجن، هنن جي هڪبئي وٽ هلندي چلندي آهي. ان طرح سنڌ جي قومپرستي، روايتي خاندانيت واري تصور مان بہ پنهنجي جند نہ ڇڏائي سگهي آهي، جڏهن تہ قومپرستي پنهنجي هلچل پاڻ آهي، جنهن کي اڳتي وڌائڻ جو سامان وچولو يا اسرندڙ وچولو طبقو آهي، پر قيادت قوم جي محترڪ ۽ اڳتي وڌڻ وارين قوتن جي بدران روايتي طبقن وٽ آهي، تنهن ڪري هينئر جڏهن اسان چئون ٿا، تہ قومپرستي سنڌ جي ضرورت آهي، تڏهن اها سنڌي سماج جي روايتي ڪمزورين جي شڪار بہ ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

قومپرستي سنڌ جي ضرورت ڇو آهي ۽ ان ڏس ۾ ڇا ٿين گهرجي ۽ ان ڏس ۾ تازي هڪ ڪوشش جيڪا ممتاز علي ڀٽي طرفان قومپرست اتحاد جي لاءِ ٿي رهي آهي، ان تي وڌيڪ احوال سياڻي ڪيو ويندو.

جاڳو، ٢١- ڊسمبر ١٩٩٢ ع

قومپرست سياست جي ضرورت ان ڪري آهي، جو ان قومي شعور فقط سياست اندر ئي نه پر ادب ۽ فڪر جي گهراين ذريعي، قوم جي ثقافتي ۽ معاشي اهميت جو احساس پيدا ڪيو. قومپرستيءَ جي مطالبن جي شدت، وفاقي ڌرين ڪي محسوس ٿي ۽ ڪافي حد تائين وفاقي ڌرين جي مطالبن جي مشابهت، قوم پرست مطالبن سان بيهي ٿي. ٻئي طرف قومپرست سياست تي بنيادي تنقيد، ان جو دڪانداري بنجي وڃڻ آهي، پوءِ اها دڪانداري چندي بازي جي ذريعي ٿئي، يا ايجنسين جي ڇاڙتائپ ۽ ويندي آمريت پرست ڌرين سان گڏجڻ ۽ سنگت رکڻ جي صورت ۾ ٿئي. هن ۾ شڪ ڪونهي، ته سنڌ ۾ قومپرست جذبا ان ڪري شديد ٿين ٿا، جو سنڌين کي جمهوري حق نه ٿا ملن ۽ جڏهن فقط سنڌين جي ووٽ جو مان رکندي، ڪائي حڪومت قائم ٿئي، ته ٻيو ڪجھ ملي يا نه ملي، پر قومپرستيءَ پوءِ وري حال بدران آئيندي جو ڪو وکر ٿيو ٿي پوي. ان هوندي به جمهوري حڪومت ڪي قومي مطالبن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو، ڇو ته خود جمهوريت به جڏهن چئجي ته پاڪستان ۾ آئي آهي، ته ان قوميتن جي مسئلن سان پاڻ ڪي ڪڏهن به مخاطب نه ڪيو آهي.

هيئنر واري سياسي صورتحال جي تناظر ۾ قومپرست سياست جي ان ڪري وڌيڪ ضرورت آهي، جو جمهوري ڌريون به جمهوريت جي دشمنن سان قطعي ٽڪراءَ ڪائڻ جي پوزيشن ۾ ڪونهن ۽ اهي سرگرمي ۽ هلچل ڪي قائم رکي، اُتي ئي رهيون پيون آهن، جتي اوهان ڇڏيون. ان پس منظر ۾ قومپرست ڌرين جي آپريشن ڪلين اپ ٿيڻ جي صورتحال ۾ غيرفعال ٿيڻ يا به وکون پوئتي هٽي وڃڻ، اسلام آباد جي ان راند ڪي وڌيڪ وجھ ڏئي ٿو، ته اهو عوام تي ۽ خاص ڪري سنڌ جي سنڌي عوام تي حياتي گذارڻ جا پنهنجا وڌيڪ شرط مڙهي. اهي شرط مڙهجي رهيا آهن، جنهن ڪري، واضح ٿيندو ٿو وڃي ته حڪمران لڏي وٽ پاڪستان کي قائم رکڻ جو هڪ ئي مکيه مقصد آهي، ته اهي سنڌ ڪي قرينذا رهن. جڏهن حالت اتي پهچي، تڏهن اسان جي جمهوري جدوجهد پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌي قومپرست سياسيت جو هجڻ ۽ جيئرو سلامت هجڻ وڌيڪ ضروري آهي.

ان ڏس ۾ هڪڙي تازي ڪوشش ڏيڍ به مهينا اڳ قومپرستن جو نئون اتحاد ٺاهڻ لاءِ سنڌ نيشنل فرنٽ طرفان ڏنل سڏ آهي، جنهن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. بدقسمتي هيءَ آهي ته اسان وٽ اهڙن اتحادن جون سمورين اڳيون

Gul Hayat Institute

ڪوششون، ڇاڪاڻ تہ بي نتيجي رهيون آهن، تنهن ڪري هر نئين ڪوشش کي شڪ سان ڏسجي ٿو. اها جهڙو عادت ٿي پئي هجي. مايوسيءَ کي جيڪڏهن لاڳيتو جند سان ڦاسائي ڇڏبو تہ ڪجھ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو، تنهن ڪري هر نئين ڪوشش جي شوق ۽ جستجو سان آجيان ڪرڻ گهرجي.

هيءَ ڳالھ برابر آهي تہ ممتاز علي ڀٽو حڪمران طبقي جو ماڻهو آهي ۽ پنهنجي طبقي جي ٻين ماڻهن سان هن جي واسطيداري رهي ٿي، پر ڪيس پنهنجي سياسي پروگرام جي حوالي سان ڏسڻ گهرجي. جيڪو ماڻهو، ڪوبہ پروگرام اختيار ڪري ٿو تہ اهو پروگرام هن جي عزت ۽ وقار جو نشان جي بہ آهي. اهوئي پنهنجو شان رکڻ لاءِ، ماڻهو گهٽين شين تي نٽو هرڪجي. ممتاز علي ڀٽي جي اهائي انا آهي، جيڪا سندس ڪنفيڊريشن جي پروگرام ذريعي ظاهر آهي، ۽ اسان کي خبر آهي تہ هن سان اسلام آباد طرفان ڪيترا ڀيرا ڳالهايو ويو آهي. پر هو پنهنجي پروگرام جي انا ۽ وقار مان هٿ ڪڍي، اسلام آباد جي شرطن تي اقتدار وٺڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي ۽ هو هن جي شرطن تي نٽا اچن. ممتاز علي ڀٽي کي خبر آهي تہ ٿلھ تي اقتدار ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ عوام جي دلين تان ڪري پوڻ جو جوکو نٿو کڻي سگهجي.

هاڻي سوال هي آهي تہ نئين قومپرست اتحاد جا امڪان ڪيترا بہ هجن، پر ان جي ضرورت سان اصولي اتفاق ڪرڻو پوندو. ان ڪري اتحاد کي يقيني ۽ نتيجا ڏيندڙ بنائڻ لاءِ قومپرست ڌرين تي ذميداري بہ اچي ٿي. ان لاءِ سڀ کان اڳ جنهن بندوبست جي ضرورت آهي، سو هي تہ شعوري طور تي يا پنهنجي نفسياتي خفقانن سبب پيشيور اتحاد ٽوڙيندڙن کان بچاءَ ڪيو وڃي. ٻي تجويز هيءَ آهي تہ اتحاد جي ايجنڊا ۽ ايجنڊا جا اسم حاصل ڪرڻ جو طريقہءِ ڪار طئي ٿئي ۽ ٿيون انهن جي حاصلات لاءِ وقت مقرر ڪجي. واضح ڳالهيون سامهون نہ هئڻ جي صورت ۾، نتيجا نٽا ملن، يا انهن جي ملڻ ۾ گهڻي دير پوي ٿي، تنهن ڪري هڪٻئي سان بنا نتيجي هلي هلي بيزاري پيدا ٿئي ٿي، جيڪا ڦڙڦوٽ جا ڪارڻ بنجي ٿي.

جاڳو، ٢٢- ڊسمبر ١٩٩٢ع

Gul Hayat Institute

# سنڌيڪا جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| نوان رستا نيون راهون | (ڪيريئر پلاننگ) | ملهه: 60 رپيا | رحمت الله ماجوٺي |
| سنڌ پيپلز پارٽي کان جام صادق علي تائين | (سياست) | ملهه: 90 رپيا | ف- م لاشاري |
| منهنجي مٽڙي سنڌ | (ناول) | ملهه: 45 رپيا | ڪرشن کٽواڻي |
| سنڌ جي زينت | (ناول) | ملهه: 30 رپيا | نرنجن دودواڻي |
| نئون عالمي نظام | (عالمي سياست) | ملهه: 50 رپيا | سهيڙيندڙ: اسلم خواجه |
| جنس جي سائنسي جاچ | (ميڊيڪل سائنس) | ملهه: 30 رپيا | علي مرتضيٰ ڌاريجو |
| منهنجو تخليقي سفر | (فڪشن) | ملهه: 75 رپيا | خيرالنساءِ جعفري |
| ٽين دنيا ۽ فوجي آمريتون | (عالمي سياست) | ملهه: 75 رپيا | سهيڙيندڙ: رئوف نظاماڻي |
| بند اکين ۾ ڪجھ يادون ڪجھ سپنا | (ڪهاڻيون) | ملهه: 60 رپيا | طارق اشرف |
| ڏور به اوڏا سپرين | (سفرنامو) | ملهه: 30 رپيا | تاجل بيوس |
| پٽ جو شاهه | (لطيفيات) | 165 رپيا | ايچ- ٽي سورلي |
| ڏٺا ڏٺا لاٽ اسان | (شاعري) | 90 رپيا | سهيڙيندڙ: مظفر چانڊيو |
| شاهه لطيف بحيثيت مفڪر | (لطيفيات) | 60 رپيا | سهيڙيندڙ: آفتاب ابڙو |
| رسالهه شاهه عبداللطيف | (لطيفيات- اردو) | 300 رپيا | مترجم: شيخ اياز |
| شاهه جو رسالو | (لطيفيات) | 165 رپيا | غلام محمد شاهواڻي |
| Bhutto: The Man and The Martyr | (شخصيت- انگريزي) | 150 رپيا | سيد غلام مصطفيٰ شاهه |
| نفسيات ۽ تعليم | (تعليم) | 60 رپيا | عبدالغفار گوهر دائود پوٽو |
| عرفات کان فلسطين تائين | (شخصيت) | 120 رپيا | سنڌيڪار: اسلم خواجه |
| سنڌين جي شڪست جا ڪارڻ | (تاريخ) | 30 رپيا | اڪرام ساگر عباسي |
| ڇاتين جي سائنسي جاچ | (ميڊيڪل سائنس) | ملهه: 75 رپيا | علي مرتضيٰ ڌاريجو |
| سنڌ جي تاريخ جو نئون مطالعو | (تاريخ) | ملهه: 120 رپيا | پروفيسر عبدالله مگسي |
| ٻارن لاءِ سائنس سيريز 6 حصا | (نيچرل ۽ سوشل سائنس) | 20 رپيا في حصو | سهيڙيندڙ: نوراحمد ميمڻ |
| ٻارن لاءِ شخصيت سيريز 6 حصا | (شخصيات) | 30 رپيا في حصو | سهيڙيندڙ: نوراحمد ميمڻ |
| روشن تارا گيت | (گيت ۽ ٻول) | 20 رپيا | ابراهيم جويو، اعجاز قريشي ۽ ادل سومرو |

Gul Hayat Institute

# ٽين دنياءِ فوجي آمريتون

سهيڙيندڙ: **رئوف نظاماڻي**

ٽين دنيا جي اسرندڙ ملڪن چلي، سوڊان، انڊونيشيا ۽ پاڪستان ۾ فوجي راڄاهن جي ڪوشش جو تفصيل، ڪتاب ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اسي جي ڏهاڪي تائين سياست ۽ حڪومت جي پس پرده حڪمت عملين تي 300 صفحن تي مشتمل سربستا راز، پاڪستان جي ماهيت، ان جي اشرافيه ۽ 40 سالن جي لچاين جو چرڪائيندڙ تفصيل، جاگيردار طبقي جي مسلم ليگي سياست، اقتدار تي ڪاموراشاهي جي قبضي ۽ ان کان پوءِ فوجي ڪاموڙڪي آمريت جي سازش تضادن کان وٺي پاڪستان جي ٽٽڻ، ذوالفقار علي ڀٽي جي نئين پاڪستان ۾ وجود ۾ اچڻ ۽ وري هڪ نئين مارشل لا جي ٿاڦجڻ تائين معاملن جي تهه ۾ وينل هڪ شخص ذري ذري جو پوسٽ مارٽم ڪري ٻڌائيندو وڃي ٿو.

هي ڪتاب حقيقت ۾ پنجن حصن تي مشتمل آهي جن مان هڪ لنڊن ۾ رهندڙ پاڪستاني کابي ڌر جي مشهور اڳوڻي شاگرد رهنما طارق علي جو لکيل آهي، ٻيو 'پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت' اسلم خواجا جو لکيل آهي جڏهن ته ٽيون، چوٿون ۽ پنجون يعني چلي، انڊونيشيا ۽ سوڊان ۾ فوجي راڄاهن جي تفصيلن جي مشتمل ڪتاب لاهور جي مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ عبدالله ملڪ جا لکيل آهن. سيني ليکڪن پنهنجي موضوعن جو حق ادا ڪيو آهي خاص ڪري طارق علي پاڪستان جي سياسي تاريخ کي سٺي نموني پيش ڪيو آهي، جنهن سان ڪيترا سارا لڪل ڪردار ۽ سوچون سامهون اچي وڃن ٿيون. انهيءَ موضوع تي ولي خان، جي ايم سيد ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي اهل قلم/ طبع آزمائي ڪئي آهي پر طارق علي جي پنهنجي هڪ نرالي ڪاوش آهي، جيڪا پڙهندڙن کي تمام گهڻو مواد ڏئي ٿي.

صفحا: 378 - ملهه: 75 رپيا

ڇپر جا سونهان

نور احمد ميمڻ

25

سنڌيڪا اڪيڊمي

29, July 1993

**In Fakir Mohammad, Editor of 'JAGO' we have lost a valuable brother who dedicate his life to a cause larger than himself, upholding the torch of freedom and human dignity. A man of keen imagination, deep political porception, quiet demeanour, he resisted all temptation of the corupt oppressors who did their utomost to buy him out. But he refused to betray the soil that gave him birth and let no stain appear on his conscience or his life. He died suddenly in an accident and with him died the joys of his family. But even the accident symbolised his life for it took place during the long march against the tyranny, injustice and exploitation of a rigged regime.**

Gul Hayat Institute

**Benazir Bhutto**